ڪتين ڪر موڙيا جڏهن

(ڀاڱو ٻيو)

Gul Hayat Institute

شيخ اياز

ڪَتين ڪَرَ موٽيا جڏهن

Gul Hayat Institute

ڪَتين ڪَرَ موڙيا جڏهن

(ڀاڱو. ٻيو)

شاعري ۽ نوٽس

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1992ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ چوهٺ

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ — سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر،
حيدرآباد سنڌ.

ٽائيٽل ڪيليگرافي — شاهد گل پيو

پهريون ايڊيشن — سيپٽمبر 1992ع

قيمت — 100/- رپيا

Gul Hayat Institute

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

KATIUN KUR MORYAA JADDAHIN (Poetry & Notes) Part II. Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh, Pakistan. First Edition September 1992. Price Per Copy Rs. 100/-

انتساب

جرمن شاعر هائنرش هائني جي نالي.

هو منهنجو اڳيون جنم هو ۽ 1797ع ۾ جرمنيءَ جي شهر ڊسلڊراف ۾ ڄايو هو ۽ فيبروري 1856ع ۾ پئرس ۾ گذاري ويو هو. هن جون ڪجهه چوڻيون ۽ ڳالهيون مون کان اڃا نه وسريون آهن:-

1- اسانجي دؤر هڪ نئون مذهب پيدا ڪيو آهي، جنهن جو نالو آزادي آهي.

2- پنهنجيءَ اڳرائيءَ، هلان ۽ چيڙ ڇاڙ کي سندر ۽ صورت وند بڻائڻ لاءِ هميشه مذهب، اخلاق ۽ وطن سان محبت کي استعمال ڪيو ويو آهي. اڳرائي ڪندڙ انهن ٽن ڳالهين کي بهانو بڻائي، اسان تي ڄُلهه ڪن ٿا.

3- منهنجي تابوت ۾ هڪ تلوار رکجو، ڇو ته مان انسان جي آزاديءَ جي جنگ جو هڪ ويڙهاڪ جوڌو آهيان.

ان کان سواءِ مون کي هن جو هڪ نظم به ياد ايندو آهي. معلوم نه آهي ته اهو هن جو نظم آهي يا منهنجو آهي! مان ڀانيان ٿو ته اهو هن هڪ خوبصورت آسٽرين خاتون لاموشيءَ تي لکيو هو. اها خاتون هن جي زندگيءَ ۾ هن جي موت کان اٺ مهينا اڳ آئي هئي. اهو نظم هن ريت آهي:

"تون هڪ ڦولَ وانگر آهين
پياري، اوجل ۽ نرمل-
پر هن جيون جو واسُ ون به تو سان گڏ آهي.
جڏهن آنءَ توکي ڏسان ٿو
تڏهن هڪ سڳنڌيو، مڌر ڏک منهنجي من ۾ اُيري اچي ٿو، ۽ منهنجو من ڪنبي وڃي ٿو.
مان سوچان ٿو ته منهنجا ٻئي چئن هٿ تُنهنجن وارن تي ڏوبُ ڇَٽيءَ وانگر هجن، ۽ مان تُنهنجي لاءِ دُعا گهران
ته تون هاروهي پياري، اوجل ۽ نرمل رهين."

شايد ڪجهه وسري ٿو وڃي! هن پنهنجي نوجوان محبوبا جي اکين لاءِ به ڪجهه لکيو هيو. هن جي اَجهل پريتڻي جي باري ۾ به ڪجهه لکيو هو. ڇا لکيو هو؟ ياد نه آهي..........

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

ترتيب

ڪتين ڪرَ موڙيا جذهن (ياڳو ٻيو)

پهرين اکر – شيخ اياز 11

● **شاعري** {242-15}

* **وايون** 15

* **آزاد نظمَ** 111

* **نظمَ** 213

● **نوٽس** {383-243}

آرٿر ڪوئسلر 245

آلبرٽ ڪامو 246

آلدي سيلويدبار 247

ابن رشد 248

ابن سينا، بوعلي 249

اپالو ڊيورس 250

اپيڪيورس 250

احمد سليم 250

اربندو بوس 251

اربندو گهوش 251

ارسطو 252

ارينا 252

اساڪ بيبل 252

اسٽالن 253

اسپنڊر سر اسٽيفن 257

اسپينسر 257

افلاطون 257

البيروني، ابو ريحان 260

Gul Hayat Institute

امام رازي	262
امام غزالي	262
امير خسرو	263
انارڪزم	264
اوسپينسڪي	265
انا اخمتووا	266
ايلن گنسبرگ	269
ايمرسن	270
اينٽي ڊيورنگ	270
ايورسٽ	271
ايوگيني يوتوشينڪو	271
براهمس	272
برگسان	273
برونو، گيورڊانو	273
بڪونن	274
بهادر شاهه ظفر (ثاني)	277
بيدل دهلوي	278
بيٿوون	280
ٻڌ	280
ٿامس آڪني ناس	283
ٽالسٽاءِ	283
ٽراٽسڪي	285
ٽئگور، رابندر ناٿ	291
پبلونرودا	292
پرو ڌان	293
پشڪن	294
جارج سنتيانا	296
جان لاڪ	297
جيني	297
چي گيويرا	298
حافظ شيرازي	299
ڊاڪٽر تارا چند	300
ڊارون	302
ڊيڪارٽ	302

Gul Hayat Institute

ڊيلي ورڪر	303
ڊيو ڪرنس	303
ڊيوٽشر	303
راڌا ڪرشنا	303
رام ڪرشن	304
رقص- درويشان	305
رودڪي	305
روزريني	306
روسو	306
رونوا	307
ريفل	308
ريمبراٽ	308
سينٽ آگسٽين	309
سينٽ بيو	310
سينٽ پيٽرس برگ	311
سينٽ فرانسز آف آسيسي	311
سئفو	314
شاهه ولي الله	315
شفائي	316
شلر فريڊرڪ	317
شوپنهار	318
شولو خوف، ميخائيل	319
شيڪسپيئر، وليم	320
شيلي، پرسي بشي	322
علامه اقبال	323
عمر خيام	326
غالب	327
فارابي	329
فرانسز بيڪن	330
فيڊبو	331
ڪارل مارڪس	331
ڪازان ٽزاڪس نڪوس	341
ڪافڪا	342
ڪاليداس	343

Gul Hayat Institute

ڪانٽ	344
ڪِرٽو	345
ڪيرڪي گارڊ	345
ڪرسٽافر اشرووڊ	347
گاڊوِن – وليم	348
گوئا	348
گوئٽي	348
گنريا لڊبي	349
لزسٽ	352
لينن	352
ليونارڊو ڊاونچي	358
مارڪس آريليس	360
مالرو آندري	361
مائيڪل اينجلو	363
مجدد الف ثاني	364
مسرت پسندي	365
موڊي لياني	365
موزارٽ	365
مولانا رومي، جلال الدين	366
مهاتما گانڌي	367
مينڊالسٽام آسپ	369
نٽشي	370
والٽ وِٽمَن	371
والٽيئر	374
وڪٽر هيوگو	375
وليم بليڪ	375
وليم جيمس	377
ونسينٽ وان گاگ	377
وٽگنر	378
هني بال	379
هومر	380
هيگل	381
هيمنگوي، ارنيسٽ ملر	381
هيوم	383

Gul Hayat Institute

پڙاڏو

’ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن‘ جي مهاڳ ۾، ۽ شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي اهڙين شخصيتن، تحريڪن، تاريخي واقعن ۽ جاين ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، جن سان سنڌ جو نئون نسل واقف نہ آهي. ممڪن آهي تہ پوري ننڍي کنڊ جو نئون نسل واقف نہ هجي. ان ڪري مان ڪتاب جي آخر ۾ اُنهن نالن وغيره تي نوٽ ڏيڻ ٿو چاهيان. هيل تائين اهي نوٽ ٻہ سؤ صفحا کن ٿي ويا آهن ۽ اڃان مون کي سؤ ڪان مٿي شخصيتن تي نوٽ لکڻا آهن ۽ ان ڪري مون ’ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن‘ جي اڳينءَ رٿا کي ريٽي، ٽِن حصن ۾ ورهايو آهي. اهي نوٽ لکڻ مهل مون کي ڪيئي ڪتاب ڏسڻا پيا ۽ ڪڏهن پنهنجي حافظي تي مدار رکڻو پيو، ڇو تہ ڪيئي ڪتاب جن ۾ مون اهي حوالا پڙهيا آهن ياد نہ پئي آيا. انهن ۾ خاص ڪتاب جن مان مون انهن نوٽن لاءِ مواد حاصل ڪيو، سي هئا:- ’دنيا جو ادب‘، ’فلسفي جي ڊڪشنري، ايشيا جي فلسفي جي ڊڪشنري، دنيا جي سياست جي ڊڪشنري،‘ پيٽر بروڪ سمٿ جا ’اڻ - سمجهايل‘ ٽي پنج ڪتاب، ڪوليئرس اينسائڪلو پيڊيا (1991ع جي اشاعت)، سي . اي. جُنگ جا پنهنجا ڪتاب ۽ هُن تي لکيل ڪتاب فلسفي جي تاريخ، مائڪل اينجيلو، پڪاسو وغيره. آرنسٽن تي لکيل ڪتاب حڪمائي اسلام، اسلامي اينسائڪلوپيڊيا، ڪبير، غالب ۽ مير تي سردار جعفريءَ جو لکيل ڪتاب، ’پيغمبران- سخن يو. ايس. اين آر جو سالنامو 90ع، ووڊ ڪاڪ جو انارڪزم تي ڪتاب، آڪسفورڊ جي اينسائڪلوپيڊيا آف دي آرٽس وغيره. ايم . اين. راءِ هڪ ڪتاب لکيو هو انقلابيءَ جي لئبرري، جنهن ۾ هُن انهن ڪتابن جا نالا ڏنا ها، جن هُن جي انقلاب جي نظرئي کي متاثر ڪيو هو. مان بہ اهڙيءَ طرح هڪ شاعر ۽ اديب جي لئبرريءَ، نالي سان ڪتاب جي باري ۾ سوچي رهيو آهيانَ ۽ اُنهن سيني ڪتابن جا نالا، ٽي چار سؤ صفحن تي مشتمل ڪتاب ۾ ڏيڻ چاهيان ٿو، جن منهنجي نظم ۽ نثر تي اثر ڇڏيو آهي. باقي هن وقت مُنهنجو آخرين رايو تہ ڪتاب زندگيءَ تي ڪيترو اثر ڇڏن ٿا. اُهو بيدل جي شعر مان واضح آهي جو مون ’ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن‘ جي شروعات ۾ ڏنو آهي.

12 - مئي 1992ع

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

سِــکُ رَمـز وجــود وڃـاوڻ ڏِي
ڪَانهي حاجت پڙهڻ پڙهاوَڻ ڏِي
(بيدل)

Gul Hayat Institute

وایون

Gul Hayat Institute

تونَ مون ڏي ڇو ٿي ڏسين، ايڏي اوني سان
تنهنجو مان ڇا ٿو لڳان؟
چندُ ڀڙيءَ کي جئن ڏسي گهايل گهوڙن سانِ،
تنهنجو مان ڇا ٿو لڳان؟
ڪويل ڀيري جي ڏسي جيئين سيخن مان،
تنهنجو مان ڇا ٿو لڳان؟

*

هيءَ تنهنجي آڱوٺو
ڏٺي ڏينهن نياڻ پر.
جُهڙ ته گهاتا ٿي ويا،
سِجُ نه ڪيا وڙا!
پوءِ به تنهنجا ترورا،
چمڪيا پئي تڙا!
اوڏِڻ! مَهتيءَ ڪيترو،
هـو پنهنجا ريـيڙا! *
ڏٺي ڏينهن نياڻ پر.

---

* ريڙ – وڏا متيرا

Gul Hayat Institute

لالائي ڏئي لاڙَ،
ٻـڏو سـڄُ نيـاڻ ۾.
پريان ڇيلَن ڇانگَ ڪا وجهي پئي واڙَ،
ٻـڏو سـڄُ نيـاڻ ۾.
آيا ڪڪر اوچتو اُڀِري جيئَن پهاڙَ،
ٻـڏو سـڄُ نيـاڻ ۾.
گهاٽي پِپرَ ڇانوَ ۾ ڇوري ڇَوري ڇاڙَ،
ٻـڏو سـڄُ نيـاڻ ۾.
تون سڀ جا ميڙا ڪرين سڀ تي تُنهنجي ماڙَ،
ٻـڏو سـڄُ نيـاڻ ۾.

*

ڪهڙا پَنَ ڏسون،
گهوَري گهاٽي وَڻَ ۾!
ڏاها! تارن ڏي ڏسِي،
لِيڪا لِيڪِ نه تون!
پَرتي ڪان پَرتي ويون،
ڪارونيارَ ڪتيون.
ڪو نه سليندو ڳالهڙي،
ڳُجهه لڪين ڳالهيون!

Gul Hayat Institute

آئي آهين تون
ڇائي آهين تون
ڌرتي ۽ آڪاس تي،
نيٺ تہ ڌرتيءَ ماءُ جي،
ڌائِي آهين تون.
هي جا منهنجي وات تي،
وائِي آهين تون.
سڀ ڪجهہ ڏئي توکي ڪٿان!
لائِي آهين تون؟
مون ۾ سائي گاهہ ڪان،
سائِي آهين تون!

*

تو تہ هَنيا تي ڦوڙَ،
مون ياڻيا تي گلڙا
آنءُ ڏٺيون آڪاس ۾،
ڪَتيون مَٿِ ڪِروڙَ!
ڇا مان پڇي تو سگهان،
ڪڏهن تنهنجي توڙَ؟
مون ۾ لِڇي هَر لِيئو،
ڇا ڇا جوڙيَئہ جوڙَ!

Gul Hayat Institute

هيءَ جا جهوني جَڙ،
پهچي تي پاتار ۾.
اَنهيءَ اَيَرِي اُبَ ڏي،
ڪيا مون سان وَڙ.
ڪَرڪِي ٽِپِي ڪونج جان
پِٽائيءَ جا ٻَڙَ.
تورو وَٽج وِلات جو،
هي جا منهنجي هَڙَ!

*

ڪيڏيون سَرءَ واءَ جيّ وَٽن ڇيڇاڙون!
ڪيڏيون سرءُ واءُ جون!
نِوڙن اِيئين ڏار تا،
پَٽجن تيون پاڙون.
پِيلا پن پڪڙِي ويا،
جيئين لباڙون.
ايندو واءُ بسنت جو،
مَندَ ڪنڌي ماڙون.

Gul Hayat Institute

جنهن جون ڀانهون روپيون،
جنهن مُنهن سونَ وَرنَ،
تَنهن کي ڪيئن وساريان!
اکيون ڀونرن جئن ڀِرِي،
موهي ويون مَن،
تنهن کي ڪيئن وساريان!
جهڙا بادل اُڀَ ۾،
تهڙو يارَ بَدن،
تَنهنکي ڪيئن وساريان!
پونم رات تلاءَ جِئَن،
آهي جنهنجو تَن،
تنهنکي ڪيئن وساريان!

*

تو وٽ لحظي لاءِ مان آيس آڏامي،
متان مون کي تارئين!
سرَتا تُنهنجي سنگ ۾ ناهيان مدامي.
موڙها! سمجهين تون، ڪڏهن متان مون عامي،
آهي منهنجيءَ ديد ۾ ڪا شيءِ دَوامي،
مان آزادي آهيان ڪهڙي غلامي!
متان مون کي تارئين!

Gul Hayat Institute

تون موں ۾ آهين،
جڳ جڳانتر ٿي ويا.
نہ تہ اِئين ڇو اوچتو
مون کي تِي چاهين؟
پنهنجي ڏِيئي جوتِ کي،
مون سان وِراهين؟
شرمائي، مون کي ڏِسي،
ڇڱون ٿي ٿاهين.
توسان روپيون راتڙيون،
ساجهہ پرانهين.
گُلَ گلابي جِيئڙا!
مون لئہ ڀي ناهين.
تون موں ۾ آهين

*

Gul Hayat Institute

تون جا منهنجي مَت
منهنجي ساري پَت
مون ڪئن ڇڏيندِين ءَ!
مون تي تنهنجو ڇانورو،
ٻاهر آهہ آتت،
مون ڪئن ڇڏيندين ءَ!
اَڄُ ايڏي انڌير ۾،
مون تنهنجي آتت،
مون ڪئن ڇڏيندين ءَ!
تون جا منهنجو گيت آن،
تو جا منهنجي گت،
مون ڪئن ڇڏيندين ءَ!

*

Gul Hayat Institute

ڪيڏا چورَ چَڪارَ
نڪري آيا رات جو.
هيل تہ ڪيڏِي سُنَ ۾ آهي ها هاڪارَ!
*چَڪوا! تُنهنجي چنڊ تي ڪيڏا ڪارونڀار!
ٻيو ڪو ديس وَسائجي، هَل تہ هلئون يارَ!

* چَڪورَ.

توکان مون انڪارُ
ڪيو ڪهڙيءَ ويل آ؟
ماٺهو چون مَت مَٺا:
”هي توسان تڪرار.“
ٿون جئن واڙيءَ گلڙا،
وَڏن ويرو تار.
ويران وير وجود ۾،
مون تنهنجو آڪار *
تون جو نِرآڪار **
تو کان مون انڪار
ڪيو ڪهڙيءَ ويل آ؟

*

آهيان مان آهيان،
آهيان مان توکان اڳي.
ويهي چترڪار جئن تو کي ٿو ناهيان.
توسان پنهنجي مورتي، پَل پَل وراهيان.
مان جو تُنهنجو روپ هان توکي ٿو چاهيان.
اوري آءُ آروپ مان روپ سچا ڏاهيان!

---

* آڪار – شڪل
** نرآڪار – بنا شڪل جي

Gul Hayat Institute

تون ٻه ته منهنجي ڏيئڙي،
توں جا ڇُهين پير،
اُجرو مونِ تو لئه هِيئون.
هونءَ ته آهين اَجنبي،
جيڪر پُڇان ڪير؟
پر جڻ اڳ ڀرئي هُئي،
تنهنجي ههڙي هيرَ!
پَل منهنجي گهر آءُ تون،
اَلڪو نانهه اَوير.

*

ٻَري مون ٻاريون
ڏانهون پنهنجي ديس جون.
ساروٽيون ساٽيهه جون،
نينڊوءَ* ناتاريون.
سڙهه سنباهي جي ويا،
مون ڪي وساريون!
مون وٽ اڄ تن ڪان سوا،
ڪڪيءَ جون ڪاريون!

---

* نينڊو – سَمنڊ

Gul Hayat Institute

ڇا تون مونسان روهَہ جي چوٽيءَ تي هلندين؟
سِوچي پوءِ وَراڻِ تون!
ڇا تون هيٺان چنڊ جي پٽر ۾ ڊِلندين؟
سوچي پوءِ وَراڻِ تون!
ڇا تون ڇالَ اُڇال سان سَرَهہ جي چلندين؟
سوچي پوءِ وَراڻِ تون!
مٿانهون تي موت کان قضا ۾ پلندين؟
سوچي پوءِ وَراڻِ تون!

*

ڀائين ٿو تون تخت آ، تون جو مُوڙو آن
توکي مان سمجهان نہ ٿو!
ويسَر تي وِيساهہ ڇو؟ ڪيڏو ڪوڙو آن!
توکي مان سمجهان نہ ٿو!
تو سمجهو جئن ڀيا ڪَوي، مان بہ وسوڙو آن
توکي مان سمجهان نہ ٿو!
تنهنجي ڪَرهي جو رڳو جهاڳو جَهوڙو آن!
تون جو موڙو آن -
جو تو ويٺي ڇڄڻو!
تو کان کهڙو ڏڄڻو!!

Gul Hayat Institute

اجان بوندُون برسنديون

تنهنجون وارون وارَ.
اجانِ بوندُون برسنديون.
ڳجهہَ ڳجهاندر ڳالهڙي، ڪَلا قول قَلارَ،
آهين ماٺهوءَ موت کان هر هر تون انڪارَ!
جُڳَ جُڳَ تو لئہ جندڙي آهي مَيگهہ مَلارَ،
گيتَ گگن ۾ ڪيترا تو لئہ ڪارونيارَ
جيئَڻَ مرڻَ ڏينهڙا تِن تي ڪوهہُ مَدارَ!

*

تون جو مونجهارو
مان تنهنجو چارو،
ڪيئن لاهيندس چاڙَ سان!
چنبڊ نديءَ ۾ تو وجي،
ترسي نہ تارو!
تون جو مونجهارو.
کهڙيءَ ڳالهہ نِڪاءُ آ،
چا ۾ نيتارو؟ *
تون جو مونجهارو.
** چا مان مِيران کان کَسيان
هُن جو يڪتارو؟
تون جو مونجهارو.

---

* نيتارو – نجات
** ميران – ميران ٻائي

Gul Hayat Institute

اَتِي باڪَ بَسنت جِي،
جِڏهن چهڪين تي،
تون جا رُتِ رابيل جي.
ٻَڏي چوٽيءَ سڳيون ڪيڏو مهڪين ٿي!
چهرو تنهنجو؟ چَنڊ سان ڪيڏو ٽهڪين ٿي!
لَڏي ٽانگرِ لامَ جئن ويندي لَهڪين ٿي!
ڪيڏو مهڪين ٿي
ٻَڏي چوٽيءَ سَڳيون!

*

اَڄُ تہ ڪيڏا ڪيڪڙا ڪنڌيءَ تي آهن،
سامهون نيري سمنڊ جي!
هيڏي هوڏي ٽا هلن، ڪُچاڙو ڪاهن؟
سامهون نيري سمنڊ جي!
پَڪَ اَڏامي ڏور ٽا پنهنجا پَر ساهن،
سامهون نيري سمنڊ جي!
* هوڙا ڪَنُ ويجهڙا مانگرڙا ٽاهن،
سامهون نيري سمنڊ جي!

* هوڙا - ٻيڙيون

Gul Hayat Institute

هي جي رُتِ ٿلاريا
تن کي لِڪائي،
پوتيءَ ۾ ڇا ٿي ڍڪين؟
پنهنجا ڏاڙهن ڏينهڙا مون کان ڇُپائي،
پوتيءَ ۾ ڇا ٿي ڍڪين؟
مُند نہ ڪنهن جي وَسَ آ، اڪيون جهُڪائي،
پوتيءَ ۾ ڇا ٿي ڍڪين؟
تنهنجون اکيون اوپريون، لُنءَ لُنءَ لکائي!
پوتيءَ ۾ ڇا ٿي ڍڪين؟

*

* ترڇي نہ تلچڙ، اچا آهہ سموند جئن!
هن ساري سنسار ۾،
ناهي اُن جئن وَٽَ،
ٻَر ٻِر ڪندا ٻاٽ ۾،
هيئن نہ هوندا هَٽ.
ڳولي ڏِسُ جڳ چاهئين،
سارا ڳِهيون گهٽ!
ڏنوٽيءَ وانگر ٿا ڏنوَن
ڳارن سارا ڳٽ!

* تلچڙ – ترڇي ۾ پوئين بچت.

Gul Hayat Institute

ڪائي ڳالهه نه چڱي،
تون آڪيرو آڏ.
هِن ساري سنسار تي!
تون پنهنجي ڪچڪول ۾
چَندُ ستارا ڱڏِ!
پيهي وڃ پاتار ۾
جي تون گهورين ڪَڏِ.
ڪَنِ ٻُرن اَڄُ چوءُ نه ٿا؟
سَڏَ اهيئي سِڏِ!
تون آڪيرو آڏِ - هن ساري سنسار تي!

*

ڏکُ ڏِسي اَڄُ، ڏات جو
ڪاڏو آ ڦيرو.
ساڳِي ٿيندي ڪينڪي.
آئين سهسين سچ تِي
مون ڏي اَويرو.
هردو ڪنهنبي پَٽَ جئن
مورُ نه مون ميرو،
هاٿي دوُنهيون ٿيون ڏکن
۽ تنهنجو ديرو!

Gul Hayat Institute

تِن ۾ اڄ پيرُون پڪا
هي جو اڱڻ چارَ -
سَرتيون! جَهليو جهولَ ڪي.

ڇاڻِن پيا ڏونَ سانُ،
ڳاڙِهِا مِوتِي ڌارَ -
سرتيون! جهليو جهول ڪي.

متان وري مينهن جون،
بوندون ويرو تارَ -
سرتيون! جهليو جهول ڪي.

ماڻي وٺو مُند ڪي،
ايندِي نه پيهارَ -
سرتيون! جهليو جهول ڪي.

*

Gul Hayat Institute

ايڏو رُسامو،
سَرتي ٿوريءَ ڳالهه تي!
تُنهنجي مُنهنجي پيار ۾ ڪيڏو نه ڪامو!
ڦَرو ٻَرو ٻُور سان لِڪو نه لامو!
ڏوراپا ڏَئِي ڏيئَڙا متان وسامو!

ڇا هي دنيا اِئَين،
پيئي هلندي ڪوڙ تي،
گهارِي ڪالهہ ڪراڙَتي رات پتائيءَ سئين؟
ماڻهوءَ مُڪتي ڪانہ آ، ڪا بہ ڪَويتا جيئَن
ڏرتيءَ سان دوکا ڪيا، ڏِسُ تہ سياسَت ڪيئَن!

*

*آتي سَنڪ وجاءِ،
سُتو جَڳُ جاڳاءِ،
وهامي وئي راتڙي.
ڪَنو ڪَري لوڪ ڪي،
اُيو آيري ڳاءِ!
وهامي وئي راتڙي.
جو ساري سنسار ۾،
ڪا ئي هوءِ نہ هاءِ!
وهامِي وئي راتڙي.
دُروازا ڪڙڪاءِ،
سُتو جَڳ جاڳاءِ.
وهائي وئي راتڙي.

* سَنڪ – ناد

Gul Hayat Institute

ايـڏيـون دعـائـون
مرڻ ڏيـنديـون کـيـنـکـي.
تو ڇا ڄاڻين ڪيئن تيون اُيرن اِڃائون؟
هي جو نِڪرن گـَهـٽَ مان، ٽِيونُ گهٽائون!
جن کِي جَهِپِن جهولَ ۾ پنهنجي خُدائون،
ڪئن تيون وجهن اُپَ ۾ وِلـوڙا وايـون!
سـوچُون سَوين سانت ۾ جيـکـي مُکـائـون،
تـو کـي کـيئـي ڏينهڙا وَرِي ڏنائون.

*

کو نـہ هـئي کـارائـتي،
سانجهي توهرَ شاخَ تي.
پوءِ بہ اُن کي جنـدڙي
ڏِسـي هُـئـي جائـتي.
هُـو جيـکـا ڳاڙهـاڻ آ،
آهي هونـدِ هُـجـائِـتـي!
*کَـتيءَ سـنجـهـا، تـارڙا،
ڦَـڙ ڦَـڙ وَسَ منـدائـتـي.
سوني کَـنِـي سج جي،
کـيڏي نـہ سيـبـائـتـي!
سانجهـي توهر شاخ تـي.

*کَتي - هڪ مهينو

Gul Hayat Institute

جيئڻ وس نہ مون مارينِدي جندڙي!
مون کي تاسارو رکِي ڏسين ويٺو تون،
مون ماريندي جندڙي!
آنءُ اَجايل ايترو بوند نہ آچي پوَن.
مون ماريندي جندڙي!
باقي سُکل چِپڙا ڏينهن مڙيوئِي ڏون،
مون ماريندي جندڙي!

*

تون جو منهنجو دوست آن
تو جهڙو دشمنُ.
آنءُ تہ ڏٺو ڪينڪي.
جي مان توکي سچ چوان،
ڇو تو ٿِين وَنُ وَنُ؟
آنءُ تہ ڏٺو ڪينڪي.
سمجهيو آ سڀ ڪان مَتي،
تو، جنهن پنهنجو تَنُ -
آنءُ تہ ڏٺو ڪينڪي.
تو ڇا ڇاڻين دوستي،
جيڪا تولئہ فَنُ -
تو جهڙو دشمن
آنءُ تہ ڏٺو ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

مون سمجهو آزارُ
تون نڪتين گلزار جئن!
منهنجي من ۾ پيو ڪِڙي
ڪوئي ڪَتڻهارُ.
رَنگَ پَريئہ آڪاس جا
مون ۾ تي ملهارُ.
مون ۾ تون ئي تون پُرين
مانڻ توتي پَلهارُ.
توتي گهوريان ذات کي،
او شَل، وارُون وارُا!

*

* ٻڪن پيون ٻاهڙيون، ڪَلا ٻاريا ڪُلَ،
جڻ منهنجي هر اَنگ ۾.
بادل ٻِر جي ٽا اچن هَر هَر ڪَري هُل،
اُڀري روزُ اُمنگ َ ۾!
هي جي ڏکيا ڏينهڙا جِيئين ڏاڙهونءَ گل،
رَتا پنهنجي رنگ ۾!
مون جي پيا مينهڙا تِن جا کهڙا مُل،
سانوڻ تنهنجي سنگ ۾

* ڪُل - سِگري

Gul Hayat Institute

تون جو مون ۾ تو جِيئين
مون ۾ مَرڻ ٿو،
ڇا تون منهنجي ذات ٿِي
مون کي ڏَرڻ ٿو؟
آلا آلا رنگَ ٿي
مَون ۾ ڀَرين ٿو!
مون ۾ پنهنجون روشنيون
ڪيڏيون ڪَرڻ ٿو،
جڏهن اُفق پارَ کان
مون ڏي وَرڻ ٿو!
تون جو مون ۾ تو جِيئين،
مون ۾ مرين ٿو!

*

پوياں پَل پِيڙا ڏئي ڪيڏو پَرڇهايَءِ
مون کي پنهنجِيءَ مام سان!
مون کي جَهلي ٻاهه تي بيهي پَڇايُئہ!
تُنهنجي ڀاڪي تي پَٽان هي ڪنهن ٻڌايُئہ!
مون کي منهنجيءَ چُپَ ۾ سڀ ڪجهہ سمجهايُئہ
ڪيڏو پُرڇهايُئہ،
مون کي پنهنجِيءَ مام سان!

Gul Hayat Institute

منهنجو سائين تون
تو ڳالهائين تون
ڇڻ منهنجيءَ هر ڳالهہ ۾.
آگم آٽي، آيَ ڪي تو برسائين ٻون،
ڇڻ منهنجيءَ هر ڳالهہ ۾.
ڏانوَڻ منهنجيءَ ذات جا وينو ڏائين تون،
ڇڻ منهنجيءَ هر ڳالهہ ۾.
گيتَ گلن جان تو پَتي هيئين لائين تون،
ڇڻ منهنجيءَ هر ڳالهہ ۾.
منهنجا سائين تون، آنهہ سدائين تون،
ڇڻ منهنجيءَ هر ڳالهہ ۾.

*

هاٽي ويندا سين، توڪي پَرتي جندڙي!
ڏونگر اڪتي ايترِي چانو چڏيندا سين!
توڪي پَرتِي جندڙي!
نڪي ويهِي واٽ تي ساهہ پتيندا سين.
توڪي پَرتِي جندڙي!
ڪيسين ٿنهنجي چَار مان جهولَ پريندا سين؟
توڪي پَرتِي جندڙي!

Gul Hayat Institute

تون جو منهنجي شهر جو مهاندو آهين
ڇو ٿو پڇين سَچَ ڪان؟
ڇو ٿو پڇين سَچَ ڪان؟
مون لئه توهَر شاخ جو ڇنڻ ڏانڊو آهين.
جنهن تي رکَ ڇمي وئي سو ٿانڊو آهين.
ڳَل بدلائي اوچتو جو، سانڊو آهين.
پيٽ نه ڀربو تو ڪڏهن ڪاٽاندو آهين.
هَر هَر نئَين ناٽَ سان ڪو هاندو آهين.
ڇو ٿو پڇين سَچَ ڪان؟
ڇو ٿو پڇين سَچَ ڪان؟

*

وَيڇٽو آهي دور، سَرتيون ڏاڍو دور،
سڀ ڪجهه ڇڏي پند ۾.
ٿِئي پَئي راتڙي، سِچَ ڪيو مجبورَ
ندِي اڳتي تي وڃي پَتَڻَ پيون پورا!
موت اهو ڀيڙائتو جنهن جا لِڱ نه ڇُور
ويڇٽو آهي دُورَ،
سڀ ڪجهه ڇڏي پند ۾.

Gul Hayat Institute

جڻ تَنُ ٻَري ٿو
ڪاروُن ڪَري ٿو،
اوهِي ڀَهي ڪو نہ ڪو.
هرڪو ٻُڇاٽي ڏِسي
ٻُنتي وَڙي ٿو،
اوهي ڀَهي ڪو نہ ڪو.
ها، هُوئي گڏ ٿو رهي،
۽ گَڏُ مري ٿو،
اوهي ڀَهي ڪو نہ ڪو.
پيرَ اَڪيلا آدمي
اڳتي ڏَري ٿو -
اوهي ڀَهي ڪو نہ ڪو.
اوهي ڀَهي ڪو نہ ڪو.

*

Gul Hayat Institute

پنهنجا وَرَ ڪَسي،
مون جِئن ڪيئي پِڙ ۾
هي ٻلهاڙو موتَ سان ڏسجي ڪيرُ دَسي!
ڏسجي منهنجا گيت ٿو مون کان ڪيئن کسي!
ڪُجهہُ تہ چڙهِي ڪير تر پيو گَڏُ پَسي!
بادل پرجن ٿا پيا متان هيل وَسي!

ڪنهن ڪي منهنجي اونَ آ؟
ڪو ئي مُنهنجو ڪو نہ آ.
اِڱتي پنڌُ اڪيلڙو!
رات پِنيءَ جو چنڊ ڪي،
پِرهہ اَلڪو ڇو نہ آ؟
اِڱتي پنڌ اڪيلڙو!
ڇا ڀوڙيندو ڀارِ ۾
ڀيڙو هِن ڪان پو نہ آ؟
اِڱتي پنڌ اڪيلڙو!
هَهڙي سُندر گهاٽَ تي،
ڪافي گهاريو تو نہ آ.
اِڱتي پنڌ اڪيلڙو!

*

Gul Hayat Institute

تو ڪي تاڙن تا

تارا، تِر، تِروڪڙيون
هَرئِيءَ يَرئِيءَ سوجَ جا ڪيت اجاڙن تا،
ڪيئي ڪونجون روهہَ ڏي لَڏا لاڙن تا،
جهونجهڪڙي جي جهانءِ تي؟ ڇاتَي ياڙن تا؟
وَلر سارا واٽَ تي ڳوڙها ڳاڙن تا.

ميان آءُ نہ تون
منهنجو پاءُ نہ تون
مون مَڙَهہ ڪانڌي ڪيترا!
مون ڪلهہ ايڏي وَسَ ڪئي
چار ئي ڏَسَ وليون
مون مڙهہ ڪانڌي ڪيترا!
ڏسِ، ڏرتيءَ تي ڦهليون
اَچَن گلن جون!
مون مَڙهہ ڪانڌي ڪيترا
ڪيڏا مور نچن پيا
ڪَنپ ايئين ڪيڙيون!
مون مَڙهہ ڪانڌي ڪيترا!
اَيري آيون اَپ ۾
جڏَن سانوڻ ڪڪريون
مون مَڙهہ ڪانڌي ڪيترا!

Gul Hayat Institute

*

ٻارين پيو شمع ڪي ٻنهي پاسن کان،
ڳَري ڳَران ڪيترو.
هيِئَن نہ پنهنجي ڪو ڏِئُہ اڄ تائين پتنان،
سورج ۽ سورج مُکيءَ ڳالهيون ڳجهہ منجهان!
مون تنهنجو ڳَل ڳَل ڏٺو آڏري پوپٽ جان!

هي جا منهنجي ساجَهہ
تنهن ۾ تُنهنجي ڀاڃَهہ
ڪِٿي ڪُٿي ڪينڪي.

ٻانهون هٽان ڪيتريون
ڪيڏي جَرَ جِي جهاجهہ!
ڪِٿي ڪُٿي ڪينڪي.

ڪاري ڪارونيار ۾،
ڪيسين وِجهان واجَهہ؟
ڪِٿي ڪُٿي ڪينڪي.

*

وَجي سُمهي پَئہ!
مونکي مُور نہ چئہ!
مونکي ننڊ نہ اَچهي.

چَنڊُ وِجهي تو ليئَڙا
* سُفيدي مان سوءِ.
ڇا لئہ آ ڪِڙڪي ڪُلي
نرسِ ٿِئي تو پَوءُ!
ڇا ڇا سارون ساهہ ۾،
تاري سڀ هَئہ مَئہ!
مونکي ننڊ نہ اَچهي.

* سُفيدي جو وڻ

Gul Hayat Institute

منهنجو پيار ٻ تون
منهنجو يار ٻڻ تون
تو برسائين مون
بادل جيئن آڪاس مان!

آيون ڪري اوڙڪون
منهنجون ڪوتائون!
منهنجا پورٻ تون هئين
منهنجا پيارَ ٻ تون

ڪڏهن چوٽي ڦل هئين
ڪڏهن سونهن سڀيون!
ڪڏهن ڪتين چانو ۾
پيار پريون ڳالهيون.

ڪڏهن چُميون ڳلَ جان
وِلِ جيان ڀاڪيون!
ڪڏهن اُتر هيرَ جون،
اندر ۾ ' اوتون.

* وَنَ ڏسي مان وائڙو،
چا چا آهين تون!
بادل جيئن آڪاس مان!

*

* رنگ

Gul Hayat Institute

پِرهَہ جو آئِينءَ

تون ڇا پُسي لاڙ جِي!

شفق جهڙا رنگ ها

من ۾ تي جو ڇائينءَ

مون ۾ آخر ڇا ڏِٺُمِ

ڇا تي هر ڪائينءَ؟

ڪُنيي ڪِڙي جئَن هُجي،

اِئين مَنِ ڀائينءَ!

*

ڪيڏا مِتر* مُون

ڀَائِن مون کي ڀُون

ڇا مان، تِن کي تو ڇڏيان؟

ڇا مون ڪان پوِ هُو ڪندا

منهنجون ڳالهڙيون؟

ڇا مان، تن کي تو ڇڏيان؟

ڇا مون ڪؤتا تَن ڪندي،

اکِڙيون آلِڙيون؟

ڇا مان، تن کي تو ڇڏيان؟

تِن جي لُڙڪن ۾ لَڙِي،

مون سارُون اِينديون؟

ڇا مان، تن کي تو ڇڏيان؟

---

* مِتر – دوست

Gul Hayat Institute

آنءُ تہ رڳو نانءُ
ٻيو سڀ متيءَ مامرو.
هن ڌرتيءَ تي ڌڙڪندو!
آخر ڪيسين هانءُ؟
ڪيئي هِت آيا ويا
ڪنهن کي هُيو ٿانءُ!
ڇا ٻي آهي ڪا کِهتي
ڇا ٻيو ڪوئي ڳانءُ؟

*

هاٿي ويندس مان،
او، جي ويندس مان
لڙڪ نہ مون لاڙون ڪندا!
ايڏا گيت لکِي ڪري
ڪلندي ويندس مان،
لڙڪ نہ مون لاڙن ڪندا!
دور افق جي اوٽ ۾
اڳتي ويندس مان،
لڙڪ نہ مون لاڙون ڪندا!
تارا ڪتيون ڪيترا
لنگهي ويندس مان،
لڙڪ نہ مون لاڙون ڪندا!

Gul Hayat Institute

ازل ابد نيت مان ، ويندس اورانگهي
باقي تورا ڏينهڙا.
پاتو توکي مون پرين، ڌرتيءَ تي تانگهي،
هاڻي جيڪا جندڙي، گهوريان تو گهانگهي.
باقي تورا ڏينهڙا.

*

کُهنبن ڪَپڙن ڪانڻ
ڳاڙهن چَپڙن ڪانڻ
ڪيڏا ڏينهن وِچائيَء!
ڪيڏيون آيون پاڻ ئي
پُوريون تنهنجي ياڻِ!
سارُون جن جُون لوڏَيءَ
هانوَ هندوري هانڻ،
ڪيڏا ميگهه ملار ها
مٽيءَ جي ماندانڻِ!
هاڻي چاڻِي عمر جي
چاڻيون وينو چاڻِ!

Gul Hayat Institute

چارَ گهڙيون ڇُنڪو
آهن جوين ڏينهڙا
ڀَتون سائيءَ ڀِٽَ ۾، موتَ اِئين کُتڪو!
نيٺ تہ آهي جندڙي ڳوڙهن جو ڳُتڪو!
نيٺ تہ ڳَڙن مينهڙا ڪارَنهن ۾ ڪُتِڪو!

*

منهنجي ذات بہ تون
منهنجي نيات بہ تون
تو جئن پنهنجو ڪونہ آ.
جئن روهيڙو واءُ ۾،
مون تي آن برسات بہ تون.
چنڊُ ڪَنڌيءَ جي تارِئين،
رمر جهمر واري رات بہ تون.
هي راتاها آيَ تي،
جيڪا ڪري، ذات بہ تون.
رڻَ جا سارا رولڙا،
۽ پو آنهہ نجات بہ تون.
سُڪيءَ وِيَريءَ روجهہ جو،
آهين موت حيات بہ تون.

Gul Hayat Institute

ايئن وساريو تـي،
جڻ مان ناهيان جيئَرو.
ڇا ڪو منهنجي ڏُکَ تي، لُڙڪ بہ هاريو تـي؟
ڇا ڀيو ڪو ئي ڏيئَڙو، مون جئن ٻـاريو تـي؟
مون ڪان سوا چَندَ ڏي، ڪـيئَن نِهاريو تي!
تون ڇا منهنجو گيتُ، ڪئن ٿاڻو تاريـو تـي؟
رُت ساري رابيـل جي، ڪِيئَن گـذاريو تـي؟
ڇا چوٽـيءَ ۾ گل وِجهـي، مُرڪي ساريـو تـي؟
مون هر آس پَلي ڇڏي، ڇو اِئن ماريو تـي؟

*

وِچ، موتي وِچ نند ۾،
جاڳ تہ ڏَنئہ جَلَ. *
وِچ، موتي وِچ نند ۾.
جئن آرهڙ جي سِج ۾ پاريهَر جا پَـل!
ڇا جي لئہ آهين ڪڙو باقي ڪَتا، "هَلَ"!
مون وٽ جيڪي ڪجهہ هيو، توکي ڏنو دَلَ. **

* جَل - ٺڳي، ڪوڙ ويساهہ
** دَلَ - جام، بي انداز

Gul Hayat Institute

مون جو مند مهل

توڙيون ڪيئي ڪيتڪيون،
جو تو تاريءَ مان ڇنان ڪيم ڪانـ ڪهل!
مون تي منهنجي عمر تي، ڪري جڻ تہ اهل،
ايڏي آهہ بسنت جي، ڪئي ٻي نہ ٿهل،
پريت بہ مايا وانگيان، آهي ڪِنڻ بهل!

*

ٿرَ تنهنجا ٿوهر،
وسري وسرن ڪينڪي:
توتي سانوڻ مينهڙا،
ساوا سارا سر،
تو بن جڻ تہ اُباڻڪا،
ميل ڪراچيءَ گهر،
تن جا اندر ڪينئرا،
شهر تہ سارا شر!

Gul Hayat Institute

ٻَر ٻَر ٻَري ٿو،
چانڊوڪيءَ ۾ ڇاڇرو.
جُڳُن جُڳَن پوئين پَهر ۾ سارو ٺري ٿو،
جَرڪِي مُون ڏي جوڌپور وِڳُون پري ٿو.
ڪوئي اَنيوءُ اوچتو مون ڏي وري ٿو!
اَڄ ٿيائين بي چين ڇو، مون کي ڪري ٿو؟
چانڊوڪيءَ ۾ ڇاڇرو.

*

ويڄُون آهين، وڃ!
سَفر - سَڏون اِيتريون!
مان تہ چوان ٿو مِينهَن جي مند اَچي وئي، مَڃ!
ويهي هيئن وسڪار ۾ هيل نہ پيرو پَڃ!
ڪَنڌِي ڪَٽي ڪانہ ٿي تو لئہ ڏرتيءَ ٿَڃ!

Gul Hayat Institute

ساري اوتي اَج
وَٽيءَ ۾ وِجُهه وِهه ڪَيُ!
موکيءَ مٽارو ڏنو ناهي تو جئن رَجُ!
ڀيو سڀ مايا اولڙو، ٻَجُ انهيءَ کان ٻَجُ!
دنيا ساري ڏوڙ آ، ساري ڇائيءَ ڇَجُ!
اَجُ، پِي پِي آڪاس ۾ ڪينءَ منجهارا ڪَجُ!

*

هي جا مَيءَ جي موج
اُڏري تي آڪاس ڏي،
ڪيڏي ڪارونيار تي اُيري پٽوري اَوجَ!
* کهڙي سِٽَ تِرڪي وئي گِهر ڪي جيئن ڳوجَ؟
** جنهن ۾ مون ساريو پئي توکي رات سَرُوجَ!

Gul Hayat Institute

* ڳوج – ميجيءَ جو قسم. جا نهايت لَسي ٿيندي آهي.
** سروج – ڇوڪريءَ جو نالو جو مون هن کي ڏنو آهي.

هي جا هاڻي پوڙَ
ڇا ڇا تنهن مُرڪيو پئي!
هن جي قولَ قلار ۾ ڪاش ڏسين ها لوڏَ!
ڦهڙي ڪِچي جهوپڙي ناهي ڪهڙي اوڏَ!
ڪَن ٻَرن ڪيتڙا ڪنديءَ خالي ڪوڏَ!

*

تون ڪنهنجي اڌ رات جو
وچين پئي ڪَد،
ڇم ڇم ڪندي شاعري؟
جيئن ڀتائي وٽ ڳالهن اِئين تنهنجي آد!
اِجان پرهه پارَ ڪي نانهن ڏِنا وَدِ،
ڏورانهين ڏهڪار ۾ توکي ڪهڙا ڏِد؟

Gul Hayat Institute

هي جي واهه ٻگهاڙ ۾ ڏنيرا تا مارِن،
پٽيءَ پيٽ - اُگهارِڙا!
هونءَ تہ پنهنجا ٻڪ تي ويلا تا تارِن،
جهڪي ڪاموري ڪڙي هردم ڪيڪارِن
پنهنجا اَبهم ٻارڙا سندائين سارِن.

*

واريءَ تي چرڪڻا،
ڪتيءَ ڪڪر ڪن پيا.
سانوڻ ائين گذري ويو،
نہ تيو هيج هڳاءُ،
مانِ تولئہ تاڙيو گهٽو،
هاڻي آءُ نہ آءُ!
منهنجو پنڌ پهاڙ تي،
ناهي جوءِ جتاءُ!
آءُ اڪيلو ئي ڪيو،
ساري رات سڃاءُ!

Gul Hayat Institute

تون نہ آڪاريندين
مون کي ماريندين
تون . روئائين رڃ ۾!
تون جو منهنجو واهرو
ڇا مون واريندين؟
جيئين وٽي واٽرو،
جيءُ جياريندين؟
سج کهاڙن سان ڪڏهن،
ڏونگر ڏاريندين؟

*

وسري مور نہ مون،
هو چِلِيا* ۾ راتڙي
سوين سونا ٿال جن سج لٿي شامون!
سڏ ڪيا سڏ ڪيا صديون نگر نٿي جون!
ڪنهنجون آهون تي لڳيون ايڏيون هوائون؟
سج لٿي شامون
هو چلِيا ۾ راتڙي

* چلنيا - ٿٽي جو هڪ ڳوٺ

چانگا چَرن تا،
اڄ ڪَلهہ ٻاڙها گلڙا.
ڪهڙي ڪارڻ ايترا ماٺهو مَرن تا؟
اونڌي مُنهن تاريخَ جا ڳوڙها ڳرن تا.
اڄ ڪلهہ ڏَڪي موت کان ڏاها ڏرن تا.

*

تون تين ۽ دنيا کي
هاڻي ڀيو ڪو ڏي
ڪوئي نئون ڏيئڙو.
ڏرتي ڳُرڙيون رَتَ جون ساري رات ڪَري!
سارو سپنو ڪُوڙ هو؟ ڏاهَ نہ ڪنهَن ڏاهي؟
متان ويجهو آئين، ڀيهَر ڪنهن ڪوڙهي!

Gul Hayat Institute

هيل نہ مرندس، مان،

مون مان لاهہ نہ آسرو.
وَهندِي نَدي وقت جِي، اَڃا تَرندس مان.
جِئَنُ پاڻيءَ تي ڏيئڙو، اِئَين ٻَرندس مان.
پر جي وچان، واعدو، جلدي ورندس مان!

*

مون کي ماريندين،

تون ٿي پوندين ڪوٽ پر!
ٻوليءَ ولِيون اِيتريون، ڪيئن ڦلاريندين؟
جُڙون، جِن کي جڳَ تيا، ڪيئن جياريندين؟
مون کي ساڻونڻ مينهن جئن
سدا ساريندين.

Gul Hayat Institute

پاڇلڙو ڦوڙي، ڪاڏي هوءَ ڪاهيُ پئي،
هيتان تتي ٿَرَ ۾ پيرَ نہ تي موڙي!
ايڏي سُکهہ بہ ڪا نہ جو ڏيل جيان ڊوڙي،
ڪنهن کي مياروُن ڏئي، لڪيو تي لوڙي.

*

تنهنجا بادلڙا،
مون آهي اوسيئڙو.
پرين توپا توپڙيون جيڪي سال سُڪا
ڪٿي اچن گهاگهرا، سينهونءَ سنگ گهڙا
مارُوئڙين ميلا تين اڪئين نارَ الا!
تنهنجا بادلڙا،
مون آهي اوسيئڙو.

Gul Hayat Institute

ڪونجون اُتر پار جون اُنهن ڪي چئجو
"آنءَ اوهان کي ساريو."
جڏهن نياپو موت جو آيو مون ڏي ڪو،
تنهن تڏيءَ جهوڪ ۾ ڪر هيو ڪو نه ڪريو
پوئينءَ وير به وات تي مُنهن اوهان ڏي هو!
ڪونجون اُتر پار جون اُنهن کي چئجو!

*

ماڻهو منهنجي ڏيهه جا مون کي چا چاڻن،
اِو ڪرلاهو!
مَتان اُنهن وَسهين!
مون ڏاڏاڻي ڏيهه ۾ ڏيئَن اَجهاڻن،
اِو ڪرلاهو!
مَتان اُنهن وَسهين!
اونڌا چَمڙا سڄ کي ڪڏهن سُڄاڻن!
اِو ڪرلاهو!
مَتان اُنهن وَسهين!
مون وٽ مينگهه ملارها پينگ سندن پاڻن،
اِو ڪرلاهو!
مَتان اُنهن وَسهين!

Gul Hayat Institute

مان جئن آهيان سنڌڙي، تنهنجو مصوَر،
پيو ڪو ٽيندو ڪينڪي.
اڪرن ۾ ويو اڪرجي واريءَ تي ڳهر ڳهر!
هي ماٺهوءَ هي مونگهڙو، هي ٿر جو ٿوهر!
تن جي مٿان چنڊ جو سانوڻ راتِ سفر!
۽ هي ڪوسو ڪيڄ ۾ ريباريءَ جو ور!

*

* نيري ڏولَ نہ لاهہ
جيڏا تون جهمپير ۾.
انهن مٿان چنڊ جو اجا پاڇو آهہ،
ڇڏ ڇڏ سج چڙهي اچي، پڙڪي تن ۾ باهہ،
وڃهون ٽارونءَ تاَس ڪيَ، اوتي ڪنهن اوڙاهہ.

Gul Hayat Institute

* نيرو – پرهہ ڪان

ڪنن ۾ جهيرون، وخن پيون وات تي.
منهنجون آهن هي ميان، پر ڇا ڄاڻين تون؟
مان ئي ته زيدار هان اندر عيسي مون
مون هن ساري ديس سان ڪيئي ڳجهه - ڳنديون!

*

ٻه ٽي گهانگهيٽيون -
ڀهراڙيءَ پيٽيون
رانديون ڪن تيون پاڻ ۾.
ڇڻ ڪي پياريون مورٽيون، جُهڙ ۾ لپيٽيون.
رانديون ڪن تيون پاڻ ۾.
ڏس هو ڳيرو ڳوٺ جا، تن جو اڪ - ٽپيٽيون!
رانديون ڪن تيون پاڻ ۾.
پرسان برپون ٻڪريون، واريءَ تي ليٽيون!.
رانديون ڪن تيون پاڻ ۾.
* ڪونيٽ ڪونيٽ ڪوپليون، ڪاريون ڪليٽيون
رانديون ڪن تيون پاڻ ۾.

Gul Hayat Institute

---

* ڪليٽي - ڏاڍي ڪاري

* ڪيڏيءَ ڪَدَمُ چانو ۾، آهيان آنءُ اُداس،
توکان سِوا سانورا.
آهين ايڏو ڏور ڪٿ پِنِ پِنِ تنهنجو واس!
تون ڪهڙي سَرهاڻ آن، جنهن سان سَرهو سواس؟
مَرندي تائين مون هيو، تو ۾ ڇو وشواس؟

*

Gul Hayat Institute

* ڪَدَمُ - وڻ جو ورنداون ۾ تيندو آهي. اڪثر ڪلاسيڪي هنديءَ شاعريءَ ۾ اُن جو ذڪر آيو آهي.

هي ماڻهو جي مُرتِ جا، داڻا ٻہ ناهن.
هي چوَ تا چاهن، سمجهڻ هن سنسار کي؟
اِيئين اَنَ جي سونهن کي نہ تا سارا هن!
هي چوَ تا چاهن ....
تارا تارن کان اڳي ڪاڏي تا ڪاهن؟
هي چو تا چاهن ....
ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙيون ازل جون آهن! هي
چو تا چاهن ....

*

* بيڪس نديءَ نير ۾ اڄ نہ واياٽيون،
رَهڙي پئي روهڙي!
چَوُ ڪالهوڪي سنڌڙي اَڄَ ڪتان آٽيون؟
رهڙي پئي روهڙي!
هوليءَ ڏوڙئي ڳالهڙيون ڪيئن ڪڏهن ماٽيون.
رَهڙي پئي روهڙي!
ويسر ناهن واريون اجان اباٽيون،
رَهڙي پئي روهڙي!

* بيڪس - روهڙيءَ جو شاعر

Gul Hayat Institute

هي جي چڪا ماس جا وَهڙا وَڏيرا،
آيا آهن ڳوٺ ۾.
تازي تي ٽاريخ چڙ انهن جا پيرا،
آيا آهن ڳوٺ ۾.
آجا آرهڙ سڄ جي آئي نـ وپرا،
آيا آهن ڳوٺ ۾.
ايندا ڪرٽا ڪاتَ تي، تِن تـي تِڪيرا،
آيا آهن ڳوٺ ۾.

*

موُن من ميچيءَ جيئَن

چندر مان جي چار ۾.
ڪنهن ساموندي گيت کي، ڳاتو هيو هيئن؟
چندر مان جي چار ۾.
قاسي جئَن ڦتڪڻ لڳي، پکي پرَن سيئَن
چندر مان جي چار ۾.
هي پاڇاتا ڏينهڙا، پيارا گهاريان ڪيئن؟
چندر مان جي چار ۾.

Gul Hayat Institute

ٻُني آهي ڇا،
چو من ميجي ڪونہ ٿو؟
سانجهي آپ جي ڪيسري چُني آهي ڇا؟
اڱتي ڪاري ڪُنبي تي ڪُني آهي ڇا؟
اَڄا ساري سِرشتِي مُني آهي ڇا؟
چو من ميجي ڪونہ ٿو؟

*

مون ڪي ڪڏي ڪُنب مان ايڏو نيپوڙيئہ
چَوُ مون ڪان ڇا تو گهرين؟
چو اِئن پَنهنجي نِيرَ ۾ ٻاجهارا ٻوڙيئہ،
چَوُ مون ڪان ڇا تو گهرين؟
هيتان نيري نَڀ جي خيمي جئن ڪوڙيئہ!
چَوُ مون ڪان ڇا تو گهرين؟
وَرَ وَرَ پنهنجيءَ مامَ سان مونکي مَروڙيئہ!
چَوُ مون ڪان ڇا تو گهرين؟
واتهڙوءَ لئہ چانوَ ٽِيان ڇا ان لئہ جوڙيئہ؟
چَوُ مون ڪان ڇا تو گهرين؟

Gul Hayat Institute

سڀ ڪجهه اڄ مون ڪان کسي،
ڇُپَيُل رکو ڳاءِ.
ڀيو سڀ تو لئه تِڇ ڪَوِي!
بادلَ وينديِ آپَ مِ ويهِي تون واجهاءِ.
ڀيو سڀ تو لئه تِڇ ڪَوِي!
اَهڙا روپَ نه رنگ ڀيا انهن ڪِي قاساءِ!
ڀيو سڀ تو لئه تِڇ ڪَوِي!
گيتَ به جهڙا اندلث تن سان رنگ رچاءِ!
ڀيو سڀ تو لئه تِڇ ڪَوِي!
هن ساري سنسار تي کهاتا مينهن وساءِ!
ڇُپَيُل رکو ڳاءِ.
ڀيو سڀ تو لئه تِڇ ڪَوِي!

*

Gul Hayat Institute

ڪيڏا پاليا ٿي
وَهڙا پنهنجي واڙ ۾!

ڪيڏيءَ ڪُترِ ڏيرَ تي سڀَ سنڀاليا تي!
پنهنجا جوين ڏينهڙا جن سان جاليا تي،
اجان تن لئه ڪاتِڙا، ڏولَ نه ڏاليا تي؟

فوجي ڏٺي کي متان ٿونو مارِئين!
وَردي سجهي تيج ٿي ٻي کنهن وِٽي کي!
متان ٻُڇيءَ مانُ کڏين سوني سڳي کي!
کاريءَ رکنديِن جيئَرو کيسين ڪُٿي کي!
متان ساريو سنڌيو، ڪڏهن اُڳي کي!
ڏِوُن ڏوُن کيڏِي گهير ۾ گهڙي پڳي کي!
نيٺ تہ ونبو سنڌ جي سُئيءَ سڳي کي!

*

اُٺ گاڏي تي آدمي ويندا هُشڪارن،
بالڪنيءَ جي سامهون.
مَٿي کَتيءَ چَنڊَ ڏي نہ تا نهارن،
بالڪنيءَ جي سامهون.
تِڪا اُتر وائُرا رستا ٻُهارن،
بالڪنيءَ جي سامهون.
ڪراچيءَ جون راتڙيون مون کي تيون مارن،
بالڪنيءَ جي سامهون.
پنهنجون پنهنجون ٻولڙيون جن ۾ ٻچڪارن!
بالڪنيءَ جي سامهون.

Gul Hayat Institute

گهنتيون وڄن ٿيون،

گايون آيون سانجهہ جو.

ڌوڙ اُٿي آ ايتري اکيون ڪِڇن ٿيون!

سورج جمنا ۾ ٻڏو لهريون ٻِڇن ٿيون.

*

ڪيڏي باک ڦِڪي

آهہ ڪراچيءَ ڏَنڌَ ۾

ڪنهن نہ ڏٺو آڪاس ڪي صدين جيئَن سِڪي!

هتان ويندس اوچتو ٻہ ٿي ڏينهن ٽِڪي!

سِجُ لَٿي لالاڻ ڪي ڪڏهن ڏِسَ لِڪي!

ڇاتي سارِي سوجهہ تو پنهنجي آهہ وِڪي؟

Gul Hayat Institute

ڪنڌيءَ ويهي ٻارڙا، ڪيڏا رانديڪا
ناهي ڏاهي تا چڱَڙِن!
واريءَ وِجهي آڱريون لِيڪَن تي لِيڪا
ناهي ڏاهي تا چڱَڙِن!
اِن ڪان سوا ڪيچلا راند نہ ڪَن ڀِي ڪا،
ناهي ڏاهي تا چڱَڙِن!
سيئي ماٺهو موت وٺ آهن هتيڪا،
ناهي ڏاهي تا چڱَڙِن!

*

Gul Hayat Institute

ڪُنو چاڙهي چلهہ تي گهمائي ڏوئي،
پاڻِي ڪاڙهي ڪيترو!
پَلتي ماري ٻارڙا وينا سيوئي.
پاڻِي ڪاڙهي ڪيترو!
روئي وينو رات جو ٻُڪ جهلي ڪوئي.
پاڻِي ڪاڙهي ڪيترو!
ڇا هي دنيا ڏک سان ناهي آهِ توئِي؟
پاڻِي ڪاڙهي ڪيترو!

*

اڄ ڪلهہ جِي تاريخَ تي هر شيءِ ڪِي ميٽي
ڪئن ڇئجي ڇا تو ٽئي!
ڇا ٻارنهن سَئو سال تي سارا سمپيٽي،
ڪئن ڇئجي ڇا تو ٽئي!
پورو ڪندي اوچتو هِن ساري ڪيٽي؟
ڪئن ڇئجي ڇا تو ٽئي!
ڇڻ تو ڪَنڌيءَ نربدا! روپ مَتِي ليٽي!
ڪئن ڇئجي ڇا تو ٽئي!

Gul Hayat Institute

پتو ڪو پيئو،
توکي اڄ ڇا تو هلي!
مٿيون ڏَڙ راجيو جو اُڏامي ويئو!
پِرِيان سندي پار جو مڙيو ئي ميوو!
پتو ڪو پيئو؟

*

مون لئه جهڙا پارَ،

هي ساموندِي سمنڊَ تي.
جن جا پيڙا ڪونه ٿا ڇاڻن پارَ اَپارَ!
جن پاٽيءَ ۾ چنڊَ سان ناهن ڪيا پِيارَ
جن جون اوليون سِير ۾ وڃن ويرو تارَ
جن نه ڏٺا ها غور سان ڪڪرَ جي ڪاپارَ
جن کي قيري ڪنَ ڏي منجهائي منجهڌارَ
*جيڪي اَوٽرِ اوچتو، نينديءَ نگهو سارَ
جي تون پوڙين پارِ ۾ ڇاٽي ڇاٽڻهارَ!

---

* اَوٽر – اٿل *نينڊو – سمنڊ

Gul Hayat Institute

مون اڱ ڇَئي ڪا نہ ڪا جا مون اَڄ ڇئي
ڳَجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي.
پيا پيا شفق رنگ ها، جڏهن شام پَئي.
ڪَر ڪَر ٽُنهنجي ڪونجڙي، اُفق پارِ وَئي.
وَنَ تہ ساڳا ها مگر، سانجهي روز نَئي!
ڳَجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي.

*

اچتو آهي اوچتو دروازو کولي،
مون وٽ اُتر وائرو.*
پيو پکي ڏار تي ٻولڙيون ٻولي.
اَڄ تہ ڏکڻ وائرو اَمرت ٿو گهولي.
سانجهي سَر تي ڪيترا رنگ پئي رولي.
ڪيئي ڏاڍا پَٽ جا پئي آکولي.
چڻ ڪو ڏيرو سڄ جو پاٽُولِيءَ ٽولي.

* وائرو – واءُ

ايڏي جهانجهر جهانءِ
نچ آئينءَ مون نِجهري!
تو ۾ ڪيڏي ڀاڄهه آ،
ڇا مان ڇانوَ چوان؟
نچ آئينءَ مون نِجهري!
ڪَڪريءَ سان پيتي ڪري
ڪهڙو لڄايانءِ!
نچ آئينءَ مون نِجهري!
سانجهي ءِ پڙا سمنڊ جا،
ڏوران ڏيکاريانءِ!
نچ آئينءَ مون نِجهري!
اکهائيءَمون ڇا ڪيو
ڪهڙو حال چوانءِ!
نِچ آئين مون نِجهري!

Gul Hayat Institute

*

هي جو سانجهيءَ گل،
ڇانيو آهي نَهرَ تي.
اجان پنڇي هيڪلا رات چوي تي "رُل"!
تنهنجو آڪيرو اُتي هُو جو هَوا هَل
وَرَ هِي اَڏڻ ڳالهڙيون، واهيري ڪي پَلِ!

ههڙو نہ حيران، جيئين اڄ انسانَ.
اوچا ڏسي بنگلا!
دونهون دُونهون فئڪٽريون،
چِمنيون چوٽَ نِشانَ.
تن جا مستقبل سوا،
مُوڙها ماڳَ مڪانَ.
ڪَوئي - ڪنهنجو ڪونہ آ،
پنهنجيءَ پريشانَ.
وِهہ جئن تن جا ڏينهڙا،
راتيون رَتَ سمانَ.
ناهي رڳو ماڻهپو،
سهسين پيا سامانَ!
ماڻهو هن جمهور جا،
هِتي نہ سلطانَ!

Gul Hayat Institute

*

ماضي مئخاني منجهان پيو جام پري،
پيءُ اجان ڪجهہ پيءُ تون.
ڪيڏا خُمَ خماريا پهتي تِڪَ تِري
ڏس مشعل جي لاٽ جئن پيو مَنڌُ ٻري
آيو آهي پاڻ هو تنهنجي لاءِ يَري!

چوندي رُت بسنت جي موتي ايندو سانءِ،
کويتا کارڻ وَرِي.
وري تانگر - وَلڙيونَ، روز پٽيندو سانءِ،
گلن ڦڙا ماڪ جا ڀيھر ٽيندو سانءِ،
ڪَنڊِين ڪيئِي ڳيرڙيون ٻولائيندو سانءِ.
تو لئہ ٻولَ ٻھون چئي مان ڳائيندو سانءِ.

*

*امان روماسا
آيا وڃڻ ڏينھڙا
سُمھِي سُمھِي هَند تي ڏُکِن تا پاسا
باقي ڪَپڙيءَ ۾ ڪَٽا، هاٺي نہ ڪاسا
آنءُ نہ هوندس، مون بنا ايندا چَوماسا!
آيا وڃڻ ڏينھڙا

* روماسا – ڏوهٽيءَ جو نالو

Gul Hayat Institute

چوان ٿو موٽي

وري ويچان ننڊ ۾
هيءَ دنيا جا هيل آ ڪوٽي ڪان ڪوٽي.
وري ويچان ننڊ ۾
هونءَ به نه مون چنڊ ڪان رکي ويچوٽي،
وري ويچان ننڊ ۾
ويجان چڏ تـه وشال ۾ چڏيان هي چوٽي.
وري ويچان ننڊ ۾

*

هي تُنهنجي چوٽي،
جنهن ۾ ڪارا سڳڙا.
مون ڪي وچڻ ننڊ ۾ نه ٿي ڏي موٽي،
جنهن ۾ ڪارا سڳڙا.
جيئڻ ڪي ڇهتي پئي واري وچوٽي!
جنهن ۾ ڪارا سڳڙا.
منهنجيءَ ڪِچيءَ ۾ پئي مور نه آ ڪوٽي.

Gul Hayat Institute

جيئَن هجي ڪنهن غار جي سامهون ڪائي ڀِت،
جيڪا ڍَڪي اُڀ کي.
تئن منهنجِي هن ديس ۾ حالت آهي هِتِ!
جوالا منهنجي جيءَ ۾ جاڳي پيو جِت،
چُپَ انهيءَ ڪان مون ڪِئي جيڪي آهي چِتِ!
ماڻَ جنهن ڀوسٽ۾ ڀَران، تون تہ نہ آهين تِت!

*

ڪڪر آ آڪاس ۾ پکيڙِي پيلاڻِ
ڪيڏيَ نيري نڀَ ۾.*
هو جو ڪلاڪار آ تَنهنجِي ڪنهن کي ڪاڻِ؟
ماڻهو! تون هر رنگ ۾ بي رنگيءَ کي ماڻِ!
سانجهِيءَ وار پکيڙيا، چانئي آ ڪارائِ
ڪيڏي نيري نڀَ ۾.

---

* نڀ – اُڀ

Gul Hayat Institute

هي جي آمَڻ ٻيرَ،
ويڙهي منجهہ وڏي ويا.
جڏهن اِهي ڏوٽبا اَڱڻ ٿِيندا ڏيرَ،
آهي رُت بسنت جي هيرَاِها ئِي هيرَ
پائي ڳاڙهِي ٻانڌڻِي اَڱڻِ ايندي ڪيرَ؟

*

تون جو بي پرواهہ،
ٻيڙا ٻوڙئين ٻارِ ۾.
تولئہ کهڙي وَتَ آ، سائين ڪنهن جو ساهہ!
موتِي مون ۾ تا رلَن، ايڏو آنءُ آتاهہَ.
پر مون ۾ مهراڻ سان، تنهنجو کهڙو چاهہ!
پوءِ بہ مون کي پيار ڪان ڪو نہ رکيو تي پاهہً،
پوءِ بہ موتائي ڏِنئہِ، مون کي مون ويساهہً!

Gul Hayat Institute

پٽيان هن ديوار جي ڪيڏو آ آڪاس،
سوچيو پئي مارئيءَ.
ڪيڏا وَڻَ وٽنڪار جا ڪيڏو سَرهو سُواسُ
سوچيو پئي مارئيءَ.
آهي لاڙِي مينهنِ ۾ ڪيڏو ولين واسُ
سوچيو پئي مارئيءَ.
ڇا ڇا اِن ڪي تو ڪپي هِي جو ماٺهوءَ ماسُ!
سوچيو پئي مارئيءَ.

*

متان ننڊ ڦِتائئين آنءُ نہ ايندو سانءُ
متان ننڊ ڦِتائئين!
گهپ انڌيري مان آتِي سڏُ نہ ڏيندو سانءُ
متان ننڊ ڦِتائئين!
تو وٽ وري پکڙا ڪو نہ آڏيندو سانءُ،
متان ننڊ ڦِتائئين!
توکي آنءُ وساريو هاٿي يانءُ نہ يانءُ،
متان ننڊ ڦِتائئين!
مون هي جڳُ واري ڇڏيو ، ڪيسين آنءُ چوانءُ!
متان ننڊ ڦِتائئين!
متان ننڊ ڦِتائئين!

Gul Hayat Institute

اي پرين! توڏي آتَلَ،

آهہ منهنجي سَمنڊَ جانءَ

چَنڊَ جئن چهرو آٿي، مان ڇا ڪيان؟ مون ڪي نہ جَهلَ!

تون آچِين ٿي، تِروِرا ٿي ٿا وڃن سڀ ڀَهرِيَلَ!

ڪنهن نہ چاتو آهہ اِن ڪي، ڇِڪَ چاليءَ هي آجَهل!

ياد تون هر وقت آهين، موقِعو، ڪهڙي مَهَل!

*

هِن دريءَ جي جَهنگلي مان،

ڪيتري ڇَهہ ڇَهہ وَلين ۾!

هي وَليُون جي لوهَ ۾ وِچڙي ويون آهن، آتان

ڪيتري ڇَهہ ڇَهہ وَلين ۾!

اي پَرندو! ڇَهچهائيندو رهان ٿو روز مان،

ڪيتري ڇَهہ ڇَهہ وَلين ۾!

اي پَرندو! پَرَ ڏِيو، مانِ پِيي هتان آڏري وڃان،

ڪيتري ڇَهہ ڇَهہ وَلين ۾!

چنبڙي مون کي پئي آ، جِندُ جو چقمق جيان!

ڪيتري ڇَهہ ڇَهہ وَلين ۾!

Gul Hayat Institute

ڪارا پکي ڪيترا مٿان اُڏرن ٿا.
مون ڏورانهين جا!
سڀ مون کي پرڙا ڏئي، اُڏري وڃن ٿا.
مون کي ڏوران اُڏرندي ڏسي چون ٿا.
سڀ جو آکيرو هتي، سڀ هِت اچن ٿا.

*

کهڙا ڳهر ياتي،
ڪوئي ڪنهنجو ڪونہ آ-
* نَذَرل مون تو ۾ وِڏي جڏهن هڪ جهاتي،
ڪوئي ڪنهنجو ڪونہ آ-
بهتر آهي موت ڪان ڪنهن پَر حياتي؟
ڪوئي ڪنهنجو ڪونہ آ-
تو کي جيئڻ ڏِينهڙا پَلَ پَلَ رَواتِي،
ڪوئي ڪنهنجو ڪونہ آ!!
ڪوئي ڪنهنجو ڪونہ آ!!

* نَذَرل – نذرالاسلام، بينگال جو باغي شاعر

Gul Hayat Institute

ڪَهڙي مَتِ شَرم؟

سَڀُ ڪُجهہ واريو، واريو، واريو!
پيارُ نہ ڄاڻي لوڪَ لڄا مان ڪهڙو ڀُون ۽ ڀَرمُ!
سَڀُ ڪُجهہ واريو، واريو، واريو!
اڪڙيون اڪڙين سان اَڙجي ويون ڪهڙو مامَ مَرمُ!
سَڀُ ڪُجهہ واريو، واريو، واريو!
عِشقُ مَذاهب مان ڇا ڄاڻي، ڪهڙو دِينُ ڌَرمُ؟
سَڀُ ڪُجهہ واريو، واريو، واريو!
صَنَم اُنهيءَ ۾ ڇا ڇا آيا، هي جو مانوَ حَرَمُ!
سَڀُ ڪُجهہ واريو، واريو، واريو!

*

ايترو افسوس ڇو

تي ڪرين مون تَي ڀرين!
ڪيئَن تو سمجهيو تہ مُنهنجو ڀنڊُ اَجِ آهي ڀُنو؟
ايترو افسوس ڇو؟
تون نہ ڄاڻين آهہ منهنجو پيار توسان ڪيترو!
ايترو افسوس ڇو؟
هونءَ جي ترسانِ نہ، تُنهنجي لاءِ ترسانِ تو ڀيو.
ايترو افسوس ڇو؟

Gul Hayat Institute

خوبصورت ايتريون

هِي اکيون آندءِ ڪٿان؟
جيتريون مون ڪلهه جوانيءَ ۾ ڏٺيون، تِن جيتريون،
هِي اکيون آندءِ ڪٿان؟
مُند ۾ آ جئن ڪِڙيل رابيل لڳندي، تيتريون،
هِي اکيون آندءِ ڪٿان؟
جڻ تہ سو يَونرا مڙي ويا، تو ۾ تي نظريون ڪيتريون!
هِي اکيون آندءِ ڪٿان؟

*

تو جڏهن آغوش ۾ مون کي اُتاريو هَندَ تان،
مون پئي توکي ڏٺو.
ڪيترو آڳ ۾ ملي هُئين تون هتي آئينءَ ڪٿان؟
مون پئي توکي ڏٺو.
ڪويليون ڪُوڪن پيون ڪِڙڪيءَ ڪان ٻاهر ڪُجهہ پريان –
مون پئي توکي ڏٺو.
اي پِرين! پوئينءَ شفق جئن ٿي لڳينءَ منهنجي مٿان،
مون پئي توکي ڏٺو.
ڏينهن جوين جا وَرِي آيا يَريءَ برسات سان –
مون پئي توکي ڏٺو.

Gul Hayat Institute

هزارين ميل ڏُور آهين

مگر تون پو بہ ويجهي آن!

پَري آن چَنڊ واٺگر تون پرين! جن ڪَوئي پُور آهين

اکيون تارين جيان آهن ڦَٽي پَر تُون ضرور آهين!

گُلابن جئن لِڱين پيئي نہ من ڪان ڏُور مُور آهين،

هزارين ميل ڏُور آهين

مگر تون پو بہ ويجهي آن!

*

هي جي چانڊوڪيون

باقي ٿوريون راتڙيون.

جن ۾ پيرِيُون پورَ سان راتِ لڙيءَ پوڪيون،

باقي ٿوريون راتڙيون.

اُڏري جي چرڙاتَ سان چپَ پئي ٿُوڪيون،

باقي ٿوريون راتڙيون.

سَبُ ڪجهہ پِل تہ چِٽِي وجي رُتيون ڪنهن روڪيون!

باقي ٿوريون راتڙيون.

Gul Hayat Institute

ماڻهو آهين؟

يا ماڻهوءَ جو روپ رکين ٿو؟
چَنڊ ڏِسڻي ٽُنهنجي ڇهري ڪي ڇڻ ته هنئي آ پِٽ پَرانهين!
هي سنسارُ تہ سپنو آهي، تو سپني مان ڇا ٿو چاهين؟
کهڙي گهڙي ڇڪي ٿي ٽوڪي، ماڻهو تون ڪاڏي ٿو ڪاهين؟
ڪيڏا ناهہ لڳيءَ جا ناهي، ناهي ڏاهين، ڏاهي ناهين!

*

رات جا تارا چوَن ٿا
تون نہ ايندينءَ.
ڪيترا جُگنو هِتي آيا ويا
پو بہ سڀ چارا چوَن ٿا
تون نہ ايندينءَ.
دل تہ توسان ايتري هُئي، جا چئون!
پو بہ سڀ چارا چوَن ٿا
تون نہ ايندينءَ.
ڪيترو ڪينجهر اڪيلو ٿو لڳي،
پو بہ سڀ چارا چوَن ٿا
تون نہ ايندينءَ.
پيار ڪي جهينجهاڙيو آهي اِئين!
پو بہ سڀ چارا چوَن ٿا
تون نہ ايندينءَ.

Gul Hayat Institute

عشق وڏو اسرار،

ڪڏن ڇڏجي ڪنهن وقت ٻہ ڪاهي!
ڪڏن ڇڏجي ڪنهن وقت اَچي تو ڪارو ڪارونيارَ!
اُيري تو ڪنهن وقت اَچانڪ ڪنهن لڱي من ۾ پيارُ!
ڪيڏن عقابن وانگر اکيون ويندي ڪَن تيون وارُ!

*

موتَ تون مون ڏي نہ ايندين
مان اچان تو -
پانَ شايد ڪونہ تون مون ڪي سڏيندين!
مان اچان تو -
ڇا - ڪتي مون لاءِ آڪيرو اڏيندين؟
مان اچان تو -
يا ڪتي مون ڪي هوائن ۾ ڇڏيندين؟
مان اچان تو -
مان اچان تو -

Gul Hayat Institute

منهنجيءَ جِتيءَ ڪي ميان! ڇا تون پائيندين!
پير وِجهي ڏِسَ بانورا!
چَندُ اُنهيءَ تي گُلَ جَئن ڪيئن لڳائيندين؟
تون اِيڏي درياهه ۾ ڪِيئَن ٻُبي ڏيندين؟
اندر ئي اونهي سمنڊ جي وَهڪرا ۾ تون ويندين؟

*

عشق عجب اسرارُ

ڪئن چئجي ڪنهن وقت تو ڪاهي!
ڪئن چئجي، ڪنهن وقت بہ اِيري ڪارو ڪارونيارُ!
انب مٿان تي ڪويل ڪوڪي، چيري اُپَ اَپارَ.
اَڄ بہ اِسان وٽ آئي آهيَن ٻچي ميگهہ مَلارَ،
برڪا رنگَ رَسيلا توتي ڪيڏو نينهن نِکارُ!

Gul Hayat Institute

هانِ تُنهنجو انتظارُ
کو نہ تو مون کان پُڇي
گل ڇِڃي ويا، تي ويو پورو بهارُ،
کيستائين عُمر تي کو اعتبارُ!
ڇڻ اچي تو ننڊ جو کارو خُمارُ!
هانِ تُنهنجو انتظارُ
کو نہ تو مون کان پُڇي

*

موت شڪاريءَ جيئَن

هيو تنهنجي تاڙ ۾
جيئِين تارا جُهڙ ۾ موت بہ آهي اِئين،
هاڻي کهڙو سوچجي اَن کان ڀڄين ڪِيئِن!
تيرُ تہ ڇاتيءَ ۾ کُتو هونءَ وئين يا هيئَنءَ!
سارا پَر ڇاڻي هتي ڪويل ڪِئَن اُڏرينءَ؟

Gul Hayat Institute

مــتان هَــت ڳـنـڍيــن!
متان ويجهــو ٿــين،
اونهي جُي اسرار ڪيُ!
ڳجهه منجهاران ڳجهه ۾،
مــتــان تـپـو ڏيــن!
متان ويـجهو ٿـين!
اونهي جي اسرار ڪي!
ڪارون ڪَندو ڪَنَ مان،
متـان نہ نـڪـرين!
مـتان ويـجهو ٿيــن!
اونهي جي اسرار ڪي!
ڏور ستـارا آبَ ۾،
ڏاهـا شـالَ ڏِسـيــن!
مـتان ويـجهـو ٿيـن!
اونهي جي اسرار ڪي!
اونـداهـيءَ اڌ رات جو،
جا چيـنديـن مـاٺِـين
مـتـان ويـجهـو ٿيـن!
اونهي جي اسرار ڪي!

Gul Hayat Institute

چا هي آهي لازمي،
سڀ ڪجهه تو چاڻين؟
متان ويڃهو تين!
اونهي جي اسرار کي!
چا هي ڪافي ناهه جو
ان ۾ پاڻ پسين؟
متان ويڃهو تين!
اونهي جي اسرار کي!
ڪجهه رهي جي ڪجهه تون،
چا تو وڃائين؟
متان ويڃهو تين!
اونهي جي اسرار کي!

*

آنءُ تنهنجو عڪس آهيان
اصل ۾ آهين تہ تون.
پاڻ کي پرجهي ڏٺو مون پر نہ ڄاتو آنءُ ڇا هيان!
تون جڏهن آغوش ۾ مون کي جهلين ٿي آنءُ ناهيان!
مون نہ ڄاتو آ تہ توکي ايترو ڇا لاءِ چاهيان!

Gul Hayat Institute

هي جا مُنهن مان موت جي جَهپي وٺِين ٿو
ڪنهن سان سَليان ڳالهڙي؟
ڳيا پنهنجي ڳجهه جا مون ڪي جي ڏِين ٿو
ڪنهن سان سَليان ڳالهڙي؟
چُپ چُپ گِهڙِي چند سان گهڙڙي اَچين ٿو!
ڪنهن سان سَليان ڳالهڙي؟
مون تي پاڇي جئن پَئي مون وانگر ٿِين ٿو،
ڪنهن سان سَليان ڳالهڙي؟
واچوڙي وانگر اَچي ٻُنيا پَٽين ٿو
ڪنهن سان سَليان ڳالهڙي؟
دَرَ ڪئن ٻوٽيان؟ اوچتو اَندر اچين ٿو،
ڪنهن سان سَليان ڳالهڙي؟

*

منهنجي ڳالهه نہ مَڃُ
وَڃُ يلي آڪاس ۾!
ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙي پيهي اَن ۾ پَچُ!
وَڃُ يلي آڪاس ۾!
ڌَرتي آسپ ڪانِ يلي، وَڃُ يلي تون وَڃُ!
وَڃُ يلي آڪاس ۾!
ڪِٿ ڏارائون ڪيرَ جون ڪِتي اَمرِ تَچ!
وَڃُ يلي آڪاس ۾!

Gul Hayat Institute

ايڏا ڳَپَ ڏِسي
ڇَم ڇَم ڪَرڪا ڇيرِ سان!
آتيَ آڌيءَ رات جو،
نيري، نَپَ ڏِسي
ڇَم ڇَم ڪَرڪا ڇيرِ سان!
اونهي جي اسرار ۾،
لانڻ لپَ ڏِسي
ڇَم ڇَم ڪَرڪا ڇيرِ سان!
سوچڻ ڪان اُپري مٿي
سَرچي، سَپَ ڏِسي
ڇَم ڇَم ڪَرڪا ڇيرِ سان!

*

Gul Hayat Institute

نِندَ ڦِتائي تو چوين آتي! آڪيُون کول!
وري ايندم ڪينڪي!
آتَ! ڀرَهه جو پَڪَ جانِ، ٻولُ آتي ڪجهه ٻول
وري ايندم ڪينڪي!
آتي اَمرت رَسَ جي هِي جا گهڙِي گهولِ
وري ايندم ڪينڪي!
آيُس رَنگا رنگِ تي تنهنجي آنءُ رِ تولِ
وري ايندم ڪينڪي!
ٻاري ڏِيئا آس جا، تُنهنجي هئين هول،
وري ايندم ڪينڪي!

*

رِڪشا ۾ ٿي رات
گذري وئي بِيچ* تي.
ساري رات نه سمندَ جِئن ڪَئي پَنهنجي بات!
چَندَ ٻُڏِي تي، پَل ٻُڏي چَندُ ٻه پنهنجي ذاتِ
پر پو تون ڪاڏي وئينءَ تون جا منهنجي تاتِ؟

* بيچ(انگريزي لفظ جو سنڌيءَ ۾ مستعمل آهي)- ڪنارو

Gul Hayat Institute

تون ٻاجهارو ٻاجهه سان جڏهن ٻُرين ٿو
ڪيڏا ڪِهندَ وڄن پيا!
جڏهن ڪِهرڪي سمنڊ ۾ سڄ جان ٻڏين ٿو
ڪيڏا ڪِهندَ وڄن پيا!
نِندَ ڏئي سنسار کي سَپنا ڀرين ٿو
ڪيڏا ڪِهندَ وڄن پيا!
آڳانجهو اسرار ٿي تون ٿي تون ٿيس ٿو
ڪيڏا ڪِهندَ وڄن پيا!
مندر مندر ۾ وڄي، ڪهر ڪهر وڄين ٿو
ڪيڏا ڪِهندَ وڄن پيا!

*

تون ڪِهرِي ڪهر ۾ اچين ٿي
مان پيو توکي ڏسان.
جيءَ ۾ مُنهنجي جڳين ٿي
مان پيو توکي ڏسان.
ڪُجهه تہ ياڪر ۾ ٻچين ٿي،
مان پيو توکي ڏسان.
روح ۾ جيئين رچين ٿي،
مان پيو توکي ڏسان.

Gul Hayat Institute

هي جو مون ۾ سمند آ، ٻُڏي لنوايان
ڪيسين ان جي شورَ ڪي؟
مان جو ڪنڌيءَ ڪوڏ هان،
ڪيسين نہ ڳايان،
ٻُڏي اُن جي شور ڪي؟
ڇا مان آهيان ڪا ميڄي،
تَرنديِ وڃايان،
ٻُڏي اُن جي شور ڪي؟
هو جو مون ۾ ڪي تو سڏي،
اُنکي ڪئن پايان،
ٻُڏي اُن جي شور ڪي؟

*

ڳاڙهي آهہ ڳٽول
ڇورِي ڏاڙهونءَ گل جيان!
کهڙيءَ قلواڙيءَ ڏنو اهڙو سُندر قول؟
ڇورِي ڏاڙهونءَ گل جيان!
توتي مون سڀ وارِيو تون ئي آنهہ اُصولُ!
ڇورِي ڏاڙهونءَ گل جيان!
تُنهنجو مُنهن هَرمَتُ جو مَتو آهي مولُ!
ڇورِي ڏاڙهونءَ گل جيان!

Gul Hayat Institute

روز ڳوڙهن جئن اچين ٿي، روز ٿي اکين وڃين!
ڪيترو تون دور آهين!
ڪيترو تون دور آهين!
ڪيترو چاهيو هيو مون تون ڪڏهن اوري پوين!
ڪيترو تون دور آهين!
چنڊ پاڻيءَ ۾ ٿلي جئن، عڪس ٿي مون ۾ رهين
ڪيترو تون دور آهين!
آن ۽ چوليءَ جيئن ٻانهون آهيان او شل! اچين!
ڪيترو تون دور آهين!
ڪيترو تون دور آهين!

*

اڄا جِئنو آهه
متان هيئون هارئين.
جيسين ساري ماڳ ڪي جهرمر ٿيئو آهه
متان هيئون هارئين.
وِهُه جو وَنيءَ آڇيو سارو پيتو آهه،
متان هيئون هارئين.
توکي ڏوهي ڏيهه جو ليکو ڏيئو آهه!
متان هيئون هارئين.

Gul Hayat Institute

آنءُ به جهڙو لوڪا منهنجا ڳيا قول.
تو ساري سنسار ۾.
ڪلهه جنّ ڳولئه قرطبه، ايئن نه مونکي ڳول!
مان تو وٽ ايندس وري، ٻاٽو ٿي ته ٽٽول!
سرٽيون آهن واءُ ۾، تتر جيئن نه ٻول!
تو ساري سنسار ۾.
تو ساري سنسار ۾.

*

چانڊوڪيءَ ۾ چنڊ جي!!
چانديءَ جي برسات هئي *هلايا ڳوٺ ۾
چُرپُر هئي چنڊ ۾، ڪنهن ته ڪئي ٿي بات!
مون سان تنهنجي پيار ڪي موت نه ڏني مات!
سارو جڳ مون سان هيو، جڻ تنهنجي بارات!
سڀ سڄاڻو ٿي لڳا تنهنجا منهنجي ذات!
تنهنجي وائي شاعري رهندي هر ڪنهن وات.
جيئن هلايا رات،
چانديءَ جي برسات،
چانڊوڪيءَ ۾ چنڊ جي!!

* هلايا- ٺٽي جو هڪ ڳوٺ

Gul Hayat Institute

ڪيڏي تُنهنجي تانگهہَ

هر شيءِ ۾ تون ٿِي ملين!
* سرد هوا ۾ ياڪُرين منهنجي آندينءَ مانگهہ، هر
شيءِ ۾ تون ٿِي ملين!
توڙي تون آهين ٻَري مُنهنجي لاءِ ورانگهہ!
هر شيءِ ۾ تون ٿِي ملين!

*

آنءُ تنهنجو عڪس آهيان
اصل ۾ آهين تہ تون.
پاڻ کي پَرجِهي ڏنو مون پر نہ ڄاتو آنءُ ڇاهيان!
تون جڏهن آغوش ۾ مون کي جهلين ٿي آنءُ ناهيان!
مون نہ ڄاتو آ تہ توکي ايترو ڇا لاءِ چاهيان!

Gul Hayat Institute

* مانگهہ- سياري جو هڪ سنڌي مهينو

جنهن تي نـم جي ڇانو آ، اهڙي ڳلڙي ڪي
متان دل تان لاهئين!
جنهن ۾ ٻڙا ٻاهريان اهڙي ڇلڙي ڪي،
متان دل تان لاهئين!
هوءَ جا ٽڪريءَ چاڙهه تي هڪلي ٿلڙي ڪي،
متان دل تان لاهئين!
نيت تہ ڪونيت جيئن جهلي، پَٽ نہ سلڙي ڪي
متان دل تان لاهئين!
باقي پويون لڪ آ تو ڪرهلڙي ڪي،
متان دل تان لاهئين!

*

* ساڻائي ۾ ڪوسَ ۾ ڏاڍو ڏرنَ ٿيون،
مينهون چرن ٿيون.
سانجهيءَ ٽاٽي واڙِ ڏي ڊايون ورن ٿيون،
مينهون چرن ٿيون.
** پر ڪامهہ ڪان ڪيترو ويندي ڏرن ٿيون!
مينهون چرن ٿيون.

---

* ساڻائو - اتر ڪان ڏکڻ طرف ويندڙ هوا.
ڪوسَ - ڏکڻ ڪان اتر طرف ويندڙ هوا. (ٻئي سڀُليون هوائون)
** ڪامهہ - اتر - اولهہ جي هوا جا جنوري ۾ لڳندي آهي ۽ ڏکي، ليکي ويندي آهي.

Gul Hayat Institute

رات پر تنهنجي پڪار
تي اچي منهنجي ڪنن ۾
رات پر ٻرڪا ٻهار
تي اٿئي ڇن ڇن ڇنن ۾
رات پر مون انتظار
نانءُ تنهنجو آ ڇپن ۾
تو نهاريان بار بار
جاڳ ۾ توڙي سپن ۾
باک آندو اعتبار
تو هوا آهين پنن ۾!

*

اوچتو جيڪي لنوڻ تا ڪانگ آهن.
ڪانگ آهن
هي ته ڄڻ تنهنجي اچڻ جا سانگ آهن.
ڪانگ آهن
رات جون ريڙهيون به ڄڻ ڪي نانگ آهن!
ڪانگ آهن
ڪونيا پوءِ ڄڻ فجر جي ٻانگ آهن!
ڪانگ آهن

Gul Hayat Institute

آءُ ليئي لئء اُتي!
سج ڦٽو آ.
نيٺ پوري رات تي،
سج ڦٽو آ.
ڇهڇهائن تا پکي،
سج ڦٽو آ.
گونج آهي گيت جي،
سج ڦٽو آ.
اوچتو اونده ٽري!
سج ڦٽو آ.

*

وايون، ڪونجون روهہ چون سهڙن سات سُکن
متان ڪرين نندڙي!
تو وٽ ايندي اوچتو نڪري ذات ڏکن
متان ڪرين نندڙي!
سِتون سدا ساهہ ۾ ڪانيءَ جيئن ڪُکن
متان ڪرين نندڙي!
هي جي تنهنجي روح ۾ ٻکن منجهہ ٻکن
متان ڪرين نندڙي!

Gul Hayat Institute

چار ۾ ڪائيَ مَڇي تَـڙقـيَ مُـئـي
ياد تون آئينءَ پَئي.
سمنڊ ۾ ڳولـيان پـيو ڪـائـي سُئـي
ياد تون آئينءَ پَئي.
سوجهرِي سـان هيِر ڪـا آئـي هُئـي
ياد تون آئينءَ پَئي.
مون اکيون آليون اُگهيون، تو لَئي رُئي،
ياد تون آئينءَ پَئي.

*

* ڇوڏيون، لوئُر، ڪوڪڙيا ڪُيڏو ڪُڏن ٿـا
ساري رات سمونڊ ۾!
* پاليرا، ڪارا ڪڳا، لـهرِين لڏن ٿا،
ساري رات سمونڊ ۾!
** لاٽا، لڙنڊا، تَمر وَر وَر ٻُڏن ٿا،
ساري رات سمونڊ ۾!
ٻَـرَ ڪري ڏرتيءَ مٿان ڪيڏو ڏڏن ٿا،
ساري رات سمونڊ ۾!

---

* ڇوڏيون، لوئُر، ڪوڪڙيا، پاليرا، ڪارا ڪڳا - سمنڊ جون مڇيون
** لاٽا، لڙانڊا، تَمر - سَمنڊ جا گاهه

هي آزل جي چپ آهي
موت ناهي.
موت ناهي، موت ناهي
موت ناهي.
رات گهوڙو جيئن ڪاهي!
موت ناهي.
سج تي تي سنب لاهي!
موت ناهي.
ڪير ڏا هي؟ ڪير ناهي؟
موت ناهي.

*

آنءُ به اُن جئن ڀاڄهه
هو جو شخص صليب تي.
* ڏرتيءَ نيندڀون رت جون جهر جهر تن جي جهاڄهه،
هو جو شخص صليب تي.
ساٿو تي آڪاس ۾ وڄهي پيو واڄهه،
هو جو شخص صليب تي.
تو جو لکيو ليک ۾ هن کي سوجهه نه ساڄهه!
هو جو شخص صليب تي.

* جهاڄهه - جهجهائي

Gul Hayat Institute

ننڊ ۾ آهي اَزل
آ ابد جا گهنڊ ڪي تنهن لئه وڄايون!
چُپَ ۾ آ ڪو غزل
آ تہ ڳايون، آ تہ ڳايون، آ تہ ڳايون!
آ صديءَ جئن پهر پَل
آءُ منوڪيءَ جئن امرتا کي رچايون!
باڪَ جئن جو آ اَتل
عشق پنهنجو سچ وانگر جڳمڳايون!

*

* ڪوهيلو گهوري،

سڀ کي جهڙپ جهپي ٿي ان جي!
اَن جي گهور نہ گهٽبي، پنهنجون ڪو بہ اکيون پوري،
ڪوهيلو گهوري.
هن جون اَکيون جهڙا ٽانڊا ٽَٽي سڄُ ڪوري -
ڪوهيلو گهوري.
سڀ کٽو ئي آ سوکهو هن وٽ سڀ کي انگوري،
ڪوهيلو گهوري.

---

* ڪوهيلو - باز جو قسم.

Gul Hayat Institute

ويسر جي واريا سي ۾ ڪا ول آهه ڪٿي!
ياد اچين ٿي تون.
ساهه آزل جو رڳجي ويو آ اهڙي آهه گهڙي!
ياد اچين ٿي تون.
رنگيءَ ڪيڏا رنگ بڻايا، سانجهي آهه لڙي!
ياد اچين ٿي تون.
پوءِ به ڪيڏا ڪيپ ڪڙن ٿا، توڙي عمر ڪڙي!
ياد اچين ٿي تون.

*

* ڪوٽي ڪيئن ڪڙي، ٻاهر جي ڪيرولي نه هجي؟
ڪوٽي ڪيئن ڪڙي؟
وائيءَ ۾ ورناءِ جهيسين ڪا ٻولي نه هجي
ڪوٽي ڪيئن ڪڙي؟
جهڙ جهڙ گڏ پڪڙجي ويندا جي جهولي نه هجي
ڪوٽي ڪيئن ڪڙي؟
ڏرتي! تنهنجي لنءَ لنءَ ۾ جي ڪا لولي نه هجي
ڪوٽي ڪيئن ڪڙي؟

---

* ڪوٽيءَ جي جڙ ۾ ڪيرولي ٿيندي آهي.

Gul Hayat Institute

تون سانجهيءَ جا سانگ ڪَري
مون ڏانهن اچين پيئي!!
ڄڻ خوشبوءِ سان جهول ڀَري
مون ڏانهن اچين پيئي!!
ڀَٽَ مٿان ڄڻ پير ڏري.
مون ڏانهن اچين پيئي!!
چَنڊُ نہ تو سان ڀيٽ ڪَري،
مون ڏانهن اچين پيئي!!
جُڳ گذري ويا رات ٺري،
مون ڏانهن اچين پيئي!!

*

ڪيستائين انتظارُ

تون ڪرائيندين ءِ ايجا؟
گلُ ڦِٽا تارين مٿان، مون سوچيو آيو بهارُ!
ڪيستائين انتظارُ؟
ڪيترا رابيل ڦوٽي مون جَهليو تو لاءِ هارُ؟
ڪيستائين انتظارُ؟
تي اچي پيهر سَرءُ، تو ناس ٿي سارو نِکارُ.
ڪيستائين انتظارُ؟

Gul Hayat Institute

مون ماٺِي مون ماٺِي،
تنهنجي رويا مون ماٺِي.
ويرَ ويرَ آڪاس ڇُهي ٿي ناهي راتِ وهاٺي،
مون ـ ماٺِي مون ماٺِي.
تو کي چَندُ چُمي ٿو اُيري توڻ جا آدِ ـ کهاٽي،
مون ـ ماٺِي مون ماٺِي.
تنهنجو نانءُ اَجل تہ آهي تون جا منهنجي ساٿِي.
مون ـ ماٺِي مون ماٺِي.
هيل هندوري وانگر توڻ سِٽَ سِٽَ مون واٺِي
تنهنجي رويا مون ماٺِي.
مون ـ ماٺِي مون ماٺِي.

*

پُوجَهہ نہ تو پوڙا،
تو جو پُڌين ڪونہ ٿو!
سَدَّ اَچن پڙلاوَ مانَ وِجهن وِلوڙا!
تَڪَر جيئَن ٿي پَوَن اِيئين تاڪوڙا،
چو تو ڪڏهن موت جا پيگا نہ ڪوڙا؟
جيسَين آهي جندڙي تيسين گڏ جوڙا!
ڪيڏي اونهي سمنڊ ۾ وجن تا هوڙا! *

* هوڙا - پيڙيون

Gul Hayat Institute

ماڙا لَڙهن تا،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽَ جي
مانجهي سڀ پاڙيسري پاڙا لڙهن تا،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽَ جي
مينهُون آلوڙيُون تيون واڙا لڙهن تا،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽَ جي
اَنبن تي ننڍا ڪڙا تاڙا لڙهن تا،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽَ جي
ڪڏهن ڏِسُ تہ سڏا ڪڏهن آڙا لڙهن تا،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽَ جي
ڪَتوُن ساريون ڪِيَنءَ ۾ نازا لَڙهن تا،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽَ جي

*

ڇا تون آنهہ يتيم
جي آ جهڙ آڪاس ۾؟
اَبي وانگر اَپُ جو توتي هٿُ قديمُ!
* لهرائي ڌرتيءَ مٿان برسي تہ بَرسِيمُ!
ٻي ڪنهن ميِن کو نہ جي ڪَکَرَ آهہ ڪريمُ،
ناهي کو پالهي ڀِٽو ڪوئي آهہ مقيمُ!
** ڪوئي اهڙو دؤر جو ڌر تي نانهہ دَوَنيمُ؟

* برسيم – گاهہ جو نالو
** دَونيم – اڌواڌ

Gul Hayat Institute

نـگـر تـتـي مـان!
کـائـي آنـدء سـوکـڙي
آئِي رُت رابـيل جـي تنهنجـي هـارَ هَتـان؟
ويسَر ويساري چِڏي منهنجي سارَ مَتان!
چَنڊ ـتہ کيئِي ڳالهڙيون آهن پيون بہ اچان!
نـگـر تـتـي مـان!

*

تـون جو جهونـي ڦَٽَ جِئَن مون ۾ کُريـن ٿـو.
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟
سَمنڊُ ٻَري جئن ڪوڏ ۾، مون ۾ ٻَرين ٿو!
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟
تون جو قولَ قلارَ جئَن مون ۾ تُرين ٿو!
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟
هَر هَر منهنجي هانوَ ۾ تـون جوَ هُريـن ٿـو،
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟
*جيئِين سُرٽا سانـت ۾ تيئَن سُريـن ٿـو،
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟

---

* سُرٽا – نانگ

Gul Hayat Institute

زندگي آزاد نظم

جئن اڃا جيئي پئي

جنگ آ هيءَ جيتڻي،
اڄ به هوشوءَ لاءِ عزم

جئن اِڃا جيئي پئي

سِرَ صُراحيون ٿي ويا،
ڪيتري سرشار بزم *

جئن اڃا جيئي پئي

رات راتاُتا هُيا،
رَتَ ۾ پيهار رزم

جئن اڃا جيئي پئي

*

Gul Hayat Institute

* سنڌيءَ ۾ مان نظم ۽ بزم قافيا جائز ٿو سمجهان.

*سوئا، سيئَر، ڏانگـرا، پَـلا آنـيـارا
چا تون ٿاهين تو ميان؟
*ڪاريڙيون، ڪارا ڪُڳا، جِهينگـا ويچـارا
چا تون ٿاهين تو ميان؟
هِي جَن سان تـون ٿـو پيريـن ڪِڪـيءَ جا ڪـارا
چا تون ٿاهين تو ميان؟
تـن ڪي اِئين نـاس ڇـو ڪَـيءُ هـچارا؟
چا تون ٿاهين تو ميان؟

*

Gul Hayat Institute

---

*سوئا، سيئر، ڏانگرا، پلا، ڪاريڙيون، ڪارا، ڪُڳا، جهينگا – سمنڊ جون مڇيون.

آزاد نظم

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

تون چوين ٿو پيو آزاد آهين
”تو غلاميءَ جا نِيرَ پاڻ پگهاريا آهن -
ڪنهن به انگريز نه ڳاريا آهن“
تون چوين ٿو پيو ”آزاد آهين.
”تون ٽپي خون جا دريا آئين“ -
ڇا چوان؟ ”ڪيئن تون ڇَريا آئين!“
تون چوين ٿو پيو آزاد آهين
مان پڇان ٿو ته ”سندءِ آزادي
ايتري آهه ته تون سچ ٻڌين!“
مان چوان ٿو ته ”سندم بربادي
تو ڪئي آهه ته اهو سچ چوين!“
آمريڪا جا اڳيان رهواسي
ناس ڪيا ويا، اهي ڪمزور هُيا!
تو ڪئي آ ائين حالت منهجي
گوليون، بمَ، ڪڏهن قيد ڪَڙا
مون ڪي به واهر به نه ڪا!
واتَ به ڪائي ناهي
بس رڳو ان ڪان سوا،
مون ڏسي شعر ۾ جيڪا آهي.

*

Gul Hayat Institute

تون ڪفن هيٺ وڃائي ٿي مٿس ناچ ڪرين!
طائفي ۾ ڪتي اُمراء، مگر ڪا ناهي
موت قالين جيان تنهنجو آ
اوچتو، نرم، ڇنان ڇن - هجي مجرو گويا
ٿو تعجب منجهان توڏي ڏسي مرزا رُسوا -

Gul Hayat Institute

هي خطرناڪ ڪئا
جيڪي شهتير ڇَباڙي ٿا وڃن!
تو ڏئين روز لئا
پو بہ هو ڏينهن ڏهاڙي ٿا وڃن!
تون ڇڏي ڏِين، عمارت ڍهندي،
جي اِئين آهہ تہ ڪيسين رَهندي؟
نيٺ اُن جا اهي ٿنيا ٿوڻيون
ڇڻ تہ بيڪارِ ڪپهہ جون پُوٽيون!
سَڀُ ڪِري هيٺ ڇِپي ٿي ويندا
موتَ جي ڳپت لِپي ٿي ويندا
تون هتي پاڻ بچاءِ!
موت سان جيءُ نہ لاءِ!
جي ڪِري ٿي تہ ڪِري، تنهنجو ڇا!
موت اِن جي پيو چوڌار ڦِري، تنهنجو ڇا!
موت سان راند ڪَري ڪتندو ڪو نہ
ڪِئن بہ هو ڳوتَ ڏَري ڪتندو ڪونہ!

*

Gul Hayat Institute

بيڙي نيٺ ٻڏي تي
ڪوئا هيڏي هوڏي ڊوڙي پاڻيءَ منجهہ ٽپن تا،
وانجهي ونجهہ هلائي پنهنجا آڱل مَٿِ ڪرن ٿا
دَڙ لائي درياهہ ڏئي تو وِچ وراڪا ڪيئي
اونداهو آڪاس ٻُڌي تو وڙ وَر واڪا ڪيئي
ڏرتي هيٺ ڏڏي تي
بيڙي نيٺ ٻڏي تي
هاٿي بادل هتجن تا، تو چَندُ لياڪا پائي
چوڌاري ڪاراڻِ هئي تِي، تو چاڙهاڪا پائي
هيءَ خلاصي جنهن جُاتو تي ٻيڙي ٻڏٽي آهي،
نيٺ تہ ڪنڌيءَ پهتو آ، دل هن جي لڏٽي ناهي.
لڙهندڙ ونجَهہ ٽڏي تِي
بيڙي نيٺ ٻڏي تِي.

*

Gul Hayat Institute

هُنَن ڳوٺ ۾ نانهہ وَستي وَسائي
هُنَن جي هِتي شهر ۾ آ خُدائي!
هُو ٻاهيون ڏين ٿا
هو ڪاهيون اَچن ٿا
هُو گوليون هڻن ٿا
الوليون انهيءَ ريت ڪَن ٿا
ٿا معصوم مارن.
گلن کي پٽن ٿا
اِئين ڪيپ ڪاٽي ڪَٽن ٿا
لهوءَ لالَ تي هو چِپن کي چَٽن ٿا.
مٿان چنڊ تن جا تماشا ڏسي ٿو
ڳري نيٺ ويندا
جيئن منجهہ پاڻيءَ پتاشا، ڏسي ٿو.
ٻہ ٽي ڏينهن آهن
وڏا شينهن آهن
بگهڙ ٿي اچن ٿا
نچڻ وير ڪيڏو اگهاڙو نچن ٿا
چپن سان اسان ڪجهہ نہ تِن کي چيو آ
نہ بندوق تاڻي، نہ پستول پنهنجو پريو آ
نہ ڪوئي ڏکو آ

Gul Hayat Institute

سڄي رات هر وقت اونـاڙَ ڪنَ تا
سڄي رات اڌ - ننڊَ ۾ هو ٻُرن ٿا
ڪنن ۾ ڪُرن ٿا
چون ٿا تہ فانوس آ هر گھٽيءَ ۾،
ڪري چَنڊَ وانگر پَيو جو چٽائِي،
اسان جي بُرائي
مٿان ٿي نہ ظاهر
اڃان ٿي نہ ظاهر
مٿان ڪو چوي ڪينئَرا روحَ آهن
انهن ڪان اهو ڏِڄُ آهي اَچايو!
سُڪل ڪوهہ آهن
پَلي آزمايو
جيئن پوِ تِئن اَڄ.وڏندي رهي ٿي!
اَڙي روجِهڙَءِ رَڄَ وڏندي رهي ٿي!

Gul Hayat Institute

*

شام لَهي تي
* ڊونا پاولا تي -
رنگبرنگي ڪشتيون هي اوسي پاسي،
هي سڀ ڪشتي بان وڃن تا ڪاڏي ڪير چوي!
رات اچي ٿي،
هر ڪا شيءِ اوندهہ ۾ ويڙهي،
چولي چولي پيئي لپڪي
هڪ ويئي، ٻي آئي چلندي ڪاريءَ ڪنديءَ تي؛
ساگر ٿو تمڪي
گگن منڊل جي ڪيڏي رم جهم آهي پاڻيءَ تي!
ها پر هي سڀ ڪيسين رهندي؟
نيٺ تہ سڀ اوندهہ ۾ ڪهندي!
رِم جهم پاڻيءَ تي ڪن پل آ،
موت اَٽل آ، موت اَٽل آ.

Gul Hayat Institute

*

* ڊونا پاولا: گوا ۾ مانڊوي نديءَ تي هڪ شهر.

تنهنجي اکين جي نهارَ
* دود ساگر جو وهي جئن آبشار
بي ڪنار،
رَنگَ ڀيا سِارا ٓ شِفق جا ڏارِ ڏار
تا انهيءَ هڪ رَنگ لَءِ تين بيقرار
تُنهنجي منهنجي لاءِ جيئن
جيءَ ۾ جذبا صدين جو انتظار،
دود ساگر جيئن پيارا!
آبشارُ
چڻ تہ آهي تنهنجي چاتين جو اُيارا!
جئن چميون تنهنجون هيون ڪلهہ بي شمارا!

*

Gul Hayat Institute

* دود ساگر: گوا جو مشهور آبشار.

ڇڻ ڳل ٻخمل هُئين،

ڇا نہ تُنهنجو هو ڇُهاءُ!
زندگيءَ جئن آءُ، آءُ!
موت کي مون ۾ فنا ڪر، آءُ تي اهڙو اَلاءُ!
تون ڪٿي آهين پيو مان ڳوليان،
اَيَّ تائين ڦوليان!
تون بہ ائن ڏرتيءَ مٿان ڳولين پئي
ڇڻ تہ مون کي ئي اجان ڦولين پئي،
آنءُ تُنهنجو هوس، سو آهيان ڪِٿي
ڪيترو ڳولي ٿَڪا آهيون هِتي!
هي بہ ڄاڻون ٿا تہ هڪ ٻئي ويجهڙو
آهہ ساڳو ئي پڙو
ٿا رهون جنهن جاءِ ٻي ٻي جهوپڙيءَ ۾،
چَنڊ جِت لوڙهو ڏنو آ
تنهن پڙيءَ ۾.

*

Gul Hayat Institute

* اڄ بہ آهي شرت جي دنيا اڃا!
ڪيترِيون نارِيون مِلي
شَرمائجي
اَڄ بہ هُڪَليءَ تُي تِلي
ٿيون وڃن هو سِرُ جُهڪائي
مُسڪرائي
دل اندر جا پياسَ آهي پيار جِي
اڄ بہ تن ۾ آ چُپي
وِسوِسا اڳِ جيئن ها ڇا ڇا اَڃا!

*

Gul Hayat Institute

* شرت، بينگالي ناول نويس، شريڪانت وغيره ناولن جو مصنف.

ٻڌو آ موت جي جنڪشن
سوين ٽرينون هلائي ٿي،
هزارن کي ويڇوڙي ٿي
هزارن کي ملائي ٿي،
رهي ٿي ريل ڪنِ پَل لئہ
لڳي سيٽي، ڇُٽي ويندي،
وري ٻي ريل اچِٽي آ
اڳي وانگر ڀرِي ايندي،
مسافر منهن ڏسي ڪنهن کي
بصد حيرت سڃاڻن ٿا،
مليو پر هو ڪٿي آهي
اهو هُو ڪو نہ ڄاڻن ٿا،
نہ ڪي تن کي خبر آهي
ڪٿي ميلاپ ٿيو آهي؟
سفر ۾، ريل ڪهڙيءَ ۾؟
اهو ڪنهن کي پتو ناهي!
ڇتائي ٿا ڏسن چهرا
ڪٿي اڳ ۾ مليا آهيون؟
ڏٺل هي روپُ آ اڳ ۾،
ڪٿي اڳ ۾ ڪِليا آهيون؟

*

Gul Hayat Institute

دوستي!
ڇڻ تہ تارازي هئي،
جيستائين ڪانِ جو
اَن ۾ پتو
ڪوئي نہ هو!
ڪانِ اِن ۾ ڪنهن ٻَڌائي، ڪِئن چوان!
دوستيءَ ۾ آ سچائي، ڪِئن چوان!
مون ڪَچائِي ڪيتري ان ۾ ڏٺي!
* خود سَتائِي ڪيتري اَن ۾ ڏٺي!
آدميءَ جي اَوّليت پاڻ لاءِ
دوستيءَ جي اهميت اَنَ ڄاڻ لاءِ!
خود نمائي آ ڪڏهن،
بي وفائي آ ڪڏهن،
دوستي انسان جي
ڪنهن ڪُتي جي دوستيءَ جي پيٽ ۾،
هيچ آ،
نيچ آ ·

*

* خود ستائي؛ پنهنجي ساراهہ

Gul Hayat Institute

اوندهہ ۾ جو ڪَويل ڪوڪي
وڻ تان اَڻ ڪت تارن هيٺانُ
اِنءَ اَڳهائيءَ منجهہ اڪيلو
ان کي ويٺو ساٿي سَمجهان؛
ان وانگر مون ڪُوڪي ڪُوڪِي
ساري رات گذاري آهي
ها، پَر ڪيڏو ڀاڪ پري آ!
پر هي ڪويل ٿُنهنجون سارُون
ڪيڏيون منهنجي مَنِ آٿي تي!
ماڪ جيان ڪجهہ تازا آنسو
اَڄ منهنجي لاءِ اُماٿي تي
تون آهين، تون ايندينءَ مون ڏي
ڀاڪ ڦٽيءَ جون شاخون ٽيندينءَ،
يا تون منهنجي لاءِ سدائين
ڪمري منجهہ سلاخون ٽيندينءَ؟

*

Gul Hayat Institute

(اسپتال ۾)

هيءَ ڇاتي تہ ڏسُ لڳ ڪورا اَٽي،
جي جڳت ۾ ڀرن سي سمورا اَٽي؛
اوءِ نورا اَٽي!*
ٻول ٻُڏٽا اَٽي، ٻُڏُ ٻورا اَٽي!
تو لکي، وَڃ پريندو سوين پڇرا
هي پکي پار جا
ڪونہ ايندا وَري
هئن هوا تي تَري!
ٻول منهنجا جُڳان جُڳ پيا جَرڪندا
جيئن تاندا هجن،
(سي بہ ڪاندا هجن)
هي پيا جَرڪندا
(هيءُ سنسار سِگريءَ جيان آهِ چِڻ.
گيت سڀ باهِ چڻ)
هي وسامي نہ ويندا ڪڏهن،
هي صدين ۾ بہ ڪامي نہ ويندا ڪڏهن.
اَڳ آهن اَزل جي اِهي
ماڳ آهن اَبد جا اِهي
جاڳ مان تا جُڙن

* نورو: مصنف جو دوست نور محمد.

Gul Hayat Institute

جاڳ، جا ننڊ ۾ تير جئن
تي نشانو ڇُٽي
ڀاڪ جئن تي ڦٽي؛
ايئن تقدير ۾
راڳ مون لاءِ ڪنهن
هي لکيا ها جڏهن،
آنءُ تنهن وقت کان
تو اهي ڳوليان!
هي لکي
چانهه پي! چانهه پي!
ڪونه ايندا وري
هي پکي ڏور پرديس تان،
جئن فرشتا اچن
هي انهيءَ ويس سان
ڪونه آڪاس مان
هيٺ ايندا وري؛
موت تي ڪنهن ڪئي آ سواري نه هئن،
ڪن ڪولي گلابي گلن جا ڪڏهن
زندگي زندگي ڪنهن پڪاري نه هئن!
وات ڦاٽي ويو
چڻ ته درياهه جو
آنءُ ڳاتو جڏهن،

Gul Hayat Institute

گيت مالها جيان آنءَ پاتا جڏهن
نانگَ جئن شِوَ ڳچيءَ منجهه پاتا هُئا،
ڪيترا گيت آتا هئا!
جڻ جوالا مُکي منجهه گنجار هئي،
ڪير چوندو تہ هي جندڙي هارَ هئي
گيت هي جيتَ ها، موت تي وارَ ها
گيت للڪارَ ها،
ڪا سُتل سارَ ها
مان اَزل جي اَها جاڳَ هان
جا ابد تي بہ کُٽي نہ آهي ڪڏهن،
ننڍ مان ڪئن اڪيچار هي گلَ ڦُٽا؟
ننڍ ۾ ڪنهن ڪَويءَ جي اڻيئ ناهي ڦُٽي ڪڏهن!
ڪيتريون مون وليون
آگ جون
پوکيون
گيتَ سنسار جا
ائن ڪِڙي پيا، ڏِياتيون ٻَريونَ .
ڪو شوالو پيا هيٺ روشن ڪَريون
هيٺ ڌرتيءَ مٿان!
هيٺ ڌرتي مٿان!!

*

Gul Hayat Institute

ٿي جوالا ٻَري
آنءُ اُن ۾ جلان ٿو پيو؛
ڪيرآهي ٻَري
آنءُ جنهن کي چوان ٿو اچان ٿو پيو؟
آنءُ ڪنهن ڪانَ ڄڻن
سينگ ۾ قيد ڇو؟
دور منهنجو نشانو ڪٿي؟
آسمانو ڪٿي؟
اوءِ ايندڙ زمانو ڪٿي؟

*

Gul Hayat Institute

* آنءُ رامبوُ نہ آهيان، نہ ورلين هان؛
بودليئَرجيان
مون ۾ تي پاپ جا گيت پوکيا نہ ها
گيتَ منهنجا ڪِڙي
پيا شفق جئن تِڙي
گيت سڀ پيار جا
ها، نئين ڪانِ نئين دوستِ دلدارُ جا
پاپَ ڪان ائن پري
چنڊُ ڌرتيءَ مٿان روشني جئن ڪَري
۽ پري ٿي ٻَتِي رات ڪاريءَ مٿان
عمر ساريءَ مٿان!

*

Gul Hayat Institute

* رامبو، ورلين، بودليئر، ٽئي فرانس جا عظيم ترين شاعر هيا.

* آنءُ ونسينٽ ناهيان
مگر ڪا تہ سينڌِ ي رکان
ڪَنَ جنهن کي ڪَپي مان ڏيان!
جئن بُرائي نہ ڪائي ٻڌان؛
روز اخبار مان
ننڊ مان اِئن اُٿي ڪونہ ڪُوڙي خبر ڪا پڙهان؛
جڳ ۾ جوٽِ ڪان
اِئن ڪِنارو ڪيان:
ريڊيو ڪان پڇان
ءِ نہ ٽي - وي ڏسان
خَلق ڪان
ايترو دور جيڪر رهان
جو جنازي نمازون بہ تن سان نہ جيڪر پڙهان
دور تان
موت سان
گفتگو ۾ رهان
ها، مگر دورَ تان!

*

* ونسينٽ وان گوگ: ڊچ مصَّور جو چريائپ جي لڙهي ۾ پنهنجو ڪَن ڪَپي پنهنجي محبوبہ ڏانهن تحفي طور ڪٽي ويو هو.

Gul Hayat Institute

اوچتو هيمنگوي
تو ڏِسي مون کي چَوي،
* بارسِلونا ۾ تون مون سان هئين!
روبرو منهنجي مُئين!
جنگ ۾ فاشي سپاهي جو نشانو تي وَئين،
آئنده ٻچي لئي بيانو تي وَئين،
مان پيو هن کي چوان
”آنءُ ڪيئي بارِ پنهنجي موتَ سان،
تو ملاقاتي ٿيان،
ڪالهہ مان
تانتيا توپي مثان
گهورجي ماريو ويس،
مان اُجان تائين جِمان
۽ پيو وڙهندي مران
بارسِلونا فقط هڪ جاءِ ٿيا؟
رَتَ سان مون آ سڄي ڌرتي رڱي،
جو اجان ڏوتو نہ آ
جو اجان ڏوتو نہ آ!“

*

* بارسيلونا: اسپين جو هڪ شهر.

Gul Hayat Institute

هَنَي بال! ڀهاڙيءَ تي تون
قونيہ ۾ آرامي آهين!
اُتيهين اونداهي آهي
چَنڊ ڏجي ٿو، مان ٿو سوچان،
تون ايڏو آزاد هُئين جو
توتي ٿو هي نظم لکان مان،
توتي ڪائي قبر نہ آهي
پوءِ بہ ڪَتبو هيئن هڻان مان
”چا هِي تو چاتو ٿي اڳ ۾
ڏاتو هو جو ڪنهن بہ نہ جڳ ۾
سو تنهنجي ٿِي هڪ حملي سان
روم ڏهي پوٽو آ آخر؟
روم ڏهي پوٽو آ آخر؟؟“

Gul Hayat Institute

*

* اي ٽيپو! تو ڇا لاءِ مُئين؟
نانا صاحب، تانتيا ٽوپي
تون ڇا جي لاءِ ٻَڏاءِ مُئين؟
اي دارا، اورنگزيب هٿان
تون ڪهڙي ڪارڻ لاءِ ڪُٺين؟
مان ڪوليان ٿو تاريخ جتان
هر وقت شهادت بي معني!
اي غالب خوش گوئي ڪهڙي
اي مير فصاحتِ بي معني!
ڪنهن وقت غدر تي سوچان ٿو
ڇا لاءِ ظفر جا پُٽَ مئا،
پو پنهنجي اندر لوچان ٿو،
ها ڏاهر توکي ڏاهَ هئي
ڇَا لاءِ مرين ٿو، تو ڇاتو!
اهڙي توکي ساڃاهَ هئي!
تا ڇا کي پنهنجي قومَ چئون
اي سنڌي ڇا تون ڄاڻين ٿو؟
يا ڪانوَن جِئَن تا روزُ لَئون!
۽ پنهنجي ڪاريءَ ڪان ڪان ۾
تا ٽيڙي پنهنجا پنک ڏسون؟
۽ پورا آهيون "مان" "مان" ۾!

* ٽيپو (ٽيپو سلطان) تانتيا ٽوپي ۽ نانا صاحب: انگريزن خلاف آزاديءَ جي جنگ جا علمبردار.

Gul Hayat Institute

جنهن وقت هوا ۾ دونهين مان
ٿو ساهہ کڻان،
تنهن وقت جهنَم ڪي اَن سان
مان ڀيٽ ڏئي هِي سوچيان ٿو،
هي ماڻهو ڇو
ديهات ڇڏي تا شهر اچن
جت سورج پيلي گل وانگيان
ٿو هيٺ لهي
۽ ڊوري ناري ۾ چمڪي
چڻ سون جيان
سچ پچ تہ ميان!
هي شِهر رڳو پئسو آهي.
جو نِندَ کَسي ٿو ماڻهوءَ کان
اِنسان ڪَئِي ياري جنهن سان،
سا ساري چور بزاري آ،
ڇا ان کان ڪو انڪاري آ،
ڪارو آ جو ناڻو آهي؟
جيڪو بہ هتي دانشور آ
سو انڌو يا ڪاڻو آهي،

Gul Hayat Institute

ٿو اڪَ رکي هو ڏوڪڙ ٽيءِ،
تنهن روڪڙ تي.
جا اِيئَن اَڏامي وڃٽي آ
جئن رومانوف اَڏامي ويا،
۽ تن جا روبِل روز جَلي
ائن هُندين سان وسامي وَيا.
جَن هَندين هيٺ اگر ڄرڪي
واچوڙي منجهه اُجهامي ويا،
سڀ رک ٿي ويا
سڀ ڪامي ويا.

*

Gul Hayat Institute

موت هڪ درياهه آهي
گهاٽ ڪُنٽا ئي نہ آهن؛
ساڀيا ڪهڙي هجي ڪيڏي هجي
پو بہ هي سپنا تہ ٽُٽا ئي نہ آهن؛
مان بہ ايندس، تون بہ ايندين
هيءُ ڪَرُ ڪيتر جيان جيون نہ ڪُٽندو،
هر دفعي ساڃاهہ پنهنجي ساڻ نيندين
جاڳ سان ڪنهن وقت هي سپنو نہ ٽٽندو،
هي ستارا رات جو سپنو تہ آهن!
سِجُ سپنو ڏينهن جو ناهي تہ ڇاهي؟
جُهڙ هجي ڇا بادلن جو لڙ هجي ڇا
جو ڏسين ٿو ميت هڪ سپنو تہ آهي!.
موتُ اِن جو اَنت ناهي، اَنت ناهي
ساڀيا ٿي، هيءُ سپنو آهہ هَلٽو
تون پٽيندين اڪ انهي مان ڪو نہ مورڪ!
ڪو نہ ڪُنٽو آهہ هي جو آهہ هَلٽو.

*

Gul Hayat Institute

گل ڪڏهن گردن هجي مُنهنجي پَٽيان ڪٿن؟
هي ڳجهارت آهه مان جيڪا جَهٽيان ڪٿن؟
زندگي سو روپُ آهي رنگُ آهي،
تون وَهي درياهه جَنهنجو ڏنگُ ناهي!
آنءُ هي سورج مُکي جا کيت گهوري
سچ جو ڪورو ڏسي هي سوچيان ٿو
باهه مان شعلا تہ پيدا ٿي سگهن ٿا
گل اُهي پيدا ٿيا ڪٿن؟ لوچيان ٿو.
هي سچو سنسار ڄڻ شعلا لڳي ٿو،
آگ ٿي جنسار ڄڻ سارو تپي ٿو،
پوءِ هو سورج مُکيءَ جا کيت پنهنجا
ياڳُ سمجهي، تو اِئين اپنائيان مان!
پَل پيا شعلا جلائن، سڀ هٿن سان
تو پٽي، پنهنجين اکين سان لائيان مان!

*

Gul Hayat Institute

چڙ مان شاعر
ديوانو ٿي
وان گوگ کي ويجهو آهيان،
ڪيڏيءَ اُس ۾ مستانو ٿي
ڇا ڇا گيت پيو ٿو ڳاهيان!
گيت اجالن وانگر آهن؛
سورج مُکيءَ جا گيت لڳن ٿا
سونن پيالن وانگر آهن:
مون ۾ ڪو ئي سچ پري ٿو
گيت نسوري آڳ لڳن ٿا
آڳ جيان سڀ راڳ لڳن ٿا.

*

Gul Hayat Institute

اي يارو! ديوان - حافظ
ڇا جي لاءِ رکيو مون آهي
پنهنجي سيرانديءَ ساڻ ناهي؟
جڻ تہ صحيفي وانگر هن ڪي آءُ اکين ساڻ لايان ٿو
بيماريءَ ۾ ايڏو اُن کي ڀايان ٿو
پڙهندي مون تي رازَ کُلن ٿا
سارا موت حياتيءَ جا،
اندر ۾ ان جهاتيءَ جا
جا ڇاٽي تي ماٿهوءَ کي هن جڳَ ۾ مرڻو ناهي
وَر وَر ورڻو آهي؛
ٻي ڪنهن دروازي مان ماڻهو شايد لِيئا پائي ٿو
جِيون لئہ واجهائي ٿو
وَري وَري هُو هن ڌرتيءَ تي اچڻو آ ٻيو نانءُ وٺي،
ٻيو ڪوئي تِر ٿانءُ وَٺي!
گانءُ وٺي،
ءِ جي هو تو وانگر آهي
ذاتِ وَٺي ءِ ڏانءُ وٺِي،
ڪِيرَ ڪَتوري جهڙو ڪوئي هانءُ وٺِي!

*

Gul Hayat Institute

اِتو مسلمان ڀائرو
چين کي وِرهايو!
اُتي بہ ڪيئي ڪروڙ چيني
اڃان بہ لادين ئي لڳن ٿا.
اڃان اُتي راڄ ڪفر جوَ آ؟
نہ آهہ تائو نہ ڪنفيوشس '
اڃان تہ لينن ڪڙو تَڙو آ
اسان سڀي عالمينَ جا هُون!
اسان تہ اقبال سان چئون ٿا
ورهيہ ٿيا خواب ڀرلَنئُونَ ٿا
”عرب بہ آ چين سان اسانجو
سڄو ئي هندوستان اسانجو
اڃان بہ سارو جهانَ اسانجو“
اِتو مسلمان ڀائرو
روس کي ورهايو!
اُتي سَمرقند کان دُوشَنبي
هلال اِحمر جا گيتَ ڳايو
مگر برازيل، ميڪسيڪو؟
اِئين ڀيا شهر اُتي بہ ليڪو!
خبر نہ آهي اُتي بہ پنهنجو

Gul Hayat Institute

حساب آهي؟
اُتي بہ اقبال وانگيان ڪوئي خواب آهي؟
اُتي بہ اهڙو حباب آهي؟
اُتان تہ مون کي صدا اچي ٿي،
”هتي تہ مضراب آهہ جنجر
هتي تہ گردن رباب آهي“
اُتان بہ بانگ - درا اچي ٿي؟
اُتان بہ بانگ - درا اچي ٿي؟؟

*

Gul Hayat Institute

* تنهنجا مون زردشت سوين ڳَل
پنهنجي فن ۾ پوکيا آهن،
گيت تہ ناهن شعلا آهن!
شعلا جي هر وقت نچن ٿا
جي تُنهنجا پروانا آهن،
آگ ازل جي! بار بار مون
جيڪي توتي گھوريا آهن؛
مون وٽ هر پَل آگ ٻَري ٿي
ڪونہ ٻُجھي ٿي ڪونہ ٺَري ٿي
پنهنجي توءَ سان گيت ڀَري ٿي
آگ نہ اي زردشت مَري ٿي
توکي مان ايڏو ٿو چاهيان
**ڇڻ تنهنجا سَوَ نِتشي آهيان!

*

Gul Hayat Institute

* زردشت: پارسين جو پيغمبر
** نتشي: جرمن فلاسفر، جنهن جي ڪِتاب "زردشت هِئين چيو" هُن ڪي اَمر بڻايو آهي.

* آنءُ زواگو

پاستر ناڪ سچائين تو تون؟

ڇا مون جئن هي ڇاٽين تو تون

تنهنجو منهنجو

درد بہ ساڳو

ڏانهن بہ ساڳي

ساري جيونَ جي بي ماڳي،

توکي مون کي پتڪايو جنهن؟

توکي مون کي هيئن ڏنو ڪنهن

دل جو درد پُڇاٽيءَ ۾ آ؟

منهنجي ڏاٽي پاٽيءَ ۾ ڇا

تو جئن مَهل سمايل آهي؟

** منهنجي لارا مون کي ڇاهي

مون کان ڪيڏو دور رهي ٿي،

۽ ڪيڏو مجبور رهي ٿي!

منهنجي لاءِ ملڻ لئہ آن سان

موتَ اورانگهي وَچتو آهي!

*

---

* زواگو: روسي شاعر پاستر ناڪ جي ناول "ڊاڪٽر زواگو" جو هيرو.

** لارا: ناول "ڊاڪٽر زواگو" جي هيروئن.

Gul Hayat Institute

* بودليئر تو جيان
مان بہ اَڄ ٻوڙيان پيو
ڪيتري ئي وقت کان،
سمنڊ پيڙا جا اڃا
جيءَ ۾ تُڙڳان پيو.
موت سان نفرت نہ آ، پَر
زندگيءَ سان پيار آ
هر خوشيءَ سان پيار آ
چاندنيءَ سان پيار آ؛
جي ٻَري سانوڻ گهٽائون ٿو اڇي
آنءَ تِن جي آجيان
شاعريءَ سان ٿو ڪيان
۽ وجان پِيڙا پُلي
جنڻ طبيعت چُلبُلي
آ جوانيءَ جئن اجان!
بادلن ۾ چنڊ جئن آهي مٿان.
زَرد آهي،
سَرد آهي،
پَر ڪتي اڄ درد آهي
جو پئي دل ۾ پيو؟

*

* بودليئر: فرانس ۾ اُڻويهينءَ صديءَ جو عظيم شاعر

Gul Hayat Institute

بمبئيءَ جي هاسپيٽل ۾ ڪٿي
آنءَ ميــراجـــي ڏٺو،
ڏينهن جو پنهنجي ڪَئي تي ٿي رُنو!
ڪيتري پيڙا هُئي
ڪئن چوان مان ڇا هئي!
خوبصورت نرس پَر ويجهي جڏهن
هُن ڏٺي، هن کي تڏهن
* ياد ميراسين جي آئي پئي.
** ڪا گَهٽا ڇائي پئي
بي نشان رفتار سان؛
بستري بيمار سان
ايتري پنهنجِي پَلائي ٿي ڪَئي
نارڪا روڪي نہ ٿي
جا تصوُر ۾ ٿَپي هُن جي پَئي،
رات پر آغوش ۾ هُن جي رهي
باک جو چڻ موڪلائي ٿي وَئي،
رات پَر پيڙا پُلائي ٿي وَئي.

Gul Hayat Institute

* مِيراسين: ميــراجـيءَ جي بنگالي محبوبہ.
** آ گهٽائين آرهي هين بے نشان رفتار سے
آمري ننهي پري
آ مري من موهني
آج رات
چاهتا ہے دل مرا
آکہ سوئين ساتهہ ساتهہ
(ميــراجـيءَ جي هڪ آزاد نظم جو حصو)
ميراجي – اردوءَ جو شاعر، بمبئيءَ جي ڪنهن اسپتال ۾ مري ويو هو.

موت سان جهيڙو هلي ٿو،
آنءُ تنهنجي وَهٽ تي
ڪونہ هلندس؛
هو چوي ٿو: ”لَسَ هي ليڙو هَلي ٿو،“
پوءِ جئن جهيڙو هلي ٿو
جڳَ هن جي رهٽ تي
ڇرڪي وجي ٿو،
مان چوان ٿو:
”جيستائين سِيٽ منهنجي
بُڪ ڪرائين جيٽ ۾
مان وڃان اڪ ٽِيٽ ۾،
تيستائين وهٽ تي
آنءُ تنهنجي رهٽ تي
ڪونہ هلندس!
مان اڃان مصروف آهيان
جيستائين پيا بہ ڪيئي نظم ٿاهيان
ڪونہ هلندس،
ڪونہ هلندس!“

*

Gul Hayat Institute

* رات ٻامبي ٻيچ تي
ڇوڪرو ۽ ڇوڪري
تي ويا اِئن هَٿُ ڏئي
ڄڻ اُهو ڇڄڻو نہ آ.
ڄڻ وڇوڙو ڪونہ آ
جو پيو تِن ڏي تَڪي!
ڏيان تِن جو سمنڊ ڏي
ٿي ويو، پر ٻي خبر؛
چنڊُ تي تِن جي نظر
تي جوانيءَ جي پئي،
پيار جي پهرين نشاني جي پئي،
زندگيءَ جي مهرباني جي پئي،
مون ڏسي حسرت منجهان،
ڄڻ گهري ٿي چنڊ ڪان
رات هڪ ٻي ٻيچ تي .
تي جواني ياد آئي
اڄ ڪٿي جا زندگاني ياد آئي!
ڪٿن ڇوان مان سا حقيقت هئي بہ يا نہ!
ڪٿن ڇوان توسان محبت هئي بہ يا نہ!!

*

* ٻيچ: ڪنارو

Gul Hayat Institute

ڪجهه ڪلفتن ڪان پري
تو ڏسان مان سمنڊ ڏي،
ڪيترو گهرو نہ آ!
ڪو بہ هِت ڀَرو نہ آ
جي وڃان، ويندو رهان، ويندو رهان!
پر ڏسان تو شوق سان
چار جوڙا تا وڃن
ڇڻ تہ ٻوڙا تا وڃن!
سمنڊ اونهي رعد جان
تو گجي،
موت هر ڪنهن ڪي پريان
تو ڏسي،
۽ لنوائي تو وڃي،
ڇڻ تہ مهلت تو ڏئي؛
چنڊ پاڻيءَ جي مٿان
تو پوي،
ڇڻ تہ ڪو ڏيئو ازل جو ٻو ٻري!
لونءِ ۾ لِيئو ازل جو تو ٻري
آنءُ اهڙيءَ آگ کي
چو وسايان، ڇو ڀلا؟
سمنڊ ۾ خود کي سمايان، ڇو ڀلا؟

*

Gul Hayat Institute

شاعري منهنجي نہ هوندي
آنءُ توسان ڪونہ هوندس!
رات ٿيندي
چاندني اُن کي چُميندي،
صبح ٿيندو
سجُ اُن کي ڏَنَ ڏيندو
روشنيءَ جا ترورا ٿي،
سمنڊ جون لهرون اُڏامي
ائين ڪنديون منهنجي سَلامي
جڻ تہ منهنجي فوج آهن،
موج پُٽنان موج آهن!
آنءُ هي سنسار آهيان،
آنءُ توکان ڌار ناهيان
تون ڏسي سگهندين نہ مون کي
سات پنهنجي؛
شاعري منهنجي نہ هوندي
ها برابر، آنءُ توسان ڪونہ هوندس.

*

Gul Hayat Institute

”تون نہ مرندين
تون نہ مرندين!“
چنڊ ائين مون کي چوي ٿو.
هو مٿان جو آهہ سارو
مَنڊُ ائين مون کي چوي ٿو.
سِجَ ائين مون کي چوي ٿو
مون چٽيو جو آهہ هت سو
ٻِجَ ائين مون کي چوي ٿو،
”تو گل و گلزارَ ٿيندين
پيار وارن جي گلي جا هارَ ٿيندين،
ڪنهن سِرنهن جي ڇانوَ ۾
هُو سُپاٽي جڻ تہ تُنهنجي نانوَ ۾!
پيار جون ڳالهيون ڪندا!
ڪنهن سُنهريءَ سارَ جون ڳالهيون ڪندا
عشق جي اسرار جون ڳالهيون ڪندا!
مان چوان ٿو:
تون نہ مرندين،
تون نہ مرندين!“

*

Gul Hayat Institute

ٻانهن ٽُنهنجي وَٽي
آنءُ توکي دعا ٿو ڪيان سنڌڙي!
لَهس ايندي نہ توکي ڪڏهن!
ٻاهہ ۾ تون ٽَپي،
اُڀرندينءَ، نيٺ گلزار ٿي،
آنءُ جا اِڱڪَتي
آ ڪَئي
آهہ ڪُوڙي نہ ٿِي،
آهہ ثابت ڪيو
وقتَ اُن کي سچِي،
سنڌڙي، سنڌڙي!
جڳَ جي جندڙي!
تون نہ مرندينءَ ڪڏهن
تون نہ مرندينءَ ڪڏهن!
آنءُ ٻَلهار توتان ٿيان
سو دفعا گهورجان،
نيٺ ورندينءَ ڪڏهن،
نيٺ ورندينءَ ڪڏهن!

*

Gul Hayat Institute

ڪاش صحت هجي مان وڙهان!
ڇا ڪيان!
بستري تان پيو تو لکان
جنگ منهنجي اچا
آ قلم جي ذريعي هتان!
هَڏَ پوڙها ٿيا
هوڏَ پوڙهي نہ ٿي،
هي ڳلي آهہ آزاد ڳيءَ جي ڳلي
ڪِٿ بہ سوڙهي نہ ٿي
ٿي اڳي کان ڪشادي وَڃي
گيت منهنجو اِئين جڻ منادي وڃي،
تُنهنجي آزاد ڳي لاءِ ڳايان پيو،
آنءُ بيمار هوندي بہ پايان پيو
گيت هارن جيان،
جڻ ڀنا ڪارتوسن منجهان
تو ڀري پائيان؛
ديس توتي اچان
جيستائين جيئان
شاعريءَ کي پيو گهوريان
هر گهڙيءَ کي پيو گهوريان،
گيت تو لئي ائين مان ڇڏيان

Gul Hayat Institute

پير لاهين نہ تون
پٿرن تان ڪڏهن،
ڪنهن بہ قالين لئہ
پنهنجي آزاد گيءَ ڪان سوا!

*

Gul Hayat Institute

آنءُ جو موت تي جيت هان
موت مون لاءِ ڪنهن لاش جان
منهنجي گهوڙن جي سُنبن جي هيٺان تو چيٿاڙجي!
مان پيو تو وَڏان
سڄُ هاٽي پهاڙن پُٺيان،
رات جي واڙِ ۾، تو پيو واڙجي،
منهنجي گهوڙن جي سُنبن جي هيٺان تو چيٿاڙجي!
پو بہ ڪو ٿَڪُ ناهي اچا
پير منهنجا رَڪابن ۾ اَڪِ جيئَن سوڪها لڳن
پنڌ ڏاڍو ڪٺن پو بہ گهوڙا اَڙيءَ سان اَڏن
ڀالوا، ڀالوا!
ڪيترو تون پري آنهہ اي ڀالوا!
چنڊ مون ڏانهن تو مارئيءَ جئن ڏسي،
دور تان ديس جي هر خوشيءَ جئن ڏسي!

Gul Hayat Institute

*

تون چوين ٿو مَران!
هانوَ تنهنجو جَلي ڪيستائين اَجان،
اُن تي چَنڊو وجهان!
ڇو تہ مون جيئري تون تہ ڪُجهہ نانهہ شاعرِ، مَتان
مون پٺيان،
تون اڳيان ڪا صدارت رکن،
هي ٿَهي جا ٿَهي نانهہ پوري اچا
اُن منجهان
ڳل جيان ڪي عقيدت رکن؛
هي تہ ممڪن نہ آ شرط تو سان رکان!
شَرطَ مون ڪي تہ آ چنڊ سان
سِجَ سان
۽ انهيءَ ٻِجَ سان
جيڪو مون لاءِ ڪو ٻَڙ اُتاهون اُڀاري ڇڏي،
جي ٻَرن ڀاڙ تي ديپ تن سانڍ جڳ کي اُجاري ڇڏي!
آنءُ توليٰ ٻُرائي نہ سوچي ڪڏهن،
مون جڏهن
ڳالهہ تنهنجي ڪئي، بس چڱائي ڪئي،
ساڙُ مونڻ سانُ تنهنجو اَجايو هيو،
مونَ تہ ڳايو هيو
ڇو تہ مون گيت سمجهو پئي
موت تي جيتَ ڪي.

*

Gul Hayat Institute

اڄ شَفَق تي خواب ۾ مون ڏي لَڙي آ.
وقت جو درياهہ آ تنهن تي ڪَڙي آ،
ڳالهہ هڪڙيءَ ٻي اَڙي آ،
”تون ٻہ ايندين، قرضَ پَر مُنهنجو چُڪائي،
هن شفق جي رنگ کي دريا ٻڻائي،
شاعريءَ ۾ جڳمڳائي!
آءُ تولئہ سچ لَٽي پيئي تَڪيندس
تون اچين جيسين، هِتان تيسين نہ ويندس
آنءُ تنهنجي تات ٿيندس
ذاتِ ٿيندس،
لاتِ ٿيندس،
موتَ تُنهنجي لاءِ ناهي آنءُ اُن جي ماتِ ٿيندس،
گيت ايندءِ ايترا، برساتِ ٿيندس
تيستائين تون نہ ايندين!
تون نہ ايندين!“

*

Gul Hayat Institute

ميراجــيءَ جي جِيوَنَ ۾ ڪا ميراسين هئي
ڏک جي دين هئي
۽ وقت اُنهيءَ جي ڏاڍي ڪي
ڪئنچيءَ جئن ڪو نہ سگهيو ڪاتي،
هوءَ ميراجيءَ جو جيءُ هئي
جنهن کي ڪو ميٽي نہ سگهي،
چنڊ جئين آڪاسَ مٿان
ڪابہ گهٽا ريتي نہ سگهي؛
چنڊ جيان هو روشنيون ٿي ايندي هئي
نئين ڪويتا ڏيندي هئي
ميراجيءَ جي مرندي تائين هُن جو پاڇو ڪونہ ويو!
ساٿ هيو جو ڪونہ ويو؛
هن جڳ ۾ پيار اَمر آهي
۽ جَنهنجو ان ۾ گهر آهي
اُن جي جوت نہ مرڻي آهي،
اُن جي ناوَ اُڪرڻي آهي
دنيا مان سنگيت جيان؛
جوتِ سدائين ٻَرڻي آهي
ماڻهوءَ ۾ ڪنهن مِيتَ جيان
اُن ۾ ڪائي آهہ اَمرتا گِيتَ جيان
هِن جيون جي جِيتَ جيان.

*

Gul Hayat Institute

ڪجهہ ڪانوَ اَڏامي آيا ها
جن ٺاريءَ ٺاريءَ 'ڪان' 'ڪان' ڪئي!
ڪُجهہ ڏيڏر ها جن 'ٽان' 'ٽان' ڪئي؛
پر جن ڪَيِ سانت پياري هئي
يا جِن کي سُر جي ڄاڻَ هئي،
يا جِن ڄاتي سَرهاڻ هئي،
جا ڏيندي آ رابيلَ ڪِڙي،
(جنهن وقت سموري سانت ٽِڙي
هن ڌرتيءَ کي مهڪائيندي آ)
تِن 'ڪان' 'ڪان' کي يا 'ٽان' 'ٽان' کي
ڪجهہ وقت خلائي سمجهو ٿي،
پر حيرت آهي اڄ تائين
تِنهن هر هڪ گيت گهٽيو آهي
۽ پنهنجو تيرُ ڇٽيو آهي،
هر ڳالهہ سريليءَ پياريءَ تي
تِن بَندُ رکيو آ اڄ تائين؛
اِن 'ڪان' 'ڪان' ۽ 'ٽان' 'ٽان' هوندي
چڻ پي ڪا لاتِ نہ رهٽي آ،
چڻ تون مان ڪا شيءِ ئي ناهيون
چڻ پنهنجي بات نہ رهٽي آ!

Gul Hayat Institute

جڻ سِرَ پنهنجا سڀ سايا ها!
ڪَلهه ڪانوَ اَڏامي آيا ها،
جن ٽاريءَ ٽاريءَ 'ڪان' 'ڪان' ڪئي
ڪُجهه ڏيڏر ها جن 'ٽان' 'ٽان' ڪئي!

*

Gul Hayat Institute

نينگر اِيئَن نہ لڙهندو آهي
تند نديءَ جو پاڻي ماڻهي تِرڪيُ ويندو آهي
پنهنجي پوڙي چوڙي جاٽي گِهرڪي ويندو آهي
پو درياهہ اُنهيءَ کي تاري
سي امڪان زيادہ ناهن،
نينگر تارون گهٽ ئي هوندا!
ورلي گهاٽ چڙهيندا آهن!

*

Gul Hayat Institute

تون ائن مَور ڪُ،
جئن ڪوئي ڪکُ
آڪيري مان
دور هوا ۾ اُڏري ويندو آهي!
ڄاڻَ نہ هوندي آهي هن کي
آکيرو ڇو لڏندو آهي!
تيز هوا جي لهر ڪڏهن اهڙي ايندي آ
اُن ۾ پڏندو آهي،
سَچُ تہ هوا ۾ ڪکَ ٽيڻ ڪان
آکيري جو ڪک ٽيڻ ئي بهتر ٿيندو آهي.

*

Gul Hayat Institute

شمع پُڇي ٿي
پروانا ڪيڏانهن ويا سڀ؟
ديوانا ڪيڏانهن ويا سڀ؟
ٽِيرن جان جي پَر ڦَڙڪائي
منهنجي سيرانديءَ ايندا ها،
۽ شعلي ۾ پاڻ جلائي
روشنيون اڳُ ڪان نہ وَڌائي
مَچُ مَچائي
نور سَمائي، جرڪِي جرڪِي
مون تي جي ويندا ها ڇرڪي،
سي پروانا
اڄ ديوانا
ڪونہ ڏسان ٿِي!
ڇو نہ ڏسان ٿِي؟

Gul Hayat Institute

*

موت کان ڇا لئه ڊڄين ٿو
جي ڏسين ٿو
زندگي هڪ جام آهي،
جو جڏهن ڀرجي ته ڇلڪي
يا ڪڏهن ٽِڙڪي پوي ٿو؛
تون ڀِڃي ڀورا ڪرين ۽
خود ڀِڃي ڀورا ٿئي ٿو
جيستائين مَئڪدي ۾ شمع آهي
۽ پتنگا ناچ ڪَن ٿا
تيستائين تون ڀَرِي مَئي پيءُ اُن مان
جيءُ ان سان
ڇو ته جيسين اَنجمن ۾ تون هلين
تيستائين شمع ٻرندي ئي رهي،
۽ پتنگا پَر جلائيندا رهن،
آڳ ٻنجي راڳ ڳائيندا رهن،
موت پنهنجي کي ملهائيندا رهن،
ائن اَمر ٿيندا رهن.

*

Gul Hayat Institute

ڪجهہ بہ نہ ماڻڻ چو چاهين ٿو؟
سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ چو چاهين ٿو؟
عالمَ جي اسرارَ رهي بہ، تہ ڇا ٿيندو؟
بي وس جي ويچارَ رهي بہ تہ ڇا ٿيندو؟
چنڊ ستارا گردش ۾ رهندا، تہ اُئين!
پر جي توکي پيار اجايو ڀاسي ٿو،
ڳجهہ جي ڳولا ۾ تو، تون ڳولائو ٿين
ڳجهہ کي اڳ ڪانَ ڳوڙهو ٿو موتائي ڏين
ڳجهہ جو ڪالهہ سڌارث پاتو، ڄاڻي ڪو؟
راهہ وئي آ لتجي، ڪير پڇاڻي ٿو؟
سمجهہ تہ هُن سنسار سُمورو سمجهيو هو
هي مايا جو ڄار سُمورو سمجهيو هو
اهڙي سمجهہ اُنهيءَ کي کهڙي ڪم آئي؟
* سارنات ڏي ڪالهہ وئي هن جي ڪائي
ڪائي نيٺ چِتا تي آئي ٻين وانگر
هُن جو انت بہ ساڳو پائي ٻين وانگر.

*

* سارنات: جتي ٻڌ جا سنگ پورئيل آهن.

Gul Hayat Institute

ڪالهه ڪنهن ٿُعرا هڻيا
مَن خدايم مَن خُدا؟
آنءُ هي ڳُل ڳاهيا ڇٽندا نہ سي
پَل سرءُ جو واءُ سي چاٽي ڏسي
آنءُ جو سچ ڳاهيو لَهندو نہ سو،
زور لايو رات جو ڳن اوندا هيو!
آنءُ جنهن مُنهن کي ڏٺي آهي جلا
اي مَهَندِس! ان اکيان چا هي طلا!*
آنءُ جو سچ آچيو مرٽو نہ آ.
چا چيو ءِ؟ هت مَچ ڪو برٽو نہ
مان ڏسان ٿو آگ جا شعلا سوين،
نيٺ اي ڏرتي هتي پڙڪي پوين!
هت جِيي ڪا جَرڪندي پيهر ڪڏهن
جوت منهنجي جَرڪندي پيهر ڪڏهن.

*

* مَهَندس- طلا يا سون ڳاهڻ واري کي چوندا آهن (گهڻو ڪري فارسي ۽ اردوءِ ۾ مستعمل آهي).

Gul Hayat Institute

ٽُنهنجي سياست آنءُ نہ ڄاڻان
ٽُنهنجي رياست آنءُ نہ ڄاڻان،
آنءُ اُنهيءَ ڌرتيءَ جو باسٽي
مورَ جتي ڳائيندا آهن
بادل برسائيندا آهن
ريتِ جتِي آ تِن لئہ آسي!
تون تہ ڄَنيءَ جو ڇورو آهين
نٿر آنهہ نِدورو آهين
ڪونيٿَ چانوَ ڪتي تونَ ڄاڻي؟
ڄائي ڄر ڪان مان جا ڄاڻان!
ٽُنهنجي روح اندر جو رڻ آ
تَنهنجا چارا آنءُ سڃاڻان،
تون تہ آها وڻ ويڙهي آهين
سائي وَڻ ڪي ناس ڪري جا،
ٽُنهنجي پوندي تانهہ شفق سان
پنهنجو ڪو آڪاس ڪري جا،
تنهنجو ماس هتان جو ناهي
تنهنجو سواس هتان جو ناهي،
نيٺ تہ تنهنجي آهہ تباهي
جا تون چاهي

Gul Hayat Institute

رڻ جا راهي!
ريتيءَ منجهه گهروندا تنهنجا
ڪو طوفان ڏسي تو تاڙي،
تون واريءَ سان اُڏري ويندين!
پو مونکي جنهن وقت سڏيندين
توکي ڪونه وراڻي ملندي
توکي ڪونه وراڻي ملندي.

Gul Hayat Institute

موت اُنهيءَ سارنگيءَ جئن آ
جنهن تي سيئي تانَ ڇڏن تا،
ڇمنين مان دونهون نڪري تو،
هرڪو آڻ سونهون نڪري تو،
ڪنهن ڪي ماسُ نہ، هڏيان آهن
ڪو ڪو پر ڪُونهون نڪري تو،
اڇا آهن ڪارا آهن
اونداها اُجيارا آهن،
سيئي گاڏن ۾ سڏجن تا
هڪ هڪ تي آخر گڏجن تا،
هت سارا طوفان ڇڏن تا
مانَ ڇڏن اَپمان ڇڏن تا،
سيڻ بہ ڪنهن مزدور جيان آ،
وَڏَ وڏيرا، خان ڇڏن تا
تن ۾ ڪوئي فرق نہ آهي؛
پنهنجا کيت ڪسان ڇڏن تا،
سارا ماڳ مڪان ڇڏن تا،
سڀ سانيي ارمان ڇڏن تا،
سيئي هِت سامان ڇڏن تا،
ڪيڏا هِت گهمسان ڇڏن تا!
فانوسن جي روشنين ۾،

Gul Hayat Institute

هُو ڪيڏو چُپ چاپ وَيَن ٿا!
ڇا اِن جو ڪو ڊرائيور آهي
ريل ڀلا اِئن پنهنجي ليڪي
ڪيئن ڀڪا ڀڪ اڳتي هلندي؟
پوءِ ڇڪا ڇڪ اڳتي هلندي؟
توڙي هي فانوس ٻرن ٿا
ريل وڏي ٿي اونداهيءَ ۾
چاڙهيءَ ۾ توڙي لاهيءَ ۾!
پَر هي سَڀُ ڪيڏانهن وڃن ٿا؟
ايءَ ڳجهارت ڪا نہ ٻڌن ٿا.
ڪجهہ ٻہ تہ اُن جي پڇڻي ناهي!
ريل اڳي بس وڃڻي آهي
وَڃڻي آهي، وَڃڻي آهي.
اَنگ اُگهاڙو هِڪ ڪپڙي ۾،
اوڙو پاڙو هِڪ ڪپڙي ۾،
هي سَيئي ڪيڏانهن وڃن ٿا؟
سڀ جي ساڳي اسٽيشن آ،
چوڌاري فانوس ٻَرن ٿا،
(ها پر هو ڪيڏانهن وڃن ٿا؟
ڪنهن کي ان جي ڄاڻ نہ آهي
تانگهہ نہ آهي تاڻ نہ آهي.)

Gul Hayat Institute

جِن جي ڏِيمِين روشنين ۾
ڪيئي ڪِنڙيون
ڪَنڙيون ڪَنڙيون
پليٽ فارم تي ڍيرَ تين ٿيون.
جيڪي لَڙڪن ۾ جهمڪَن پيون،
تن ڪي ڪول تہ خاليُ آهن،
ترايون ناهن،
ڪُولي ناهي،
هُن ڪي نَٽَ نہ بُولي آهي
ڪَنگڻ ڪونهي چُوڙي ناهي
مُوڙي ناهي،
هَر ڪا ٻِئيءَ ٻانَهن وَجي تي
هر ڪو ننگي سِر نڪتو آ:
ٻانت ٻانت جا ڪيئي ماڻهو
غُصي ۾ سامان پِجن تا
چو تہ اجازت اِن جي ناهي،
پَر ڪي حسرت ساڻُ ڏِسن تا
هي سڀ ڪجهہ جو تِن جو آهي!
۽ جو تن ڪي چڏيو آهي
هَٿِيَن خالي لڏيو آهي.
استيشن، فانوس ٻَرن تا

Gul Hayat Institute

ڪيڏي پيهه لڳي پيئي آ!
ڪو بہ وجهڻ تي راضي ناهي
ڳپا ڳِيهہ لڳي پيئي آ
ريل اَچي ٿي، ريل وڃي ٿي،
پنهنجو پيرو ڪو نہ پڄي ٿي،
ڏينهن ڏٺي جو ڪي تہ ترن ٿا
(ڪئن چئجي، شايد تہ وَرن ٿا!)
مان بہ ڪڏهن ڪان ويٺو آهيان
ڪنهن گاڏي ۾ پيٺو ناهيان!

*

Gul Hayat Institute

*هي تنهنجون تصويرون ريپن
ڪلهہ جئن اڄ بہ زندهٔ آهن،
توڙي اڄ ڪالهوڪي لينن
جون ڳالهيون پائنده ناهن؛
**(لينن گراڊ جون تا هاڻي
چوندا پيٽرسبرگ سياڻي)
آرٽ هميشہ زنده آهي
سچ رڳو پائنده آهي.

*

Gul Hayat Institute

---

*ريپن : (Repin) روس جو انقلابي مصوّر
** روس ۾ وڏو بحث هلي رهيو آهي تہ لينن گراڊ جونالو ڦيرائي، اُن تي اصلوڪو نالو پيٽرسبرگ رکيو وڃي.

ڏاند کي پڇڪر ڏئي ٽلوار ڀوري ٽو پيو.
هِي ڏسي هيمنگوي هڻ ڏانهن گهوري ٽو پيو.
ڏاند جا سِڱ
ڪاش هن کي ......
ڪاش هن کي ائين ڪٽِن رها دور دور
بادلن ۾ هو ضرور
رَتَ ۾ ڳاڙهو لڳي ها!
جڻ شفق جهڙو لڳي ها
هاڻ هو خُوني لڳي ٿو
موت پنهنجي کي تڳي ٿو.
موت جو هن کي اڳي پو.
ڏاندَ جِئَن ماري ڇڏيندو،
بادلن ڏي هُو لَڏيندو
پر شفق هن تي ٻہ پاڇاوان ڪندي
موت سان لانوان ڪندي.

*

Gul Hayat Institute

* آرويل!

تو ڏسي ڇڏيو سويل

هيءَ خوني انقلاب

** خون ۾ ماڻهو نهائيندو رهندو

رت جا دريا وهائيندو رهندو

هي جُنوني انقلاب

آدميءَ ۾ آدمي ماري ڪري

پوءِ چيتي يا بگهڙ جون عادتون ڌاري ڪري،

*** نيٺ چوراسيءَ ۾ مرندو رهيو!

آدميءَ کي ان منجهان ورندو رهيو!

رڳو يولا راڄ ڪن

آدميءَ جي آڙ ۾ پنهنجو پيا هو ڪاڄ ڪن!

*

Gul Hayat Institute

---

* آرويل: جارج آرويل جو اسپين جي ريپبليڪن جنگ ۾ وڙهيو هو ۽ 1984ع ۾ ڪتاب لکيو هيائين،جنهن ۾ هو پيغمبر وانگر لڳي ٿو.
تاريخ هن جي ڏورانهين نظر سچي ثابت ڪئي آهي.

** نهائيندو: ڏانواريندو

*** جارج آرويل جو مشهور ناول 1984

شنکر آچاريا مري ويو هو پر ٽيهين سال ۾
۽ اگر موزارٽ جي توکي وَهي معلوم آ،
۽ ڏَهي معلوم آ،
هو ميو پنجٽيهه پنهنجي موت وقت
اوچتو مُئو هو بنا ڪنهن گيهه پنهنجي موت وقت.
هيل هر هڪ حال ۾
ٻي صدي هَن جي ملهائِي تي وِچي
مغربي دنيا سَجائِي تي وِچي،
گيت هَن جا ڳائجن ٿا،
هانوَ سان هنڊائجن ٿا،
جڻ گُلِ لالا هوا ۾ ٿا لُڏن،
رنگ ڪي باد صبا ۾ ٿا لُڏن،
مان تہ انهن تي چِڪو هان
ڪيترو ئي جي چِڪو هان
اي حڪومت! تون ڪرائيندينءَ نہ جي منهنجو علاج،
موت آهي ٻيو علاج،
جي هتي ٻي واهہ مون کي ڪانہ آ
موت جي پرواهہ مون کي ڪانہ آ.

*

Gul Hayat Institute

موت تون ايڏو پيانڪ ڪونہ آهين
جو نہ تون مون ڏي اچانڪ ٿو اچين؟
پار ڏِسُ ڪل مهر مان گل تا پٽن،
ڪونہ تا محسوس ڪَن جو تا ڇِنن،
موت تون مون لَءِ ائين ڪا راَندِ آنهہ
ڇڻ تہ ڪو گل مهر جو گل پاِند آنهہ!
ءِ مٿان هو ڪُنُ ڪيڏا تا ڦِرن؟
روشنيءَ جا ڪيترا گل دان اوندهہ ۾ ڪِرن؟
ائن بہ ناهي بَند آ گنبذ، انهيءَ ۾ مَنگهہ ڪونهي
روشنيءَ جو لَنگهہ ڪونهي
هيءَ سرشتي اَنت ۾ ڪاتي ڪُٽي ٿي
تارَ جا ديدار جي سا اُت ٽٽي ٿي؟
اَنت ان جو ڪو بہ ناهي
هي اجان اِڪتي بہ آهي،
ڪيترو اِڪتي وڃي ٿي ڪونہ ڄاڻان!
ڪُنُ ڪارا ڪيستائين تا ڦِرن مان سو نہ ڄاڻان!
ڪيستائين لفظ آهن؟
جيستائين لفظ آهن،
تيستائين لفظ آهن.
لفظَ جي بي انت جو اظهارُ ناهِن
حَدَ ناهن، پارُ ناهِن

Gul Hayat Institute

سَمنڊ آ، ڇوليون وچن ٿيون، ڪو ڪنارو ڪونہ آهي،
موت پنهنجو پاڻ آهي هڪ سهارو، ٻيو سهارو ڪونہ آهي؛
هي بہ ڄاڻان ٿو تہ ٻيهر زندگي ملڻي اٿم؛
ڪنهن ڪَتيءَ تي راهہ ٻي ٽِلڻي اٿم،
سو نہ ڄاڻان!
سارَ هي اڳتي هلي، ٻيهر سڃاڻان،
ڪِئن ڇوان؟
ڇڏ تہ مان اڳتي وڃان
اَنت ۾ پنهنجون اکيون ٻي خوف تي کھوري ڏسان؟
ڪَنَ هي ڪيسين ڦِرن ٿا، ڪِئن ڦِرن ٿا؟
زندگي مون لَئہ اُنهيءَ ڪک وانگيان آ
پار جنهن کي سمنڊ ۾ اُڇلي ڏسن ٿا،
ٿو وڃي ڪيڏانهن سو جاچي ڏسن ٿا،
موت تون ايڏو ڀيانڪ ڪونہ آهين
ڇو نہ تون مون ڏي اچانڪ ٿو اچين؟
پاند ۾ منهنجي ڪِرين گل مهر جي گل وانگيان،
ڪنهن پرندي جي اُنهيءَ پَل وانگيان،
جو اِئين سمجهي تہ ڪو ميوو مٺي هو چنڊ آ،
وَڻ جيان هي مَنڊ آ.

*

Gul Hayat Institute

پار مون کي ٿا چوَن،
”سنڌُ توکي ٿي سڏي،
ڏَر ٽتيءَ کي تون ڇڏي
روجهہ وانگر ڳوليون کي واتڙيون.“
مان چوان ٿو ”روجَهہ ڳوليءَ کي لَنوايو کيئَن آ؟
سنڌڙيءَ کي مون ڳنوايو کيئن آ؟
نظم منهنجا تا ابد ڏيندا اوهان کي زندِڳي
جا وجي ٿي اَجُ کَسي
پر کَسي سگهندو اها ڪوئي اوهان کان ايئَن ڪونہ!
نظم منهنجا اَنتُ ماري کو بہ سگهندو جِيئَن ڪونہ“
پار مونکي ٿا چون:
”پر اسان کي کيرَٿَر جا پارَ ڏس!
پنڌ تُنهنجي جي وَهِي ناهي، اهو ڄاڻون پيا،
تون سفر جا پارَ ڏس!
تو ڏٺو جو آ پهاڙن ۾، اسان کي اُن نگر جا پارَ ڏس!
ڪنهن ترائيءَ، ڪنهن تہ تر جا پارَ ڏس!
ڪنهن تہ گهر جا پارَ ڏَس!“

*

Gul Hayat Institute

موت سان منهنجون ملاقاتيون ٿيون ٿينديون
چانڊوڻي راتيون ۽ اينديون
موت جن ۾ ورهنجندو آ،
ڪنهن وڻيءَ جي ننگ وانگر!
اڄ لڳو آ،
پر سياڻي هو اچي ونواهي ۾
تو اڳيان ظاهر نه ٿيندو
۽ سڏيندو،
پيار لئه،
پيار جي ڪنهن اوچتي اظهار لئه.

*

Gul Hayat Institute

دوستو آزادگي
هاڻ گوليءَ ۽ بنڊ تي ملٽي نہ آهي
هاڻ ڪنهن سوڳنڌَ تي ملٽي نہ آهي
جو ڪٽي
پاڻ کي آجو ڪَري ويندا اوهين!
مان چوان ايڏو پَري ويندا اوهين،
رَتَ جا درياهَ هوندا
چوطرف واهڙ وَهي ويندا تڏهن،
لاش، جئن آڪاش ۾ تارا ڪڏهن
ايترا اڳ ۾ نظر آيا نہ هوندا!
سِيرَ ۾ زنجير ٽاهيندا ڪَتين جئن ائن ڪتي جڪڙيا نہ هوندا!
موت جي پَنجي اڳي پَڪڙيا نہ هوندا!
وِچَ پاڻيءَ ۾ پُڇي
نيٺ سڀ ويندا سُڃي،
ڪيترو اَڪڙيا نہ هوندا!
ايترا ڇَرڪا نہ هوندا
جي اُهي ڪائي سگهن:
موت پنهنجيءَ ۾ مگن،
ڪنهن طرف گهوري نہ ڏسندو ڏيان سان،
زندگي اَيمان سان،
لڙهندي پئي ڦيرا ڪَري

Gul Hayat Institute

مانگريون گهيرا ڪري
وات قاڙينديون وَڏا
ڪونہ رهندا ڪي هڏا
جي ڀيا ڪائي سگهن
ڪير تا قيمت ڏين
ايتري؟
آزاد گي!

*

Gul Hayat Institute

مان اوهان کي هڪ نئين مَت تو ڏيان؛
سَٽ ورهيه ٿيا آنءُ ساڳي ڳالهه تي ڳت ٿوڏيان،
ڪيتري ئي وقت کان اِن لاءِ قِيمَت تو ڏيان؛
سمجهه سان ۽ سوچ سان
سنڌ جي اتهاس ۾ ڪيڏيءَ انوکيءَ لوچ سان
چنڊ جهڙي ڳالهه مون سڀ سان ڪئي؛
سڄ جهڙي سوجهري جان ٻي پئي؛
پر اوهان سمجهي نه سمجهي ڪِئن چوان!
اڄ به ڪالهوڪي حقيقت وانگيان
مان اوهان کي هڪ نئين مَت تو ڏيان؛
موت جي آغوش ۾ جئن مان چوان،
”مون نئين دولتِ ورهائي ديس سان
هڪ نئين آئت ورهائي ديس سان.“

*

Gul Hayat Institute

سوچيان ٿو متان
مون مٿان مقبرو!
چنڊ، تارا، ڪتيون
سِڄ جون مشعلون
مون مٿان
روز پرنديون پيون!
هي خدائي مجاور جيان
روز مون تي ڪندا سوجهرو.
روز مون تي شفق پڙ پائي زريءَ جا، عقيدت جو اظهار مون سان ڪندي،
ڏينهن جو روز سورج مکين سان پئي زندگي جرڪندي،
رات رابيل جا گل نچاور ڪندي،
ماڪ سان تنهن مٿيءَ کي معطر ڪندي
آنءُ هوندس جتي؛
تون متان هن گنهگار کي
ڪنهن وڏي پير سان پيٽئين
شاعري ريتئين
جنهن هزارين بزرگيون مٿائي ڇڏيون،
سِڄ هيئان ڪکر جئن لڪائي ڇڏيون،
سمنڊ ۾ ريت وانگر ڇپائي ڇڏيون،
مشعلون سو جلائي ڇڏيون

Gul Hayat Institute

جي نہ ڪوئي ٻُجھائي سگھي،
۽ نہ طوفان ڪوئي بہ تِن کي وِسائي سگھي.

*

Gul Hayat Institute

موت ويجهو اَچي پيو آهي
جو سُيائي تہ روئٽو پوَندءِ!
مان نہ هوندس تہ ماڪ سان پنهنجو
مُنهن اُتي نيٺ ڌوئٽو پوَندءِ!
ماڪ جا آسمان مان وَسندي
لِڙڪ هن لوءِ تي وَهائيندي،
۽ املتاس تان جڏهن ڪويل
ڪوڪندي، گيت چار ڳائيندي
تون اُنهيءَ وقت سارَ ۾ منهنجي
ڪنهن ٽُبيءَ منجهہ اوچتو ايندينءَ،
"هو بہ ڪويل جيان هُيو راڳي."
پوءِ آڪاس ڏانهن ڳوليندينءَ؛
هيڪلو گيت ڇِڙ تہ ڪويل جو
نيرَ سان نيڻَ جِئن پچائيندءُ،
اِيئَن لڳندءِ تہ آنءُ ڳايان تو
(مون جيان ڪيرُ اِيئَن ڳائيندءُ!)
ڪير ڄاڻي تہ ڪيرَ آ ڪويَل
ڪُوڪندِي آهہ هوءَ ڪنهنجي لاءِ؟
ڪُجهہ تہ هُن کان وڃائجي ويو آ
ايئَن بي چئن آهہ جنهنجي لاءِ!

*

Gul Hayat Institute

ڳل چٽن تا.
ڇو هَوا چاهي اِئين ٿي؟
ڪئن ٻہر جا وڻ ٻَرن تا
ڄڻ اُهي قنديل آهن!
رَنگ جا شعلا وَجَن تا
دور تائين،
سانجهہ جي آڪاس جي پيلِي شفق ۾،
* ڏِڪَ ڏَنگيءَ جي ڏين تا
پو دَري ڪائي کُلي ٿِي
واءُ پتَ جَهڙ جي کُهلي ٿِي،
پَنَ ڇڻِ ڇڻِ ڪَن پيا
ناچُ وِڻَ وَڻِ ڪَن پيا،
ٿي ڏياري ياد مونکي موتَ جي
ڄڻ اها موسم اَچي!
آنءُ پيريءَ جواني، ٻئي ڏسان ٿو
مُند جي ڦيري جيان
زندگيءَ کي موت جي گهيري جيان!
جو جَمي ٿو ناس ٿيڻو آ اَوَس
ڪونہ رهڻو آهہ، بَس!
پوءِ هي غم يا خوشي بيڪار آ

* ڏنگي: سچو سون

Gul Hayat Institute

موت ڪارونڀارُ آ
ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ آ وِڇڙي نہ تي جا
جڻ سَرءُ جي واءُ ۾ سڀ پنَ ويڇڙيَ تا وڃن،
تَنَ ويڇڙي تا وڃن،
مَنَ ويڇڙي تا وڃن!

*

Gul Hayat Institute

تون سڏين ٿو
مان نہ ايندس!
زندگيءَ جو ڪيترو ڪارج پيو آهي اڃان،
جو سَلو مون پوکيو سو وڻ ٿيو ناهي اڃان،
مون ڪيو ڇاهي اَڃا؟
ڇانوَ ڪائي ڪانہ آ
ڪويليون ڪاٿي وهن؟
جي ڪوڪ سان سنسار ۾ سَو مشعلون ٻارن پيون،
ڪجهہ تہ هو سارِن پيون!
نيٺ وَهندي ٻاک نيسارَن جيان برسات ۾؛
آءُ ڪاري رات ۾
زندگي پنهنجي گذاري آ اڃا
راتِ ڪنهن ڪويل جِيان گهاريان پيو
ڪوڪندي ڪنهن لاٽَ کي ٻاريان پيو
ڪوڪَ جنهن جو پَنڌُ پورو ڪونہ ٿيو آهي اَڃان
ڪوڪَ جيڪا تو مَٿان،
ڪنهن ڪَتيءَ جي ڇانوَ ٿيندي
جا اَبد ۾ ٿِي ٻَري، اهڙي ٻَتيءَ جي ڇانوَ ٿيندي
تيستائين مان نہ اِيندس
مان نہ هي ڌرتي ڇڏيندس

Gul Hayat Institute

تون سڏيندو رهه ڀَلي!
تون سڏيندو رهه ڀَلي!

*

Gul Hayat Institute

نانءَ منهنجو انتظار، آهه تنهنجو،
زندگانيءَ شمع دانن جئن ٻري
گل جڏهن اُيرن تہ ڌَرتِي گلستانن جئن ٻَري؛
جيءَ مُنهنجي ۾ بهار، آهه تُنهنجو،
جئن هزارين ڪوِيليون ڪُوڪن تہ اَيڪَ ڦاتي پوي
۽ ڪڏهن بَرسي گهٽا گهاٽِي پوي!
جئن سَوين گهوڙا لتاڙيندا وڃن گهاٽِيءَ منجهان
ايئَن مان
گيت ڳاهيندو رهان!
زندگانيءَ کي سجائيندو رهان
سمنڊ وانگر سُر سوين هر وقت ڳائيندو رهان،
ايتريون ڇوليون ڇِلائيندو وڃان
جئن وڃي اَيڪَ سَهمجِي، تارا ڪَتيون ڇَپَرَ ڇِنين
ايترا نغما ٻڌائيندو وڃان
جو سڄو سنسار گونجي گيت جي آواز سان
اَن انوکي ساز سان
جو ڏنو مون کي ڪَري هو سوڪڙِي
تو جنم ڏن تي اچي
آنءَ سانپيو آهه جنهنکي ساهَہ سان،
روز اُنکي تو وڃايان چاهَہ سان،
ڏاهِہ سان،

Gul Hayat Institute

جئن اهو تـڙڪي نہ پَئي
جا صدين کان پو مِلي سنگيت سا چُپ ۾ ٿي وَيي
پيرُ سو تِڙڪِي نہ پَئي
جو وڃي ٿو وِيرَ جان اُيري مَٿي
سانوڻيءَ جي چنڊ ڏي!

*

Gul Hayat Institute

مطمئن اُنَ گيت سان آهيان نہ مان
رات جي خاموشين ۾ جو لَهِي سنسار تي
ٿو فضا ۾ گونججي!
مان چوان ٿو گيت مان اهڙو چوان
جو ڪڏهن تارن اچان ڳاتو نہ آ،
زندگانيءَ جي دُلهن ڀاتو نہ آ
نيلم ۽ پکراج جئن جِهمڪي اُهو
وقت سان اڳ ڪان گهٽو چِمڪي اُهو
۽ ڪَتيون حيران ٿِين
جي چمڪ اُن جي ڏِسن!
۽ پُڇَن
ڪنوار آهي سا ڪتي؟
ڪنوار آهي سا ڪتي؟

*

Gul Hayat Institute

ڪاش تون مونکي ڏِئين ها پارَ پنهنجا
مان جتي ڳولي سگهان ها
هي عجب اسرار تنهنجا!
مون ڏٺو هو مالتيءَ ۾ ماڪ تي
عڪس تُنهنجو، تون هئين اَفلاڪ تي،
مون ڏٺو واريءَ مٿان تون ٿو لڏين
ٿِي اِهي ساريون وَليون جن مان پِيو مونکي ڏسِين!
تون ستارن ۾ نظر آئين پَئي
نور جي سارن نظارن ۾ نظر آئين پَئي،
مون ڏٺو توکي جُهڳين ۾ تون وَتين ٿي ڀَهڪندو
ٻارڙن سان ڇَهڪندو،
جوئڙِين سان ٺِهڪ ڏيندو ۽ ونڊيندو پيار کي
ڪنهن عجب اسرار کي
ماٺيو جَهلڪيو پئي هر ڳالهه مان،
ڪيترو امرت هيو آواز ۾ ڇلڪيو پئي هر ڳالهه مان!
مون ڏٺو توکي ڪٿي روئين پيو
لُڙڪ لاڙي مُنهن لِڪي ڌوئين پيو
۽ لِڪئي جي ليڪ کي لوئين پيو،
اُن مِٽيءَ ۾ جا ستل آ نِنڊَ مان جاڳي نہ ٿي
ڪَنهن ستاري سان تُنهنجي لُڙڪ کي واڳي نہ ٿي

Gul Hayat Institute

مون ڏٺو ڳهنتيون شِوالي ۾ وڄائيندي ڪڏهن
مون ڏٺو توکي اَذانَ ڏيندي ڪِڏهن،
آنءُ گرجا گهر گهميا
ديولين جا درَ گهميا
مون پتي جي لاءِ توکي آسمانن ۾ ڏٺو
خاڪدانن ۾ ڏٺو
ٻن جهانن ۾ ڏٺو،
تو جتي مونکي ملين،
مان پتو توکان پڇان تو، تون پيو مون تي کِلين!
ها، پَتا مون کي گهٽيءَ تا ملن
جي سِپيءَ کون، ڪيئِي تا ملن،
تو چِني ڏانديءَ منجهان مون کي وَٺين
پو پِپِلَ جي ڏار ۾ مونکي ڏسين،
۽ وري ڏيئا ٻه ٻاري تو وجين!
ڪو پتو مون کي نہ آهي تون ڪٿي پيو تو رهين!
تون پيو جت ڪِٿ ڪهين،
تون تہ تڪجين ڪونہ تو، مون کي تِڪائِين تو پيو،
تون جِتي آهين اُتي آهين، رڳو مون کيِ رلائين تو پيو،
رات جو رابيل تي پاٽيءَ ڦڙي جئن تو چِڪائين پاڻ کي،
ماڪ تو پو تون سَڏائِين پاڻ کي.
تون سندم پيغام کي ڪنهن وقت روڪي تو چڏِين،

Gul Hayat Institute

اَنب ٻوڪي تو چَڏِين
ٻچَوين سڀ ڪي اُنهن ۾ ٻورَ ڪونهي،
مان چوان ٿو تہ جي بسنتُ آهي تہ مونکان دُور ڪونهي
واءُ ۾ مهڪي پيو هو
ڀِي پرندا چوطرف چهڪي پيو هو،
مون ڪٿي تُنهنجو پتو پاتو تہ ڪونہ
ٻہ چِڪي ڇاتيءَ سان لاتو تہ ڪونہ!
پو بہ تون ويجهو لڳين ٿو انب ڪي طوطي جيان،
پو بہ تون پٽ تان اچين ٿو هوريان پاڇي جيان،
مان سڃاڻان ڪونہ توکي پو بہ ڄاڻان ٿو پيو
جڻ ازل کان روءِ تُنهنجي ڪي سڃاڻان ٿو پيو
رات جو جاڳي لکان ٿو، تون ڏِڪين ٿو
ها مگر، هي مان تہ ناهيان تون لِکين ٿو
ٻہ قلم منهنجو هلائيندو هلين ٿو،
گيت ڳائيندو هلين ٿو،
مُنهن منجهان منهنجي چوائيندو هلين ٿو،
جڳ ٻڌي ٿو ڳالهہ جا مونَ مان ٻڌائيندو هلين ٿو،
تون تہ مُنهنجي جاڳَ آهين
جا سدائين ٿي ٻري مون ۾ اها تون آڳ آهين،
هاڻ ڄاڻان پنڌ ۾ مون سانُ منهنجا ماڳ آهين،
تو اجان ساڻو ٿيو ناهين ڪِٿي،

Gul Hayat Institute

۽ نہ ڪي مون آ لڪايو ٿَڪُ ڪي
ڪيئن چئجي هي سفر ڪاٿي ڪُٿي!
ڪيئن چئجي!
ڪيئن چئجي!!

*

Gul Hayat Institute

* آنءُ نيپولين جيان
ايلبا پنهنجي ڏسان ٿو،
فتح پنهنجي فخر سان، هڪ ئي پٽيان،
هارَ جي پاتا ڏسان ٿو؛
زندگي منهنجي اجان
موت تائين جنڻ ڏِڪاٽي - سوڀ آهي،
هار ڪائي موتَ ناهي،
** ڪيئي جوزي فائينون
خوبصورت ناريون
فتح مون جن کي ڪيو اڄ ياد ٿيون مونکي اَچن،
اوچتو مون ڏي وڏن ۾ ٿيون چوَن
”موت سڀ جي ايلبا آ
”هار ڇا آ، جيت ڇا آ!
”نيٺ هر شيءَ کي فنا آ.“

*

* نوٽ: انگريزن، نيپولين کي ايلبا جي ٻيٽ تي نظربند رکيو هو.
** جوزي فائين: نيپولين جي زال ۽، محبوبه ۽. هُن کي پوءِ طلاق ڏني هُئائين.

Gul Hayat Institute

نند مان جاڳي وري
نند جي گوري وٺي
مان سُمهان ٿو، نِندَ ٿي
ڪونہ ٿي مونکي اَچي!
واءُ مان ڪوئي ڦڪي
ٿوچوي اُڏري هلون
آءُ آڪيرو ڏسون
جو مليو ٿو اَنت ۾؟
اُڏرندي ٿو ٿاهيو جو انت ۾،
ڪٿ ڪانا جو نہ ٿِيندو انت ۾؛
تو جيان جيڪو اڏِيندو اَنت ۾
موتَ سو ڪائي نہ ڪاڻي ڪئن چوان!
پَر نوان پائي نہ پاڻي ڪئن چوان!
وَڻ هتان جا هُو ڏِسي ڀيهَر ازل جي تارينُ تان
مُنهن ورائي ڪئن چوان
ڦَل هتي ڀيهر چکي، هِت اَچ اُجهائي ڪِئن چوان!
ڪيئن آهي سپ ڀَلائي ڪئن چوان!
ايتريون نهرون هيون
هت سپ پَڏائي ڪئن چوان!

*

Gul Hayat Institute

موتُ ڪائي ننڊَ آهي؟
موتُ ڪائي جاڳ آهي؟
موت ڪيئي ڪِهنڊَ آهي
يا اچانڪ سانتِ وانگر
ڪوئي گهرو آهه ساگر،
تا ٻڏي جنهن ۾ ويچون؟
ڇا وري ٽوپر جيان
تا مٿي ڀيهر اچون
۽ ڇنڀي پنهنجون اکيون
ڪجهه ڏسون تا مُٽِ ۾،
جو پيو موتين جيان چِمڪا ڪَڍي؟
ها، مگر جي مُٽِ ڪي کولي ڏسون!

*

Gul Hayat Institute

تون چوين ٿو، ”موت تي ڇو ٿو لِکين،
زندگي ڪافي نہ آهي؟
موت ڪا معافي نہ آهي
جا پيو ڳُذريءَ حياتيءَ کان وَٺين؟“
مان چوان ٿو:
موت ڪنهن ڪاري جيان سڀ لئہ مَڃين سان آ پريل ڇو؟
تون اگر نوري بہ آهين،
هڪ ميڇيءَ جئن ڄار ۾
نيٺ ايندينءَ، ڦاسندينءَ؛
جي تماچي آنهہ تون،
پو بہ ڪينجهر گهاٽَ تي هي نوريون،
ڪيستائين؟
زندگاني جيستائين؟
تون بہ تِن سان ڄارَ ۾
تو لڳين ڄرڪي جيان،
موت مُرڪي ٿو مَٿان،
تو مٿان!
هِي ميڇيءَ جي موت جان
تون بہ آن،
۽ مان بہ آهيان.

*

Gul Hayat Institute

آنءُ ٽيپوءَ جيان ڪڏهن وڙهندي مران
يا مران مان بستري تي،
فرق ان ۾ ڪونہ آهي!
شاعري منهنجي مسلسل جَنگِ آ
زندگيءَ جي سَنگِ آ؛
پو بہ ڄاڻان ٿو تہ مان
نيٺ مرڻو آهيان،
موت مون تي ڪنهن ڪڪر جي ڇانوَ وانگرَ ٿوَ هلي؛
زندگيءَ جي اُسَ ۾
ڏسَ تہ گهوڙو گسَ ۾
ٿو ڪٽي ويريءَ مٿان پنهنجا نَرا!
موت مون لَئہ ڪجهہ نہ آ،
ننڊ جي جهپڪي جِئين
موت مون لَئہ آ اِئين!

Gul Hayat Institute

*

آنءُ جو آزادُ آهيان
زندگيءَ جي راهہ تي ڪو نادُ آهيان
قافلي لَئہ،
موتُ منهنجي لاءِ ڪا شيءِ
ڪانہ آ؛
تون ڀُلو آهين اگر سمجهين اِهو
زندگيءَ جي ڀِيک مان گهرندس ڪڏهن،
موت ۾ جُهرندس جڏهن
مان جِئين، آزادگيءَ جي جهولَ ۾
موت ايندو نِندَ جئن.
تون ڀُلو آهين اگر سمجهين نٿو
زندگي مون لاءِ ٻيو
نانءُ آ آزادگيءَ جو.

*

Gul Hayat Institute

موت ڪوئي ڪوڙ آهي
جو هنيو قابيل هو،
ڇو ته مان هابيل کي
اڄ به زنده ٿو ڏسان،
۽ وڙهي ٿو هُو اڃان
۽ پيو سوچي ته مان
ڀاءُ کان بدلو وٺان
ڪوڙ جو منهنجي مٿان،
هُن مَڙهيو آهي، ٿيو پَر سَچَ جو ناهي اڃان!

*

Gul Hayat Institute

زندگي احمد نگر جو جيلُ آ
* آنءُ هان آزاد جان،
مان بہ ساجهر تو اَتان
ۦ لکان،
زندگي مون لاءِ گهر جو جيل آ
پو بہ مان آزاد هان،
شہرِ سارو ڏاڍ ڏَر جو جيل آ.

*

Gul Hayat Institute

* آزاد: مولانا ابوالڪلام آزاد

موتَ مون لاءِ اِئن
ڀارَ جِئن
ڪوڏَ ڪَن تي رکيَ
ٿو ٻُڌي
سمنڊ جي
شور کي!

*

Gul Hayat Institute

ڏِسُ گهٽائون ٽيون اچن
۽ وچڻ جي ڪونہ ڪَن،
ڪا گهڙي اَچ ڇَنَ ۾
آ تہ گهاريون، تو مگر
هيءُ سوچِيو ڪَنَ ۾
هيئَن ٻي پيري گهٽائون ڪونہ ايندون
ڇو نہ ايندون هي ٻہ تو ڄاتو پَئي!

*

Gul Hayat Institute

ڇڏ ڪٿي مان ننڊ ڪيان!
شاعري! مان ننڊ ڪيان!
تون تہ سانوڻ مينهن. وانگر ٿي وَسين!
وڏ ڦڙا! مان ننڊ ڪيان!
تل ترايون تار ٿيا، مان ننڊ ڪيان!
ڪيترا ڪونيَت ڦٽا، مان ننڊ ڪيان!
اڄ جُهڪي آيا ڇپر اِئن
ڀوڪِجي نِم ڀورَ سانِ جِئن!

*

Gul Hayat Institute

* دريائي ڪُنهار وهي ٿو
ڪائي لهر به ياد ڪري ٿي؟
سڏڪو ڪو تولاءِ ڀري ٿي؟
سيد احمد!
تُنهنجو لاش لُڙهي ويو جنهن ۾
بالاڪوٽ، بَريلي سَڀ شيءِ
پاڻيءَ منجهه ٻُڏي وَئي سَڀ شيءِ!
هي جڳ سارو فاني آهي.
سيِّد احمد!
دنيا آني جاني آهي.
سيِّد احمد!
پر ڪا ڪا ناداني آهي.
ڪنهن ماٿهو جي جا هر ڪنهن لَئه
چِرڪائيندڙ خوابُ ٿئي ٿي
صَدين لاءِ عذاب ٿئي ٿي.

*

Gul Hayat Institute

---

* دريائي ڪُنهار: بالاڪوٽ پرسان ندي. (مصنف بالا ڪوٽ ۾ درياءِ ڪُنهار ڀئي ڏٺا آهن)
١٨٣١ع ۾ سيِّد احمد بريلوي ڪنهار ندي (بالا ڪوٽ جي) پرسان آڪالين جي هٿان شهيد ٿيو. آڪالي ليڊر شير سنگهه هن جي لاش سر ۾ ڌڙ کي پوراڻي چڏيو، پر پوءِ اڪالين انکي ڪدي درياه ۾ اڇلائي ڇڏيو. هن جو سر، ڌڙ وري دريا مان هٿ ڪياويا ۽ پوءِ بالا ڪوٽ ۾ هن جي قبر پيهر تعمير ڪئي وئي.
(هندستان ۾ وهابي تحريڪ) صفحو ٨٨

آءُ تنهنجي ويڇڙائي ڪي ڇُهي
جڻ سَرءُ جي اُسَ ۾
ٿو نهاريان ڳسَ ۾
قافلو سارو وڃي ڪيڏانهن ٿو؟
پوئتان پنهنجن بَهارن ڪي ڪَٽي
زندگيءَ جي انتظارن کي ڪَٽي
سلسلو اُن جو وڃي جيڏانهن ٿو،
آ اُتي ڪاري ڪَهي
جا ستارا باک تائين سڀ ڇُهي
جَر سموري ڪي سُڪائي ٿي ڇڏي،
جو بہ ڳولها ۾، اُجائي ٿي ڇڏي!
آءُ ڳوليان ٿو تہ تون آهين ڪٿي؟
ايترو ويجهو رهي ناهين ڪٿي!
چانڊني ۾ جڻ تہ ڪوهيڙو هُئين،
ڪيترو هر وقت اوسيڙو هُئين!
پو بہ تنهنجو ڪو بہ مونَ ناهي پتو
پارَ مون تُنهنجو وَتو
ديس ڪان پرديس ڪان،
پو بہ تنهنجو دڳُ ڳوليان ٿو اڃان
ڪيرڏارا ڪي ڏَهي

Gul Hayat Institute

چَندَ جئن پيالو ڀَري مون کي ڏِنو،
مان اُجالي سان وَيَس ڀِمتارِ ٿِي
۽ صدين جو پيار ٿي؛
مون تڏهن سمجهو تہ مون ۾ آنهہ تون،
دور مون کان نانهہ تون!
دور مون کان ناهہ تون!

*

* جي اخمتووا چمين ها تون هِتي
آنءُ توکي جيءَ ۾ جايون ڏيان ها؛
بمبئيءَ ۾ هڪ کهاٽيڪار کي
مون ڏٺو، سڀ وصف هُن ۾ تو جيان ها
پو بہ مون کان دور هو ڇا لَئہ رهِي؟
ايترو مجبور هو ڇا لَئہ رهِي؟
هُن ڏني ڪلياڻ ڪئمپ ۽ تو ڏني لينن گراڊ،
** ڪيترو تو جئن هئي، او ماءِ گاڊِ!

*

* انَا اخمتووا: روسي شاعره، جنهن لينن گراڊ جي گهيراوَ جون اذيتون سَٺيون هيون.
** او ماءِ گاڊ (انگريزي): ”اي منهنجا خدا“

Gul Hayat Institute

* قراة العين جي عقيدت سانَ

آنءُ ڪنهن طرحِ واڪِيَل ٻاهيان،
پو ٻہ هن جي جَلاد جو گهٽو
جيئن گردنَ ڪٽي ديائي ٿوُ
ساهُ منهنجو مُنجهي رهيو آهي،
موت منهنجو ٻہ ٿِي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

---

* قرأۃالعين: ايران جي بابي (عبدالواهب باب جي پوئلڳ) شاعره، جنهنجو مشهور غزل آهي:
گربہ تو اُفتدم نظر چهره بہ چهره روبرو
شرح دهم غَمِ ترا نقطہ بہ نقطہ مو بہ مو
(جي تنهنجي اَمهون سامهون ٿيان تہ ٿنهنجو غم سارو سليانِ)
هوءَ پردو نہ ڪندي هئي ۽ جڏهن جلاد هن کي گهٽو ڏئي ماريو هو تہ جلاد جا هٿ ڪنبي رهيا هئا.

نظم

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

نَرس! اِئين هي تنهنجون ٻانهون آتيونِ ڇو آهن؟
ڇو تنهنجو آغوش کُليوآ؟ ڇا تيون هو چاهن؟
ڪَمري جي ڪڙڪيءَ جي سامهون ڪويل ڪوڪي ٿي
دُور دُورِ منهنجي سپني کي ڪاڏي ڏوڪي ٿي؟
آسمان تي نيرا بادل ترسايل آهن،
وَڻ مان ٿوري ٿِم ٿِم ٿئي ٿي بَرسايل آهن؛
هڪڙو بادل مون لئہ ڪُرسي ٺاهي بيٺو آ!
يا هُو ٻي ڪَنهن کي ٿو ڪاهڻ چاهي، بيٺو آ!
ڇا منهنجي جيوَن جو سپنو رهجي ويو آهي؟
ڇا هو بادَل ڪُرسي ڪاهي، موتي ويو آهي؟
دور اَچي لَس ليٽ هوا ۾ ٻي اَلڪي آهي،
دور گهٽا گهنگهور اَنهيءَ تي ڀاڇا ٿي ٺاهي،
ڪيئي گيت ڪنيزَن وانگر جامَ پيا آچن؛
هن ڏرتيءَ جا سپنا مون کي ڇا ڇا ٿا آچن!
مَوتَ! اچا هِت رهڻو آهي مونکي ڪجهہ باقي،
گيت نوان مون لاءِ اچن ٿا جو تِي اوطاقي.
مون مان هي مهمان مَروَت چاهن ٿا ڪجهہ ڏينهن
ڏِسَ، ساوڻ جي سنگ اَچن ٿا گهاٽا مينهَن!

*

Gul Hayat Institute

ڪيڏا ٿُنهنجا آدرش، مگر اڄ موت پيو ٿو ٿهڪ ڏئي!
هر ڳالهه ڇڏي تون ويندين گهر، اڄ موت پيو تو ٿهڪ ڏئي!
جيڪا بہ گهڙي تو آهہ جڙي، سو ڳهٽو پُنتي رهٽو آ
پر اِن جو ڪَٿُ تہ ڪونہ آهي، ڪيسين هِت توکي رهڻو آ!
تو گهندُ اَجل جو گونجي جُو هو ويران وير وڄائي تو
تنهنجو بہ سَفَر ٻين وانگر آ، ڪو بيٺو رَتَ هلائي تو
ڪيڏا نہ مسافر آيا ها ڪيڏا نہ ڇڏي ويا هُو پيرا!
ڪٿُن جنجي هي پيرو نہ رهي، تو رَتُ ڏئي ور ور ڦيرا!
تون نانءَ تہ رهڻو آهين پر تون ڄاڻين منزل ڪهڙي آ؟
ڪنهن جاءِ سفرپورو ٿيندو پر واتَ سدائين جهڙي آ!

*

Gul Hayat Institute

ڪاش! مون وٽ ڪنهن بهاني تون اچين!
آنءُ تو کان بي خبر
هان صدين کان منتظر.
ڪاش! مون وٽ ڪنهن زماني تون اچين!
هڪ نظَر ۾ پيار تي
ڪو اَمر ڪِردار تِي
ڪاش! اچ منهنجي فَساني تون اچين!
شل! ڏسان تُنهنجي جَهلَڪ
تون ڪٿي آهين ته پَڪ!
ڪاش! منهنجي آشياني تون اچين!
ڪاش! مون وٽ ڪنهن بَهاني تون اچين!

*

Gul Hayat Institute

هڪوار ملينءَ، هن ڌرتيءَ تي، ڀيهار نہ ملٽي آهين ڇا؟
مون ڪيڏي ياد ڪئي آهي!
جيڪا بہ گهڙي تون سان گذري،
جا رات لڙي توسان گذري
ڇا باڪ! ورَي اچڻي ناهي؟
ڇا لڙڪ اکين، مون ڏانهن ڏِسي، تون ڀيهر کِلڻي ناهين ڇا؟
يا سپني وانگر آئي هُئين؟
تي رُويا مون گهر ڇائي هُئين؟
ڪلهہ باز بهادر جئن تُنهنجوا!
مون ڪيڏو گهوري روپ ڏٺو
ڪنهن روپ محل ۾ روپ متي تون ڀيهر تِلڻي ناهين ڇا؟ *
هڪوار ملينءَ ڀيهار نہ ملٽي آهين ڇا؟

*

Gul Hayat Institute

* روپ محل: مالوا جي بادشاهہ باز بهادر ۽ هن جي راڻي روپ متيءَ جو محل، جو نربدا نديءَ کان ڏهاڪو ميل پري آهي.

ٿو عَڪس ٿِئي مان حيرت ۾ مان
تو ڏانهن چِتائي گهوريان ٿو،
تون ٿيهه ورهيه اڳ ڪِيئَن هُئينءَ؟
مان سوچي اَکڙيون ٻوريان ٿو.

هاڻي تہ چنبيليءَ - ڇهري تي
اڳ وانگر ڪونَهنِ ماڪَ ڦڙا،
۽ سِر تي تُنهنجيءَ چُنريءَ جا
اڄ مَنَ ڀائين ٿا ڪونہ ٻُڙا!

هي تنهنجو ماس لَڙي پيو آ
پيلاڻِ اُنهيءَ مان ٿَپڪي ٿي،
ٿي هَر هَر تون سُرخي لائين
اک مُنهنجي جنهن تي جَهپڪي ٿي.

مان تنهنجو شيدائي تہ هُيس
پر ساڳو ڇا هي نانوَ سَوا؟
تُون تُون ناهين، مان مان ناهيان
هِڪَ هُرڳُر واڙي هانوَ سوا.

Gul Hayat Institute

چاهيون ٿِ ٻه اگر موٽي نہ اچي
سا نِينڻ- سِپَن ۾ سَرهائي،
هي عمر وڏي قاتل آهي
اِن ڇا ڇا ڳهور نہ آڳهائي؟

*

Gul Hayat Institute

هيءَ بيماري عنايت، تون ملين
زندگانيءَ لاءِ غايت، تون ملين*

درد دل ۾ تي ويو ڪيڏو متو
سون جڏهن آغوش ۾ توکي ڏنو!
ڪيترا تولئه جنم ترسيو هيس!
هيئن بادل تي ڪڏهن برسيو هيس؟
موت کي معني ڏنئه پوئين گهڙيءَ
زندگي ڇا ڏنئه پوئين گهڙيءَ!

*

* غايت – انتها

Gul Hayat Institute

ڪتان مون کي پُڪارين ٿو، ڪٿي آهين، ڪٿي آهين؟
ڄيارين ٿو نہ مارين ٿو، ڪٿي آهين، ڪٿي آهين؟

لڳهہ تي لوءِ تي آئين، ڪڏهن ولهار تي ڇائين
سَرهَہ جئن ڪيرتر ٿان چَنڊَ ٻسان ٿو ٻسِڳ ٽڪرائين؛

ڪڏهن نيرا ڀريا بادل ڪِڏهن تون آڪَ جون ڦلڙيون،
ڪڏهن تِر جون هوائون جي اچانڪ رات جو گهلڙيون؛

ڪڏهن تو خون جي هولي ڪَڏهن تون ٻاجهہ جي ٻولي
رڙو رڙ لوڪ ۾ آهين جڏهن ڌاڙيل جي گولي؛

نہ ٿو توکي سڃاڻان مان نہ ٿو توکي سڃاڻان مان،
ڪڏهن رَت ڇاڻ ۾ چو ٿو رُلائين، ڪيئن ڇاڻان مان!

ڪڏهن تون پار جي معصوم ڇوڪرن ۾ پيو ڪيڏين
ڪڏهن درياه ڇوڪرن جا وهائي ٿهڪ وينو ڏين!

نہ ٿو سمجهان بُرائي ڇا، چڱائي ڇا لڳي توکي!
خُدائي ڪيتري تنهنجي؟ خُدائي ڇا لڳي توکي!

ڪروڙين ڪائناتون تون رڳو ڪِن ۾ بڻائين ٿو،
اِيئن ئي سي مِٽائين ٿو وَري تِن کي سجائين ٿو!

مگر تو شعر منهنجي ۾ اِئين ڦاسِي ويو آهين،
نہ تون وحشي نہ تون قيدي مگر تو بَندَ ڪي چاهين!

شفق تنهنجي، اُفق تنهنجا، ستن ۾ ڏِس سَمايا مون!
سنڌ ۽ سنسارِ ڪنان پاينده تَر آهن بَنايا مون!

*

Gul Hayat Institute

اَنبَ جي وَڻَ ۾ ڪويليون ڪُوڪِي
چِڻ تہ سانوڻ کي روز سارِن ٿيون
ڪا تہ برکا بهار اچڻي آ
ڪيتريءَ سِڪَ سان پُڪارِن ٿيون!
ڪيئن چَئجي پِنيون هَوائون جي
هيل رَسنديون تہ مان ڪٿي هوندس؟
ڪِيئَن چَئجي نَيون گهٽائون جي
هيل وَسنديون تہ مان ڪٿي هوندس؟
حال هِن رَنگ رَنگَ دنيا ۾
آنءُ وڻ تڻ، پکي پکڻ تاڙي،
تو ڏسان پنهنجي سنگ نارين کي
شام جو لونءُ لونءُ کي لاڙي،
تو ڏسان مُنهَن شفق جي رَنگن ۾
ڪيئن ڪاراڻ ۾ چپن تا پيا!
ڪيترا انتظار اَنگن ۾
رات جي تاڙَ ۾ رَهن تا پيا.

*

Gul Hayat Institute

عمر تي اعتبار ڪهڙو آ!
بي خزان جو بهار ڪهڙو آ!

رات تَڪجي سمهي پئي آهي
تون نہ آهين تہ اوپري آهي؛
خواب اَن ڪان رُسي ويا آهن
ها مگر خواب؟ خواب ڇا آهن!

پو بہ تون هانوَ ۾ هُرين ٿي پئي،
اِئن ڪَنَن ۾ اَچا پُرين ٿي پئي،
ڄڻ تہ توِن محوِ گفتگو آهين،
دور هُوندي بہ روبرُو آهين
ڄڻ تہ آغوش ڪي پِرين ٿي تون،
پيار اڳَ جئن وَري ڪَرين ٿي تون!

Gul Hayat Institute

ڪير چوندو تہ اسپتال آهي
زندگي خواب آ، خيال آهي
نَرس آئي وئي، مگر تون هُئين ءَ!
جيستائين وئي نِظر، تون هُئين ءَ!
جئن نہ آ ڪُوڪَ ڏار ڪويل ڪان،
گڏ گذاريوا تمراِئين توسان،
شاعريءَ ۾ رڳو پُڪارين ٿي،
هونءَ ڪيڏو نہ چُپ گذارين ٿي!

*

Gul Hayat Institute

اوچتو چرڪي، ڪري مون کي ڏسي،
تي پڇي "ڇا تون ڦلاڻو ڪونه آن؟
مون پڙهي آ شاعري تنهنجي سچي."
لڄ سان سوچان پيو مان ڇا چوان؟
سج اُفق ۾ تو هٽي پوئين ٿي
ڪانو ڪان ڪان ڪن پيا آڪاس ۾
تو وَڃان ڪنهن سوچ ۾ جڻ مان ٻڏي،
رات واسيل آهه هن جي واس ۾،
ويل چيئر* کي ڪُپائي تو چوان،
"هيل تائين مان ڦلاڻو آهيان
پر سياڻي ڪيئن چئجي ڇا هجان!"

*

Gul Hayat Institute

* ويل چيئر : Wheel Chair

*ويِل چيئَر تي رِڙهيَ مان سامهون،
** ڪيئي شلوارون ڏسان تولانِ تيِ،
ڪيتري آهي ڪَشش تن ۾ اجا
حُسنَ جادو تو ڪَري انسان تيِ!

ايتري ۾ تي اَچيِ ننڍڙي اَمان
ڏيءَ ۾ پُٺَ چِيچ ڏَئي کِلي پَئي،
مامتا هُن تي شفق جي رنگ جئن،
تو جُهڪايان مان اکيون هُن کي ڏسي؛

ماءُ جو مُنهن سجَ وانگرُ تو لڳي،
حُسن ڪوئي ڪون تو مونکي لڳي!

*

Gul Hayat Institute

Wheel Chair *
Lawan **

راتِ ناريلَ جا جَهنبولا وَڻ
چڻ تہ غيبات جيئَن بيٺا ها،
نِنڊَ ۾ هو سَڄو شفاخانو
نِنڊَ، جنهن ۾ اُداس سپنا ها.

چَنڊَ ڪڙڪيءَ منجهان ڏٺو گهوري
هيءُ سوداءَ آهہ ڪَهڙي ۾
مَوت جي خوف کان پري آخر
نيٺ ڦَهلاءَ آهِ ڪَهڙي ۾؟

هن جي ڪمري اڳيان ڪِنجهي ڪوئي
سَڀَ جي ننڊَ کي ڦٽائي ٿو،
”زندگي چار ڏينهن آ يارو!“
خواب مان چڻ اُٿي چِتائي ٿو.

موت هُن جي پنيان تہ بيٺو آ
هي مگر ڪونہ ٿو ڏسي اُن کي!
شاعريءَ کي وسيع شالَ جيان،
چڻ تہ ويڙهي پيو اجان تہ لِکي!

زندگيءَ جا عظيم پيغمبر
موت کان ڪونہ ٿا ڏڪن ڪڏهِين،
جو لکي ويا وڏا شاعر
سي نہ ٿا لفظ ميٽجَن ڪڏهين.

*

Gul Hayat Institute

تنهنجو منهنجو ديس نہ سانڳيو
تو نہ ڏٺو مونَ ديسُ،

ڪُهنبي رنگِ اُنهيءَ جون ٻاڪون،
سورج وَرنو ويسُ.

تُنهنجو ديسُ ڏڪاريو آ مونِ
ڀريِن ڀَر ڪَنان

تون ڇا ڄاڻين آنءُ ٻرانِ تو
ڪيڏيءَ نُفرت سان!

ها، تون ڏيهي آهين منهنجو
ڌرتيءَ ناتي سان،

مُنهنجو لَڳُ لاڳاپو ليڪن
آهي ڪنهن ٻي سان.

پنهنجي ٻانهن ڪپائيندين پر
ڏيندين ٻانهنَ نہ مُون!

مون کي ڪائي آسَ نہ آهي
منهنجو ٿيندين تُون!

Gul Hayat Institute

ٿنهنجيءَ رڳ رڳ ۾ وِهُ آهي
تـوکـي واريـو مـون،

منهنجا مِٺَ پَري سڀ مون کان،
جن کي ساريو مون.

ساڳي هي تاريخ نہ رهندِي،
هي چاٽان ٿـو مان؛

ها، پر هُو ڪنهن وقت اُسهندا،
سو مان ڪيئن چوان!

*

Gul Hayat Institute

نِندَ جون گوريون وَٽان
يا اچان تَرسان، مَتان
تون اچين!

روح جي مضراب تون،
مانِ رڳو توسانِ وچان،
تون اچين!

ڪيترو اوسيئڙو،
جاڳَ ۾ آهي اَچان!
تون اچين!

ڏِسُ، ستارا اَبَ تي
منتظر چڻمون جِيان!
تون اچين!

ها، مگر ايندينءَ نہ تون،
ڪيترو جاڳان، جَلان!
تون اچين!
Gul Hayat Institute
ڇڏ تہ مان پوريان اکيون!
يا اچان ترسان متان
تون اچين!

*

منهنجو ڪهڙو حال پُڇين ٿو؟
مون کي ڇا ڇاڻِين؟
ڇا جي لاءِ اُداسِ ٿِئين ٿو؟
مون کي ڇا ڇاڻين؟

مان جيڪُو ڇاهيان ٿو، اُن جو
ڪنهن کي آهه پَتو!
تون ڇا ڇاڻين، رات وهائوءَ
ڪهڙو قولُ وَتو؟
تون ڀي ڪائي باک تڪين ٿو
منهنجي ڀي ڪا باکَ!
آهه اُفق تي نيٺ اُيرٽي
منهنجي لوئيءَ لاکَ!

*

Gul Hayat Institute

لَنوِي تو ڪانءُ ڇا لَڱُئي؟
اڇين تي تون پئي شايد
وَتو مون نانءُ ڇا لئي؟
سَتائي سارَ تي ٿُنهنجي
هَري تو هانءُ ڇا لئي؟
اَڃِي ايندينءَ ڪُڏهن دَر تي
پريان تو تانءُ ڇا لئي؟

*

Gul Hayat Institute

تو اِن کي ڏاڍو ڀاريو آ
هي شمعَ اَجهامي وَيٺي آ
تو سارو صحن اَجاريو آ
هي هاٺي کامي وَيٺي آ.

ڪوئي ٻہ سِتارو ڪونہ آهي
۽ رات اڃي ڪان ڪاري آ،
۽ ڪيئي قاتل آهن، جَن
ڪَئي شَب خُون جي تيَاري آ.

هي شمع اَجهامي ويٺي آ
۽ ڪاري رات اَسهٺي آ
۽ رَتوچاڻ منجهان آخر،
ٻي ڪائي باکَ اُيرٺي آ.

Gul Hayat Institute

*

چنڊ آڪاس مان راتِ مون کي چيو
تون بہ آ هيڪلو مان بہ هان هيڪلو
آنءُ تون وٽ اچان؟
بند شيشن منجهان مان ٽپي ٿو سگهان
رات ڀَر ساٿُ تنهنجو ڏئي ٿو سگهان
آنءُ تون وٽ اچان؟
موتَ کان پياريون ڪيترين ناريون
تو چِتائي ڏِنيون راتڙيون سارِيون
آنءُ تون وٽ اچان؟
اڄ تہ ڪائي ڪِٿي آهہ ڪائي ڪِٿي،
ڪيئن چئجي تہ ڪنهن آ نِڀائي ڪٿي!
آنءُ تون وٽ اِچان؟
باڪَ تائين تہ مان ساٿُ ڏئي ٿو سگهان
ڪيترين ڳالهڙيون آنءُ چَئي ٿو سگهان
آنءُ تون وٽ اچان؟
ٿي ڏني ڪالهہ جنهن وارَ چوڙي ڦٽي
آءُ ايندس اُنهيءَ جون سُڳنڌون کڻي
آنءُ تون وٽ اچان؟
شرط هي آ تہ مان راتِ جي راتِ هان،
سارَئي سارَ هان موتَ جي ماتِ هان،
آنءُ تون وٽ اچان؟

*

Gul Hayat Institute

* غالب، ڪوچۂ بلي ماران
بزمِ چراغان، ڪوئي غزلَ،
ڪائنات جي ڪنهن ڪوني ۾
آهہ اڃان ڇا محفلِ ياران
ويٺل آ ڇا ڪوئي پلَ؟
جنهن ۾ ساڳي ڌُن گونجِي ٿي
رِند پِيا ڪَن ساڳو هُل
** ساڳي مينا، ساڳو مُل!
دادَ ڏِئي ٿي جِن جي پاران
بادل آڻي موسمِ باران؟
*** شمع ٿئي ٿي مُور نہ گل!
جنهن تي ساري رات غزلَ،
ڪوئي غالب جو ڳائي ٿو
سارنگيءَ سان لائي ڳل.

Gul Hayat Institute

*

* ڪوچۂ بلي ماران – محلو جتي غالب رهندو هو.
** مُل – فارسيءَ ۾ شراب کي چئبو آهي.
*** گل ٿيڻ – وسامڻ
نوٽ: غالب جي نسبت سان هن ۾ فارسي لفظ ۽ ترڪيبون آنديون ويون آهن.

زندگي ڦولاربي آڳ وانگيان
رُت نئين رابيل جي ايندي وَري
چوتيون مُگرا ٻَڏي اڳ وانگيان
ايندپون، مون ڪان سَوا ويندي سَرَي؛
ڪي عطر، عنبير سان ناريون هتي
ڇيچ ۾ ڇاتيون ڇُلائينديون وَري،
ڳيت ڏيندا ڳيتَ تي ڳيرو جتي
هوا ڳي جئن ڳيچ ڳائيندپون وري،
سلسلو هلندو پيو مون ڪان سَوا
ڪالهه وانگر مُنهن اَنڌيري ماڪ ۾
۽ ڪَلالن ڪَوءِ ۾ ڪيئي ٽِڙي
گهر هليا ويندا سَويري ماڪ ۾.
لَڙ ڪڙائينِدي اَڳي جئن زندگي
ڪَڙ ڪڙائيندا ڪَڙا، آتنديون وَنيون،
رات جوتِن لَئه تَڪي جيڪي سَتيون،
ننڊ مان ائن جاڳنِديون جئن ڪي رَنيون،
وارَ وڪرائي، اڪيون مَهتي ڪري
رات جا سپنا وِساري ايندِيون،
ڪي اُنهن مان نِيرُ نيٽن ۾ ڀري

Gul Hayat Institute

ڏينهن کَي ڏِسندي ڏُکاريون ٿينديون.
مون سوا وَسٽيون سدا وَسنديون ڀيون
مون سِوا ڪا شيءِ نہ هِتڙي ٻِيهَندي؛
ڪبرڙِ ساڱيا واٽ تي ساڱيون لَيون
ڪوڪَ ڪويلڙِي بہ ساڳي ئي ڪندي!
ڪو بہ مون کِي ڪونہ ٻِسارِيندو هِتِي
ها ڪويِتا جون سِٽُون شايد رَهن
ڏِيَئڙو جي ڪو بہ ٻارِيندو هِتي
لاٽَ ۾ منهنجا بہ ڪجهہ لِيئا هجن!

*

Gul Hayat Institute

ڪجهہ اجان ڏيري گهٽائو، گهر پُڄان!
لَڙ ڪڙائيندو سَهي پر دَر پُڄان!
هُن چيو هو ايتَرو چو تو پئين؟
اڄ بہ ائين چَوندِي مگر اندر پُڄان.

راهہ هو مُنهنجي نهاري رات پر،
ڏيئڙا بيڪار ٻاري رات پر،
تي اِجا تائين ڏسي ايندو ڪڏهن،
چو ائين تو هو گذاري رات پر؟

مِينهَن جي موسم، هوائن ۾ نَمي،
ڏيئَڙي هن ڪان پُڇي ”بابا؟ آمي!“
باکَ ريڪون تي ڪِڏي گهر گهاٽ تي،
راتڙي تارا ڳڻيندي وَئي رَمِي.

Gul Hayat Institute

چِرڪ نڪري تو وِجي تَڪ تَڪ ٻُڌي.
مَڏ يري ساڳي وري ٻَڪ ٻَڪ ٻُڌي.
سوچ ۾ آهي تہ وَرَ مُنهنجي ڪڏهن، آهہ
چائنت ڪي تپي دَڪ دَڪ ٻُڌي؟

*

رات پر ڳايان ستارا ترسجو!
چَنگَ دل ڪولي وَڄايان آنءُ جئن
تيون چِلَن ڇوليون ڪنارا ترسجو!
اُڀَ تي تن ڪي ڇُهايان آنءُ جئن.

اي زمينو! آسمانو سوچجو
مون جيان راڳي وَرِي ايندو ڪڏهن؟
ننڊ وارا آستانو سوچجو
راتڙيون جاڳي وري ايندو ڪڏهن؟

جاڳَ منهنجي ڀاڳَ ۾ آهي لکي
ننڊَ مُنهنجي کِهندَ وانگر تي وڃي.
ڪا تہ پوڄا راڳ ۾ آهي ڇپي،
رات ساري گونج تي جَنهنجي وَڃي.

آنءُ مِٽيءَ ڪان سوا ٻي شيءِ بہ هان،
هِيَ ڪَويتا آ انهيءَ جي ثابتي؛
لونءَ ڪي ڪانداريان سا ٻيءِ بہ هان،
ناستڪ! ڪهڙي ڪَپي ٻي ثابتي؟

*

Gul Hayat Institute

ننڊ ۾ موڪي متارا ٿي ڏِسي
ٻُچوي ٿي ڪئن مُئا، ڪاڏي وَيا؟
چوُطرف هوءَ نانگ ڪارا ٿي ڏسي،
ڀَوءُ ڪري ٿي مَٿَ ڀي ۾ جي وَيا!

ڪيستائين اي ڀياڪو هي پِڙي
آهہ ٿِيٺي هئن ڪهاڻي موتَ جي؟
ڳيتَ جيڪا جيٺت جي آڳالهڙي
ڪيستائين ٿي وراڻي موتَ جيْ؟

ننڊ مان نِڪري چِڪائي ٿي وَري
ٻيا متارا مر گهٽيءَ مان ٿا اچن.
متَ ڪي گهوڙي چِتائي ٿي وَري
اڄ مرڻ لئہ سڀَ پرسان ٿا اچن.

Gul Hayat Institute

سڀ متارا سَڀَ مارن ٿا پيا
مَتَ ڀَرجن ٿا ڪلالن جا چِڪي
مَڏَ هرڪنهن کي پيارن ٿا پيا.
اڄ گِهٽيءَ ڀيٺي نہ آهي ڀيڙَ جي!

چَنڊُ چمڪي ٿو پيالن جي مٿان،
آجڪائيءَ جي اُجالن جي مٿان.

نوٹس

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

آرٿر ڪوئسلر

1905ع ۾ بداپيسٽ (Budapest) ۾ ڄايو هو ۽ ويانا يونيورسٽي ۾ تعليم ختم ڪري صحافي ٿيو هو ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ صحافيءَ جي حيثيت سان ڪڏهن وچ اوير ۾ ڪڏهن پئرس ۽ ماسڪو ۾ رهيو: سوويت وچ ايشيا ۽ آرڪٽڪ (Arctic) ۾ به ويو ۽ 'New Chronicle' جي خاطوءَ جي حيثيت ۾ هن کي فرانڪوءَ جي فوج اسپين جي خانہ جنگيءَ ۾ گرفتار ڪيو ۽ قيد ڪري موت جي سزا ڏني. هن 1938ع ۾ صحافت ڇڏي ڏني ۽ انهيءَ سال ۾ اسپين جي باري ۾ 'Dialouge with death' ڪتاب لکيائين، تنهن کان پوءِ فرانس جي Foriegn legion ۽ برٽش صحافت ۾ هيو. برٽن جي شهريت هن پوءِ اختيار ڪئي هئي ۽ ان کان پوءِ آرٿر ڪوئسلر موت تائين لکندو رهيو.

هن جا هيٺيان ڪتاب ڪافي مشهور آهن، جي مون نمبر 2 کان سواءِ سڀ پڙهيا آهن:

The yogi and commessar
The gladiators
the sleep walker
The age of longing
The act of Creation
The lotus and robot
The roots of Coincidence
The darkness at noon
Arrow in the blue
The Invisible writing
Arrival & departure
Drinkers of inifinity
The thirteenth tribe

ڪوئسلر جي ساليءَ هن جي زال مئمين ڏانهن هن جا لکيل خط ڇپايا آهن، جي هن جي زندگيءَ تي ڪافي روشني وجهن ٿا. 1951ع ۾ هن مئمين کان طلاق ورتي ۽ فرانس هليو ويو، پر اُتي گهر وڪڻي لنڊن موٽي آيو ۽ مئمين جي ويجهو گهر ورتائين ۽ هن سان هر هفتي ملندو رهيو هو، جيتوڻيڪ هو الڳ زندگيون گذاريندا هئا. ڪوئسلر کي ڪميونسٽ مرتد (Renegade) ۽ بِي.آءِ.اي جو ايجنٽ ڪوٺيندا هئا. حشوءَ مون کي هن جو ناول "منجهند جو اونده" (Darkness at noon) غالبا 1945ع

Gul Hayat Institute

۾ پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. انهيءَ ناول، ڪوئسلر کي ساري دنيا ۾ مشهور ڪري ڇڏيو هو. ان ناول ۾ ان بالشيوڪ جي حالت ڏيکاري وئي آهي جنهن کي خفيه پوليس گرفتار ڪري، پنهنجي ڏوهه جي باس زبردستيءَ ڪرائي هئي، جيتوڻيڪ هو بي ڏوهي هو. دراصل انهيءَ ناول جي پس منظر ۾ اُهي مقدما هئا جي 1938-1936ع ۾ ماسڪو ۾ ٿيا ها ۽ جن ۾ اسٽالن پنهنجن مخالفن کي رياست جو دشمن ڪري پيش ڪيو هو. ان کان پوءِ مان وقت بوقت ڪوئسلر جا ڪتاب پڙهندو رهندو هوس. هُن جي مطالعي، ڪميونسٽن جي ويجهو هجڻ جي باوجود، مون کي ڪميونسٽ ٿيڻ کان بچائي ورتو. هن جي زال مئمين ته 1954ع ۾ سخت دَم ڪشيءَ ۾ مري وئي هئي. هُن پاڻ 4 مئي 1983ع تي لنڊن ۾ آپگهات ڪيو. هن هڪ ڪتاب يوڳ ۽ زين مت تي به لکيو آهي، پر ڏسجي ائين ٿو ته آخر تائين هو دهريو هيو ۽ هُن جو منطقي انت خودڪشي هئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته علامه آءِ.آءِ قاضيءَ به خودڪشي ڪئي هئي.

آلبرٽ ڪامو (Albart Camus)

فرانس جو مشهور ناول نگار جو الجزائر ۾ 1916ع ۾ پيدا ٿيو. هن جا والدين هسپانوي هيا. هن جي پرورش اتر آفريڪا ۾ ٿي ۽ هن ڪيئي ملازمتون ڪيون. تنهن کان پوءِ هو فرانس جي راڄ ڌانيءَ ۾ آيو ۽ صحافت جو پيشو اختيار ڪيائين. 1942ع ۾ هن 'اجنبي' ناول لکي شهرت حاصل ڪئي. هو جرمن والار خلاف مزاحمتي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن هيو ۽ 'لڙائي' اخبار (جا چوريءَ ڇپي نڪرندي هئي) جو ايڊيٽر هو. جنگ جي خاتمي کان اڳ ۾ هن هڪ ناٽڪ ڪئلي گلا (رومن شهنشاهه) 1939ع ۾ لکيو ۽ جنگ جي دوران ناول 'اجنبي' 'بيروني ماڻهو' ۽ ڪجهه دانشورانه مضمون 'سسي فس جي ڏند ڪٿا' جي.نالي سان لکيا. تنهن کان پوءِ هُن سياست ترڪ ڪري ڇڏي ۽ سارو وقت صحافت کي ڏيڻ لڳو ۽ هن کي بين الاقوامي شهرت وغيره ناول 'پليگ' ۽ ڪتاب 'باغي'، بغاوت، مزاحمت ۽ موت' ۽ ڊراما 'تابوءَ ۾' ڪري ملي ۽ جنوري 1957ع ۾ هن کي نوبل پرائز مليو. 1960ع ۾ هو رستي جي هڪ حادثي ۾ مري ويو.

فرانس ۾ جي وڏا اديب ٿيا آهن، تن ۾ آندري مالرو، جيڪو ڊيگال جو ڪلچر منسٽر به هيو ۽ جنهن اسپين جي جنگ آزادي ۾ هيمنگوي ۽ ٻين سان گڏ انٽرنيشنل برگيڊ ۾ حصو ورتو هو، وجوديت جي فلسفي تي ڪيترا ڪتاب لکندڙ ناول نويس سارتر، هن جي محبوبا سيمون دي بيوار ۽ ڪامو هيا.

هن جو مشهور ناول 'پليگ' هڪ تمثيل هئي فرانس جي باري ۾ جا نازي جرمنيءَ جي قبضي ۾ هئي. مان ڀانيان ٿو اُها اسٽالن واري روس جي باري ۾ به تمثيل هئي. 'سسي فس جي ڏند ڪٿا' واري مضمون ۾ ڪامو ڏيکاريو آهي ته هن ڪائنات ۾ خوشي تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿي، جڏهن انسان هڪ پيرو اهو مڃي ته زندگيءَ کي ڪي به معني

Gul Hayat Institute

نہ آهي سوا اُن جي، جا هُو اُن کي ڏئي ٿو. ڪنهن هند هو سارتر جي وجوديت کي بہ مجيندو نظر اچي ٿو، جيتوڻيڪ هن وجوديت تي تنقيد ڪندي لکيو تہ ”اُها انهيءَ ما بعدالطبيعياتي سمجهاڻيءَ جي جاءِ والاري ٿي، جيڪا هوءَ اُلٽ پلٽ ڪري چڪي آهي.“ ڪامو ۽ سارتر سياسي اختلاف بہ ڪاني رکندا ها، ڇو تہ ڪاموءَ هڪ مضمون ۾ لکيو تہ ”سياسي، سماجي ترقي درجي بدرجي ٿيندي ۽ مڪمل انقلاب سان نہ ٿيندي، جيئن سارتر ۽ مارڪسٽ چوندا ها.“ ڪاموءَ جي ناولن ۾ انسان ذات ۾ اعتبار واضح آهي، هو 1960ع ۾ ڪار جي حادثي ۾ مري ويو.

آلندي سيلويڊار

چليءَ جو سوشلسٽ ليڊر ۽ صدر جو 1908ع ۾ ڄائو هو ۽ جو 1973ع ۾ ماريو ويو. آخري دم تائين هار نہ مڃيائين ۽ مشين گن هلائيندي وڙهندو رهيو. شايد ساڳي ڏينهن تي يا ٻئي ڏينهن تي هن جو دوست راڳي شاعر وڪٽر هارا ماريو ويو. هن جي زال جون هارا جو ڪتاب 'Victor, the unfinished song' مون پڙهيو آهي. انهيءَ ۾ آلندي جو تمام گهڻو ذڪر آهي. آلندي هڪ پڪو مارڪسٽ هو، جيڪو ڏکڻ آمريڪا ۾ هڪ آزاد اليڪشن ۾ ڪٽي ويو هو. هُو چليءَ جي سوشلسٽ پارٽيءَ جو 1943ع ۾ سيڪريٽري جنرل ٿيو هو. جيتوڻيڪ هڪ سوشلسٽ جي حيثيت ۾ اُنهي سوشلسٽ گروپ جي خلاف ڪامياب ٿيو هو، جيڪو ڪميونسٽ ڊر جو حامي هو، پر پوءِ هن ڪميونسٽن سان تعاون جي ضرورت محسوس ڪئي، جيئن چليءَ ۾ انقلابي تحريڪ ڪمزور نہ ٿي. 1948ع ۾ هو سوشلسٽ پارٽيءَ کي پريزيڊنٽ گبرئيل گونزاليز وڊيلا جي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ تي آماده نہ ڪري سگهيو، نہ وري ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حمايت تي آماده ڪري سگهيو. آلندي سوشلسٽ پارٽيءَ کي الوداع ڪري، هڪ ٻي ڪَسب – ويري سوشلسٽ پارٽي ناهي، جنهن کي ’پاپولر سوشلسٽ پارٽي‘ نالو ڏنو ويو. جڏهن 1952ع ۾ ٻي ايس ٻي اڳين آمر جنرل ڪارلوس ابنيز کي چونڊ ۾ اميدوار جي حيثيت ۾ مدد ڪئي تہ آلندي ٻي. ايس. ٻي ڇڏي، اصلي سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ موٽي آيو. هن کي ڪميونسٽن مدد جي آڇ ڪئي جي سوشلسٽن انتخاب ۾ هن کي صدارت لاءِ اميدوار چونڊيو. سوشلسٽن اها آڇ قبول ڪئي ۽ ٻنهي پارٽين اتحاد ڪيو، جنهن کي ’پاپولر ائڪشن فرنٽ‘ ڪوٺيو ويو، جنهن ٽي ڀيرا 1952ع، 1958ع ۽ 1964ع ۾ آلندي کي صدارتي اميدوار جي حيثيت ۾ مدد ڪئي، پر ڪامياب نہ ٿيا. فرنٽ جي جاءِ تي پوءِ ’پاپولر يونٽي‘ ناهي وئي، جنهن ۾ ريڊيڪل پارٽيءَ جا ميمبر، ڪميونسٽ، سوشلسٽ ۽ اُهي ڪرسچئن ڊيموڪريٽ، جيڪي پنهنجي پارٽيءَ سان اختلاف رکندا هيا، شامل ٿيا. 1970ع جي اليڪشن ۾ آلندي ڪٽي ويو. ڇاڪاڻ جو هن کي واضح اڪثريت نہ هئي تہ اُتان جي قانون مطابق، هن جي اليڪشن کي قومي اسيمبليءَ بحال ڪيو، جنهن ڪرسچئن ڊيموڪرٽن، آلندي

Gul Hayat Institute

جي انهيءَ شرط تي حمايت ڪئي تہ ائين ڪي نہ ٽوڙيندو. آلندي جي پروگرام ۾، بئنڪن ۽ خانگي ڪمپنين کي قومائڻ بہ هو ۽ زرعي سڌارا بہ هئا. هڪ اهڙو نظام ٺاهيو ويو، جنهن محنت ڪشن کي سرڪار جي اختيار ۾ فرمن ۾ حصيدار بڻايو ويو. زرعي سڌارا تيز ڪيا ويا. 1972ع تائين سڀ وڏيون جاگيرون قوميايون ويون. آلندي جي سرڪار جو آمريڪا سان اُن وقت تصادم ٿيو، جڏهن ان آمريڪا جا ٽامي جا ڪارخانا قوميائيا ۽ انهن لاءِ ڪافي معاوضو نہ ڏنو. آلندي جي پگهارن ۾ اضافن ۽ پيداواري مسئلن، صورت حال کي وڌيڪ منجهائي وڌو ۽ عالمي منڊيءَ ۾ ٽامي جي بها ڪِري پئي.

وچولي طبقي جي وڌندڙ حرڪتن سبب آلندي خلاف 1972ع ۽ 1973ع ۾ اسٽرائيڪ ۽ مظاهرا ٿيا. 1973ع جي اونهاري تائين بہ ورودي ڌريون ٿي ويون. هڪ آلندي جي پورهيت حمايتين جي ۽ ٻي وچولي طبقي جي ورودي ڌُر. 11 سيپٽمبر 1973ع تي آلندي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ ملٽري ڪُوپ (Coup) ڪامياب ٿيو. آلندي صدر جي محل تي حملي ۾ وڙهندي ماريو ويو.

مشهور شاعر پيبلونرودا بہ آلندي جو دوست هيو، جنهن کي هن اسپين ۾ سفير مقرر ڪيو هو ۽ جو هن جي موت کان ڪجھ وقت پوءِ گذاري ويو.

ابن رشد (1126ع کان 1198ع تائين)

عبدالوحيد محمد احمد بن محمد رشد، اسپين جو سڀ کان وڏو عرب فلسفي ۽ سائنسدان هو. طب، فلسفي، فقه ۽ فلڪيات جو وڏو ماهر هو. هو قرطبا ۾ پيدا ٿيو ۽ هن جو پيءُ، ڏاڏو قاضي جي عهدي تي فائز هيا. ابن رشد جي ابتدائي حالتن جي ڄاڻ نہ آهي. شايد هن جو ابن طفيل جي دربار ۾ الموحدون سان تعلق ٿيو هيو ۽ اُنهن هن کي علم لاءِ اُتساهيو هيو. 1169ع ۾ ابن رشد، اسپين ۾ ڪنهن شهر جو قاضي مقرر ٿيو. 1171ع ۾ هو قرطبا جو قاضي القضاۃ ٿيو. 1182ع ۾ هن کي ابو يعقوب يوسف، مراڪش گهرائي ورتو ۽ پنهنجو خاص طبيب مقرر ڪيو. اُتان جا ديني عالم هن کي ملحد سمجهي، هن جي سخت مخالفت ڪندا هيا، جنهن ڪري هو قرطبا موٽي ويو، پر اتي بہ ڪفر جي فتوائن هن کي جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪيو. مراڪش جي خليفي بہ هن جي فلسفي واري تعليم تي پابندي لڳائي، پر ان کان پوءِ وري هن کي پاڻ وٽ گهرائي ورتائين، جتي هو ٿوري عرصي کان پوءِ گذاري ويو.

هن امام غزالي جي جواب ۾ ڪتاب لکيو ۽ ارسطو جي ڪتابن جون شرحون، افلاطون جي ڪتاب 'سياست' جي شرح ۽ طب تي 'الڪُليات' ڪتاب لکيو. غزاليءَ جي جواب ۾ هن جيڪو ڪتاب لکيو اهو سڀ کان اهميت وارو آهي، ڇو تہ اُن ۾ هن جي فلسفي ۽ فڪر جي جهلڪ ملي ٿي. ان فڪر جي ڪري نہ فقط مسلمان ديني عالم پر عيسائي پادري بہ هن کي ڪافر سمجهڻ لڳا. دراصل ابن رشد عالمن جي انهيءَ

Gul Hayat Institute

مڪتب سان تعلق رکندو هيو، جي متڪلمين ته نه هئا پر ڇاڪاڻ ته هو عقليت پسند هيو ان ڪري هُن مجيل عقيدا پنهنجي فلسفي ۾ آندا هيا. ايتري قدر جو الڪندي، فارابي، ابن سينا، ابن ماجا ۽ ابن طفيل وغيره جيڪي انهيءَ سلسلي سان تعلق رکن ٿا، جنهن جي آخري ڪڙي ابن رشد ثابت ٿيو. مشرق ۾ ڇاڪاڻ جو صوفين جو دؤر هيو، يعني ابن عربيءَ جا نظريا مڃيا ٿي ويا ۽ وسطي ملڪن ۾ امام غزاليءَ جا، ان ڪري هن جي فڪر جي خلاف محاذ ٺاهيو هيائون. ابن رشد جهڙا عقليت پسند مفڪر مغرب جي پاند ۾ پناهه وٺندا هيا. اهو ئي سبب آهي جو سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ۾ مغرب ۽ تصوف ۾ مشرق وڏي ترقي ڪئي ۽ انهيءَ ۾ پنهنجي سڃاڻ حاصل ڪيائين. ابن رشد جي دعوى هئي ته مذهب جا الهامي اصول عقليت کان سواءِ ۽ باقي هر چيز عقل جي ڪسوٽي تي پرکجي. انهيءَ طرح سان هن دنيا کي ارسطوءَ جي راهه ڏيکاري ۽ هو ارسطوءَ جو سڀ کان وڏو مفسّر ۽ شارح تسليم ڪيو ويو.

ابن سينا، بوعلي (آگسٽ 980ع کان جون 1067ع تائين)

ابو علي حسين بن عبدالله ابن سينا اسلامي دنيا جو نامور طبيب، جڳ مشهور سائنسدان، فلسفي، رياضي دان ۽ فلڪيات جو ماهر هو، هو بخارا جي هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو هو. هن کي مغرب ۾ 'آوِي سينا' چوندا هئا. هن جو هڪ مشهور ڪتاب 'القانون في الطب' ڪيئي صديون پڙهايو ويو ۽ ٻئي ڪتاب 'الادويه' کي طب جو انجيل سمجهيو ويندو هو. هو ڇهن ورهين جو هو ته بخارا پهتو ۽ تعليم حاصل ڪيائين. هن جو پيءُ اسماعيلي فرقي سان تعلق رکندو هو ۽ پٽ کي به اِها تعليم ڏيڻ چاهيائين، پر هُن هئڻهار نوجوان ڏهن ورهين جي عمر ۾ قرآن، فقه ۽ ادب جو مطالعو پورو ڪري ڇڏيو ۽ باقي جيڪي علم هُئا انهن ڏانهن ڌيان ڦيرايائين. هن منطق، فلسفي، رياضي جي تعليم حاصل ڪري، طب ۽ طبعيات جو مطالعو شروع ڪيو ۽ جلد ئي پنهنجي اُستادن کان اڳتي نڪري ويو. سورنهن سترنهن ورهين جي عمر ۾ بوعلي ابن سينا بخارا جي حڪمران نوح بن منصور جو علاج ڪاميابيءَ سان ڪيو ۽ اِن ڪري شاهي ڪتب خاني ۾ مُهتمم مقرر ڪيو ويو. هن سارو ڪُتب خانو هڪ ئي سال ۾ پڙهي پورو ڪيو ۽ سدا سنوان مشاهدا ۽ تجربا به ڪندو رهيو. ٻئي سال بخارا جو حاڪم فوت ٿي ويو ۽ ابن سينا کي پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو، پر انهيءَ وچ ۾ هو پنهنجي علم کي توڙ تائين پهچائي چڪو هو. ان کان پوءِ هن تصنيف ۽ تاليف جو ڪم شروع ڪيو. 1001ع ۾ ابن سينا 'خوارزم' پهتو ۽ علي بن مامون جي دربار ۾ داخل ٿيو، هِتي هن جي ملاقات هن جي دؤر جي عظيم عالمن ۽ فاضلن سان ٿي. البيروني، العراقي، ابوالخير سان سندس بحث مباحثا ٿيندا رهيا. 1009ع ۾ هو 'جرجان' ويو، پر ڪٿي به آرام سان نه رهيو. 1015ع ۾ هن 'ري' طرف رخ رکيو، جتي جدا جدا حيثيتن ۾ ڪم ڪندو ۽ مشورا ڏيندو رهيو. 1022ع ۾ امير علاءُ الدين وٽ ڪجهه سڪون سان رهي سگهيو ۽ عمر جا

Gul Hayat Institute

آخري 14 سال هن سائنس گڏ گذاريا. نيٺ هو 'حمدان' ۾ ڪولنج جي مرض ۾ مري ويو.

هن فلسفي، منطق، رياضيءَ تي ڪيئي ڪتاب لکيا هيا، جن ۾ فلسفي تي 'الشفاءُ'، طب ۾ 'القانون' ۽ 'الادويہ' انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت رکن ٿا. 12 صديءَ ۾ انهن جا ترجما يورپي ٻولين ۾ ٿيا ۽ ان کان پوءِ ڪيئي صديون اُهي اسلامي ۽ يورپي يونيورسٽين ۾ پڙهايا ويا.

اپالو ڊورس

افلاطون جي ڊرامي 'فيڊو' جو هڪ ڪردار هيو، روشني ۽ ڇانوَ جون تصويرون ڪڍندو هو ۽ هن لاءِ چيو ويو آهي تہ هن شيون ايئن چٽيون هيون جڻ اصل آهن. هن جو شاگرد زيبوڪسز (Zeiuxix) جنهن جو ذڪر مون اڳي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪيو آهي، تنهن تصوير ۾ ٻگهہ اهڙا ڪڍيا هيا جو اهي اُڏامي آسمان تي هليا ويا هيا. هو انهيءَ ڪري مشهور ٿيو هو. ولڊيورانٽ جي ڪتاب 'The life of Greeks' ۾ ڪنهن ٻئي اپالوڊورس جو ذڪر نہ تو ملي، پر Collier's انسائيڪلوپيڊيا ۾ اپالو ڊورس آف ڊمسڪس جو ذڪر آهي جو ٻيو ڪوئي اپالو ڊورس آهي.

اپيڪيورس

342 ق.م ۾ ڄائو ۽ 271 ق.م ۾ گذاري ويو. هو هڪ يوناني فلسفي هو، جنهن جو تفصيل سان ذڪر ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪيو ويو آهي.

احمد سليم

پنجابي ۽ اردوءَ جو مشهور اديب جو منهنجو دوست آهي. هن پنجابي ۽ اردو ۾ نثر ۽ نظم لکيو ۽ انگريزيءَ ۾ سک مصوره امرتا شيرگل تي هڪ ڪتاب لکيو آهي. منهنجي شاعري جي انتخاب جو پنجابي زبان ۾ منظوم ترجمو 'جو ٻيجل نہ آکهيا' جي نالي سان ٻہ ڪيو اٿائين. هن اردو شاعره سارا شگفتہ (جا عطيہ دائود جي گهري دوست هئي) جي زندگي تي بہ 'مرده آنکهين، زنده پيام' ڪتاب لکيو آهي ۽ پنهنجي پنجابي شاعري جا ڪتاب 'تن تنبور، نور منارے'، 'ڪونجان ڪيون موئيان' ۽ ٻيا نثر ۾ 'ڀهگت سنگهہ' وغيره ڪتاب لکيا آهن. مون وٽ هن کي فيض احمد فيض خط ڏئي موڪليو هيو، جڏهن مان وائيس چانسلر هوس. مون کيس پاڪستان اسٽڊيز سينٽر ۾ ملازمت ڏني هئي. هو واندو وقت مون سان گڏ گذاريندو هو، پر مون کان پوءِ هو نوڪري ڇڏي هليو ويو هو ۽ ٽي - وي وغيره تي ڪم ڪندو رهيو آهي. هو امرتا پريتم جو دوست آهي ۽ پنجابيءَ ٻوليءَ جو سيني کان سلجهيل ۽ سيبتو اديب آهي. هن ٿي لاهور ۾ پنجابيءَ

ٻوليءَ جي مرد ۽ عورت شاعرن سان ڪيئي ڀيرا منهنجي ملاقات ڪرائي هئي ۽ اهو هُن جي صحبت جو اثر هو جو پنجاب مون لاءِ اجنبي نہ هو. هن جا فيض سان بہ ڪافي گهرا تعلقات هوندا هيا.

اربندو بوس

بنگالي اديب هو ۽ شايد شانتي نڪيتن ۾ رهيو هو. 1937ع ۾ ٽئگور سخت بيمار ٿي پيو، جنهن هن جا ڪائنات ڏانهن نظريا ۽ تعلق ٿيرائي ڇڏيا ۽ ان ڪان پوءِ هن مون وانگر هڪڙي نئين يقين ۽ نئين مسرت سان شاعري ڪئي/ ڳاتو. هو 1941ع ۾ گذاري ويو ۽ آخري دم تائين لکندو رهيو. اربندو بوس هن جي نہ رڳو پو يـن ڇٽن ڪتابن جو ترجمو ڪيو، جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ آهي، پر هن ٽئگور جا بہ ڪتاب 'The flight of Swans' (هنس اڏار) ۽ 'Herald of Spring' (بسنت سُڏ) اڱيئي ترجمو ڪيا هئا.

اربندو گهوش (1872ع کان 1950ع تائين)

جديد هندستان جو وڏو ويدانتي فلسفي هيو. هن لکيو هو ت:

حقيقت جو سلسلو آهي، جو ترقي ڪري ٿو. مادي کان وٺي قائم بالذات روحانيت تائين. هن 1926ع، 1944ع ۽ 1950ع ۾ گيتا تي مضمون لکيا. 1946ع ۾ 'هندستان ۾ نئين جاڳرتا جي تحريڪ' ۽ ٻيو ڪتاب 'ڪائنات جي ڳجهارت' لکيائين. 1947ع ۾ 'الوهيت واري زندگي' لکيائين. هن جو اهو ذخيم ڪتاب مون پڙهيو آهي پر هن جي ڳالهہ منهنجي سمجهہ مان ڪنهن حد تائين ترڪي ٿي وڃي. ان ڪان پوءِ بہ هن ڪافي ڪتاب لکيا جي منهنجيءَ نظر مان نہ گذريا آهن. هن جو ارادو هو تہ فلسفي سان توڙ تائين نڀائي ۽ هن کي اصلي ويدانتا جو روپ ڏئي. هن شنڪر جي ادويتا ويدانت جي ڪيترن مسئلن تي لکيو. شري اربندو جي چوڻ موجب، "شنڪر آچاريا منفي اُصولن سان پوري طرح سمجهائي نہ سگهيو آهي تہ قائم بالذات (absolute) آخر لا انتهائي (infinite) ۾ لهي چو اچي." شري اربندو ڳالهہ جو جواب ڏنو ت. "اهو برهما جي اصلي قوت (شڪتي) جو لازمي اظهار هو."

انسانذات جي باري ۾ هن لکيو آهي تہ "ان جو ذهني سطح وڌ ۾ وڌ امڪان واري حد تي نہ آهي ۽ ماڻهوءَ کي پنهنجي من کان پري وڃي ٽپي لاءِ تيار رهڻ کپي ۽ انهي ٽپي کي مون 'پورن يوگ' ڪوٺيو آهي جو هڪ مڪمل ضابطو آهي ۽ جو ماڻهوءَ جي من ۽ جيون کي ٿيرائي سگهي ٿو." شري اربندو ان ڳالهہ کي نهايت اهم سمجهيو هو تہ، "مادي ۽ روح، انسان ۽ خدا، محدود دنيا ۽ قائم بالذات حقيقت ۽ وحدت کي ڪثرت سان ڪنهن طرح پاڻ ۾ سرچائي سگهجي."

ارسطو (384 ق.م کان 322 ق.م تائين)

يونان جو مشهور فلاسفر ۽ افلاطون جو شاگرد هو. هن ڪيئي ڪتاب لکيا آهن، جن مان مشهور آهن، "The constitution of Ethens" (اٿينس جو آئين)، "گفتگو"، 'بادشاهت'، 'اليگزانڊر'، 'وحشين جون رسمون'، 'فطري تاريخ'، 'صحيح سوچ جو ذريعو'. اهي ڪتاب روح، فصيح تقرير، منطق، اخلاقيات ۽ طبعيات، مابعدالطبعيات، سياست ۽ فن – شاعري تي آهن. هر فلسفيءَ تي پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. ارسطوءَ کي مختصر ڪرڻ ذري گهٽ ناممڪن آهي، ان ڪري طوالت جي خوف کان وڌيڪ نہ ٿو لکان.

اِرينا

مصنف جي 22،20 ورهين جي روسي گائيڊ هئي، جنهن فرانس جي 'ڊارين پولين جي اداري' ۾ ڊگري ورتي هئي. هوءَ سفر دوران مصنف جي گهري دوست ٿي وئي هئي ۽ هن سان رات جو ٻي، اياڻي ٻجي تائين ادبي ڪچهريون ڪندي هئي، جن تي هڪ الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو. روسي اديبائن کي ويهن ورهين جي عمر ۾ ايترو مطالع ۽ عقل هيو، جيترو هتي جي 75 ورهين جي پوڙهن اديبن کي بہ نہ آهي، هُن، مصنف کي ٻڌايو هو تہ، جڏهن فيض ماسڪو ايندو آهي تہ هڪ اديبا گائيڊ لدميلا هن کي ووڊڪا جا جام ڏاهي ڏيندي آهي ۽ هن ڀهريون ڀيرو مصنف کي چيو هو تہ اسان روسي اديب ڊاڪٽر زواگو تان بندش لهرائڻ لاءِ ڪوشش پيا ڪيون، جو تہ پاسترناڪ، پُشڪن کان پوءِ روس جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو جنهن کي هوءَ فرانس ۾ فرينچ ترجمي ۾ پڙهي سگهي هئي.

اِساڪ ٻيبل (Isaac Babel)

اوڊيسا جي هڪ يهودي واپاريءَ جو پٽ هو. هو اُتي 1894ع ۾ ڄائو هو ۽ سورنهن سالن جي عمر ۾ * تلمود پڙهيو هئائين ۽ 1915ع ۾ سينٽ پيٽرسبرگ ڏانهن هليو ويو هيو. 1916ع ۾ هن جي ادبي زندگيءَ جي ابتدا ٿي، جڏهن گورڪيءَ هن جون ڪجهہ ڪهاڻيون پنهنجي مخزن لاءِ ورتيون. سوويت يونين ۾ خانہ جنگي هلندي ٻيبل ڪجهہ وقت لاءِ اتان جي فوج ۾ شامل ٿيو. دراصل هن جي ادبي زندگي 1924ع ۾ شروع ٿي، جڏهن هن هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب اشاعت لاءِ ڏنو، جو 1925ع ۾ شايع ٿيو. 1926ع ۾ هن مان اڪثر ڪهاڻيون هن جي نئين مجموعو 'سرخ رسالو' ۾ شايع ٿيون، جنهن ٻي مطالعي مونکي ڪافي متاثر ڪيو. هو ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي جو زبردست قلمڪار هو ۽ هن ڪيترائي ناٽڪ بہ لکيا هيا، جن مان 'سانجهي' ۽ 'ميريا' اهڙا

* تلمود – يهودين جي قائدن ۽ مذهبي روايتن جو هڪ ڪتاب.

Gul Hayat Institute

ٻانڪ هيا، جن تي سرڪاري حلقا مچرجي پيا هيا. خاص ڪري 1934ع کان پوءِ جڏهن اسٽالن جي ادب تي سختگيري وڌي وئي هئي. 1934ع کان پوءِ هن جو ڪو بہ ڪتاب شايع نہ ٿيو. چيو ويو آهي تہ 1941ع ۾ هو ڪنهن لوڙهي ۾ بند هيو ۽ اُتي ئي مري ويو..هن جي موت بعد 1957ع ۾ هِن جون چونڊ ڪهاڻيون شايع ٿيون.

اسٽالن (1879ع کان 1953ع تائين)

1924ع ۾ لينن جي موت کان پوءِ يو.ايس.ايس.آر ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اڳواڻ هو. جيستائين 1953ع ۾ هو دماغ جي رڳ ڦاٽڻ سبب مري ويو. هو جارجيا جي گوري شهر ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ ۽ ماءُ موچي هيا ۽ طفلس جي هڪ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندا هيا. مذهبي پابنديءَ هن ۾ بغاوت جو جذبو پيدا ڪيو ۽ 1897ع ۾ هو هڪ مدرسي (Seminery) ۾ مارڪسي ٽوليءَ جو اڳواڻ هو. هن جي ڪارروائين سبب هن کي مدرسي مان نيڪالي ڏني وئي هئي. مدرسو ڇڏي اسٽالن طفلس جي رسدگاهہ ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ڪئي، جيتوڻيڪ هن جي مکيہ دلچسپي روسي جمهوري مزدور پارٽيءَ ۾ هئي. هُو انهي اداري ۾ هڪ پيشہ ور فسادي ٿيو. ميڙ ڪٺا ڪري، طفلس ۽ باطوم ۾ هڙتالون ۽ مظاهرا ڪرايائين ۽ نيٺ پوليس جي وڪڙ ۾ آيو. هن کي باطوم ۾ گرفتار ڪري، تُطيسيءَ جي جيل ۾ هڪ سال لاءِ بند رکيائون. 1903ع ۾ هن کي سائيبيريا بدر ڪيو ويو. جتي هن کي معلوم ٿيو تہ پارٽيءَ ۾ منيشيوڪ ۽ بالشيوڪ وڙهي پيا هيا. هو بالشيويڪن سان ڌُر ٿيو. 1904ع ۾ هو ڀڄي نڪتو ۽ ڪاڪيزيا (ڪوهہ قاف) ۾ پنهنجون زير زمين ڪارروايون شروع ڪيائين. 1905ع ۾ هو پهريون ڀيرو لينن سان ٽنلنڊ ۾ هڪ ڪانفرنس ۾ مليو. 25 جون 1907ع تي اسٽالن هڪ اسٽيٽ بئنڪ جي گاڏي تي ڌاڙو هڻايو. 1908ع ۾ هن کي باڪوءَ ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ ڇهن مهينن لاءِ سزا ڏئي وولوگدا ڏانهن نيڪالي ڏني وئي. هن جي پهرين زال ڪئٿرين، جنهن سان هن 1904ع ۾ شادي ڪئي هئي، 1907ع ۾ سلهہ ۾ مري وئي ۽ ٻي زال ناديزدا، جنهن سان هن 1916ع ۾ شادي ڪئي، 1932ع ۾ آتم هتيا ڪري مَري وئي.

1902ع کان 1917ع تائين اسٽالن هڪ طوفاني دؤر مان گذريو، جنهن ۾ هو ڪيئي ڀيرا گرفتار ٿيو، قيد ۾ وڌو ويو، جلاوطنيءَ ۾ موڪليو ويو، ڪيئي ڀيرا اُتان فرار ڪيائين. ڪنهن ڪنهن وقت هو انقلابي ادب تي ليک بہ لکندو هو. 1917ع جي انقلاب کان پوءِ هو پيٽروگراڊ ۾ آيو ۽ ڪامينوف سان گڏجي، پراودا اخبار سنڀاليائين، جا پارٽي صحافت ۽ پارٽيءَ جو وڏو هٿيار هئي ۽ اُن جو سرڪاري آواز هئي. انهيءَ دؤر ۾ هن پنهنجو اصلي نالو زگاشولِي مٽائي پاڻ تي اسٽالن نالو رکيو يعني 'رُڪ جو ماڻهو'. مئي 1917ع ۾ اسٽالن پيپلز ڪميسارن جي ڪائونسل جو ميمبر ڪيو ويو ۽ 1922ع ۾ لينن هن کي پارٽي جو جنرل سيڪريٽري بڻايو. خانہ جنگي (1918ع کان 1920ع

تائين) هلندڙ هن سُرخ فوج لاءِ کاڌو ۽ رسد مهيا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هو خاص طور اسٽالن گراڊ ۾ (جا ان وقت زاريسٽن هئي) ڏڙت ۽ اٿرائتو هو ۽ جڏهن ان تي 'سفيد فوج' حملو ڪيو، تہ هن شهر جي بچاءَ لاءِ ڪم ڪيو. انهيءَ ئي دؤر ۾ اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ ۾ جهيڙو شروع ٿيو، جيڪو ان وقت جنگ جو ڪميسار هيو. (انهيءَ جهيڙي جو تفصيلي ذڪر مون اسٽالن تي هڪ ناول ۾ پڙهيو هو جو نهايت هُنرمنديءَ سان لکيو ويو آهي) هن ٽراٽسڪيءَ جي اڪثر فرمانن کي ٽُڪ ٻہ ٻہ هنئي. جڏهن لينن 1924ع ۾ مري ويو، هِن زينوفيف ۽ ڪامينوف، سان گڏجي ٽہ-مورتي ٺاهي ورتي ۽ ٽراٽسڪيءَ ۽ هن جي پوئلڳن جي مخالفت ڪئي. پوئين ڏينهن ۾ لينن ۽ اسٽالن جا تعلقات ڏاڍا ڪشيده ٿي ويا ۽ لينن موت جي بستري تي پنهنجي زال کي وصيت لکرائي ڇڏي تہ، 'اسٽالن کي يڪدم هٽايو وڃي. هو نهايت کُهري طبيعت جو آهي ۽ اها ڳالهہ ڪميونسٽن ۾ قابل برداشت نہ آهي، خاص ڪري اُنهي ماڻهوءَ ۾ جو سيڪريٽري جنرل آهي.' چيو وڃي ٿو تہ اسٽالن، لينن جي بيوه جي حمايت سان، اِها وصيت دٻائي ڇڏي. جيتوڻيڪ ڪجهہ سالن ڪان پوءِ جڏهن هو چڱيءَ طرح پير ڪوڙي چڪو هو، هِن اِنهي وصيت جو ذڪر ڪيو. پوئين ويڙهہ اسٽالن ۽ ٽراٽسڪيءَ ۾ تڏهن آئي، جڏهن ٽراٽسڪي انقلابي جي ٻارنهن ماسي کي 1927ع ۾ اسٽالن خلاف هنگامي ۾ بدلايو. جڏهن هُو ان ۾ ڪامياب نہ ٿيو، تڏهن اسٽالن هن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ستر ميمبرن سان گڏ، پارٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيو. جنوريءَ 1928ع ۾ ٽراٽسڪي کي جلاوطن ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ اسٽالن پنهنجي صنعتي ترقيءَ ۽ اِڪٺائي (مجموعيت-Collectivization) جو تصور ڏنو. هن شايد ڀانيو ٿي تہ ائين ڪرڻ سان، يو.ايس.ايس.آر جا اقتصادي بنياد مضبوط ٿيندا. (پر 1991ع ۾ هر ڳالهہ وڃي ڪڏ جي تري ۾ پئي ۽ جي آمريڪا، روس کي کاڌي لاءِ سامان نہ پهچائي ها تہ هِن سياري ۾ ماڻهو اتي مُردا ڪَٽي کائن ها) پوءِ اِسٽالن پنهنجا پراڻا ڪامريڊ، اليڪسي رِڪوف، نڪولائي بُخارن، گريگوري زينوفيف ۽ ليو ڪامينوف ۽ ٻيا ڪيترائي ٽراٽسڪيءَ جا ساٿي پارٽي بدر ڪيا ۽ 'ماسڪو جي ڪارروايُن' ۾ انهن کي موت جي سزا ڏني. (آرٿر ڪوئسلر اِها اُنءَ ڪانداريندڙ واردات پنهنجي ناول 'منجهند جو اونڌهہ' ۾ وڏيءَ فني مهارت سان ڏني آهي). 1939ع ۾ اسٽالن، هٽلر سان روس - جرمن پئڪٽ ڪري، دنيا کي ڇرڪائي وڌو. ڪيئي ڪميونسٽ ها، جن جا دماغ ٽڙڪي پيا. (مون ڊيلي ورڪر جي ڪميونسٽ ايڊيٽر ڊگلس هائيڊ جي آتم ڪهاڻي پڙهي، جنهن ٻي جنگ عظيم ڪان پوءِ ڪميونسٽن جا اهي افعال ڏسي ۽ جرمنيءَ ۾ روسي فوجين جي زنابالجبر ڏسي، ڪيٿولڪ مذهب اختيار ڪيو هو. اهڙيءَ طرح 'رات مان ٻاهر' هئمبرگ جي خلاصين جي يونين جي ڪميونسٽ سيڪريٽريءَ جي اهڙي آتم ڪهاڻي هئي، جنهن ۾ جن حالتن هن کي ڪميونزم کي الوداع ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو، انهن جي مطالعي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا هيا. مون جُيڪو خدا ناڪامياب ٿيو' (God that

Gul Hayat Institute

(failed) کان وٺي سوين ڪتاب پڙهيا ته، اڳيان ڪميونسٽ، جن پنهنجن هڏن جي ڏيرُ تي اها ڪميونزم جي عمارت اڏي هئي، چو ڪميونزم کي ڇڏي ويا هئا. اهڙن ڪميونسٽن جي اها نفسيات ٿي چڪي هئي، ته ڪميونزم کي ڇڏي، پنهنجي نفس جي تسڪين لاءِ، پنهنجي اهڙي قدم لاءِ سبب ڏيندا هئا. اهي جن ڪميونزم لاءِ ايڏو سَنو هو، سڀ ڪُوڙا ته نه ٿي ٿي سگهيا! جي اُنهن ۾ 5 سيڪڙو به سچ هجي ها تڏهن به اُهو انهيءَ شيش محل جا ٽڪرا لاءِ ڪافي هو، جو ڪميونزم ناهيو هو. پر هينئر تاريخ ثابت ڪيو آهي ته جيڪي ڪجهه اُنهن لکيو هو، اُهو سورنهن آنا سچ هو)

اُن وقت اسٽالن ڏيکاريو ته جرمنيءَ سان ٺاهه، امن لاءِ هن جي استاديءَ جو وڏو ڪارنامو هو، پر هڪ مهيني ڪان پوءِ ڳالهه ظاهر ٿي پئي، جڏهن اسٽالن جي سُرخ فوج، پولينڊ جو اڌ والاري وٺي. اسٽالن جا پول وڏيڪ پڌرا ٿي پيا، جڏهن نومبر 1939ع ۾ فنلنڊ تي سرخ فوج جو حملو ٿيو، چو ته فن قوم سرحد جي باري ۾ اسٽالن جون ڪجهه گُهرون نه ٿي قبوليون. اِها نِلي پلي سامراجي والار هئي. 6 مئي 1941ع تي اسٽالن يو.ايس.ايس.آر جو سرڪاري طور سربراهه ۽ پيپلز ڪميسارن جي ڪائونسل جو چيئرمين ٿيو. پوءِ ان کي وزيرن جي ڪائونسل چيو ويو. اها ڳالهه يو.ايس.ايس.آر تي جرمنيءَ جي حملي کان ڪجهه هفتا اڳ ٿي. ٻي جنگ عظيم ۾ اسٽالن جي رهنمائي ۽ فولادي ارادي ماسڪو ڏي اڳتي وڌندڙ نازي فوج جي خلاف دفاع ڪيو ۽ آخر ڪين شڪست ڏني. 6 مئي 1943ع تي هن کي فيلڊ مارشل جو خطاب مليو ۽ 27 جون 1945ع تي جنرليسيمو جو خطاب مليو. 1943ع ۾ هو صدر روزويلٽ ۽ وزيراعظم چرچل سان طهران ڪانفرنس ۾ ۽ 1945ع ۾ صدر ٽرومئن ۽ چرچل سان يالٽا گڏجاڻيءَ ۾ ۽ پوسٽ ڊئم گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيو. اُن کان پوءِ اسٽالن جي پُراڻن اتحادين سان رَوش دشمنيءَ واري ٿي وئي. سوويت اڳرائي ۽ هَلان جا برلن تي ٿي، انهيءَ رِٽ، پَهه ۽ راڄنيتي مَتي جو نتيجو هئي ۽ ان کان پوءِ ڏکڻ ڪوريا تي اُتر ڪوريا جي حملي آوري به ساڳي مصلحت هيٺ ڪئي وئي.

5 مارچ 1953ع تي اسٽالن جي حڪمرانيءَ جو اُٽيهون سال پورو ٿيو، جڏهن هن جي دماغ جي رڳ ڦاٽي پئي ۽ موت هن جون اکيون هميشه لاءِ پوري ڇڏيون ۽ هن جيڪي پنهنجي دؤر ۾ ويهارو لک خون ڪيا هئا، اُهي ڪيس ڦبيا يا نه، اهو ته حساب منڪر نڪير جي وهي کاتي ۾ هوندو، پر پوءِ به هن کي ٿوري وقت لاءِ ڪريملين ۾ قبر نصيب ٿي.

هن جي موت کان پوءِ فرسٽ سيڪريٽريءَ نڪيتا ڪروشنچوف هُن جي شخصيت پرستيءَ جي پاڙ پٽي ڦٽي ڪئي ۽ 24 فيبروريءَ 1956ع تي هُن اُنهي ظالم آمر تي 1937ع ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ جي 133 ميمبرن مان 70 جي قتل، 'پاڪ صاف ڪرڻ واري تحقيقات' (Purge trials) ذريعي خونِ ناحق، 1930ع واري زمين - اِڪٺائيءَ

Gul Hayat Institute

واري ڪارروائيءَ ۾ هزارين قتل (جن جي بي رحميءَ جو ذڪر 'ڊاڪٽر زواگو' ۾ پاسترناڪ نهايت چابڪ دستيءَ سان ڪيو آهي.) ماسڪو جيءَ ڳهيراءَ وقت ذاتي بُزدلي جي مظاهري (جڏهن هو شهر ڇڏي هليو ويو هو) ۽ 1949ع ۾ مارشل ٽيٽو جي برگشتگي ۽ بغاوت، انهن سيني ڳالهين جا علي الاعلان الزام ڏنا. اسٽالن جي اِن بت شڪنيءَ يو.ايس.ايس.آر جا بنياد ڪِدي ڇڏيا. پولينڊ ۽ هنگريءَ جي رهواسين آڪٽوبر ۾ بلوو ڪيو. (مون ان تي هڪ ٺاهوڪو ڪتاب (Revolt of the mind) ساهيوال جيل ۾ پڙهيو هو، جنهن جو ذڪر مان پنهنجيءَ ڊائريءَ ۾ ڪري چڪو آهيان.) هنگريءَ ۾ اُڀار ڪي.بي.ترسيءَ سان ڪچليو ويو. 1961ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ويهين ڪانگريس حڪم ڪيو ته اسٽالن جي لاش کي ماسڪو ۾ لينن واري مقبري وٽان ڪڍايو وڃي. (جڏهن مان 1976ع ۾ ماسڪو ويو هوس ته هِن 'رُڪ جي ماٿهو' جي ڪريملن ۾ مٽيءَ پور به نه هئي.) اسٽالن کي ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي. هُن جو وڏو پٽ ياڪوف جرمنيءَ جي قيدخاني ۾ مري ويو ۽ ننڍو پٽ 1962ع ۾ ڪار جي حادثي ۾ مري ويو. هن جي ڌيءَ سيوَتلينا 1967ع ۾ يو.ايس فرار ٿي وئي، جتي هن جي آتم ڪهاڻي ڇپي، جيڪا مون جڏهن پڙهي ته منهنجا وار اُڀا ٿي ويا.

اسٽالن، انهي انانيت جو نتيجو آهي جا انهيءَ شخص ۾ پيدا ٿئي ٿي، جنهن کي خدا جو ڪو به تصوّر نه آهي، جيڪو ڪنهن ابدي اِنصاف ۾ اعتبار نه ٿو رکي، جو ماديت پسند آهي، ۽ ماٺڪو وسڪيءَ چوائيءَ، "توکي ڇاتيءَ ۾ ڇُرو هڻي، ڪلندو هليو وڃي ٿو." اسٽالن جي موت کان پوءِ آخر ۾ 1991ع ۾ يو.ايس.ايس.آر ڪيئن ٽٽي ۽ اُن کي گوربيچوف جي 'پريسترائڪا' به بچائي نه سگهي، اُهو هڪ عبرت جو داستان آهي. پاسترناڪ جي قبر تي اڃان تائين گُلن جي ورڪا ٿئي ٿي، اسٽالن جي قبر تي ڪوئي پادر هڻڻ به پنهنجي توهين سمجهي ٿو. دنيا جي هر آمر جو انت اهو آهي جو اسٽالن جو ٿيو. غالب ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

بقدرِ حوصلهءِ عشق جلوه ريزي هے
وگرنه خانهءِ آئينه کي فضا معلوم

مطلق اقدار (Absolute values) پائنده آهن، ٻي سڀ بڪواس آهي. ڌهه احڪامِ الاهي اڄ به اوتري معنيٰ رکن ٿا، جيتري عهدِ قديم ۾ رکندا هئا.

تا به ديوار و دَرش تازه ڪُنم عهدِ قديم
گاهي از ڪوچهءِ معشوقهءِ خود مي گذرم
(شهر يار)

(ترجمو: جيئن هن جي ديوار ۽ در سان قديم عهد تازو ڪيان، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي معشوقه جي گهٽيءَ مان لنگهان ٿو.)

اسپنڊر سر اِسٽيفن (Spender, Sir Stephen)

1909ع ۾ لنڊن ۾ ڄائو، مان ڀانيان ٿو ته اڄ تائين جيئرو آهي. هو انگريزي شاعر ۽ تنقيد نگار آهي ۽ 1930ع واري دؤر جي نئين ادب (New writings) ۾ هن جو ڪافي اثر رسوخ رهيو آهي. مان جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته New Writings جو ڪافي مطالعو ڪندو هوس، جي اڄ تائين منهنجي لائبريري ۾ آهن. هو سياسي طور باشعور انسان آهي ۽ هن جي شاعري ۾ صنعتي دؤر جا پاڇاوان آهن، پر هن ذاتي ۽ اندروني جذبات جي اظهار ۾ مهارت حاصل ڪئي آهي ۽ اُن لاءِ مشهور آهي. هن جو ڪتاب 'نظم' (Peoms) 1933ع ۾ ڇپيو. هن جا دوست ۽ همعصر انگريزيءَ جا مشهور شاعر آڊن*(Auden)، اِشروود (Isherwood) ** ۽ مئڪ نيس (Mac Niece) *** رهيا آهن. هن پنهنجو سياسي نظريو، 'انڪائونٽر' (Encounter) جي مدير جي حيثيت ۾ ۽ پنهنجي تنقيدي ڪتاب 'تخليقي عنصر' ۾ 1953ع ۾ ڏنو هو. 1951ع ۾ هو اڳيئي پنهنجي آتم ڪهاڻي 'دنيا اندر دنيا' (World within World) ڇپرائي چڪو هو.

جيتري قدر مون کي پنهنجي مطالعي مان ياد پوي ٿو ته هو هيمنگوي وغيره سان گڏ 'جنرل فرانڪو' خلاف اسپين ۾ قائم ٿيل 'بين الاقوامي برگيڊ' ۾ شامل هو.

اسپينسر

1820ع ۾ڄنم وٺندڙ هربرٽ اسپينسر 1853ع ۾ وفات ڪئي. هن قانون، حياتيات، نفسيات، اخلاقيات، معاشيات ۽ فلسفي وغيره تي ڪيترائي ڪتاب ۽ پنهنجي آتم ڪهاڻي تخليق ڪئي. هن پنهنجي آتم ڪهاڻي جا پويان صفحا پنهنجي موت کان اڳ لکيا هيا ۽ چيو هيائين ته، "انهن پوين مايوسين ۽ صحت جي خرابي جي مون کي اڱوات ڄاڻ هجي ها ته چا مان لکڻ ڇڏي ڏيان ها؟" ۽ پوءِ زور سان هٿ هلائي آخري پيرو چيائين ته، "نه مان اهو نه ڇڏيان ها."

Gul Hayat Institute

افلاطون (Plato) (428 ق.م کان 347 ق.م تائين)

يوناني فلسفي، ايٿنز جي مٿين طبقي مان هو. ننڍيءَ عمر ۾ ئي هن سقراط سان پاڻ کي وابسته ڪيو ۽ هن جي تحرير مان ظاهر آهي ته سقراط جو هن تي ڪيترو اثر آهي. سقراط کي 399ق.م ۾ هيملاڪ زهر ڏني وئي هئي، جنهن وقت افلاطونؔ جي

---

* آڊن: اينگلو – آمريڪن شاعر، نقاد ۽ ڊراما نويس. 1907ع ۾ انگلينڊ ۾ پيدا ٿيو. پهريون هن تي مارڪس ۽ فرائڊ جو اثر ٿيو، پر آخر ۾ هن جا نظم طنزيه، شڪي ۽ ڪڏهن ڪڏهن نيم مذهبي انداز اختيار ڪندا ويا.

** اشروود ڪرسٽافر: (1904-1986) انگلينڊ جو مشهور ناول نويس ۽ ڊراما نگار، 'برلن کي الوداع' ناول وغيره جو مصنف.

*** مئڪنيس: اينگلو – آئرش شاعر (1907-1963)، آڊن سان گڏجي آئيس لينڊ ويو، جنهن جي باري ۾ آڊن شروعاتي نظم ۽ نثر لکيو هيو.

عمر 30 سال هئي، جنهن کان پوءِ هو ايٿنز ڇڏي هليو ويو هو. اهو چئي نٿو سگهجي تہ هو مصر يا سائرين (Cyrene) ويو هو جا هن جي باري ۾ روايت آهي. هو اٽليءَ ضرور ويو هو، جتي هن تي فيثاغورث جي پيروي ڪندڙن جو ڏاڍو اثر ٿيو هو ۽ پوءِ سسليءَ ويو هو، جتي هن ڊايوئان (Dioan) سان پڪي دوستي رکي هئي جو ڊايونيس (Dionysius) جي دربار ۾ شامل هو ۽ جو ان وقت سراڪيوس (Syracuse) جو هڪ جابر حڪمران هيو. 386ق.م ۾ افلاطون ايٿنز موٽي آيو ۽ پنهنجي اڪيڊمي قائم ڪيائين، جنهن ۾ هن وفات تائين تعليم ڏني ۽ صرف بہ ڀيرا ان ۾ رخنو وڌائين. اهي ٻئي ڀيرا هو Dionysius II جي دعوت تي ويو هو، جيڪو پنهنجي پيءُ جي موت کان پوءِ تخت نشين ٿيو هو. جيتوڻيڪ افلاطون کي ان ڳالهہ جي توقع هئي تہ ڊايوئان (Dioan) جي مدد سان هو نوجوان حڪمران کي، حڪومت جي سڌاري ۾ مدد ڪري سگهندو، پر هو انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪامياب نہ ٿيو. هن جي فلسفيَ/اها واحد ڪوشش هئي، جنهن ۾ هن عملي سياست تي اثر انداز ٿيڻ چاهيو پئي. ايٿنز موٽي هن اتان جي عوامي زندگيءَ ۾ بهرو نہ ورتو ۽ ان جو سبب جمهوريت ۾ اهي زيادتيون هيون، جي آخر ۾ سقراط جي موت جو باعث بڻيون. 30 اميرن جي حڪومت شهر تي حڪم هلائي رهي هئي ۽ جنهن ڪيئي ظلم ڪيا هيا. سندس اڪيڊمي قلي ٿولي ۽ 529ع تائين علم دانش جو مرڪز رهي، جيستائين شهنشاهہ جسٽينين فلسفي جا مڪتب بند ڪري ڇڏيا. هو پنهنجي اوائلي زندگيءَ ۾ سياسيات ۾ دلچسپي رکندو هو. پنهنجي زندگيءَ جي هر دؤر ۾ افلاطون پنهنجا مڪالما شايع ڪيا، جن هن جو نالو هڪ قديم فلسفيءَ جي حيثيت ۾ مچرايو آهي. اهي عام فهم تحريرون آهن، جن ۾ ڪي خاص نُڪتا اخلاقيات، مابعدالطبعيات ۽ علمِ ادراڪ (Epistemology) جا سيکاريا ويا ۽ انهن تي وڌيڪ روشني وڌي وئي. انهن مڪالمن ۾ سلسليوار فلسفو سيکاريو نہ ويو آهي ۽ نہ اهي تضاد کان آجا آهن. اهي مڪالما 42 ٿيندا، جن ۾ اهي ست بہ شامل آهن، جي بناوٽي ۽ جڙتو آهن ۽ چار اُهي بہ آهن جن جي باري ۾ قديم زماني ۾ ٻي شڪ هوندو هو تہ اهي افلاطون جا آهن يا نہ. گمان اهو آهي تہ 25 - 28 مڪالما اصلي آهن. انهن مڪالمن کي نہ رڳو ڊرامائي انداز آهي ۽ چٽي عبارت آهي پر انهن کي سوانح حيات جي حيثيت ۾ بہ اهميت آهي، ڇاڪاڻ تہ سقراط انهن ۾ ڳالهائيندو ۽ عمل ڪندو نظر اچي ٿو، جيئن هو پنهنجي جيئري ڪندو هيو. اُنهن ۾ گفتگو زياده آهي ۽ رپورتاژ گهٽ آهي. هن جي وچولي وهيءَ جا مشهور ڪتاب 'فيدو' (Phaedo) 'مذاڪره/مباحثا' ۽ 'جمهوريّ سلطنت' آهن، جن ۾ سقراط پنهنجا اصول ٻڌايا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين ڪندي ڏند ڪٿائن جو سهارو ورتو اٿائين. ان ڳالهہ تي ڪافي بحث هليو آهي تہ اهي مڪالما سقراط جا هيا ۽ تاريخي طور هن سان منسوب ڪري سگهجن ٿا يا نہ. يا اهي فقط افلاطون جي تخليق هيا. پر اهو سوال ايترو تہ منجهيل آهي جو اِن جو قطعي جواب

Gul Hayat Institute

* ڊايونيس: سسليءَ (اٽليءَ جي هيٺان ٻيٽ) جي سَراڪيوس شهر جو جابر حاڪم.

ممڪن نہ آهي. انهن ڪتابن کان سواءِ ٻيا بہ افلاطون جا ڪتاب آهن، جن ۾ سقراط جو ذڪر گهٽ يا بنھہ ڪونہ آهي.

افلاطون جي فلسفي جي مرڪزي ڳالھہ تخيل جي ٿيوري (Theory of idea) هئي، جنهن منجھہ هر ڳالھہ جا اسان دنيا ۾ ڏسون ٿا سا ڪنهن مڪمل خيال يا هيئت جو نامڪمل اُتارو آهي. هن جو مطلب اهو نہ آهي تہ هر شيءِ جي باري ۾ ڪنهن نہ ڪنهن تخيل جو وجود آهي، پر مقصد اهو آهي تہ هر تخيل شين جي ذات جي باري ۾ آهي، جنهن جو هڪ مخصوص نالو آهي. مثال طور: انسان جو تخيل آهي ۽ هر انسان ان تخيل ۾ شامل آهي؛ جيتوڻيڪ هر ڪوئي ان تخيل تي پورو نٿو اچي، ڇاڪاڻ جو هر ڪوئي نامڪمل ۽ تغير پذير آهي، تنهن ڪري بنيادي طور غير حقيقي آهي، ۽ ڇاڪاڻ جو صحيح حقيقتون تہ فقط تخيل (Ideas) ئي آهن. اهي تخيل ائين نہ آهن، جيئن انسان جي ذهن ۾ اچن ٿا، پر انهن جو وجود زمان ۽ مڪان کان ٻاهر آهي ۽ ان ۾ ڪو بہ تغير نٿو اچي ۽ نہ اهي دنيوي شين جي تغير سان متاثر ٿين ٿا. پر جيڪي شيون تغير ۾ اچن ٿيون، انهن جو حقيقي علم ممڪن ناهي ۽ ان ڪري جيڪي شيون تغير ۾ نٿيون اچن، اهي ئي فقط حقيقي آهن ۽ هن ڪائنات ۾ علم جو حصو تي سگهن ٿيون. بهرصورت انسان کي رايو آهي، جنهن ۾ ڦيرگهير جي گنجائش آهي ۽ جيڪو ڪڏهن بہ عقل جي خلاف ٿي سگهي ٿو ۽ اسان کي فريب ڏئي سگهي ٿو، پر صحيح علم کي دوام آهي، اهو عقل تي ٻڌل آهي ۽ پائيدار آهي، جو تہ تخيل غير مادي آهن ۽ تنهن ڪري اُهي پوشيده ۽ غير محسوس آهن، ۽ انهن جو علم رڳو عقل جي ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو، جن تي حس جو اثر نہ آهي؛ ۽ پنهنجي جدليات جي ذريعي افلاطون ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ اهي شيون جيڪي محسوس ٿين ٿيون، اُهي اسان کي انهن تخيلن جي يادگيري ڏيارن ٿيون، جن جو اُهي اُتارو آهن ۽ اهو ان ڪري ئي ڪري سگهن ٿيون جو انسان جو روح جسم ۾ گهڙڻ کان اڳ ۾ ٻي دنيا ۾ انهن جي روبرو اچي چڪو آهي، جيتوڻيڪ هتي اچي انهن جي باري ۾ ڪافي ڪجھہ وساري چُڪو آهي؛ پر هن اهي سڀ تخيل وساريا نہ آهن؛ جيڪڏهن هو انهن جي ياد لاءِ جدوجهد ڪري تہ اهي اُتارا، پوءِ اهي جهڪا ۽ گنجريل ڇو نہ هجن، اصل حقيقت جي نشاندهي ڪري سگهن ٿا، جيئن تصويرون جيڪي چڱيءَ طرح نڪتل نہ هونديون آهن، اصل جي يادگيري ڏياري سگهنديون آهن. اهو ئي افلاطون جو نظريو آهي: 'سکيا سارَ آهي' (Learning is recollection) ۽ اهو روح جي پائندگي ۾ اعتبار ڪري ٿو، جو موت بعد وري زندگي حاصل ڪري ٿو، جيئن آواگون ۽ پُنر جنم ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي.

افلاطون دنيا جي عظيم ترين فلسفين ۽ ليکڪن مان هڪ آهي ۽ هن جا مڪالما اڄ ڏينهن تائين دانشورن ۽ فلسفين تي اثر انداز ٿين ٿا. مٿي جن ڪتابن جو ذڪر آيل آهي، انهن کان سواءِ 'مذاڪرا/مباحثا' ۾ هڪ دعوت تي مهمان پيار تي بحث ڪن ٿا ۽ Protagorus (پروٽاگورس) ۾ نيڪيءَ کي ۽ علم کي ساڳي ڳالھہ ڏيکاريو ويو آهي.

مڪالمي ۾ سقراط جو جدلياتي طريقو آهي، جنهن ۾ ڪردار هڪ ٻئي سان اختلاف رکن ٿا ۽ سوال جواب ڪن ٿا. خاص ڳالهه جا مڪالمي ۾ آهي، اها شاعرانه ڏيکڪيا آهي، جا تمثيل وانگر آهي.

ادبي لحاظ کان به افلاطون جي تحرير کي پنهنجي عظمت آهي ۽ هو دنيا جي ڪنهن به اديب سان پيٽي سگهجي ٿو ۽ هن جي تحرير نظم ۽ نثر جي سرحد تي آهي ۽ پنهنجي پانت پانت روپ ۾ اڪت آهي، جو ته هو پنهنجي تحرير 'گفتگو' ۾ سهنجائيءَ ۽ سونهن سوپيا سان اڳتي وڌي ٿو ۽ غير اهلِ ڪتاب جي ادب ۾ فصاحت جي بلنديءَ تي پهچي ٿو. هن ۾ طنز و مزاح آهي، پر الميه به نهايت دردانگيز اسلوب ۾ آهن ۽ اهڙي تحرير ان وقت جي ملحد ادب ۾ نٿي ملي.

البيروني، ابوريحان (9 سيپٽمبر 973ع کان 13 سيپٽمبر 1048ع تائين)

محمد ابن احمد الخوارزمي، البيروني، مشهور مسلمان سائنسدان، ارضيات، تاريخ، لسانيات، رياضي ۽ نجوم جو ماهر هو ۽ وچ ايشيا جي رياست خيوا (خوارزم) جي ويجهڙائيءَ ۾ پيدا ٿيو هو. ان وقت عراق جي خاندان جي حڪومت هئي. شاهه خوارزم احمد بن محمد جو سوٽ ابو نصير منصور بن عليءَ، البيروني تي پنهنجو هٿ رکيو ۽ تعليم ڏياري ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ جڏهن آل – عراق جي حڪومت ختم ٿي وئي، تڏهن البيرونيءَ وطن ترڪ ڪيو ۽ جرجان جي قابوس وٽ دربار ۾ ويو. 995ع ۾ البيروني جرجان پهتو جتي هن کي پذيرائي ملي. هن پنهنجي پهرين تصنيف 'آثار باقيه' سنه 1000ع ۾ لکي ۽ ان کي قابوس جو نالو ڏنو ويو. خوارزم ۾ حالتون بهتر ٿيون ته البيروني اتي موٽي آيو ۽ علي بن مامون جي دربار ۾ زندگي گذارڻ لڳو. اتي هن جي ملاقات بوعلي سينا سان ٿي. ٻئي پنهنجي دؤر جا عظيم دانشور هيا. علي بن مامون جي وفات کان پوءِ ٻئي هن جي ڀاءُ ابوالعباس مامون جي دربار سان وابسته رهيا جو 1009ع ۾ خوارزم جي تخت تي ويٺو. 1016ع ۾ عوام هن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي سال محمود غزنوي خوارزم کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. بوعلي سينا ۽ ٻيا عالم ته اتان هليا ويا، مگر البيروني محمود غزنويءَ جي دربار ۾ رهيو. 1017ع ۾ البيروني غزني آيو. ٻي سال اتي هڪ رصدخانو (Observatory) قائم ڪيائين ۽ ٻه سال مطالعي ۾ گذاريائين. ان کان پوءِ هن هندستان جو رستو ورتو. ان وچ ۾ محمود غزنوي هندستان فتح ڪري چڪو هو. هندستان ۾ البيروني گهڻو وقت اجمير ۾ گذاريو ۽ هن اتان جا مشهور ڄاڻو ۽ پنڊت ڳنا ڪيا، جن کان هن قديم علم ۽ سنسڪرت ٻولي سکي. ان کان سواءِ هن هندي تهذيب (سڀيتا) ۽ ثقافت (سنسڪرتيءَ) جو گهرو مطالعو ڪيو. اهو اهو وقت هيو، جڏهن سمجهيو ويندو هيو ته ڪنهن هندوءَ

ڪان علم حاصل ڪري نہ ٿو سگهجي، پر هندو البيروني سان ايترو ريجهيل هئا، جو هُن کي 'وديا ساگر' چوندا هيا. البيروني اُنهن جي ڌرمي ڪتاب 'ڀڳوت گيتا' جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اُن کان سواءِ هندي سيپتا تي هڪ ڪتاب 'ڪتاب الهند' لکيائين، جنهن جا ٻئي حصا اعظم ڳڙهہ اردوءَ ۾ ڇپيا آهن ۽ جو مون پڙهيو آهي.

البيروني هڪ ماهر هيئيت دان هيو ۽ ان دؤر ۾ بہ هيئيت جي مشاهدن کان غافل نہ هيو. هن پنجاب جي مشهور شهرن لاهور، جهلم، سيالڪوٽ، ملتان، کان سواءِ پشاور جو مشاهدو بہ ڪيو ۽ اتان قطبي تاري جي بلندي جاچڻ جو ڪم پورو ڪيو. هن شهرن ۾ زياده تر هن جو قيام ملتان ۽ جهلم ۾ هيو ۽ جهلم جي هڪ ڳوٺ 'ننندنان' ۾ هڪ ڊير تي ويهي هن زمين جي محيط ۽ قطر جي پيمائش ڪئي، جا بلڪل ٺيڪ نڪتي. 1029ع ۾ البيروني هندستان مان واپس ويو ۽ ٻئي سال محمود غزنويءَ جي دربار سان البيروني وابستہ رهيو. جتي هن هيئيت ۽ نجوم تي هڪ ڪتاب لکيو. 1040ع ۾ مسعود قتل ٿي ويو ۽ هن جو پٽ مودود تخت تي ويٺو. البيروني جو تعلق ان جي دربار سان بہ رهيو، جتي هن جواهرن جي خاصيتن تي هڪ رسالو لکيو. ان کان 8 سال پوءِ هو گذاري ويو.

مؤرخ شهزوري لکيو آهي تہ، 'البيروني هميشہ تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول رهندو هيو. هن جو هٿ قلم ۾ هوندو هيو. اک مطالعي ۾ ۽ دل غور ۽ فڪر ۾، جا ڳالهہ هو فقط ماني کائڻ وقت ڇڏيندو هيو. (ڄڏهن آءٌ تہ ماني کائڻ وقت بہ پڙهندو رهيو آهيان). هن جون تصنيفون هڪ اٺ جي بوجهہ کان زياده آهن. مؤرخ ياقوت لکيو آهي تہ، "هُن، البيروني جي ڪتابن جي فهرست ڏٺي هئي جا 60 صفحن کان مٿي هئي."

البيروني هر ڳالهہ عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندو هيو ۽ هن جي ذات، ادب ۽ سائنس جو سنگم هئي. هڪ طرف هو عربي، فارسي، سنسڪرت، يوناني، هندي ۽ عبراني ٻولين جو ماهر هيو. ٻئي طرف هو رياضي جا ڏکيا مسئلا بہ ڄاڻيندو هو. هن هندو مذهب جو مطالعو ڪيو ۽ اُن جا مقدس ڪتاب سڌي طرح ان ٻوليءَ ۾ پڙهيا، پر هن جي شخصيت جو دلچسپ پهلو هي هيو تہ هن پنهنجي وڏي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ سياست ۾ حصو نہ ورتو.

منهنجي نظر ۾ البيروني ۾ نہ رڳو مشرق جو هر هنر ۽ جينيس هيو پر هُوتاريخ جو صحيح معنيٰ ۾ باني بہ هو. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ هندستان جي اوائلي تاريخ فقط ڌرمي ڪتابن مان ئي سهيڙي سگهجي ٿي، ڇو تہ هندو مايا جي فلسفي ۾ اعتبار ڪندا هيا ۽ وقت کي نظر جو فريب سمجهندا هيا. ڇاڪاڻ جو تاريخ وقت جو معاملو آهي، هندن اوائلي هندستان جي ڪا بہ باترتيب تاريخ نہ لکي ۽ تاريخ جو فن هو مسلمانن مان سکيا ۽ اُنهن ۾ البيروني سڀني کان عظيم هو.

Gul Hayat Institute

امام رازي (543 هجري کان 609 هجري تائين)

اسلام جا جيڪي اڪابر فيلسوف ٿي گذريا آهن، انهن مان هڪ هيو. هن جو نالو محمد ابو عبدالله هيو ۽ هرات ۾ هن کي شيخ الاسلام جي نالي سان سڏيندا هيا. هن جي تعليم و ترتيب هن جي پيءُ ڪئي ۽ هن ڪانئس علم – ڪلام ۽ علم – فقه جي تعليم حاصل ڪئي. پيءُ جي وفات کان پوءِ ڪمال سمناني کان وڌيڪ تعليم ورتائين. ان کان پوءِ هن علمِ حڪمت ڏانهن توجهه ڪئي ۽ 'ري' ۾ (جتي هو ڄائو هو) موٽي آيو ۽ اُتي حڪمت جي علم ڏانهن ڌيان ڏنائين. هو پنهنجي دؤر جو وڏو واعظ، متڪلم، صوفي، محدث، اديب ۽ اُنشاپرداز هيو. 63 سالن جي عمر ۾ هو عيدالفطر جي ڏينهن هرات ۾ گذاري ويو. هن موت جي وقت سڀ ٻانها ۽ ٻانهيون آزاد ڪري ڇڏيا ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي مال مان ڪجهه نه ڪجهه ڏنائين. چيو وڃي ٿو ته هن مرڻ مهل 80 هزار اشرفيون ڇڏيون. جنهن طرح شيخ بوعلي سينا ۽ ابو نصر فارابي ارسطوءَ جي فلسفي جا پوئلڳ هيا ۽ مشهور ٿي چڪا هيا، تنهن طرح امام رازيءَ کي وري ارسطوءَ تي اعتراض سبب ناموري ملي هئي. مولانا شبلي مرحوم علم الڪلام ۾ لکيو آهي ته هن جي فلسفي جو علم الڪلام سان ايترو تعلق هيو جو جيڪي به مسئلا اسلام جي خلاف هيا، انهن کي هن باطل ثابت ڪيو ۽ ڇاڪاڻ جو متڪلمين (هڪ اسلامي فرقو) انهيءَ تي راضي نه ٿيا، هن يوناني فلسفي جون غلطيون ثابت ڪيون، پر ان طرح يوناني فلسفي جو ترجمو ٿيو ۽ اُتلو ماڻهو اُن جا پوئلڳ ٿي ويا.

تاريخ حڪماءِ اسلام ۾ هن تي ڪافي وڏو مضمون آهي ۽ هن تي هڪ الڳ ڪتاب اردوءَ ۾ ڇپجي چڪو آهي. علامه اقبال لاءِ رومي ۽ رازي به اسلام جي باري ۾ علامتون آهن ۽ هن جو مشهور شعر آهي:

'اسي ڪشمڪش مين گذرين ميري زندگي ڪي راتين،
ڪبهي سوز و سازِ رومي، ڪبهي پيچ و تابِ رازي'

(انهيءَ ڪشمڪش ۾ گذريون، منهنجي زندگيءَ جون راتيون، ڪڏهن روميءَ جو سوز و ساز ۽ ڪڏهن رازيءَ جو پيچ و تاب.)

امام غزالي

مشهور مسلمان مفڪر جنهن جو نالو محمد هو ۽ غزاليءَ جي نالي سان معروف هيو. هو خراسان جي ضلعي تهران ۾ پيدا ٿيو هو. هن جو پيءُ ڪپهه جو واپاري هيو، تنهن ڪري سندس خاندان کي 'غزالي' چوندا هيا. ڇو ته ڪپهه ڪاتيندڙ کي عربيءَ ۾ غزالي چوندا آهن. ان علامه ابواسحاق شيرازيءَ کان نيشاپور ۾ تعليم ورتي ۽ ساري زندگي اتي پڙهندو رهيو. ان وچ ۾ هن ڪيئي تصنيفون لکيون. ابواسحاق جي انتقال کان پوءِ هو نيشاپور مان وڏي ناماچاري سان نڪتو ۽ اسلامي دنيا ۾ سندس ڪوئي ثاني ڪونه

Gul Hayat Institute

هيو. ان وقت هن جي عمر 28 ورهيه هئي. نيشاپور کان پوءِ هو نظام الملڪ جي دربار ۾ آيو، جتي هن جي ڪافي تعظيم ٿي ۽ هن وڏا مناظرا ڪيا. هن کي اُتي مدرسي جو اعليٰ آفيسر مقرر ڪيو ويو، تنهن وقت هو 34 سالن جو هيو ۽ هن جي علم ۽ فضل جي ڌاڪ ويهجي چڪي هئي. 427هه ۾ خليفي مقتدر باالله جي وفات کان پوءِ جڏهن مسطهر بالله خليفو ٿيو ته هن جي بيعت ۾ ٻين سان گڏ امام غزالي به شريڪ ٿيو. هن جا 300 مدرسا هيا ۽ هُن وٽ سئو امير ۽ رئيس باقاعدي حاضري ڏيندا هيا ۽ عملي بحث مباحثن ۾ حصو وٺندا هيا.

امام غزاليءَ ۾ اجتهاد جو جذبو ڏاڍو هيو: جتي به مذهب تي بحث مباحثا ٿيندا هيا، امام اتي ويندو هيو، ۽ ان طرح هر مذهب کي پرکيائين ۽ تقليد جي بندش ٽوڙي ڇڏيائين. ان وقت چار فرقا مشهور هيا: متڪلمين، باطنيه، فلاسفه ۽ صوفيه. انهن سڀني تي هن تحقيقات شروع ڪئي ۽ پراڻيون تصنيفون به پڙهيائين پر هن کي ڪا به تسلي نه ٿي. 448هه ۾ هو دمشق آيو. مجاهدو ۽ رياضت شروع ڪيائين ۽ مراقبي وغيره سان گڏ جامه اسويهءَ ۾ درس ڏيندو رهيو. ٻن سالن کان پوءِ بيت المقدس جي زيارت تي پهتو ۽ حج جي نيت سان مصر ۽ اسڪندريه مان ٿيندو، مڪي پهتو.449هه ۾ جڏهن خليل جي مقام تي پهتو ته وعدو ڪيائين ته نه ڪنهن بادشاهه جي دربار ۾ ويندو ۽ نه ڪو عطيو قبول ڪندو ۽ نه وري ڪنهن مناظري ۾ حصو وٺندو. مرڻ گهڙيءَ تائين ان ڳالهه تي پختو رهيو. هن، ان سفر تي هڪ ڪتاب لکيو جنهن جو نالو 'احياءِ علوم' رکيائين. 499هه ۾ هو سلجوقي بادشاهه جي چوڻ تي وري نيشاپور جي مدرسي ۾ ويو. 500هه ۾ اهو بادشاهه فوت ٿي ويو ۽ امام صاحب وري گوشه نشيني اختيار ڪئي. هن تي زنديقيت جون فتوائون به ڏنيون ويون، پر هن تي ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وئي ۽ نه وري هو گوشه نشينيءَ ڏي موٽيو. سندس دل ۾ حديث پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ هو مشهور محدث حافظ عمر بن ابي الحسن وٽ طوس آيو ۽ امام صاحب کان صحيح بخاري ۽ مسلم جي سَنَدَ ورتائين. هن وٽ دور دور کان فتويٰ لاءِ تقاضائون ٿينديون هيون ۽ هو انهن جا جواب لکي موڪليندو هيو. هن جا سوين ڪتاب لکيل آهن.

امام غزاليءَ جي تصنيفن تي ڪيترن ئي عالمن حاشيا (نوٽ) لکيا آهن. تقليد جو هو سخت دشمن هيو ۽ عقيدن جي اصلاح ۾ نهايت مصروف رهيو.

505هه ۾ تهران ۾ هن جو انتقال ٿيو ۽ اتي ئي دفن ٿيل آهي.

امير خسرو (1253 کان 1325ع تائين)

تنهن ڪنڊ جو پارسيءَ جو عظيم شاعر هو جو اترپرديش ۾ پيدا ٿيو. هن جو پيءُ سيف الدين محمود، سلطان التمش جي زماني ۾ فوجي ملازم هيو. جڏهن خسروءَ جي عمر اٺ سال هئي تڏهن هن جي پيءُ جو انتقال ٿي ويو ۽ هو ناني جي نگهداشت ۾ اچي ويو. جڏهن هن جو نانو گذاري ويو تڏهن هن سلطان بلبن جي ڀائيجي وٽ ملازمت ڪئي

Gul Hayat Institute

۽ انهيءَ سان گڏ ملتان هليو ويو. 1284ع ۾ شهزادي محمد سان گڏ مغلن خلاف جنگ ۾ شريڪ ٿيو. شهزادو محمد ماريو ويو ۽ خسرو قيد ڪيو ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ آزاد ٿي دهليءَ پهتو. 1227ع ۾ سلطان ڪيقباد هن کي پيءُ وٽ بنگال وٺي ويو. واپسيءَ تي هن اوڌ جي حاڪم خاتم خان وٽ بہ سال گذاريا. اُن کان پوءِ خاتم خان کان اجازت وٺي دهليءَ آيو ۽ ڪيقباد جي سرپرستيءَ ۾ رهڻ لڳو. سلطان جلال الدين خلجيءَ جي دؤر ۾ (1290ع کان 1295ع تائين) خسروءَ کي خلعت ۽ امارت عطا ٿي ۽ هن جو ساليانو وظيفو 1200 ٽڪا مقرر ٿيو. جلال الدين خلجيءَ جي قتل کان پوءِ سلطان علاؤالدين خلجيءَ، خسروءَ جو وظيفو برقرار رکيو. سلطان قطب الدين (1316ع کان 1320ع تائين) ۽ سلطان غياث الدين تغلق (1320ع کان 1335ع تائين) جي دؤر ۾ امير خسرو بادشاهن جي ويجهو ۽ سرپرستيءَ هيٺ رهيو. پوئين عمر ۾ هو نظام الدين اولياءَ جو مريد ٿيو. سلطان محمد بن تغلق جي تخت نشينيءَ کان پوءِ امير خسرو گذاري ويو ۽ حضرت نظام الدين اولياءِ جي پيرانديءَ وٽ دفن ڪيو ويو.

هو ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هيو، جنهن ۾ غزلن جا 5 وڏا ڪتاب هيا جي پاڪستان ۾ ڇئن جلدن ۾ ڇپجي چڪا آهن. ان کان سواءِ اردوءَ ۾ هن جو مشهور ڪتاب 'الفضل الفوائد' (جنهن ۾ حضرت نظام الدين جي باري ۾ ملفوظات آهن) اهو بہ ڇپجي چڪو آهي، هو اردوءَ جو پهريون شاعر هيو، جنهن جي اڄان تائين پنهنجي زبان تي مُهر آهي. هن جا دوها، ڪهہ مڪرنيون، ڳجهارتون جي هندستاني زبان ۾ آهن نهايت مشهور آهن. مون خود هن وانگر ڪجهہ ڳجهارتون لکيون آهن. هو عظيم شاعر سان گڏ هڪ موسيقيءَ جو بہ وڏو ماهر هيو ۽ هن جا ڪيئي راڳ ۽ راڳڻيون آهن. ستار جو مُوجد بہ هن کي ئي سمجهيو ويندو آهي. موسيقيءَ ۾ خيال جو بہ هو باني هيو. مان هن جي شخصيت کان ڪافي متاثر رهيو آهيان. پاڪستاني ادب سبط – حسن ۽ سعيده گزدر ڪڍندا هيا، ان جي امير خسرو نمبر ۾ سبطِ – حسن خسروءَ تي فقط منهنجا اردوءَ ۾ شعر شامل ڪيا ها، ڇو تہ هُن جي نظر اردو شاعر خسروءَ ۽ روح عصر ۾ مطابقت پيدا ڪري نہ سگهيا ها ۽ هن تي فقط تصيدا لکي رهيا هيا.

منهنجي خيال ۾ امير خسرو مشرق ۾ اڻين هر هنرو ۽ گهڻ ڪنبو جينيس هيو جيئن ليوناردو ڊاونچي مغرب ۾ هيو.

انارڪزم

يوناني ٻوليءَ جي 'انارڪيا' (Anarchia) يعني 'قانون جي عدم موجودگي' مان نڪتو آهي، ۽ هڪ سياسي نظريو آهي، جو هر منظم اختيار کي رد ڪري ٿو. انارڪسٽ چون ٿا تہ هر سرڪار بُري ۽ ظالم آهي. هو فردن جي هڪ آزاد انجمن چاهن ٿا، جنهن ۾ نہ فوج هجي، نہ عدالتون، نہ قيد ۽ نہ وري لکيل قانون هجن. ان لحاظ کان منهنجو دوست يوسف شاهين، اهو شعوري طرح نہ ڄاڻندي بہ هڪ انارڪسٽ آهي. هن

Gul Hayat Institute

جا طريقه ڪار مختلف رهيا آهن. ڪن امن پسنديءَ سان نراج واد ڏانهن لاڙو چاهيو آهي ۽ ڪن انقلاب چاهيو آهي. انارڪسٽ (نراج واد) روس جي زار اليگزينڊر، اٽلي جي بادشاهه همبرٽ، فرانس جي صدر ڪارنو، آسٽريا جي راڻي اليزبيٿ، يو.ايس.اي جي صدر مڪن لي (Mickinley) ۽ ٻن ٻين صدرن 'ڪينيڊي ۽ ٽرن' کي قتل ڪيو هو پر هر سياسي قتل، مثلاً گانڌي، اندرا گانڌيءَ يا راجيو گانڌيءَ يا ٽراٽسڪيءَ جيَ قتل جو محرڪ انارڪزم ناهي. ليوٽالسٽاءِ (1910ع-1828ع) هڪ مذهبي انارڪسٽ هيو ۽ ان جو چوڻ هيو تہ حڪومت جو وجود عيسائيت سان تضاد رکي ٿو ۽ ماڻهن تيَ حڪومت محبت جي ذريعي ڪئي وڃي. ماڻهن کي فوج ۾ نوڪري نہ ڪرڻ گهرجي، نہ ٽيڪسون ڏيڻ گهرجن، نہ عدالتن کي مڃڻ گهرجي، جيئن موجودہ نظام ٺهڪو ڏئي ڪري. هن جا اصول عدم تشدد (اهنسا) ۽ عدم تعاون (اسهڪار) جي ذريعي هندستان ۾ مهاتما گانڌيءَ اپنايا هيا. بين الاقوامي انارڪسٽ ڪانگريسون 1877ع ۽ 1907ع ۾ ڪيون ويون هيون، پر انارڪزم (نراج واد) ڪا مستقل تنظيم ناهي نہ سگهي. انارڪوسنڊيڪلزم بہ انارڪزم جي هڪ شاخ هئي ۽ ڪجهہ ملڪن ۾ ان جي تنظيم قائم ڪئي وئي هئي. مشهور انگريز اديب هربرٽ ريڊ هڪ انارڪو - سنڊيڪلسٽ هيو. انارڪسٽن، ڪميونسٽن سان ملي اسپين جي خلاف انٽرنيشنل برگيڊ ناهي هئي، جنهن ۾ ارنيسٽ هيمنگوي، آندري مالرو، جارج آرويل، ڪرسٽافر ڪاڊويل ۽ ڪرسٽافر اشرووڊ جهڙا اديب ۽ دانشور شامل هئا ۽ هُنن اسپين جي شهرن ڪيٽلونيا ۽ بارسيلونا تي ڪجهہ وقت قبضو بہ ڪيو هو، پر پوءِ جڏهن اسٽالن فرانس سان خفيہ معاهدو ڪيو تہ هن انارڪسٽن کي اڪيلو ڪري ڇڏيو ۽ اهي فرانڪو جي فوج هٿان ماريا ويا. ان دؤر نهايت خوبصورت شاعريءَ کي اُتساهيو، جيئن ون - يونٽ خلاف جدوجهد سنڌيءَ شاعريءَ کي اُتساهيو هو.

بڪونن، ميخائيل اليگزانڊروچ، پرنس ڪروپٽڪن، پيوٽر اليڪسيوچ، پروڌان، پيٽري جوزف، ٽالسٽاءِ وغيره مختلف قسم جا مشهور انارڪسٽ ٿيا آهن. منهنجي خيال ۾ جي بڪونن ست سال سائبيريا جيل ۾ نہ رهي ها تہ هو ڪميونسٽ انٽرنيشنل تي ڇانئجي وڃي ها.

اوسپينسڪي

اوس پينسڪي جي ڳالهہ سان منهنجي واقفيت مرحوم اي.ڪي. بروهيءَ 1951ع ۾ ڪرائي هئي، جڏهن اوس پينسڪيءَ جو ڪتاب Tertium Organum ڇپيو هو. مان هن کي سکر ۾ ڪنهن ڪانفرنس جي افتتاحي تقرير لاءِ دعوت ڏيڻ ويو هوس، جنهن جي صدارت مون تي ڪئي. مان ڀانيان ٿو هو اُن وقت پاڪستان جو وزير قانون هو. تحفي طور مان هن وٽ بہ ڪتاب کڻي ويو هوس. موٽ ۾ هن مون کيَ اوس پينسڪيءَ جو مٿيون ڪتاب ڏنو هو. اهو ڪتاب اڃان مون وٽ اي.ڪي.بروهيءَ جي

Gul Hayat Institute

دستخط سان موجود آهي. اوس پينسڪي، هڪ رياضيات جو ماهر به هو ۽ صوفي به هيو. جنهن جي فلسفي ۾ پهرين حصي ۾ خشڪ منطق هيو ۽ ٻئي حصي ۾ اتساهيل بصارت ۽ مشاهدو هيو. پنهنجي فلسفي جو بنياد هن عام طرح چاتل نظرئي (FourthDimension) تي رکيو هو. ان لفظ جي معنيٰ آهي لنبائيءَ/چوڙائي ۽ گهرائيءَ کان پوءِ پيمائش جو چوٿون طريقو. ان جي ذريعي هن مشرقي تصوف ۽ مغربي فلسفي جي عقل پسنديءَ جي وچ ۾ پُل ٺاهي هئي- جا ڳالهه هن کان اڳ ڪوئي به پڪ سان چئي نه سگهيو هو. Tertium Organum جي معنيٰ آهي 'خيال جو نئون ضابطو' اهو پهريون ڪتاب هو، جنهن ۾ نئين رياضيات ۽ آئن اسٽائن جي نظريہ اضافيت (Theory of relativity) کي فلسفي جي نقطہ نگاهہ کان ڏٺو ويو هو. اوس پينسڪي 1878ع ۾ ڄائو هو. جيتوڻيڪ هن ماسڪو يونيورسٽيءَ مان فطري سائنس ۽ نفسيات ۾ گريجوئيٽ ڪيو هو. هن فيصلو ڪيو ته هن کي ليکڪ ۽ اخبار نويس ٿيڻو آهي.

ڪجهه سال پوءِ هن انڊيا، يونان، مصر، ڀارت ۽ سري لنڪا جو سفر ڪيو. جڏهن هو روس موٽيو ته هو يوناني صوفيءَ گرجيف (Gurdjieff) جو پوئلڳ ٿيو. اوس پينسڪي، سينٽ پيٽرسبرگ ۾ گهر ڪري ويٺو، جيستائين هن کي 1917ع جي انقلاب پنهنجي جنم ڀونءِ مان نيڪالي ڏني. هن جا دوست ڪيترائي سال هن جي تلاش ڪندا رهيا، پر هن کي ڳولي نه سگهيا ۽ نيٺ هو هن کي تسطنطنيہ ۾ ابتر غريبيءَ جي حالت ۾ مليو، جتي هن ڏيڍ لک روسين سان گڏ جلاوطنيءَ ۾ پناهہ ورتي هئي. اُتي هن کي خبر پئي ته آمريڪا ۾ Tertium Organum ڇپجي چڪو هو. ان جي ڇپائي مان جيڪي پئسا هن کي مليا، اهي کڻي هو انگلنڊ هليو ويو. لنڊن ۾ ٻيهر گرجيف سان مليو ۽ هن تي ڪيئي ليڪچر ڏنائين ۽ آخر لنڊن ۾ گرجيف انسٽي ٽيوٽ قائم ٿي. ڪيئي اهلِ ادب اوس پينسڪيءَ وٽ پڙهيا ۽ هن سان گڏ ڪم ڪيائون. اوس پينسڪيءَ پوءِ لنڊن جي ڀرواري‍ءَ ۾ هڪ مرڪز قائم ڪيو، جتي هو پنهنجي زندگيءَ جي فلسفيءَ تي ليڪچر ڪندو هو. هو ضرور مري ويو هوندو، پر هن جي موت جي تاريخ مون کي معلوم نه ٿي سگهي آهي.

Gul Hayat Institute

انّا اخمتووا

جديد روسي شاعره. هوءَ هڪ ڳجهي ۽ خاموش عورت هئي پر جي هوءَ ان غير معمولي علحدگيءَ ۾ نه به رهي جا هن تي پنهنجي دؤر مڙهي هئي، ته به اسان کي هن جي زندگيءَ جو تمام ٿورو علم هجي ها. هن جي شاعريءَ مان ۽ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي باري ۾ مختصر احوال مان جو ماسڪو ۾ ڇپيو هو، اسان کي هن جي زندگيءَ جو پورو پتو پئجي نہ ٿو سگهي. خاموشي هن جو دستور هئي ۽ اها هن جي شاعري مان ظاهر آهي، جنهن ۾ هن جا نظم نهايت مختصر آهن. هن ۾ ڪجهه ڪڏنگائي به هئي،

جڻ تہ هن جي شاعري چوندي هجي تہ مان جيئڻ آهيان، مون کي اِئين قبوليو يا نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ ڳالهہ ڏانهن ماڻهن جي توجهہ يڪدم وئي، جڏهن هن جا ڪتاب شايع ٿيا. هن کي شاعر جي لفظ کان نفرت هوندي هئي.

اخمتووا ڪاري سمنڊ جي پرسان هڪ ڳوٺ اوديسا ۾ پيدا ٿي هئي، جيتوڻيڪ هن جي زندگي ۽ شاعري پيٽرس برگ سان وابستہ آهي. هوءَ زارسڪوف سيلو (زار جو ڳوٺ) ۾ هڪ سال جي عمر ۾ آندي وئي ۽ اُتي پنهنجي زندگيءَ جا 16 سال گذاريائين. اهو ڳوٺ پيٽرس برگ جي ويجهو آهي. اتان جي ماحول ۽ شاعر پشڪن جو خود پيٽرس برگ ۾ مري ويو هو (جنهن جو ميوزم مون ڏٺو هو ۽ ان جو ذڪر شايع نہ ڪرايو اٿم) ان کيس ڪافي متاثر ڪيو. 1944ع ۾ جڏهن جنگ کان پوءِ هوءَ لينن گراڊ موٽي وئي، پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ هن لکيو آهي تہ 1890ع ۾ جڏهن هوءَ ٻار هئي تہ اتان جا ساوا ۽ گهميل خوبصورت باغيچا ۽ واڙا جتي هوءَ پنهنجي ٻڪريءَ کي گهلي ويندي هئي ۽ پراڻي ريلوي اسٽيشن- اهي سڀ کيس ياد ايندا هيا. 1907ع ۾ هن ڪيف ۾ تعليم ورتي ۽ 1910ع ۾ نڪولائي گوميلاف سان شادي ڪيائين، جو روسي شاعريءَ ۾ انقلاب کان اڳ هڪ رنگين مزاج شخصيت هيو. هو پهريون شاعر هيو، جنهن غير مغربي ملڪن مان ڌاريا موضوع پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا هيا. هن آفريڪا جي ملڪن خصوصاً ائبيسينيا* جو سفر ڪيو ۽ اتان جون ڪيئي ڪهاڻيون ۽ خيال پنهنجي تحرير ۾ آندا، پر ان ۾ مذهبي دهشت ۽ خوشيءَ ۽ غم سان بي پروائيءَ جو عقيدو هيو، جنهن هن جي شاعريءَ کي منظرنگاريءَ کان مٿي ڪري بيهاريو هو. اخمتووا هن سان شاديءَ ۾ خوش نہ هئي ۽ اهڙو ذڪر هن ڪيترن ئي هنڌن تي ڪيو آهي (مثال طور هڪ هنڌ لکي ٿي:

مان اِنسوس جا هٿ مَليا..........)

هُن پهريون پيرو اولهہ يورپ، گوميلاف سان پنهنجي هَني مون تي ڏٺو جو هن پئرس ۾ ملهايو ۽ جيڏانهن هوءَ ٻيهر 1911ع ۾ وئي. هوءَ مصور موڊلياني سان ملي، جڏهن اجان هومفلس هيو ۽ کيس ايتري ميتا نہ ملي هئي ۽ هن جي موجودگيءَ ۾ فرينچ شاعر ورلين کي پنهنجا ڪيئي نظم ٻڌايائين. موڊليانيءَ هن جون ڪيئي تصويرون ڪڍيون، جن مان هڪ بچي وئي جا پڇاڙي تائين هن جي ديوار تي ٽنگيل هوندي هئي. هن کي پئرس ائين لڳي جڻ اها هن جي زندگيءَ جو پيٽرس برگ وانگر ٻيو ٽنيو هئي، پر هوءَ روس ۾ پنهنجي مرضيءَ سان موٽي آئي ۽ رهي پئي. 1910ع ۾ هن جي شاعريءَ ۾ اليگزينڊر بلاڪ وانگر اُهو سرد ۽ اونداهو مستقبل جو اچي رهيو هو، جو تصور ۾ ئي ملي ٿو. 1944ع ۾ هن لکيو تہ:

* نوٽ: فيوچرزم ۽ اڪميز تحريڪ جي باري ۾ فٽ - نوٽ منهنجي ڪتاب 'ڪراچيءَ جا ڏينهن راتيون' ۾ پڙهيا وڃن.

* ابي سينيا: آفريڪا جو هڪ ديس جنهن کي ٻي جنگ عظيم ۾ فتح ڪري، مسولنيءَ عوام اڳيان تقرير ڪندي چيو تہ روم وري پنهنجي سلطنت قائم ڪري چڪو آهي.

Gul Hayat Institute

”هن ظالم ڏؤر ۾ مون کي ائين پاسيرو موڙيو ويو آهي، جيئن ڪا ندي پنهنجو وهڪرو ڦيرائي ڇڏي.“

پيٽرس برگ موٽي هن تمام سنجيدگيءَ سان نظمَ لکيا. جيتوڻيڪ هن جي مڙس کي هن جي ذات جي باري ۾ پڪ نه هئي ۽ هن کيُ ان لاءِ آماده ڪندو رهيو ته هو بئلي ڊانسر ٿئي. هنَ جڏهن شاعر انينسڪيءَ کي هن جي موت بعد پڙهيو ته هن کي محسوس ٿيو ته هن کي پنهنجو آواز ملي چڪو آهي. انينسڪي هڪ علامت پسند هيو، پر ٻين علامت پسند شاعرن کان مختلف هيو، جيڪي چوندا هيا ته هاڻي ۽ هتي غير حقيقي آهن، هر شيءِ ناس ٿيڻي آهي. خود اليگزينڊر بلاڪ جي تصور کي ٻه اهڙيون حالتون گرمائينديون هيون، جي قيامت وانگر اچڻيون هيون. 1910ع ۾ اهڙي تحريڪ پنهنجي تخليق ۾ سلسليوار نه رهي ۽ 1912ع ۾ ٻه گروپ پيدا ٿيا، جن کي فيوچرسٽ ۽ ائڪميسٽ * چيو ويندو هو. پهرين جو ليڊر ماياڪووسڪي هيو، جيڪو علامت پسنديءَ جو وڏو مخالف هيو ۽ جو رستي ۽ ڳليءَ جي ٻولي شاعريءَ ۾ ڪم آڻيندو هيو ۽ جنهن هر قسم جي تصور کي رد ڪري ڇڏيو. ائڪميزم جو وڏي ۾ وڏو شاعر آسپ ميڊالسٽام* هيو ۽ ان به علامت پسنديءَ جي مخالفت ڪئي. اخمتووا ميڊالسٽام جي دوست به هئي ۽ هن کان ڪافي متاثر به هئي. هن جي مڙس گوميلاف هڪڙو جدا شاعرن ۽ اديبن جو گروهه ٺاهيو. ميڊالسٽام اخمتووا جي پهرين جلد تي مهاڳ لکيو. 1911ع ۾ اخمتووا اٽليءَ، جنيوا، فلارنس، وينس ۽ ٻيا شهر ڏٺا ۽ اطالوي مصوري ۽ تعمير جي فن کان ڪافي متاثر ٿي. 1917ع ۾ اخمتووا ائين سمجهيو ته روس خودڪشي ڪئي آهي ۽ روسي چرچ جي بازنطيني روح کي الوداع ڪئي آهي. هن پوءِ ڪجهه ڪتاب لکيا ۽ ميڊالسٽام جي زال ناديزدا جي گهري ساهيڙي ٿي وئي، جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي ته اُن ۾ گوميلاف شريڪ ٿي، فرانس ويو ۽ آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ موٽيو. 1918ع ۾ ائنا اخمتووا کي طلاق ڏنائين. ان کان پوءِ هن جي زندگيءَ جو وڌيڪ احوال موجود نه آهي، پر هوءَ ميڊالسٽام سان گڏ لينن گراڊ ۾ گهمندي هئي ۽ آرٽ اڪاڊميءَ ۾ وقت گذارڻ کان سواءِ هن کي پنهنجي شاعري پڙهي ٻڌائيندي هئي. 1920ع ۾ هوءَ بلڪل گوشه تنهائي ۾ رهڻ لڳي ۽ ميڊالسٽام سان به نه ملندي هئي . هن لينن گراڊ ۾ تمام تڪليف ڏيندڙ وقت گذاريو ۽ ٻي جنگ عظيم ۾ ته زياده سور سٺا، جن جي عڪاسي شاعريءَ ۾ ڪئي اٿائين. 1921ع ۾ هن جي اڳين مڙس گوميلاف کي بالشيوڪن گولي هڻي ماري ڇڏيو، جن شاعرن ۽ دانشورن کي ڪافي چرڪايو. 1923ع کان 1940ع تائين سندس ڪا به تخليق منظر عام تي نه آئي، جو ته سينٽرل ڪاميٽيءَ اهڙو نهراءُ بحال ڪيو هو ته هُن جي ڪا به شيءِ ڇپائي هيٺ اچڻ نه ڪپي. جڏهن سوويت يونين جا نازي جرمني سان واسطا چڱا هئا ته اخمتووا مقبوضه پئرس ۽ بمباري هيٺان لنڊن ڏانهن پنهنجي توجهه ڪئي ۽ 1940ع ۾ هن جيڪو نظم لکيو، اهو روس ۾ ڇپجي نه سگهيو. اهو هڪ نهايت دردناڪ نظم آهي.

Gul Hayat Institute

1942-41ع ۾ هوءَ بار بار دوستو وسڪي پڙهندي رهي* جنهن جي مطالعي جو اثر سندس شاعريءَ تي آهي. دوستو وسڪيءَ ۾ ايندڙ تباهيءَ جون اڳڪٿيون هيون. جڏهن لينن گراڊ جو گهيراءُ ٿيو، تڏهن هن پهريون سيارو نهايت سرديءَ ۾ گذاريو ۽ ان کان پوءِ کيس تاشقند هوائي جهاز ۾ نيو ويو، جتي هوءَ اڍائي سال رهي ۽ پنهنجو منتخب ڪلام ڇپايائين، جو يڪدم وڪامي ويو. ڪيترن ئي روسين لاءِ هوءَ روس جو آواز هئي، پر اسٽالن هن جو مخالف هيو ۽ هن جي جنهن تقريب ۾ عزت افزائي ڪئي وئي هئي، اُن تي اعتراض ورتو هئائين. جنگ جي خاتمي کان پوءِ هن اشاعت لاءِ پنهنجا نوٽ لکيا، سوويت ادبي حلقي وٽ پيش ڪيا ۽ هن جي ڪليات جي ڇپائيءَ جو اعلان ڪيو ويو، پر اها هن جي شاعري وانگر نه ڇپجي سگهي، جيتوڻيڪ ڇپيو وڃي ٿو ته ان جا پروف به پڙهيا ويا هيا. 14 آگسٽ 1946ع ۾ پارٽيءَ جي مرڪزيءَ ڪاميٽيءَ هن کي روسي اديبن جي انجمن مان خارج ڪيو ۽ هن جي ڪتابن جي اشاعت تي بندش وڌي وئي جا 1953ع ۾ اسٽالن جي موت تائين رهي. گهر جي تلاشيءَ جي پوَ کان هن ڪيتري شاعري ۽ نثر جلائي ڇڏيو هو، جيئن مون ايوب خان، يحيٰ خان ۽ ضياءالحق جي دؤر ۾ جلائي ڇڏيو هو. هن جي پٽ کي 3 ڀيرا پهريائين قيد ڪيو ويو هو . هن پارٽيءَ جي بندش خلاف پنهنجو ردِعمل نه ڏيکاريو، ڇاڪاڻ جو اڳ ئي اسٽالن، مينڊالسٽام* کي مارائي ڇڏيو هو. هوءَ حالتن کان گهٻرائي خاموش ٿي وئي ۽ 1950ع ۾ مري وئي.

مان هن جي باري ۾ آمريڪيءَ ترجمي ۾ جيڪي هن جا شعر پڙهيا آهن، انهن کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان ۽ منهنجي نظر ۾ هوءَ دنيا ۾ جيڪي 6-5 وڏي ۾ وڏيون شاعرائون ٿيون آهن، انهن مان هڪ آهي.

ايلن گنسبوگد

شاعر ۽ نثر نويس، جيڪو 1926ع ۾ نيويارڪ ۾ پيدا ٿيو. هو بين الاقوامي سفر ڪندو رهندو آهي. هندستان جو به ڪافي سفر ڪيو اٿائين ۽ مون هن جا ڪجهه ڪتاب پڙهيا آهن، جن ۾ Indian Journals ۽ ڪجهه انٽرويو به شامل آهن. هو آمريڪا ۾ ايترو مشهور آهي جو ڪجهه مهينا اڳ يو-ايس-ايس- آر جي ٽٽڻ کان اڳ روس جي عظيم شاعر ووزنيسينسڪيءَ هن کي خط لکيو هو، جو نيوزويڪ جي پهرين صفحي تي ڇپيو هو ته جي آمريڪا امداد نه ڏيندي ته روس ۾ اُهو ڏڪار پوندو جو 1917ع ۾

---

* دوستو وسڪي: روس جو ٽالسٽاءِ کان پوءِ وڏي ۾ وڏو ناول نگار (1881-1821ع تائين)

* مينڊالسٽام: روس جو عظيم شاعر جنهن کي اسٽالن مارايو هو. (1891-1838ع). هن جي زال ناديزدا هن جي جڳ مشهور سوانح حيات بن حصن ۾ لکي آهي. جا مون اٽڪل ڏهاڪو سال اڳ پڙهي هئي ۽ مون کي خاطري ٿي وئي هئي ته ڪميونزم آرٽ جي تباهي آهي. دراصل اها تباهي، گهٽ يا وڌ، هر آمريت ۾ آهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته ضياءالحق منهنجي ڪنهن ڪتاب تي بندش نه وڌي هئي. شايد هُن سياست کي اوليت ٿي ڏني ۽ نه ادب کي.

Gul Hayat Institute

انقلاب ڪان پوءِ پيو هو يا 1942ع وقت لينن گراڊ جي نازي گهيراوَ وقتِ پيو هو ۽ ماڻهو مردا کائڻ لڳا هئا.

ايمرسن

هي آمريڪا ۾ 1803ع ۾ ڄايو هيو ۽ 1882ع ۾ گذاري ويو. هن ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا. خاص طور اخلاقيات تي چوٽيءَ جو مفڪر سمجهيو ويجي ٿو. گانڌي، ٿارو، ٽالسٽاءِ ۽ هِن مان متاثر ٿيو هيو. هن تي بہ پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو، پر چاڪاڻ جو مان موت ۽ حياتيءَ جي سرحد تي آهيان تہ مان ان جي زندگيءَ جي پڇاڙيءَ تي لکان ٿو، جيئن ڪجهہ ٻين فيلسوفن جي باري ۾ لکيو اٿم.

’زندگي هرويرو لنبي آهي‘ ايمرسن چوندو هو. 1872ع ۾ هن جو گهر جلي ويو. ٻي ڏينهن تي ڪا شيءِ هن جي ذهن ۾ ٽڙڪو ڪري ٽُٽي پئي. اُن ڏينهن کان پوءِ هن جي آرڏي هينئين – گهر ۽ سار سنڀال هن کي ڌوڪو ڏيڻ لڳي. هڪ ڏينهن هن جي ڌيءَ پنهنجي مضمون ’فطرت‘ مان ڪيس هڪ ٽڪرو پڙهي ٻڌايو. ’خبر ناهي تہ اهو ڪنهن لکيو آهي!‘ ايمرسن چيو، ”پر مان ڀانيان ٿو تہ اهو ڪوئي وڏو ماڻهو هو.“

پر پوءِ اهڙيون گهڙيون بہ هن جي زندگيءَ ۾ آيون جيئن وڄ ساڻون جي سانجهيءَ ۾ چمڪندي آهي. هڪ ڏينهن، جڏهن پنهنجي ڪنهن دوست سان باغ ۾ گهمي رهيو هو، تڏهن هن ڪيس هڪ آلو بخارو ڏيندي چيو، ”هاڻ هي وٺ! هي بهشتي ميوو آهي.“ اهي لفظ علامت هيا ايمرسن جي نہ رڳو هڪ نماڻي ميوي لاءِ پر هر نر اهنڪاري ماڻهوءَ لاءِ هيا، جنهن کي ڪَنڌ ۾ ڪِلي ڪانہ هئي. ’جڏهن هو بہ چڱو آهي تہ هڪ بهشتي ٻار آهي.‘ واقعي چڱائيءَ ۾ هر انسان ڪيڏو نہ معصوم لڳي ٿو، پوءِ هو ڪنهنجو بہ وياءُ چو نہ هجي!

اينٽي ڊيورنگ (Anti-Duhring)

Gul Hayat Institute

اينجلس جو مشهور ڪتاب آهي هير ڊيورنگ جي خلاف جنهن جو جرمنيءَ جي سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ ۾ ڪافي اثر رسوخ هيو. اهو ڪتاب 11 جون 1878ع تي لکيو ويو هو ۽ ان جي هر باب دنيا ۾ تفرقہ اندازيءَ ۽ ماديت جو دفاع ڪيو ويو آهي ۽ نہ رڳو روحاني فلسفي جي مخالفت ڪئي وئي آهي، پر ان کي ڪلٺهارڪو ڪري پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ باب ۾ اسپنوزا جو ذڪر نہ آيو آهي، جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ اسپنوزا جي فلسفي کي رد ڏنو ويو آهي. موجوده دؤر ۾ هو پنهنجي اهميت وڃائي چڪو آهي، اهو ڪتاب ڪيئي سال اڳي مون پهريون ڀيرو پڙهيو هو ۽ اُن وقت بہ مون کي هن جا ڪانٽ جي فلسفي جي باري ۾ رايا نہ آڙيا هيا. دراصل اينجلس ۽ هير ڊيورنگ (منهنجيءَ نظر ۾) ٻنهي ڪانٽ جي غلط تشريح ڪئي آهي، جنهن وقت مون مهاڳ پئي لکيو تہ اها ڳالهہ ذهن تان لهي وئي هئي تہ اهو ڪتاب اينجلس لکيو آهي.

ايوريسٽ

ساري دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو پهاڙ جو اوير هماليه ۾ آهي ۽ نيپال ۽ چين جي سرحد سان ملي ٿو. ڊيگهه ۾ اُهو 2928 فوٽ آهي. چوٽيءَ تي سر جارج ايوريسٽ جي ڪري اهو نالو پيو، جنهن اُها ۽ ان جي اوچائي 1841ع ۾ قائم ڪئي. 1961ع ۾ چين ۽ نيپال ۾ هڪ معاهدو ٿيو ته اُها چوٽي ٻنهي جي سرحد تي آهي.

1922ع ۾ اُن تي چڙهڻ جي پهرين ڪوشش ڪئي وئي. خطي جي مسئلن ڪان سواءِ، اُتي سرديءَ، اوچائيءَ ۽ مذهب جون ۽ سياسي تڪليفون آهن ۽ آبهوا به ڪوهه پيمائيءَ لاءِ ناسازگار آهي، سواءِ مَئي مهيني جي. ان چوٽيءَ تي پهچڻ ۾ نيٽ سَر ايڊمَنڊ هِلاري، هڪ نيوزيليند جو رهواسي ڪامياب ٿيو ۽ هن سان گڏ شيرپاتينزنگ به گڏ هو ۽ ٻئي گڏجي دنيا جي بلند ترين اوچائيءَ تي پهتا ها.

ايوگيني يوتوشينڪو

1933ع پيدائش، اجان تائين حيات آهي. مان هن جُي زندگيءَ تي لکڻ لاءِ اردوءَ ۾ سوويت شاعري جا ظ. انصاري ۽ تقي حيدر جا ترجما، 'موج - هوائڻ عصر' جي نالي سان ڏسي يوتوشينڪو جي زندگيءَ جي باري ۾ نوٽ پڙهي رهيو آهيان، جنهن ۾ نقط هينيون 6 سٽون لکيل آهن:

”جنگ ڪان پوءِ سيني ڪان ممتاز شاعرن مان هڪ. هو ڏکڻ سائبيريا جي ننڍي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. 1960ع ۾ هن جو نالو ساري دنيا ۾ ڦهلجي ويو. هو پاڻ کي ييسي نِين (روسي شاعر) ۽ والٽ وٽمئن (آمريڪي شاعر) کي پَنهنجو هيرو سمجهندو آهي. هن وقت تائين هن جا پنج مجموعا ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪيئي اشاعت لاءِ باقي آهن.“

هن ڪان وڌيڪ يوتوشينڪو جي باري ۾ ڪوئي ذڪر نه ڪيو ويو آهي، پر مون کي ياد آهي ته مون ڪنهي آمريڪي رسالي ۾ پڙهيو آهي ته يوتوشينڪو کي يورپ لاءِ پاسپورٽ ڏنو ويو هو ته هو جتي ڪٿي روس ۾ جبر ۽ آمريت جي خلاف نظم پڙهي رهيو هو ۽ ان ڪري هن جو پاسپورٽ رد ڪري ڪيس روس واپس گهرايو ويو هو ۽ هن تي ڪجهه سختي به ڪئي وئي هئي، پر هو پوري مغربي دنيا ۾ شهرت رکندو هو ۽ ان ڪري سختيءَ جو اظهار خاص طور روسي اخبارن ۾ نه ڪيو ويو هو. يوتوشينڪو، پاسترناڪ ڪان پوءِ پهريون شاعر هو، جنهن مبهم نموني محسوس ٿي ڪيو ته روس تباهي ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ اهڙي ڳالهه ڪيئي سال اڳ مون روسي شاعريءَ جو ذڪر ڪندي، مسز راشديءَ کي ٻڌائي هئي، جنهن جو تفصيل مان 'ساهيوال جيل جي ڊائري' ۾ ڏئي چڪو آهيان. مون کي اهو محسوس ٿيو آهي ته شاعر کي هڪ اندرين اک هوندي

آهي، جا سياستدانن کان گهڻو اڳ ۾ ڏسي سگهندي آهي، پر يا ته هو ان جو واضح اظهار نه ڪري سگهندو آهي يا ڄاڻي واڻي سياست جي جبر سبب نه ڪندو آهي، ڇو ته سياست جي هٿ ۾ رڳو قلم نه آهي، هٿيار به آهن، جي شاعر وٽ نه هوندا آهن، جيستائين هو مائوزي تنگ يا هوچي منهه وانگر ٽين درجي جو شاعر نه هجي. مون انهن ٻنهي جي شاعري پڙهي آهي؛ جيتوڻيڪ هو انقلاب آڻي سگهيا، پر هنن جي شاعريءَ جي اهميت نه آهي ۽ واندڪائيءَ ۾ هو شاعري ائين ڪندا هيا، جيئن شطرنگ جي بازي کيڏي ويندي آهي.

يوتوشينڪو پنهنجي مشهور نظم 'بابائي يار' تي لکيو هو، جتي هڪ پوگرام (Pogram) * ۾ سوين يهودي ماراڻي هڪ ئي کڏ ۾ پوريا ويا هئا. اها خبر روس جي اڪثر حصي کي به نه هئي، جيتوڻيڪ يهودين لاءِ اتي به ائين نفرت هوندي هئي، جيئن جرمنيءَ ۾. اسٽالن جي ڌيءَ سوِتلينا پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي ته جڏهن هن پنهنجي پيءُ کي ٻڌايو ته هن جو هڪ روسي يهوديءَ سان پيار ٿي ويو آهي ۽ هوءَ ان سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي، ته اسٽالن هن کي هڪ ڪچي گار ڏني ۽ هن جو مڱيندو ماراڻي ڇڏيائين. سوِتلينا پوءِ پڇي آمريڪا هلي وئي هئي، جتي هن هڪ هندستاني سک سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي جڳ مشهور آتم ڪهاڻي لکي شايع ڪرائي هئي، جا مون پڙهي آهي.

اها يوتوشينڪو جي جرئت هئي جو هو روس ۾ يهودن جي قتل - عام تي لکي سگهي. مون هن جو انگريزي ۾ آخري ڪتاب 'پيار جا گيت' پڙهيو آهي، جو مون کي ڏاڍو وڻيو آهي. هي سارو تفصيل به پنهنجي يادن جي آڌار تي لکائي رهيو آهيان ۽ ان ۾ به ٿورڙي ڦير گهير/گهٽ وڌائيءَ جي گنجائش ٿي سگهي ٿي.

براهمس (Brahms Johannes) (1833ع کان 1897ع تائين)

جرمن ڪمپوزر (راڳ ٺاهڻ وارو) ۽ ساز وڄائيندڙ هيو. هيمبرگ ۾ هڪ غريب خاندان ۾ ڄايو هيو، جنهن جو موسيقيءَ سان ڪافي لڳاءُ هيو. براهمس پنهنجو روزگار شراب خاني ۾ پنهنجي موسيقي ٻڌائي ڪندو هو. هن پنهنجي تنها نوازي 1848ع ۾ ڏني ۽ 1853ع ۾ پنهنجا رهس ۽ طائفا ڪيا. ساڳي سال هو شومئن سان مليو ۽ جنهن هن جو جينئس يڪدم سڃاتي ورتو. آخرڪار هو ويانا ۾ 1862ع کان وٺي مستقل رهيو ۽ هڪ موسيقار جي حيثيت ۾ پنهنجي شهرت ڦهلايائين. هن کي بيدوون جي روايت جو وڏو زنده وارث سمجهيو ويندو هو. 1860ع ۾ جي به نوان موسيقار هيا، هن انهن جي خلاف پنهنجو پڌرنامو شايع ڪيو، پر ويگنر جي موسيقي جي آڏو بي دليو آيو هيو. هن جون سمفنيون ۽ پيانو طائفا به هيا ۽ وايولن ۾ تمام گهڻي ۽ گوناگون موسيقي به

*پوگرام: يهودين جا قتلِ عام جي عيسائي ڪرائيندا هيا، ڇو ته روايت موجب، هنن ئي حضرت عيسيٰ عليه السلام کي صليب تي چاڙهيو هو.

هئي، جا خلوت پيش ڪئي وئي هئي. هن به سئو گيت لکيا ۽ ڪليدي تختي تي تحرير (Key board writings) جو ماهر هيو.

برگسان

هينري برگسان 1869ع ۾ فرانس ۾ پيدا ٿيو. 1941ع ۾ ڪيئي ڪتاب لکي وفات ڪيائين. هن جو سڀ کان مشهور ڪتاب 'Creative Evolution' (تخليقي ارتقا) آهي. علامہ اقبال هن سان ملاقات ڪئي هئي ۽ هن کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. چون ٿا تہ علامہ اقبال جي 'خوديءَ' جو تخيل برگسان تان ورتل آهي. علامہ جي برگسان سان ملاقات جي باري ۾ بہ ڪيئي قصا ڪهاڻيون آهن.

برونو، گيوردانو (1548 ب.ا.م کان 1600 ب.ا.م تائين)

اطالوي فلسفي ۽ شاعر، جو نولا ۾ ڄايو هو. هن نيپلس جي اسڪول ۾ تعليم ورتي، جتي هو پندرنهن ورهين جي عمر ۾ ڊامنيڪن (Dominican) فرقي ۾ داخل ٿيو. 1576ع ۾ هن تي ڪفر جو الزام هنيو ويو تہ هو فرار ٿي ويو ۽ هڪ ٽُلڪائوءَ ۽ رولاڪڙ جي حياتي هن کي جنيوا، پوءِ ٽُلوس وٺي وئي، جتي هن بہ سال درس و تدريس ۾ گذاريا. ان کان پوءِ پئرس رمتو ٿيو(1582ع ۾)، پوءِ لنڊن ۾ (1583ع ۾)، جتي هو فرينچ سفير جي گهر ۾ رهيو؛ وري پئرس پٺتيو، ان کان پوءِ ماربرگ، وٽن برگ، پراگ، هيلمس ٽيڊٽ ۽ فرنڪ فُرٽ ويو. 1591ع ۾ هڪ وينيشن امير هن کي لوڪ اڳيان ڏنو ڪيو ۽ لعنت وڌيءَ 1592ع ۾ هن کي ديني عدالت (Inquisition) جي اڳيان پيش ڪيو ويو. برونو کي قيد ڪيو ويو ۽ هن تي مقدمو هلايو ويو، پهرين وينس ۾ ۽ ان کان پوءِ روم ۾. هن تي ڪيئي الزام هيا، جن ۾ ڪفر، ڪُلهڙي چال، چلگت، ۽ عقيدي ۾ الحاد جو ٿهلاءُ بہ هُيا ۽ هن جيڪي فلسفي ۽ علمِ ڪائنات ۾ بنيادي نظريا اظهاريا هيا، اُهي بہ شامل هيا. هن نہ زبان ڦيرائي ۽ نہ پاڻ ڪڍائي ويو ۽ ان ڪري هن کي موت جي سزا ڏني وئي ۽ 17 فيبروري 1600ع ۾ هو روم ۾ جيئرو جلايو ويو.

برونو جو اوائلي ڪتاب هڪ هِرشي ناٽڪ (طربيہ - ڪاميڊي) آهي، جو هن 1582ع ۾ لکيو هو. پوءِ هن ڪيئي مضمون لکيا، جن ۾ ڪجهہ جُڙتو يادگيريءَ (Artificial memory) تي بہ هيا. هن جو فلسفي ۾ سڀ کان اهم ڪتاب هو 'اطالوي مڪالما' جو هن انگلنڊ ۾ لکيو هو. هن جو ٻيو اهم ڪتاب 'لاطيني نظم' هيو، جو هُن جرمنيءَ ۾ لکيو هو. مڪالمن ۾ برونو نئين جاڳرتا (renaissance) ۾ افلاطون جي ٿهلايل ابديت جي نظرئي کي ساراهيو هيو، جنهن جو اظهار هن نهايت جُرئت منديءَ سان ڪيو. هن جي خيال ۾ خدا ۾ سڀ اوصاف سمائجي ٿي ويا ۽ هو ابدي هو. هو ان خيال جو بہ هو تہ ساري ليلا ٻيو ڪجهہ بہ نہ هئي، رڱو اننت جو رنگ

روپ هئي. انيڪ ۾ ايڪ وَسيِ رهيو هُو ۽ ان جا ئي سڀ پرڪاش ۽ پڌرايون هيون. پنهنجن ڪتابن ۾ برونو ارسطوءَ جي علمِ ڪائنات جي نفي ڪئي ۽ چيو تہ هيءَ ڪائنات اڪٺ آهي ۽ اُن ۾ بي ڪٿيون ۽ بي ڪاتي دنيائون آهن، جن مان هر هڪ ۾ سج ۽ گرهہ آهن. اُن ڪري هن وسيع ڪائنات تي ڌرتي رڳو هڪ ننڍو گرهہ آهي.

پنهنجيءَ مابعدالطبيعات ۾ برونو تي ڪيوسينس• (Cusanus) ۽ اسپنوزا جو اثر هيو ۽ هن جرمن تصوريت تي پنهنجو سڌو اثر ڇڏيو. علمِ ڪائنات ۾ برونو ليوڪريشس* ۽ ڪاپرنيڪس جو پوئلڳ هيو، پر ڪاپرنيڪس کان بہ هُن جو نظام جو تصور اڳيرو نڪري ويو. ٻين سيني اطالوي فيلسوفن جي ڀيٽ ۾ برونو کي جديد سائنس ۽ فلسفي جو پيش رَوُ چئي سگهجي ٿو.

هو پنهنجن خيالن ۽ ڪتابن ۾ چِٽو، بي ڀئو ۽ چاٽيءَ وارو مڙس هيو. هو تيز خيالو بہ هيو پر پورو پورو درست نہ هو ۽ نہ وري هو سُچيت ۽ خبردار هيو. پر عجب اُن تي ٿو اچي تہ اُهي سائنس ۽ فلسفي جا نُڪتا جي، هن جي دؤر ۾ ناپيدُ هُيا، ۽ ڪيترو وقت پوءِ دريافت ڪيا ويا، هِن جي ڌيان ۾ ڪيئن آيا! هن جي اَلميئي هن کي فلسفي جي تاريخ ۾ هڪ شهيد جي حيثيت ڏني. ڪڏهن مان سوچيندو آهيان تہ مان پنهنجي ديس ۾ برونو جي ڪيڏو نہ ويجهو آهيان ۽ مون سان جُڙتو شريعت جا صاحب ڪئن نہ وچڙيا ها!

جيتري قدر مون کي يادگيري آهي، برونو تي سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب ڇپيل آهي.

بڪونن (1814 کان 1876ع تائين)

هو پروڌان جي پائي جو نراجوادي (انارڪسٽ) هو. 30 مئي 1814ع تي هڪ ننڍي روسي ڪاتيدار جي گهر ۾ ڄايو هو. هن جو پيءُ هڪ روشن خيال انسان هو، مغربي ادب ۾ پڙهيو ۽ جديد مغربي ڌارا کان ڪٽيل ڪونہ هو. هن جي پيءُ جي آزاد خيالي، انهيءَ حد تائين ڪانہ هئي جو هو زار جي آپي شاهيءَ تي نڪتہ چيني ڪري، پر بڪونن ۾ بغاوت جي ڪمي ڪانہ هئي؛ هن جي پهرين عدول حڪمي اها هئي تہ هو جنوري 1835ع ۾ فوجَ مان فرار ٿي ويو. 1838ع ۾ هن پنهنجي ريجمينٽ تان استعفيٰ ڏني ۽ بي سرڪاري نوڪري بہ نہ ڪئي. هن پيءُ سان جهيڙو ڪري، ماسڪو جي ادبي ۽ لاأبالي زندگي اپنائي. ان دؤر ۾ ڪجهہ جرمن فلسفين جهڙوڪ شيلنگ، فشتي ۽ هيگل جو هن تي اثر ٿيو، جن سيني کي هن پنهنجي رومانوي انداز ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڳهٽو ڪري هو اليگزينڊر هرزن سان ملندو هو ۽ بيلنسڪيءَ سان بہ هن خيالن

* ليو ڪِريشس – (99 ق.ا.م کان 55 ق.ا.م تائين)؛ رومن شاعر ۽ مصنف، جنهن 'ڪائنات جي مزاج' تي هڪ لنبو ناصحانہ نظم لکيو هو.

•• ڪاپرنيڪس (1457ع کان 1543ع تائين)؛ پولش ماهرِ نجوم، جديد علمِ نجوم (اِئسٽرانامِيءَ) جو باني.

• ڪيُوسينَس – (1401ع کان 1464ع تائين)؛ جرمن فلسفي هو.

جي ڏي – وٺ ڪئي هئي، اجان بہ اٿين ڇٽجي تہ انهن کان سياسي شدت پسنديءَ ۾ سبق ورتا هيا. 1840ع ۾ زار شاهيءَ سان رنج ٿي ۽ آنڊ مانڊ ۾ اچي، هو روس ڇڏي، جرمنيءَ هليو ويو. برلن ۾ هن جو ڌيان صرف سياست ڏانهن ويو ۽ هن هيگل کان متاثر ٿي ڪابي ڌر ڏانهن لاڙو رکيو. 1842ع ۾ 'جرمن سال نامي' ۾ هن جو هڪ ليک شايع ٿيو، جنهن هن جي زندگيءَ کي موڙ ڏنو ۽ جنهن مان ائين ٿي لڳو تہ هو روسي انقلاب ۾ اڪيون پائي وينو هو ۽ ليک جي پڇاڙي ۾ هن جي مشهور چوٽي هئي، "تخريبي جذبو هڪ تخليقي جذبو بہ ٿيندو آهي." جنوري 1843ع ۾ نوجوان انقلابيءَ ڊريسڊن بہ ڇڏي (جتي هو برلن مان ويو هو) ۽ سئٽزرلينڊ ڏانهن ويو ۽ پوءِ اتان پئرس ويو، جتي هو ڇٽن سالن کان وڌيڪ رهيو ۽ انهيءَ وقت ۾ هو پروڌان، مارڪس ۽ پولنڊ جي پناهگير انقلابين سان مليو. جيتوڻيڪ پوليس هن کي شهر نيڪالي ڏني هئي، هو عين وقت تي پهچي ويو ۽ 1848ع جي انقلاب ۾ ڀرُو ورتائين، پر پوءِ هن کي جلد ئي برلن ۽ پراگ سِرڪايو ويو، جتي هن 1848ع جي سِلاف ڪانگريس ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هتي بڪونن جي انقلابي تمنائن ۾ هڪ ٻيو عنصر شامل ٿيو ۽ اُهو هيو جرمنيءَ جي پاڃاريءَ مان آسٽريا جي سِلاف قوم جو ڪنڌ آجو ڪرڻ. 1848ع ۾ هن 'سلاف قوم کي گذارش' نالي هڪ ڪتابچو شايع ڪيو، جنهن ۾ هن جي پروگرام جا ٽي مکيہ اصول شامل هئا. (١) مغرب جي بورجوا جمهوريت جي ترديد (٢) سلاف قوم جي آزادي (٣) ڪسانن جي انقلابي صلاحيت ۾ ويساهہ.

مئي 1949ع ۾ بڪونن کي ڊريسڊن ۾ گرفتار ڪيو ويو، جتي هو بلوي کي اُتساهي رهيو هو. لنبي ڪارروائيءَ کان پوءِ پهرين هن کي آسٽريا ۽ پوءِ روس جي پوليس جي حوالي ڪيو ويو. پيٽرس برگ جي روسين هن کي پيٽر ۽ پال قيدخاني ۾ ٽي سال قيد رکيو ۽ چار سال ٻيا شلوس برگ جي قيدخاني ۾ رکيو. پيٽر ۽ پال ۾ هن 'اعتراف' نالي ڪتاب لکيو جو 1821ع ۾ ڇپيو. اِهو ڪتاب رياڪاريءَ ۽ صداقت جون وايون ٻتال ڪندڙ بہ سَرو هيو، جنهن ۾ هن زار نڪولس I کان معافي گهري هئي ۽ روسي حاڪم کي سلاف قوم جي آزاديءَ لاءِ اڳواڻيءَ جي آڇ ڪئي هئي.

1857ع ۾ هن جي خاندان جي وچ ۾ پوڻ ڪري، بڪونن کي آزاد ڪيو ويو ۽ هن کي سائيبريا ۾ رهڻ ڏنو ويو. اتي هن هڪ جلاوطن پول جي ڌيءَ سان شادي ڪئي ۽ 1861ع ۾ لنڊن پهچي ويو.

بڪونن جي باقي زندگي منصوبا ٺاهڻ ۽ پمفليٽ لکڻ ۾ گذري، جيڪي گهڻو ڪري اڌ ۾ رهجي ويا ۽ جن جو مقصد پر اسرار جماعتون ٺاهڻ هيو، جي سڀ وئرٽ ويون. (انقلاب جو خبط بہ هيروئن جي هير وانگر آهي، جا گَتر ۾ ٽاٻو ڪائي، تنگ پهچندي بہ نہ ٿي لهي. انقلابيءَ کي وجهہ ملي ٿو تہ هو ڀڳاڙي هٽي، سچ کي ڪوڙ، ڪوڙ کي سچ ڪندو ٿو رهي ۽ جڏهن هن جي زبان لنبيءَ ٿي وڃي تڏهن بہ هو فرضي نالي سان لکندو ٿو رهي ۽ سازش کان نہ ٿو مڙي. سچا انقلابي ورلي ٿا ٿين؛ جي پهريون

پنهنجي سر تي سَهي تا وڃن ۽ پوءِ ڀي ڪي ڀوهي ۾ تا ڏين؛ نہ تہ گهٽو ڪري ڇڙو ڀنيور ڪي ٻاهہ ڏئي، پاڻ ۽ پنهنجي گهر گهاٽ ڪي سيڪ کان پاسي رکڻ وارا آهن.)

بڪونن سائيبيريا مان ڀڄي لنڊن آيو. اتان اٽليءَ ويو ۽ آخر ۾ سوئٽزرليند ۾ وڃي رهيو. هن هرزن سان جهيڙو ڪيو ڇو تہ هرزن پورو پنو ۽ نرم ڏر وارو انقلابي هو (تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ جي زار شاهي هرزن جهڙن مخالفن کي جلاوطن نہ ڪري ها تہ روس ايتريءَ خون خرابي کان بہ بچي وڃي ها ۽ اڄ کان گهڻيءَ بهتر حالت ۾ هجي ها) ڪجهہ وقت لاءِ هن روس مان آيل تشدد پسند سَرگي نڪاثيف سان رابطو رکيو. مارڪس سان نئين سِر پنهنجي واقفيت پيدا ڪري، 1869ع ۾ بڪونن انٽرنيشنل ورڪنگ مينس ائسوسيئيشن (پهرين انٽرنيشنل) ۾ شامل ٿيو، جا متضاد بنيادن واريَ تنظيم هئي پر مارڪس جي قيادت هيٺ هڪ انقلابي پروگرام اپنايو هيائين. پهرين انٽرنيشنل ۾ مارڪسسٽن جي ڀيٽ ۾ انارڪسٽن جي گهٽائيءَ تي ۽ بڪونن انهن ۾ پنهنجن پيروڪارن جي خفيہ انجمن ٺاهي ۽ انڪري 1872ع ۾ هن کي ان تنظيم مان نيڪالي ڏني وئي. انهيءَ سال هن جي سڀ کان اهم تحرير هئي 'انقلابي سوال جواب جو ڪتاب' جو هن نڪاثيف جي اثر هيٺ لکيو. هيو ڪتاب رومانوف (روسي زار) خاندان جي نندا ۾ لکيائين ۽ 1872ع ۾ 'خدا ۽ رياست' لکيائين، جنهن ۾ هن ڏيکاريو تہ رياست ۽ خدا جو تصور، آزاديءَ جا ازلي دشمن آهن. 13 جون 1876ع تي هو برلن، سوئٽزرليند ۾ مري ويو.

بڪونن پنهنجي آخري زندگيءَ ۾ نراجواد کي انتها پسند انفراديت جو نظريو ٿيندو ڏنو ۽ مارڪس ۾ تاريخ ۾ انهن قوتن جي اهميت هئي. غير ذاتي (Impersonal forces) هيون، هن جي فلسفي ۾ مارڪس جي پرولتاريت ۾ ويساهہ بدران هَر - هاريءَ ۾ ويساهہ هو.

علامہ اقبال جو اهو شعر:

> جس کهيت سے دهقان کو ميسر نهين روزي
> اُس کهيت کے هر خوشۂ گندم کو جلادو.

Gul Hayat Institute

دراصل لينن سان نہ پر بڪونن سان لاڳو آهي، (پر علامہ اقبال رڳو اشتراڪيت جو نالو ٻڌو هو ۽ ان جو ڪوئي خاص مطالعو ڪونہ ڪيو هئائين.)

بڪونن کي برطانيا يا الـمانيا ۾ ٿورا پيرو هيا ۽ فرانس ۾ نراجواد، خاص ڪري ٽريڊ يونين ۾ پروڌان مان ٿي ڦلاريو هيو. پر هن عظيم روسي نراجوادي کي زبردست شخصيت هئي، جنهن جو ساريءَ انقلابيءَ تحريڪ تي اثر ٿيو. هن اسپين ۽ اٽليءَ ۾ پيروڪارن جا ڪيئي گروهہ جُڙيا، جتي هن جي موت کان ڪيئي ڏهاڪا پوءِ نراج واد جي سگهارَي هَل چل هلي ۽ بڪونن جو نالو ۽ يادگيري 1870ع کان 1880ع تائين روسي نارودنڪن (Narodinks) مقبولِ عام پارٽيءَ جي ماڻهن کيَ چوندا هئا) ۾ گونجندو رهيو. 1917ع کان پوءِ مارڪس ۽ بڪونن جي ذاتي ۽ نظرياتي دشمنيءَ

سوويت يونين ۾ ٻڪونن جي نالي کي بلڪل دونهاٽي ڇڏيو نه ته هو انقلاب جو معزز ترين پيش رَو هو. ٻڪونن روس جي انقلابي ويچار لاءِ ٻه اصول رکيا هئا- روسي ڪسان جي انقلابي تقدير ۾ اعتبار ۽ سِلاف قوم جي مقصدِ حيات ۾ اعتبار. ته اُها ئي دنيا کي مغرب جي تخريب پذير بورجوا تهذيب کان بچائي سگهي ٿي. جارج آرويل، آندري مالرو ۽ هيمنگوي جا اسپين ۾ نراجوادي هل چَل جي پس منظر ۾ ناول صاف ڏيکارين ٿا ته نراجوادي ننڍي ۽ وڏي ۾ ڪو به فرق نه ڪندا ها ۽ ڪوئي ڪئپٽن، ڪرنل يا جنرل ڪونه هو، سڀ انقلاب جا سپاهي ها. اِها ٽيڪر، اِها ڳرائي، اِها ننڍ وَڏائي، اهو درجي جو احساس جو ورلي ٽُرڙائپ ۽ آپي پَٽي کي پاسي رکي ٿو، برائيءَ جي جڙ آهي ۽ ماڻهوءَ جو جڏهن ڪنهن سان ان آپي سبب ذاتي ٽڪر ٿئي ٿو ته هو نظرياتي آڙ وٺي ٿو، جيئن اسٽالن، ٽراٽسڪيءَ جي خلاف ورتي هئي يا جيئن اڄ ڪلهه افغانستان ۾ ٿي رهيو آهي.

بهادر شاهه ظفر (ثاني)

24 آڪٽوبر 1775ع ۾ ڄائو ۽ 7 نومبر 1883ع ۾ گذاري ويو. ابو المظفر سراج الدين محمد بهادر شاهه مغليه خاندان جو آخري بادشاهه هو ۽ هڪ سٺو شاعر پڻ هيو. هو اڪبر شاهه ثانيءَ جو ٻيو نمبر پٽ هيو ۽ ڪيس لال بائيءَ مان ڄايو هو. هو شهنشاهه بابر جي ٻارهين پيڙهي هيو ۽ دهليءَ ۾ پيدا ٿيو هو. 1837ع ۾ دهليءَ جي قلعي ۾ هن جي تخت نشينيءَ جي رسم ادا ڪئي وئي. ظفر کي انگريزن سان دشمني ٿي وئي ۽ انهيءَ دؤر ۾ 11 مئي 1857ع تي ميرٺ جي هندستاني فوج آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ ڪيئي انگريز ماري وڌا. انهن پوءِ بهادر شاهه ظفر کي پنهنجو سربراهه بڻايو ۽ هن انهن جي تيادت قبول ڪئي. جنهن سان سيئي رئيس ۽ رياستن جا والي به هيا جي غير ملڪي حڪمرانن کي ملڪ مان ڪڍڻ تي متحد ٿي ويا ها. دهليءَ ۾ حريت پسندن، انگريزن جو وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪيو پر وطن جا غدار هنن جي آڏو آيا ۽ 6 سيپٽمبر تي انگريزي فوج حريت پسندن کي شڪست ڏئي دهليءَ تي قابض ٿي وئي.

بهادر شاهه همايون جي مقبري ۾ پناهه ورتي ۽ جڏهن انگريزن کي اها خبر پئي تڏهن هنن مقبري جو گهيرو ڪيو ۽ 22 سيپٽمبر تي بهادر شاهه پاڻ کي انگريزن جي حوالي ڪري ڇڏيو، جو ته انگريزن سندس جان بخشيءَ جو واعدو ڪيو پر پوءِ واعدي جي خلافي ڪندي شهزادي جوان بخت ۽ شهزاديءَ زينت محل کان سواءِ باقي شهزادن کي ميجر هنسن قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ سر جارج لارنسي، بادشاهه کي هڪ سال لاءِ ذلت ۽ خواريءَ سان تيد رکيو. 1858ع ۾ لارنسي، بهادر شاهه تي بغاوت جو مقدمو هلايو ۽ 7 آڪٽوبر 1858ع تي هن کي سزا ڏئي رنگون موڪلي ڇڏيو. بادشاهه سان گڏ هن جون ٻه زالون، شهزادو جوان بخت ۽ ڪجهه تعلق رکڻ وارا به هيا. هو رنگون ۾ انتهائي ڪسمپرسي واري حالت ۾ انتقال ڪري ويو.

Gul Hayat Institute

مؤرخ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ مغل بادشاهن ۾ بهادر شاهہ ظفر زياده مهذبُ، شائستہ ۽ نيڪ هيو. هن جي دربار جي تهذيب ساري ملڪ جي تهذيب لاءِ نموني مثال سمجهي ويندي هئي، چو تہ بهادر شاهہ ۾ تعصب تر ماتر بہ ڪونہ هيو ۽ هو هر قوم ۽ ملت جي ماڻهن ۾ مقبول هيو. بهادر شاهہ هڪ چڱو شاعر هيو ۽ محمد ابراهيم ذوق کان اصلاح وٺندو هو. مرزا غالب بہ هن جي دربار ۾ هيو. اردو ادب ۾ بهادر شاهہ ظفر کي هڪ اهم مقام حاصل آهي ۽ هن جو ڪلام خاص طور آهي غزل پرپور آهن، جي هُن جلاوطني ۽ قيد جي زماني ۾ لکيا هيا. هو اعليٰ درجي جو خطاط، موسيقيءَ جو ماهر، عمارتون ۽ باغ نهايت ترتيب سان جوڙائڻ جو شوقين هيو. سارو ڏينهن لکڻ پڙهڻ ۽ تلاوت ۾ گذاريندو هو. هن جي تصنيف ۾ سعديءَ جي گلستان جي شرح ۽ اردوءَ جا چار ديوان زياده مقبول آهن.

بيدل دهلوي

عالمي صاحب دل است اما ڪسي "بيدل" نہ شد

(دنيا تہ صاحب دل آهي، پر ڪوئي بيدل نہ ٿي سگهيو آهي.)

بيدل دهلويءَ جي پيدائش شاهجان جي دؤر ۾ ٿي. اورنگزيب عالمگيرِ جي دؤر ۾ مغلن جي شهنشاهيت پنهنجي عروج تي هئي. انهيءَ مان گذري، باقي مغل بادشاهن کان وٺي محمد شاهہ رنگيلي تائين، هن سڀ ڪجهہ اکين سان ڏٺو. مغليہ سلطنت هُن جي ڏسندي پَستيءَ ڏانهن وڃي رهي هئي. هُو پرهہ جي ڏيئي وانگر ٽم ٽم ڪندو رهيو ۽ بهادر شاهہ ظفر جي دؤر ۾ وسامي ويو. بيدل مؤرخ نہ هو. هن سوين خوبصورت غزل لکيا، پر هن پنهنجن رُقعات، پنهنجيءَ مثنويءَ 'چهار عنصر' ۽ ڪجهہ رُباعيات ۾ اُنهن واقعن ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جي هن جي دؤر ۾ رونما ٿيا. پر هو غالب وانگر نثر نويس نہ هو ۽ پنهنجي وقت جي عڪاسي گهڻ ڪئي اٿائين. غالب وانگر هو ڪُنهن بادشاهہ يا وزير جي مدح سرائي بہ نہ ڪندو هو. هو تہ انهن کي شيطان وانگر سمجهندو هو. پنهنجي مثنويءَ ۾ چيو اٿائين:

ايڪہ تعريفِ سلاطين ڪردهٔ
مشقِ تعليمِ شياطين ڪردهٔ

(اڙي! تون جو بادشاهن جي ساراهہ ڪرين ٿو،
اهو سمجهہ تہ تنهنجو معلم (تعليم ڏيندڙ) شيطان آهي)

بيدل ڳالهير ۽ وَڏ–واتيو نہ هو. هن جي شاعريءَ ۾ انفس ۽ آفاق (جڳت ۽ سرستيءَ) تي ڪافي غور ۽ فڪر آهي. غالب ۽ علامہ اقبال ٻئي بيدل کان متاثر هوندا ها. مون تنهي جو تقابلي مطالعو ڪيو آهي. غالب ۽ اقبال جي ڪافي شعرن تي بيدل جو اثر آهي. اقبال چوندو هو تہ غالب جو ڪلام، غلام هندستان ۾ مقبول آهي، پر اُتي بيدل کي ڪوئي نہ

Gul Hayat Institute

ٿو ڇائي؛ ۽ افغانستان جي آزاد مُلڪ ۾ هن جي تلاوت ٿي رهي آهي. (بيدل جو سوانح نگار خواجه عبدالله اختر.)

مان جڏهن جوانيءَ ۾ سکر ۾ وڪالت ڪندو هوس ته هڪ سيشن جج عزيز الله ميمڻ، سپرنٽينڊنٽ انجنيئر اميد علي قريشي، ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جيل آغلو خان دُرانيءَ سان گڏجي ٽين چوٿين ڏينهن گهوٽڪيءَ جي ڊي.ايس.پيءَ (نالو وسري ٿو وڃي، غالباً غلام اڪبر) جي دعوتن تي ويندو هوس ۽ ٽين چئين بجي رات تائين ناوُنوش ڪندا هياسين، جيستائين ڪَٽيون ڪَر موڙينديون هيون ۽ ڏکڻ جون ٿڌيون هوائون ان اڱڻ ۾ لڳنديون هيون، جتي اسان جي چوڪاري وڇايل هوندي هئي. مون لاءِ انهيءَ ٻئنڪ ۾ چڪ جو ڪارڻ ڊي.ايس.پي جي ديوانِ بيدل سان آت اُڪيرِ هئي، جو هن کي پنهنجي پيءُ ڏنو هو. غالباً هن جي ماءُ ايراني هئي ۽ هن جو پيءُ سنڌي هو. هن جي زال ڪرستان هئي، جا اسان کي واري سان تريل گوشت جون پليٽون ڏيندي هئي ۽ ڊي.ايس.پي، بيدل جو ديوان پڙهندو رهندو هو. مون کان سواءِ هُن کي ٻيو ڪوئي سمجهي نه سگهندو هو ۽ ٻيا فقط ڪنڌ ڌوڻ سان سندس جهجهي ڪاتي پيتي جو داد ڏيندا ها. مون لاءِ اهي راتيون حياتيءَ جون وڏيون رنگ رليون هونديون هيون. ڊي.ايس.پي، فارسيءَ جو ماهر هو ۽ بيدل کي ايراني لهجي ۾ پڙهندو هو. مون کي اڄان تائين بيدل جا ڪيئي شعر ياد آهن ۽ ڪيئي منهنجي تحت الشعور ۾ آهن.

جا نه شعر آهي:

ساحل ڪه اصلِ طينش اوُ جوش تشنگي ست
دريا ست درڪنار لَبش تر نمي شَوَد

(ڪناري جي سُڀاوَ ۾ اها ڳالهه نه آهي ته هُن جي اُڃ لهي سگهي. جيتوڻيڪ درياهه اُن جي ٻڪَ ۾ آهي. اُن جا چپ اُڃايل آهن.)

يا -

عجب ست گر هَوسَت ڪشد ڪه به سير سرو وسمن
توز غنچه ڪم نه د ميده درِ دلِ ڪُشا و چمن
درآ.
پيء آهوانِ رميده خو مپسند زحمت جستجو
به خيالِ حلقهء زلفِ او در دل ڪُشاوَ ختن
دَر آ

(حيرت آهي جي توکي هَوس ڇڪي ته سرو ۽ سمن جي سير تي هلي آءُ، تون خود مکڙيءَ کان گهٽ ڪڙيل نه آهين، دل جو دروازو کول ۽ چمن ۾ هلي آءُ)

جن هرڻين جي سڀاوَ ۾ رُلڻ ڇُلڻ ۽ ڊُڪَ ڊوڙ آهي، اُنهن پٺيان لڳي پاڻ کي هلاڪ نه ڪر؛ هن جي زلف جي خيال ۾ وڪوڙجي وڃ ۽ ختن* ۾ هلي آءُ.-)

* خطا ۽ ختن (شايد چين ۾) اُهي شهر هوندا ها جن جا آهوَ (هرڻ) مشهور هوندا ها ۽ جن جي اکين کي خوبصورت عورتن جي اکين سان تشبيهه ڏيندا ها.

همہ عمر با تو قدح زديم و نہ رفت رنج خمارِ مي
چہ قيامتي ڪ نہ مي رسي ز ڪنارِ ما بہ ڪنارِ ما

(سڄي عمر توسان پيالو پيتو پر بہ ڪيپ جو ڏک نہ ويو،
ڪهڙي قيامت آهي جو منهنجي ڪَڇ مان مُنهنجي ڀاڪُر ۾ نہ تو اچين.)

بيٿووِن (Bethoven) (1770ع کان 1897ع تائين)

جرمن موسيقار، جنهن جي موسيقيءَ ۾ ڪلاسيڪيت کان رومانيت ڏانهن تبديلي آهي. هو جرمنيءَ جي شهر بون ۾ ڄايو هو ۽ ڪيس موسيقي ورثي ۾ ملي هئي. هن جو پيءُ ۽ ڏاڏو بہ مڃيل موسيقار هيا، تنهن ڪري هن جي بهترين تربيت هن جي پيءُ ڪئي هئي. ڪلون ۾ ڪيس سرڪاري نوڪري ملي ۽ ان عرصي ۾ هن خاندان جو ڪاني اونو رکيو. 1792ع ۾ هو بون ڇڏي ويانا ويو جتي هن هڪ ڪمپوزر ۽ ماهر پيانو نواز جي حيثيت ۾ شهرت حاصل ڪئي. هن جا مٿين طبقي مان ڪيئي سرپرست هيا، جن باقي زندگي هن جي اقتصادي مدد ڪئي. 1801ع ڌاري هو ٻوڙو ٿي پيو ۽ هن جي روز بروز وڌندڙ ٻوڙائپ هن کان ميل واريءَ، پياني نوازيءَ (Concert Pianist) جو ڪم ڇڏرائي ڇڏيو ۽ هو تخليقي ڪم ۾ جنبي ويو. ان کان پوءِ هن جي سموري زندگي هڪ ڪمپوزر جي حيثيت ۾ گذري. هن جون سِمفنيون لاجواب آهن. بيٿووِن جي موسيقيءَ ۾ مترنم قوت جي بيحد گهرائي آهي ۽ جذباتي اظهار ۾ اونهي انسان دوستي آهي.

ٻڌ

سنسڪرت ۾ ٻُڌ چيو ويندو آهيءَ: 'ڄاڻڻ ڪي، ڄاڳڻ ڪي'. هو ٻوڌي مذهب جو باني هو، جو مشرق جي وڏن مذهبن مان آهي. هو 483 ق.م کان 563 ق.م تائين هيو. هندو مت ،جا آتمڪ ۽ نيت شاستر جي سکيا سان آريل هئي، تنهن ۾ بنا ڪنهن اهڙي ارادي جي، ٻڌ هڪ ٻي ڌرم جو بنياد بہ وڌو. هو راج - ڪنور سڌارٿ گوتم ٿي ڄايو، پر پوءِ بہ هن اڻ - هوند، روڳ، مرتيو (موت) جي باري ۾ ڏاڍو سوچيو ۽ پنهنجي ڀوڳ ولاس جو جيون ڇڏي، هڪ سنياسي ٿيو. ڇهہ سال اڪيلائي ۾ تپسيا ڪيائين. هن روشن دماغي حاصل ڪئي پر انهيءَ تجربي هن جي سوچ ۾ ڦيرو نہ آندو ۽ هو هر هندوءَ وانگر انت ۾ ڪنهن شانتيءَ واري آوستا ۽ آواڳون ۽ پنرجنم ۾ اعتبار ڪندو رهيو، جي ماڻهوءَ جي اڳين ڪرم جي سنسار - سنبنڌي نيم جو نتيجو هيا. مون ٻڌ جو هڪ عجيب قول پڙهيو هو:

'بس، ڪجهہ بہ نہ ڪر'
'اِتي ويٺو رهہ'

مان انهيءَ قول تي سوچي ٿڪجي پيو آهيان، پر ان جي تہ تائين پهچي نہ سگهيو

آهيان. دنيا جي تاريخ ۾ ٻڌ اهڙو نرالو جينيس هو، جيڪو ناستڪ هوندي ڪاميابيءَ سان هڪ ڌرم جو بنياد رکي سگهيو. برٽرانڊ رَسيل به ساڳي ڳالهه ڪئي. هن کي حسرت هئي ته هو چين ۾ چو نه ڄايو جتي هڪ ناستڪ تي ڏيورو يا ٻيچ - آستان ناهي سگهن ٿا. جتي برٽرانڊ رَسيل سُمرادو نه ٿي سگهيو، اتي ٻڌ سوڀارو ٿي ويو.

هو ڄايو هو سڌارٿ گوتم ٿي (سڌارٿ گوتم جي قوم هئي) اُتر ڀارت ۾، هماليا پهاڙ جي پَٻ وٽ، بنارس (وراڻشي) کان اٽڪل سؤ ميل پري.

انهيءَ دؤر ۾ جڳ جون وڏيون سپيتائون پيدا ٿيون- ڪنفيوشس ۽ لائوزي چين ۾، ٿيلز (Thales) ۾ زينوفينس (Xenophanes) ۽ فيثا غورث ۽ هراڪليٽس (Heraclitus) عظيم تر يونان ۾، زردشت ايران ۾، جرمياهه (jeremiah) ۽ عيسيٰ دوم اسراعيل ۾.

سڌارٿ جو پيءُ شدودن، ساڪيه قوم جي گوتم فرقي تي راڄ ڪندو هو. هو کتري هو ۽ سپاهڪي هنر ۾ ماهر هو. سڌارٿ جي ماءُ ننڍي هوندي مري وئي هئي. هن جي پيءُ هن کي جيوَن جي ڪرڙائيءَ ۾ ٻنارو ڏنو. هن کي ڀوڳ ولاس ۾ رکيو، پٽ جا پهراڻ پهرايا ۽ چاليهه هزار نرتڪيون ڏنيون، جي ٽن راڄ مندرن ۾ رهنديون هيون. جڏهن وواهه جهڙو ٿيو، تڏهن هن کي پنج استريون موڪليون ته انهن مان پنهنجي پتني چونڊي. هن انهن مان يشودرا کي چونڊيو. جا ڳالهه هن جي چريترِ جي سگهه ڏيکاري ٿي.

سڌارٿ چار ڳالهيون ڏٺيون. هڪ ته پوڙهو ڏٺو، جو هڏ - هيٺو، نستو، جهڪو ۽ گُڪو هو، هن کي منهن تي گهنج هيا، هن جا ڏند ٻجي چڪا ها ۽ وار اڇا ٿي ويا ها، ۽ هو لٺ تي جهُڪاءَ ڪري، ٿيڪ ڏئي هلي رهيو هو. ٻي ڏينهن هن روڳ ۾ ورتل لڳو ماڻهو ڏٺو. ٽين ڏينهن تي هن مئل ماڻهوءَ جو ٽڏو ۽ سُڪريل مڙهه ڏٺو. چوٿين ڏينهن هن هڪ ساڌو ڏٺو جنهن سنسار کي تياڳ ڪيو هو. هو انهيءَ ويچار ۾ ويڙهجي ويو ته، ’ماڻهو کي مرڻو آهي.‘ هن سوچيو ته زندگي عمر ۽ موت جي وَسيڪي آهي، پوءِ اها سيما ڪهڙي آهي، جنهن کان پري نه عمر آهي، نه موت آهي. هن کي نرواڻ جي سوچ وڪوڙي وئي. ان کان پوءِ هن جو ٻيو قدم ڪنيو، ان لاءِ چيل آهي:

ديپ جلي رهيو هو ۽ اُن جي سڳنڌ ڦهليل هئي. سيج، جنهن تي موتئي ۽ ٻين گلن جا ڍير پيا ها، ان تي راهُل (ٻڌ جي پٽ) جي ماءُ ستل هئي ۽ هن جو هٿ پٽ جي نرڙ تي رکيل هو. ٻوڌي ستوا (سڌارٿ) چائنٽ تي بيهي انهن ڏانهن ڏٺو ۽ سوچيو، ’جي مان راڻي جو هٿ هٽايان ۽ پنهنجي پٽ کي کڻان، ته راڻي اٿي وهندي. جڏهن مان ٻڌ ٿيس (اڳ به ڪيئي ٻڌ ٿيا ها) تڏهن موٽي ايندس ۽ پٽ کي ڏسندس. پوءِ هو راڄ - محل مان لهي ويو.‘ ان کان پوءِ سڌارٿ رمتو ۽ تيشي ٿيو ۽ ساندهه ڇهه سال من جي شانتيءَ لاءِ ڀٽڪندو وتيو ۽ ڀوڳ ولاس کي تياڳ ڪري، اندر جي جوتيءَ جي کوج ڪندو رهيو. هو ڀهريون يوگين جي دڳ تي هليو ۽ ٻجن ۽ گاهه تي جيئرو رهندو هو ۽ آخر

پنهنجو ڪاڌو گهٽائي گاهہ جو هڪ داڻو ڪيائين. ان کان پوءِ هن تپشين جو دڳ آزمايو. ڏاس مان ٿهيل ڪپڙو پاتو، ڪنڊن تي سمهيو ۽ هن تي دز ائين ڄمي وئي جو جهوني وڻ وانگر نظر آيو.

هو اهڙي اڳڻ ۾ بہ سُتو جتي ڳرنڌڙ لاش ڳجهن جو ڳاه ٿي رهيا هئا. جيئن پارسين جا لاش ٿيندا آهن.

پر هن جون ساريون ڪوششون وئرٿ ويون. اهڙيءَ تپسيا سان بہ جڏهن هن کي سچ نہ مليو، تڏهن هو ٻوڏي وڻ هيٺان وڃي ويٺو، ۽ جو هاڻوڪي پٽنہ کان ڪجهہ پنڌ تي ٻڌ - گيا ۾ آهي ۽ ياترين کي ڏيکاريو ويندو آهي. ان کان پوءِ مارا (موت جي ديوتا) هن کي طرح طرح سان آزمايو، پر ڪامياب نہ ٿيو. ان وقت سڌارٿ ڌرتيءَ کي آڱر سان ڇهيو ۽ آواز آيو، "مان تنهنجي ساکي (شاهد)آهيان." سڌارٿ پوءِ هن جيون جي نت وهندڙ نديءَ ۾ جنم مرڻ جا لاڳيتائيءَ وارا اننت ڦيرا ڏٺا. هر مرتيو (موت) کي هڪ نئين جيون (حياتيءَ) نراس ٿي ڪيو، امر شانتي ۽ آنند کي ٻي ڪامنا ريتي ٿي ڇڏيو ۽ ماڻهو ۾ نئين اُٿڻ، آنڌ مانڌ ۽ نراسائيءَ ۾ ڏک پيدا ٿي ڪيائين. اننت مارا مايوس ٿي موٽي ويو ۽ سڄي رات سڌارٿ ڌيان ۾ گذاري، جيستائين باک ڦٽيءَ کان اڳ وهائو ايريو ۽ هو پنهنجي مارگ تي رسيو، هُن کي اندر جي جوتي ملي هو ۽ ٻڌ ٿيو. هن تي جرمن اديب هرمن هيس هڪ نهايت خوبصورت ناول لکيو آهي.

ٻڌ جي واسطي اِها آوستا آتما جي شانتي ۾ هئي ۽ سَروَ وياپي جيون (ڪائناتي زندگيءَ) ۾ سمائڻ هيو، جنهن کي هن نرواڻ پٽي چيو. نرواڻ پائڻ لاءِ ڪنهن پروهت جي يا ڪرياڪرم جي ضرورت نہ هئي، پر اها پنهنجي چال چلت ۽ ورتڻ ذريعي پراپت ٿي سگهي ٿي. ماڻهن کي هر انتها پسنديءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ دنيوي سک سمپدا ۽ ڪڻ پنگ سَواد جي اجائي ڪامنا کي ٿڏي ڇڏڻ گهرجي. هن ماڻهن کي چيو تہ هنن کي سُپتيو ۽ بلڪل سچو جيون گذارڻ گهرجي.

ٻڌ انسان دوست هيو ۽ ذات پات ۾ اعتبار نہ ڪندو هيو. هن سيني لاءِ اُپديش ڏنو تہ "منهنجي مَتِ اوچ نيچ ۾، ڏنوان، نرڏن ۾ ڪوئي ڀيد ڀاءُ نہ ٿي رکي. اُها آڪاش وانگر آهي ۽ ان ۾ سڀ سمائجي سگهن ٿا. هن جا ڪيئي آدرش مغرب جي آدرشن وانگرآهن، مثال طور: "ڪنهن کي ماريو نہ وڃي، چوري نہ ڪئي وڃي، ڪوڙ نہ ڳالهايو وڃي، ايرکا نہ رکي وڃي، ڪام، ڪروڌ، مايا، چاوت،ڌڌڪار ۽ هَٺَ کان پاسو ڪيو وڃي. هر ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪروڌ کي پيار سان، برائيءَ کي چڱائيءَ سان، لوڀ کي اُدارڊليءَ سان ۽ ڪوڙ کي سچ سان ريٽڻ گهرجي."

ٻڌ ڪوئي مسودو ڪونہ ڇڏيو. هن جون چوٽيون پهريائين واتان وٺي ياد ڪيون ويون. اٽڪل 250ق.م ۾ راجا اشوڪ انهن کي پالي ٻوليءَ ۾ لکايو. اُنهن ترمي پستڪن کي ترپي تڪا (ٽي ٽوڪريون) ڏاهپ جون چوندا آهن. ان ۾ هن جي ريتن ۽ سکيا جي ڳوڙهن نُڪتن جون سمجهاڻيون هيون. ٻڌ خدا ۾ اعتبار نہ ڪندو هو ۽ هن

جي مذهب ۾ اهڙو تصور ڪونہ آهي ۽ عجب جي ڳالهہ آهي تہ هن جا پوئلڳ هن کي وشنو جو اوتار سمجهن ٿا ۽ هن جون مورتيون پنهنجي مندرن ۾ رکن ٿا، جن جي سامهون پاٺ پوڄا ڪن ٿا ۽ هن جي سکيا هڪ Cult with elaborate ritual ڪريا ڪرم واريءَ پنٿ ۾ بدلجي چڪي آهي. پرين اوير ۾ 150 ملين کان وڌيڪ ٻوڌي آهن.

ٿامس اڪئي ناس

سينٽ ٿامس آڪئي ناس سنہ 1225ع ۾ ڄائو ۽ 1274ع ۾ گذاري ويو. هو هڪ نهايت پرهيزگار ۽ برگزيده شخصيت جو مالڪ هيو ۽ هن جا فلسفي ۽ دينيات تي ڪافي ڪتاب لکيل آهن. آڪيو ناس جڏهن موت جي بستري تي هيو، تڏهن هن رڙ ڪري پڇيو تہ، "اها عزت مون کي ڪڏهن بخشي ويندي، جڏهن برگزيده ماڻهو منهنجي بدن کي، جو هڪ ڪاٺين جي پَريءَ وانگر آهي، باهہ (دوزخ) ڏانهن ڪٺي ويندا؟" پوءِ چيائين، "چپ ٿامس! تڏ تي رهي آهي. انهن خدا جي پرهيزگار بندن کي منهنجي لاءِ باهہ جلائڻ نہ گهرجي. ڏس، سج ڪيترو نہ تکو چمڪي رهيو آهي. پر اها ڳالهہ تہ ڪلڻهارڪي آهي، ٻاهر تہ برف ڪِري رهي آهي." پوءِ هن پاسو ورائي هوريان چيو، "بسنت، ڏس، بسنت اچي رهيو آهي. پيارا اچ تہ اسان ٻنيءَ ۾ هلون."

ٽالسٽاءِ (1828 کان 1910ع تائين)

روس جو مشهور ليکڪ ۽ مذهبي مفڪر هيو. 1828ع ۾ روس جي اميرائي زميندار طبقي ۾ پيدا ٿيو هو ۽ 1852ع ۾ فوج ۾ شامل ٿيو هو. 1855ع ۾ سيبسٽپول جي گهيراءَ ۾ حصو ورتائين، جنهن جو هن ٽن خطن ۾ 'سيبسٽپول' ۾ ذڪر ڪيو آهي. هُن پهريان چار سال سينٽ پيٽرسبرگ ۽ ماسڪو ۾ سماجي زندگيءَ ۾ حصو ورتو، جتي هن جا 3 ڪتاب 'ننڍپڻ'، 'ڇوڪرپڻ' ۽ 'نوجواني' شايع ٿيا. 'ٻہ گهوڙي سوار' 1856ع ۾ ۽ 'ٽي موت' 1859ع ۾ شايع ٿيا ۽ هن جي شهرت هڪ نهايت ذهين ڪهاڻي نويس جي حيثيت سان ڏاڍو ڄمايو. 1892ع ۾ هن شادي ڪئي ۽ پنهنجي زمين سنڀالي. اُن کان پوءِ هن زندگي نهايت ڪاميابيءَ، روشن خياليءَ ۽ آزاديءَ سان گذاري، ساڳي وقت هن پنهنجا ٻہ شاهڪار ناول 'امن ۽ جنگ' (War & Peace) (1863 - 1872ع تائين)، 'انا ڪارينينا' (Anna Karenina) (1875 - 1876ع تائين) شايع ڪرايا. پهرين ڪتاب ۾ روس تي نيپولين جي حملي جي باري ۾ تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ اُن ۾ زندگي جون گوناگون تصويرون ڪڍيون ويون آهن، جن ۾ شهري ۽ ديهاتي زندگي، امير، هاري، سپاهي، سفير ۽ درباري اچي وڃن ٿا. هن جي ڪردارن جي صحيح بي عيب ڪردارنگاري، شهر، ڳوٺ ۽ جنگ جي ميدان جي

Gul Hayat Institute

نهايت پيچيدي پس منظر ۾ آهي ۽ هن جو ناول اَئنا ڪارينننا يورپ جو بهترين ناول تسليم ڪيو ويو آهي، جو 1860ع جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي ۽ هيروئن جي اَلميہ تقدير ڏيکاري ٿو، جا هڪ شادي شده عورت هئي ۽ پنهنجي نهايت لائق مڙس کي ڇڏيو هيائين. ان ۾ ۽ پنهنجين ٻين تحريرن ۾ ٽالسٽاءِ ڳوٺاڻيءَ ۽ فطرتيءَ زندگي جي شهري سماج تي برتري ڏيکاري آهي، جنهن ۾ انسان ۾ پيار جي جذبي کي سطحي بنائڻ ۽ ناس ڪرڻ جي سگهہ هئي. انهن ٻن ناولن کان پوءِ ٽالسٽاءِ هڪ روحاني بحران مان گذريو، جنهن ۾ هن دنيا ۽ ان جي هر سروسامان ۽ مال متاع کي ڇڏي ۽ پنهنجي تخليقي ڪم کي بہ مسترد ڪري 1881ع ۾ پنهنجو ڪتاب 'منهنجي باس' لکيو. هن پنهنجي زندگيءَ جي معنيٰ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي بابت ۾ هن 1885ع ۾ 'اِون اليچ جو موت' ۽ 'ڪروتزرسونيٽا' ۽ ڪيترين ٻيون ڪهاڻيون لکيون. هن پنهنجو مٺني فيسٽو 'آرٽ ڇا آهي' 1898ع ۾ لکيو.

پرهندڙن کي انهيءَ ڳالهہ تي حيرت ايندي تہ جڏهن مان ٽيون درجو انگريزي پڙهندو هوس، تڏهن ٽالسٽاءِ جون ڪهاڻيون سنڌي ۾ ترجمو ٿيل، منهنجو درسي ڪتاب هيون ۽ آخري ذڪر ڪيل ڪتاب 'ڪروتزر سونيٽا' مون ويهن ورهين جي عمر ۾ پڙهيو هو ۽ ان ۾ ٽالسٽاءِ جي اسلوب ۽ گفتگوءَ جي طرزِ تحرير کان ڏاڍو متاثر ٿيو هوس. ٽالسٽاءِ ڪيترائي ننڍا شهپارا بہ لکيا، جنهن ۾ هو انهيءَ نتيجي تي پهتو تہ انسان جي نجات انسانذات جي خدمت ۾ آهي. هن جو پويون نامڪمل ناول 'نئون جنم' هڪ خوبصورت شاعرائي طرز ۾ لکيل آهي، جو ڪورٽ ۾ هڪ مقدمي جي باري ۾ آهي ۽ مون کي بار بار عدالت ۾ ڪيس هلائيندي ياد ايندو هو تہ جوابدار ڇا ٿو چوي ۽ جج ڇا ٿو سمجهي ۽ سچ ۽ ڪوڙ ۾ ڪيڏو تضاد آهي ۽ وڪيل انهيءَ خيال ۾ آهن تہ هو ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ڪري ڪيئن پيش ڪن. مون ٽالسٽاءِ جا گهڻي ڀاڱي سڀ ڪتاب پڙهيا آهن، جن مان هڪ سنڌي ادبي بورڊ بہ ڇپايو آهي ۽ جنهن جو غالباً عنوان 'نيٺ ڇا ڪجي' آهي، جو شايد جناب نورالدين سرڪيءَ ۽ ان جي رفيقہ حيات ترجمو ڪيو آهي.

ٽالسٽاءِ جون لکڻيون اهنسا تي ٻڌل هيون ۽ هو پنهنجي ذاتي نجات، پاڻ تي تڪيو ۽ ٻين جي پيار ۾ سمجهندو هو ۽ هن جا نہ رڳو روس پر ساري دنيا ۾ ڪيئي پوئلڳ پيدا ٿيا، جن مان وڏي ۾ وڏو مهاتما گانڌي هيو جو پنهنجي جاءِ تي ايترو ئي عظيم انسان هو، جيترو ٽالسٽاءِ، اجا بہ هن جي سياسي ڪردار کي ڏسي ائين چئي سگهجي ٿو تہ مهاتما گانڌي، ٽالسٽاءِ کان بہ وڏو ماڻهو آهي. ٽالسٽاءِ جهڙو اديب هن وقت تائين دنيا پيدا نہ ڪيو آهي ۽ مان ڀانيان ٿو تہ 'امن ۽ جنگ' سندس وڏو شاهڪار آهي، جيڪو ستن ڏينهن ۽ راتين ۾ صبح جو ڇئين وڳي تائين جاڳي مون پڙهيو هو ۽ جنهن جا گهڻا ڪردار مون کي اڄ ڏينهن تائين ياد آهن. هو 20 صديءَ ۾ اهنسا جي تحريڪ جو باني هو، جيتوڻيڪ هن ۾ فرينچ مفڪر پروڌان جي ڪجهہ انارڪزم جا بہ خيال ملن ٿا.

مون کي هڪ عجيب ڳالهه ياد اچي رهي آهي ته سندري اتمچنداڻي 1964ع ۾ سکر ۾ منهنجي گهر رهيل هئي ۽ منهنجي مصروف زندگي ۽ زرينه جي گهرو ڪم ڪار ۾ مصروفيت ڏني هيائين. هن مون کي بمبئيءَ کان هڪ ڪتاب 'ٽالسٽاءِ جي زال' تحفي طور موڪليو هو، جنهن ۾ تفصيل سان ڏيکاريل آهي ته هڪ جينيس جي زال کي هن سان گذارڻ لاءِ ڪيڏي صبر کان ڪم وٺڻو ٿو پوي.

ٽراٽسڪي (1879ع کان 1940ع تائين)

لينن کان پوءِ روس جو وڏي ۾ وڏو اشتراڪي اڳواڻ هو. هن جو 1917ع واري انقلاب ۽ اُن کان پوءِ خانہ جنگيءَ ۾ اهم ڪردار رهيو هو. هو 26 آڪٽوبر 1879ع تي ڏاکڻي يوڪرين ۾ ڄائو هو ۽ هڪ آسودي يهوديءَ هَر-هاريءَ جو پُٽ هيو. 1897ع ۾ هن اوديسا جي نئينءَ روسي يونيورسٽي ۾ ڪجهه مهينا رياضيات جو مطالعو ڪيو، پر پوءِ اُهو ڇڏي، هڪ پيشہ ور انقلابي ٿيو. اوديسا ۽ نڪوليف ۾ ٿوري وقت ۾ هُن سماجي-جمهوري حلقن ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ 1889ع ۾ هن کي گرفتار ڪري، 1900ع ۾ سائبيريا جلاوطن ڪري موڪليو ويو. ٻن سالن کان پوءِ هو قيد مان فرار ٿي ويو ۽ وڃي لينن سان اخبار اِسڪرا ۾ شامل ٿيو، پر جڏهن 1903ع ۾ پارٽيءَ ۾ ڏڦيڙ ۽ ڏار پيا، هن لينن خلاف مينشيوڪن جو پاسو ورتو. 1905ع جي اِنقلاب کان پوءِ هو روس موٽي آيو ۽ سينٽ پيٽرسبرگ ۾ پورهيتن جي عيوضين جو سيني کان وڌيڪ برک اڳواڻ ليکيو ويو. 1907ع ۾ هن تي مقدمو هليو ۽ هن کي شهر نيڪالي ڏني وئي. هو اُولهه سائبيريا پار ڪري، ويانا پهچي ويو، جتي هُن فرقي بازيءَ کان الڳ رَهي، هڪ سماجي جمهوريت لاءِ ڪم ڪيو ۽ روس جي سيني سماجي-جمهوري حلقن ۽ گروهن کي متحد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر حاصل ڪجهه به نه ٿيو.

1914ع ۾ ٽراٽسڪي، فرانس هليو ويو، پر چاڪاڻ جو پهرين جنگِ عظيم کي سامراجين جي وچ ۾ هڪ جنگ تي سمجهيو ويو، هُو اُن جي خلاف هُيو، هُن کي فرانس مان نيڪالي ڏني وئي ۽ هو ڪجهه مهينا يونائيٽيڊ اِسٽيٽس ۾ رهيو. فيبروري 1917ع واري انقلاب کان پوءِ هو روس موٽي آيو ۽ پيٽروگراڊ ۾ بين الاقوامي گروهه ۾ شامل ٿيو، جو سيني صوبن گڏجي پيٽروگراڊ ۾ ٺاهيو هو. جولاءِ-آگسٽ ۾ جڏهن بالشيوڪ پارٽيءَ جي ڇهين ڪانگريس ٿي؛ هو ۽ هُن جي حلقي جا ماڻهو اُن ۾ شامل ٿيا، جيتوڻيڪ هوُ پاڻ جولاءِ واري نشقّل ڪُو (coup - راڄنيتيءَ جي بي قائدي ڦيرگهير لاءِ اُدم) سبب قيد ۾ هو. ڪانگريس، ٽراٽسڪيءَ کي بالشيوڪ مرڪزي ڪميٽيءَ تي چونڊيو ۽ پنهنجي رهائيءَ کان پوءِ هو پيٽروگراڊ سوويٽ جو پهرين چيئرمين ٿيو. هُن سوويٽ فوجي انقلابي ڪميٽي ٺاهي، هُو 2 آڪٽوبر تي گاديءَ تي قبضي ڪرڻ جو مکيه ڪاريہ- ڪرتا هو. هو پهرينءَ سوويٽ سرڪار ۾ خارجه پاليسيءَ جي ڪميسار جي حيثيت ۾ شامل ٿيو، پر جرمني سان بريسٽ - لٽوسڪ صلح نامي تي هن جا لينن سان اختلاف ٿي پيا

Gul Hayat Institute

۽ ان ڪري استعفيٰ ڏنائين. 1914ع کان 1918ع ڌائين، فوجي ۽ بحري معاملن جي ڪميسارجي حيثيت ۾ هُن گهرو لڙائيءَ ۾ سرخ فوج جي اڳواڻي ڪئي.

1924ع ۾ لينن جي موت کان پوءِ، هن جي جاءِ نشينيءَ جو ظاهر ظهور اميدوار ٽراٽسڪيءَ هو ۽ اهڙي شاهدي آهي ته لينن به هن جي فائدي ۾ هو، پر اسٽالن، زينوفيف ۽ ڪامينوف جي ٽيڏيءَ هن جي اِن لاڳيتائيءَ تي روڪ وڌي. هن سوويٽ سرڪار ۾ پنهنجو عهدو وڃايو، جيتوڻيڪ هي پالٽ بيورو جو ميمبر رهيو. 1919ع ۾ ٻه صف بنديءَ کان پوءِ به اُن ۾ هيو. 1927ع ۾ اسٽالن، زينوفيف، ڪامينوف، بُخارن ۽ ٻين سان گڏجي پارٽيءَ جي ڪابي ڌر جي مخالفت ڪئي ۽ ٽراٽسڪيءَ کي شڪست ڏني ۽ هن پالٽ بيورو ۾ به پنهنجي جاءِ وڃائي ۽ 1928ع ۾ هنُ کي وچ ايشيا ۾ آلما آتا ڏانهن لوڏي ڪڍيو ويو. (فيض احمد فيض يا ٻيا پاڪستاني يا هندستانيُ اديب سوويٽ يونين جي حڪومت آلما آتا گهرايا ها، پر انهن ان ڳالهه جو ذڪر ئي نه ڪيو ته اتي ٽراٽسڪيءَ جلاوطني ۾ رهيو هو ۽ هرڪو ڪاٿي ٻي، عيش ڪري، اشتراڪيت جي ابائي وطن جا گيت ڳائي موٽيو هو.) ٻي سال هن کي سوويٽ يونين مان ئي نيڪالي ڏني وئي ۽ 1932ع ۾ هن کان سوويٽ شهريت به کسي وئي. (جرمن ماهرِ نفسيات ائڊلر ٺيڪ چيو آهي ته، "انساني اعمال جو محرڪ جذبو، دولت جو هوس نه، اقتدار جو هوس آهي. دولت به اقتدار حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي." (1929ع کان وٺي 1933ع تائين هن جي ٽين جلاوطنيءَ ۾ پناهه گاهه تُرڪي هئي ۽ 1935-36ع ۾ ناروي هئي، ۽ نيٺ هو ميڪسيڪو هليو ويو. ٽراٽسڪي، اسٽالن تي حملا ڪندو رهيو ۽ جلاوطن ڪميونسٽن ۾ جي ٽراٽسڪائيٽ ها، انهن جي نظرياتي رهبري ڪندو رهيو. اُنهن 1934ع ۾ چوٿين ڪميونسٽ انٽرنيشنل قائم ڪئي. 1936ع کان وٺي 1938ع واريءَ صفائي ۾ ٽراٽسڪيءَ تي الزام هنيو ويو ته هُو پنهنجن سچ پچ يا الزام ڏنل پوئلڳن ۽ طرفدارن کي روس ۾ اُلٽ پُلٽ ڪندڙ ڪارروايون لاءِ اُتساهيندو رهيو.هو، پر جان ڊيوئيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ انٽر راشٽريه ڪميشن هن تي ٻي ڏوهي هجڻ جي فتويٰ ڏني. جيتوڻيڪ ميڪسيڪو جي اختياريءَ وارن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي دوستن تمام باريڪ نظر سان پورا پورا اڳ ويچار ڪيا ها ۽ هن جي پناري ۽ پناهه ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هيائون، پوءِ به هن کي هڪ ڳجهه ڳُجهاتي ۽ هڃاري خونيءَ، اسٽالن جي چُرچ تي، 20 آگسٽ 1940ع تي ميڪسيڪو شهر ۾ مٿي تي متر ڪو هٿي ماري ڇڏيو. (مون جڏهن ٽراٽسڪيءَ تي فلم ڏٺي هئي ته ماڻهوءَ جي ماڻهپي ۽ چڱائيءَ ۾ منهنجي ويساهه کي وڏو لوڏو آيو هو. سچ ته ماڻهو جو وڏي ۾ وڏو ويري هُن جو آپو، آپ سُوارٿ، هَڏي تي هوڏ، پنهنجي سوچ تي سنڌي سيڙهي کي انڪار ۽ ان ۾ ٻي انت وشواس آهي. مون اهڙا ڪيئي ڪميونسٽ ڏٺا ها، جي ائين سمجهندا ها ته دنيا جي 'ڪُل جا سِمِ سِمِ' هنن جي هٿ ۾ آهي ۽ هو اِتهاس مان ڪجهه پرائڻ لاءِ تيار نه هوندا ها. پاڪستان ۾ ته هنن اهو پورو پڙهيو به ڪو نه هو ته مارڪس ڇا چيو آهي؛ رڳو ٻُڌي ٻڌائي ڳالهه تي ڪٽي

ڳنڍ ٻڌي هٿائون ۽ نشچي ۽ پڪ جا پاڻ کي اڏول ٿنڀا سمجهندا ها، جيستائين ساري اڏاوت ڌهي ڍير ٿي پئي. اڃان تائين هو ننڍن ٻارن وانگر اُن جي تڪرن ٽوڪرن جي ڍڳ ۾ پڳل تتل ڪيڏاوٽا ۽ راند روند جون شيون ميڙي رهيا آهن ۽ سوچن ٿا ته ڪيئن پنهنجو نڪ ناس ۽ لڄ مرم بچائن. هنن ۾ ايترا اَوسان نه رهيا آهن ۽ نه مڙسي ته پنهنجي چُڪ ۽ مَت ڀَرم ڪُلم ڪُلا قبول ڪَن، پنهنجي ڏرتيءَ تي پير کوڙي، تيستائين بنا ڪنهن گهٽتائيءَ جي اَنيوُ جي تَرسن، جيستائين هو پاڻ ڪنهن ڇيهه ۽ سڌانت تي پهچن يا ڪين ڪوئي دڳ لائڻ وارو پيدا ٿئي. رڳو اَنڌ ماڻڌ ۾ وڦلڻ، رڳو هاءِ گهوڙا ڪرڻ ۽ وهلور وڃي پنهنجي دوُر جي ڇنڊڇاڻ ۽ پنهنجيءَ وَسيلي واڙيءَ جي ڇاڻ ڪان سواءِ ۽ ان ويڇاڻ ڪان سوا ته ڪهڙي وَستو ۽ وَٽ سگهه ۽ سهارو ٿي سگهي ٿي، سڀ اونده ۾ ٽاڦوڙا هڻن ٿا. افسوس ته ان ڳالهه تي آهي ته اڃان تائين ڀٽي، پرائي، مهمل ۽ مُدي خارج لفظن مان جان ڇڏائي نه سگهيا آهن ۽ اڃان اڳين دوُر جي رَٽيلَ پٽيل ٻوليءَ ۾ وچڙيل آهن.)

1890ع ڌاري زير زمين سوشلسٽ چوُنڪڙيءَ ٽراٽسڪيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو، جڏهن سوشل ڊيموڪرٽ هل چل پنهنجي ٻهرين درجي ۾ هئي ۽ مارڪسيت جو پرچار ۽ ڦهلاءَ ڪري رهي هئي ۽ ٻي درجي ڏانهن وڃي رهي هئي، جڏهن ان سوشلسٽ نظرئي کي مزدور هلچل سان ملائي، ولوڙو وجهٽو هو، هُن جي انقلابي ٿيوريءَ ۽ اُتساهه، چاهه ۽ تيزفهم ٻهري، هن جي سنتا لاءِ سمرتيءَ ۽ جوڙجڪ لاءِ وِت ۽ هن جي سگهاري مُهت- ترشنا گڏجي، ٽراٽسڪيءَ ۽ پنهنجي دوُر جي سوشل ڊيموڪريسيءَ لاءِ اَرهائيءَ جو ڀاءُ، اَرٽ پئدا ڪيو هو ۽ هڪ وڏيڪ هم مرڪز ۽ سياسي چِت مَن واريءَ پارٽيءَ لاءِ هن سَڌ اُتساهي هئي. اها سَڌ ساڳي قسم جي هئي، جهڙي 1900ع ۾ لينن کي پارٽيءَ ۾ اِسڪراجماعت ٺاهڻ وقت هئي. ان ڪري اهو نطري هو ته ٽراٽسڪيءَ، اِسڪرا ۾ شامل ٿئي، جيڪو اڳيئي سائبريا جي سوشل ڊيموڪرٽڪ جماعت ۾، پئمفليٽ بازيءَ ۽ اخبار نويسيءَ ۾ نالو ڪڍي چڪو هو ۽ ان لاءِ هڪ ٽِڪو ادبي ليک موڪليندڙ ٿئي. لينن سان ويجهڙائپ هن کي اِن نتيجي تي پهچايو ته ٻهريائين پارٽيءَ جي نالي ۾ پارٽيءَ جي تنظيم وجود ۾ اچي ٿي، ان ڪان پوءِ مرڪزي ڪميٽي ان تنظيم جي جاءِ والاري ٿي ۽ ان ٻدران ڪم ڪَري ٿي، ۽ آخر ۾ هڪ ڊڪٽيٽر (آمر) اِن مرڪزي ڪميٽيءَ جي ٻدران ڪم ڪري ٿو. اِن ڪري هو لينن کي پڪي اِرادي سان آڏو ايندڙن مان هو ۽ ان ڪري پارٽي 1903ع واري ٻيءَ ڪانگريس ۾، ٻه اڌ ٿي وئي پر منيشيوڪن سان ٽراٽسڪيءَ جي غم گساريءَ وارو دوُر مختصر هيو. 1904ع کان 1906ع تائين هُن پارووس جي اثر هيٺ دائمي انقلاب جي ٿيوري رچائي راس ڪئي. انهيءَ ٿيوري معرفت هن سينٽ پيٽرسبرگ ۾ سوويٽ ڪچي انقلابي حڪومت جو ٻج وڌو.

1907ع ۾ ديس کان ٻاهر هن جي ٻي ڀاڄ کان پوءِ، پارٽيءَ جي ٻهرينءَ سگهه جو ڀاڱو ٻه نه رهيو ۽ انقلاب کان پوءِ، ڪيٽي، تيسي ۽ ڇڙ جي ڪَري اُن جا ڪيئي رٽ پياڪ ڌڙا ٿي ويا. ٽراٽسڪيءَ چاهيو ته سڀ سوشل ڊيموڪرٽڪ ڌڙا ايڪو ڪَن، ۽

ساڪيات ۽ ساڳي سوچ وارا نندا ٽڙا ڪَنا ڪري، اُنهن جي الڳ ٽولي ٺاهيائين، جن پنهنجي الڳ اخبار پراودا ڪڍي، جنهن جي سمپادڪي ويانا ۾ ٽراٽسڪيءَ پاڻ ڪئي. (اها ساڳي پراودا نه هئي جا سينٽ پيٽرسبرگ مان نڪتي هئي) 1912ع ۾ هن اتحاد لاءِ 'آگسٽ ڪانفرنس' گهرائي، جنهن اڪثر مينشيوڪ گروهن ۾ سچ پچ اتحاد پيدا ڪيو، جيتوڻيڪ اڪثر بالشيوڪ ۽ پليخانوف جي پارٽي ذهنيت وارا ماڻهو ڪانگريس کان پاسيرا رهيا. ٽراٽسڪيءَ وري مينشيوڪن جي قيادت هٿ ۾ ڪئي. جنگ ڇڙي ته وري سياسي صف بندي ڪئي وئي ۽ ٽراٽسڪيءَ ۽ مارتوف بين الاقوامي چانوٽيءَ ۾ شامل ٿيا. ۽ ٽراٽسڪيءَ، لينن ۽ زينوٿيف جي حمايت کان انڪار ڪيو، جن چاهيو ٿي ته روس کي شڪست اچي ۽ 'سامراجي جنگ کي خانه جنگيءَ ۾ بدلايو وڃي.'

ضلعن جي وچ ۾ سوشل- ڊيموڪريٽڪ تنظيم، جنهن ۾ ٽراٽسڪي 1917ع ۾ روس موٽي شامل ٿيو، جنگ کان اڳ ۽ جنگ وقت، جنگ جي حمايتن ۽ پارٽي-مخالف بالشيوڪن سان پري پئي هئي، پر لينن جو اهو پروگرام ته اقتدار تي قبضو ڪيو وڃي، ٽراٽسڪيءَ کي جڻ پنهنجي دائمي انقلاب جي نظريي وانگر لڳو. ان ڪري اُهو سياويڪ هو ته هو پنهنجي پروگرام کي اڳتي وڌائڻ لاءِ بالشيوڪن سان ميلاپ چاهي، جو ته اُهي ڪيس لينن جو 'پارٽي جو سارو ساز سامان' آلات اوزار هن جي ٻلي ڪندا، جيتوڻيڪ ٽراٽسڪيءَ انهي ساري سانچي ۽ ڪَل پرزي جو منڊ کان وٺي ورود ۽ سامُهٺائي پنهنجي کَهٽي رهڻيءَ سان ڪندو هو. جڏهن جنرل ڪانيلوف کي دارلخلافه تي پيش قدميءَ کان روڪيو ويو، تڏهن مڪيه شهر بالشيوڪن جي وس ۽ اختياريءَ ۾ اچي ويا. ٽراٽسڪيءَ پيٽروگراڊ سوويٽ جو چيئرمين ٿيو. پيٽروگراڊ سوويٽ کي استعمال ڪري، هن هَلنديءَ ۽ اختياريءَ لاءِ رمزون، ڪيڏون ۽ حڪمت عملي ٺاهي ۽ انٽرنيشنل جي اينڊڙ ٻي ڪانگريس کي مُهاڏو ڪري ڪم آڻڻ چاهيو. ان ۾ ڪوئي شڪ شبهو نه هو ته هو 'ڪُودي ٽا' جو باني هو، هن سارين فوجي واڳون پيٽروگراڊ سوويٽ جي فوجي انقلابي ڪميٽيءَ جي هَٿ وَس رکيون هيون ۽ هن ئي عارضي حڪومت جي گرفتاري بابت اعلان ڪيو هو. مڪيه مسئلو جو ٽراٽسڪيءَ ۽ نئين سوويت سرڪار جي آڏو آيو، سو جرمنيءَ سان جنگ بنديءَ جو هو. پهريون ٽراٽسڪيءَ فارمولا ڏني، 'نه جنگ، نه امن' جنهن تي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي اڪثريت هڻ جو ساٿ ڏنو ۽ بريسٽ- لٽووسڪ ۾ چيو ته سوويٽ روس جنگ ته بند ڪندو، پر امن جي عهدنامي تي صحيح نه ڪندو. پوءِ ٽراٽسڪيءَ استعفيٰ ڏئي ڇڏي، ڇو ته هو ڪنهن به سامراجي حڪومت سان عهدنامي لاءِ تيار نه هو، پر جرمن پيش قدميءَ کي ڏسي، لينن خود ڏڪو ڏنو هو ته جي امن جي عهدنامي تي صحيح نه ڪئي وئي ته هو استعفيٰ ڏيندو.

ٽراٽسڪيءَ جي تنظيمي صلاحيت ۽ پارٽيءَ ۾ هن جي وقعت سرخ فوج کي ٺاهڻ لاءِ پوري زور سان ڪم آندي وئي، ڇو ته بالشيوڪن آئيني اسيمبلي ٽيڙي پکيڙي ڇڏي هئي ۽ ملڪ خانه جنگيءَ ۾ وچڙي ويو هو. اها ذميداري هڪ ڏاڍو ڳرو بوجو هئي، نه

Gul Hayat Institute

رڳو ان ڪري تہ جنگ هلندي روسي فوج بي همت ٿي چڪي هئي، ۽ ان کي بالشيوڪ سرڪار ِتتر بتر ڪري چڪي هئي، پر ان ڪري بہ جو آفيسرن، بالشيوڪن جي نوڪري ڪرڻ نہ ٿي چاهي ۽ نہ وري سپاهي ان لاءِ تيار ها، جو تہ بالشيوڪن هنن ۾ جنگ خلاف ڏاڍو پرچار ڪيو هو. ٽراٽسڪيءَ جي فوج ۾ تنظيم لاءِ ڪوشش، وڏن فوجي آفيسرن کي هن جي برخلاف ڪري ڇڏيو، خاص ڪري وورو شلوف ۽ اسٽالن جي دوستن کي، پر لينن، ٽراٽسڪيءَ جو پاسو ورتو، جيئن خانہ جنگيءَ وقت ورتو هئائين ۽ هن جي مخالفن کي شڪست ملي.

خانہ جنگيءَ جي ڪامياب خاتمي کان پوءِ، بالشيوڪ اڳواڻن کي ملڪ جي اقتصاديات جي بحاليءَ جي ضرورت محسوس ٿي. ٽراٽسڪيءَ، جنهن کي ٽرانسپورٽ جي ڪميسار جو واڌو عهدو مليو هو، ان راءِ جو هُيو تہ اها بحالي ائين ڪئي وڃي جيئن فوج جي ڪئي وڃي، ۽ هن فوجي ِاڪائيون 'پورهئي جي فوج' ۾ بدلائڻ شروع ڪيون. هو ٽرانسپورٽ ورڪرس يونين جو سربراهہ ٿيو ۽ هن جي مرضي هئي تہ ِاها يونين مرڪزي انتظاميا ۾ شامل ڪئي وڃي. ِان ڳالهہ ٽريڊ يونين ورڪرس مخالفت کي جنم ڏنو، جا ٽراٽسڪيءَ جي ورتل دڳ جي آڏو آئي. لينن وچولي راهہ ورتي، جيتوڻيڪ پوءِ پسِ پرده ٽراٽسڪيءَ جي حمايت ڪيائين. 1924ع ۾ لينن جي وفات کان پوءِ 1927ع ۾ ٽراٽسڪيءَ جي آخرين شڪست ٿائين، هو پنهنجي اقتدار جي رقيبن سان ذاتي ۽ سياسي ويڙهہ ۾ رُڌل هو. هن ساندهہ ڪابي ڌر جي انتها پسند واٽ جو پاسو ورتو. هن سوويٽ رياست کي عالمي انقلاب ڦهلائڻ لاءِ ڇال مارڻ جو تختو سمجهيو. اسٽالن جي راءِ هن جي خلاف هئي ۽ هن 'هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جي تعمير' جو نعرو ڏنو. ٽراٽسڪيءَ ڪسانن جي فائدي ۾ نئين اقتصادي پاليسيءَ (NEP) جي بہ اعتدال اندر مخالفت ڪئي. پنهنجي شڪست کان پوءِ ٽراٽسڪيءَ، اسٽالن کي ڪسانن جي هرج تي ٻڌايل صنعتي پاليسيءَ کي شڪ سان ڏٺو، جيتوڻيڪ هن جي پاليسي بہ لڳ ڀڳ ساڳي هئي. روس ۾ توڙي روس کان ٻاهر ٽراٽسڪيءَ، پارٽي بيوروڪريسيءَ ۽ ان ۾ هڪ ماڻهوءَ جي آمريت خلاف حملا ڪندو رهيو.

ٽراٽسڪيءَ جون تحريرون فقط سياسي نہ هيون. ملٽري ٿيوريءَ ۾ هن مستقل فوج جي بدران رضاڪار فوج پسند ڪئي، جيتوڻيڪ حالتن هن کي مجبور ڪيو تہ هو خانہ جنگيءَ ۾ مستقل فوج جو سهارو وٺي. ٽُڪاچيسڪي ۽ ميخائيل فرونز ۽ ڪجهہ ٻين چاهيو تہ خانہ جنگيءَ وقت نئين پرولتاري فوج ٺاهي وڃي، پر ٽراٽسڪيءَ انهيءَ راءِ جو هو تہ، 'جنگ جو انتظام هڪ فن آهي، سائنس نہ آهي."

1920ع واري ڏهاڪي ۾ ٽراٽسڪيءَ ثقافتي مسئلن تي ڪافي لکيو، جنهن تي اشتراڪي حلقن ۾ ڏاڍو بحث ٿيو. هن بوگدانوف ۽ ليوناڪارسڪيءَ ۽ انهن جي پوئلڳن جي مخالفت ڪئي، جن چيو ٿي تہ پروِلتاري ثقافت اڀري ايندي جا بورجوا ثقاِفت جي جاءِ والاريندي ۽ جي اها ازخود نہ اڀري تہ ان کي اُڀاريو وڃي. (ٽراٽسڪي ڪيڏو نہ

صحيح نڪتو. يو.ايس.ايس.آر ٽٽڻ کان اڳ سوويٽ لٽريچر جا شمارا ان جي شاهدي ڏين ٿا. دراصل ثقافت پرولتاري ٿي ٿي نہ ٿي سگهي. اُن لاءِ جنهن فرصت جي ضرورت آهي، اُها پرولتاريت وٽ ڪٿي آهي؟ مون ليانوڪارسڪي پڙهيو آهي. هن جا سڀ دليل غير منطقي آهن ۽ ثقافت جي تاريخ تي اڪيون ٻوتي ڏنا ويا آهن. مائوءَ تہ هڪ آرٽسٽ کي مزدور يا هاريءَ جو بہ گماشتو ٿي سمجهيو. تاريخ ۾ اشتراڪيت جي دؤر ۾ جيترو آرٽ جو نقصان ٿيو آهي، اوترو ڪنهن دؤر ۾ نہ ٿيو آهي. بهترين آرٽ جا شاهڪار گدامن ۾ هڪ ٻئي مٿان سٽيا ويا ۽ عظيم آرٽسٽ قيد ڪيا يا مارايا ويا.) ٽراٽسڪيءَ جي خيال ۾ پرولتاريت ٿورو وقت رهڻي هئي ۽ پوءِ مستقبل جي هڪ لا-طبقاتي سماج ۾ ضم ٿي وڃڻي هئي. ان ڪري هو چوندو هو تہ اُن وقت جون ثقافتي ڪوششون، هڪ ٻج جي حيثيت رکن ٿيون، جنهن مان مستقبل جي لا-طبقاتي سوشلسٽ ثقافت اُپرڻي آهي ۽ ان ڪري پارٽي پرولتاري ثقافت جي طرفدارن جي حمايت نہ ڪري ۽ نہ وري ڪنهن فني حلقي کي هٿي ڏئي، پر آرٽ جي اُنهن سارن حلقن جي مدد ڪري جن انقلاب کي اپنايو هو.

ٽراٽسڪيءَ ڇٽن ٻولين ۾ ڪتاب لکيا، جن مان هيٺيان ڪتاب انگريزي ۾ موجود آهن، جي مون کي هڪ سائوٿ آفريڪا جي ٽراٽسڪائيٽ دوست موسيٰ ٻامجيءَ ڏنا ها، جنهن سان 1947ع ۾ ڪافي هائوس ۾ منهنجا وڏا بحث ٿيندا ها، جتي عمر عابد زبيري بہ هوندو هو، جنهن پوءِ سياست ۾ گهرو حصو ورتو ۽ بنگلاديش تي بہ اردوءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيائين. موسيٰ ٻامجيءَ جي ڪرستان محبوبہ روز جي فلئٽ تي بہ وڏو وادوِواد ٿيندو هو. روز هڪ خوبصورت نرس هئي، پر ٽراٽسڪي، موسيٰ کي هن کان وڌيڪ پيارو هو.

انگريزيءَ ۾ ٽراٽسڪيءَ جا ڪتاب هيا:

’تشدد پسنديءَ جي بچاءَ ۾‘، ’ڪارل ڪاسڪيءَ کي هڪ جواب (1921)‘، ’زندگي جا مسئلا (1924)‘ ”ادب ۽ انقلاب (1925)“ (اختر حسين راءِ پوري پنهنجي ڪتاب جو نالو ٽراٽسڪيءَ تان ورتو هو)، ’منهنجي زندگي (1924)‘ ’روسي انقلاب جي تاريخ 33-1932، (اهو ڪتاب منهنجو هڪ سنڌي ڪامريڊ سکر ۾ منهنجيءَ بيٺڪ مان چورائي ويو هو. ڪنهن بہ تاريخ جي ڪتاب ۾ اهڙي خوبصورت ڪردار نگاري مون اڃان نہ پڙهي آهي) ’ڌوهہ ٿيل انقلاب‘ 1937ع، ’دائمي انقلاب 1940ع‘ ’اسٽالن 1946ع‘ .

روسي انقلاب جي ماٿهو پيدا ڪيا ۽ جي صفحہء هستيءَ تان اُئين مٽجي ويا جڻ پاڻيءَ جا ٻُڊ ٻُڊا هيا، انهن کي ياد ڪري مير درد جو هيٺيون شعر ٿو ياد اچي:

’درد‘ کچھہ معلوم ہے یہ لوگ سب
کس طرف سے آئے تھے کیدھر چلے

ٽين دنيا جا مسئلا اڃي وانگر حل طلب آهن. اُتي انسان اٽي، لٽي ۽ اَجهي لاءِ

Gul Hayat Institute

حيران پريشان آهن. دانشور آهن جو اُنهن جو دماغ ڪم نہ ٿو ڪري. هو اُڻويهين صديءَ جي فلسفي سان اڪويهين صديءَ جا مسئلا حل ڪرڻ چاهن ٿا. اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ ٻہ ٽي لفظ جي هٿن اڳي ٻڌا ها، ترقي پسند ۽ رجعت پسند، سوشلزم جا ولي عهد ۽ سرمايہ داريءَ جا وارث، کابي ڌر ۽ ساڄي ڌر، اهي اصطلاح دؤرِ جديد جا مسئلا حل نہ ٿا ڪري سگهن جي آڪيچار ۽ اڻ ڳڻت آهن، جن جي نئين سِر چڪاس ۽ ڇانٽ، ڇيڙ ۽ سمجهاڻي ضروري آهي. انگولا کان بنگلاديش تائين، ميڪسيڪو کان پاڪستان تائين، اُلجهاءُ، ڪنچاءُ ۽ ٽشاوُ آهي، جنهن ماڻهوءَ جون رڳون ٽوڙي وڌيون آهن. هرڪو واجهائي رهيو آهي تہ ”آهي ڪوئي مسيح جو چِٽيل، چيچلائيندڙ ٽين دنيا جو سڏ ورائي، جو اُن ڪي صدين جي ڪوڙهہ کان ڇڏائي؟“ اڃا تہ تاريخ ڪا ئي ورندي نہ ٿي ڏئي. پنهنجي سنڌ آهي جا اوندهہ ۾ ٿاڦوڙا هڻي رهي آهي. ڪوئي سنڌي نہ ٿو ڄاڻي تہ هُن جي منزل ڪهڙي آهي؟

1991ع تائين ٽراٽسڪائيٽ لفظ سنڌ ۾ گار سمجهيو ويندو هو. ڪجهہ مهينا اڳ ڪنهن دوست پڇيو ٿي تہ تو وٽ ڊيوٽشر جا ٽراٽسڪيءَ جي زندگي تي لکيل ٽي جلد آهن. مون ڪيس چيو، ”هاڻي اُهي تنهنجي ڪهڙي رهنمائي ڪندا، جڏهن تاريخ جي تيز ڌار، پُل ئي اُڏائي ڇڏي آهي؟“

ٽئگور، رابندر ناٿ (1861ع کان 1941ع تائين)

بنگالي اديب ۽ شاعر جو بنگال جي نئين جاڳرتا وقت هڪ مکيہ گهرائي ۾ ڇانيو هو. هن جو پهريون ڪتاب هن جي رسالي ڀارتي نصاحت ۾ شايع ٿيو هو. هن پنهنجي لمبي تخليقي زندگي ۾ هڪ هزار نظم ۽ ٻہ هزار گيت تخليق ڪيا، جن ڪي موسيقي هن خود ڏني. هن نوان وزن ٺاهيا ۽ نثري نظم بہ بنگالي ادب ۾ لکيا. هن جو سڀ کان مشهور ترين ڪتاب ’گيتا نجلي‘ آهي، جنهن ۾ هن جا ويدانتي نظم آهن ۽ جو 1910ع ۾ شايع ٿيو هو. ٽئگور پنهنجن ڪيترن نظمن جا ترجما پاڻ انگريزيءَ ۾ ڪيا، جن هن کي شاعر جي حيثيت ۾ مغرب ۾ مشهور ڪيو. انگريزي ترجمن جي ڪري هن کي 1913ع ۾ نوبل پرائيز مليو. هن چاليهہ ناٽڪ ۽ اٺ ناول لکيا، جن مان ’گورا‘ سڀ کان وڌيڪ وزنائتو ۽ اهم هو. جنهن ۾ نئين ۽ پراڻي هندو مت ۾ تفاوت ڏيکاريل آهي. ٽئگور پهريون اديب هيو، جنهن بنگاليءَ ۾ ڪهاڻيون لکيون ۽ بنگالي نثر جي عبارت گهڻ ڪلاسيڪي ۽ وڌيڪ سادارڻ ڪئي. هن جا ڪيئي مضمون ۽ خط هن جي سياسي ۽ سماجي خيالن ۽ هن جي فلسفي ۾ انسانيت جو اظهار ڪن ٿا. هن جا ڪيئي ڪتاب لکيل آهن، جي مون سڀ پڙهيا آهن ۽ آخري ڪتاب "Wings of death" (مرتيو پنک) جو هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي. ٽئگور کي هندستان جو قومي شاعر ڪري تسليم ڪيو ويندو آهي. هن جي اهميت ايتري هئي جو هو جڏهن بيمار ٿيو هو تہ مهاتما گانڌي پنهنجي زال سان گڏجي هن کان ڪلڪتي طبيعت پڇڻ لاءِ ويو. اِها آهي نمرتا ۽

سچي پچي وڏ – ماڻهپ جي نشاني جا اسان جي ڪنهن سياستدان ۾ نہ آهي، جي سياسي مقصد کان سواءِ قدم بہ نہ کڻندا آهن. آخري دؤر ۾ هن هڪڙي مصور ۽ تعليمي ماهر جي حيثيت ۾ بہ شهرت حاصل ڪئي ۽ هن شانتي نڪيتن ۾ هڪ بين الاقوامي يونيورسٽي قائم ڪئي، جتي سنڌ جو مشهور سياسي ڪارڪن سوڀو گيانچندائي، سنڌي ناول نويس ڪرشن کٽواڻي ۽ ٻيا ڪجهہ سنڌي بہ پڙهيا هيا.

ٽئگور جي هڪ ڏيءُ هڪ سنڌيءَ ڪرشن ڪرپلاڻيءَ سان پرڻيل هئي جو 1963ع ۾ ساهتيہ اڪيڊميءَ جو چيئرمين هو، جڏهن مان هندستان ويو هوس ۽ سائس ملاقات ٿي هئي.

مون ٽئگور جا ڪجهہ سنڌيءَ ۾ ترجما ٽيئن يا چوٿين درجي انگريزي ۾ پڙهيا هيا ۽ هن جو مون تي ننڍي هوندي ئي اثر هيو.

’گيتا نجلي‘ جو انگريزي زبان جي عظيم شاعر ڊبليو.بي. ييٽس ترجمو ڪيو هو، جنهن کان پوءِ هن کي نوبل پرائيز مليو هئي. اُن کي سنڌيءَ ۾ سرڳواسيءَ ايم. ايم. ملڪاڻي ترجمو ڪيو آهي، جو پاڻ بہ هڪ بَرک اديب هو.

ٽئگور ساريءَ دنيا کي هڪ آکيرو سمجهندو هو. هن ٽيئن ۽ پراڻيءَ دنيا جا سفر ڪيا هيا.

ٽئگور نہ رڳو هڪ وڏو حسن پرست انسان هو، پر انسان دوستي هن جي وڏي ۾ وڏي وصف هئي. هو جديد مصوريءَ جو بہ هندستان ۾ باني هو ۽ هن جون ساريون تصويرون ڪتابي صورت ۾ آهن. هن جي صد سالہ ورسيءَ تي نڪتل ڪتاب ’ٽئگور‘ 1861 کان 1961ع تائين‘ جو مون هندستان 1962ع ۾ ورتو هو، تنهنجي ٽيئن ڪاپي مون لاءِ هري موٽواڻيءَ تحفي طور آندي هئي ۽ مون اڳين ڪاپي ادل سومري کي ڏني هئي.

پبلو نرودا (Neruda, Pablo) (1904-1973ع تائين)

چليءَ جو مشهور شاعر، سفارتڪار ۽ سياسي رهنما جو 1904ع ۾ چليءَ ۾ ڄايو هيو. هن پنهنجي جوانيءَ کان وٺي تمام گهڻو لکيو هو. هن پنهنجي شاعريءَ جا 30 جلد شايع ڪرايا، انهن ۾ عشقيہ شاعري بہ آهي ۽ 3 مجموعا عنصري قصيدا (Elementary Odes) جا بہ هيا، جي هن 1954ع کان 1964ع تائين لکيا هيا، جن جا موضوع نهايت سادا ۽ سياسي هيا ۽ اهي عوامي شاعري هئي. هو هڪ نهايت پُرگو شاعر هو. هن تي اسپين جي خانہ جنگيءَ جو گهرو اثر ٿيو ۽ هن آمريڪا جي تاريخ، ڏکڻ آمريڪا جي نقطہ نگاهہ کان هڪ ڪميونسٽ جي نظرئي سان پيش ڪئي. 1927ع کان 1945ع تائين هو رنگون، جاوا ۽ بارسيلونا ۾ چليءَ جو سفير هيو. هو ٻي جنگ عظيم کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. هن کي 1971ع ۾ ادب لاءِ نوبل انعام مليو. هو سياسي سرگرمين ۾ گهڻو ملوث رهيو هو ۽ هن صدر آلندي جي

Gul Hayat Institute

ڪميونسٽ حڪومت جي حمايت ڪئي هئي. 1970ع ۾ هو چليءَ جو پئرس ۾ سفير مقرر ٿيو. 1973ع ۾ چليءَ ۾ فوجي ڪو (coup) ٿيو ۽ ان ۾ آلندي جي موت کان پوءِ هو هڪ هفتي اندر گذاري ويو. هن پنهنجا يادگار نظم "The heights of Ma-cho Picho" ۾ لکيا ۽ ڪي نثر ۾ به لکيا جي سندس طبعي موت کان پوءِ شايع ٿيا.

جيتوڻيڪ نرودا جا يادگار ڪتاب هن جي موت کان پوءِ 1974ع ۾ شايد ٿيا، هن پنهنجي موت کان اڳ پنهنجي هڪ شاعرانه آتم ڪهاڻي Memorial de Isle Negra شايع ڪرائي هئي. مان جڏهن پهريون پيرو ڪارڊيوئسڪيولر انسٽي ٽيوٽ ۾ هوس ته پنهنجي ڪتاب 'پُٽڻ تو پور ڪري' ۾ لکيو هو ته، ڇا مان اسپتال ۾ آلندي جي موت کان پوءِ پيبلو نرودا وانگر موت جي ريهرسل ڪري رهيو آهيان. ان ۾ سياسي اشارو ظاهر آهي: هڪ سؤ کان وڌيڪ نظمن ۾ هن پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ پنهنجي جَڙُن ۽ آزمودي کي جاچي جوچي ۽ ڳولهي ڦولهي ڏنو هو. نرودا ۾ ماضيءَ کي چٽي حال وانگر سانڍڻ جي قابليت هئي ۽ هن گذريل واقعا اهڙيءَ ريت لکيا آهن جيئن موجوده سوجهه ٻوجهه ۾ هنئين گهرُ هجن. اها سار ائين تاريخ وار نه آهي جيئن منهنجي آتم ڪهاڻي ۾ نه آهي. هن پنهنجي آتم ڪهاڻي موت کان ٽي ڏينهن اڳ پوري ڪئي هئي.

هو هسپانوي شاعر لورڪا، مصور پڪاسو، ناول نويس، آرٽ تي تنقيد نگار، سوانح نويس ۽ ديگال جي ڪلچر منسٽر آندري مالرو، گانڌيءَ، نهروءَ، مائوزي تُنگ ۽ چي گئويرا جو دوست هو. هو آلندي خلاف صدارت لاءِ بيٺو هو پر پوءِ هن جي فائدي ۾ هٽ ڪنيو هيائين. چليءَ جو راڳي شاعر وڪٽر هارا به هن جو دوست هيو.

پروڌان (1809ع کان 1885ع تائين)

هُو فرينچ ساميوادي ۽ سياسي ليکڪ هو ۽ هن کي نراجواد جو ابو ڪوٺيندا آهن. هن جو جنم 15 جنوريءَ 1809ع تي هڪ غريب پورهيت گهراڻي ۾ فرانس ۾ ٿيو هو. هن هڪ مقامي ثانوي اسڪول ۾ تعليم پرائي، پر اُڻويهين ورهين جي عمر ۾ مجبور ٿيو ته شهر جي هڪ ڇپائي-گهر ۾ ڪم جي ڳولا ڪري. 1837ع ۾ هن لسانيات تي هڪ رسالو شايع ڪيو. ٻي سال هن کي بيسنڪان جي اڪاديميءَ وظيفو ڏنو، پر 1840ع ۾ اهو ذري گهٽ ضبطيءَ جوڳو ڪيو ويو، ڇو ته هُن ٻيو رسالو 'ملڪيت ڇا آهي؟' لکيو ۽ جنهن ۾ پنهنجو مشهور جواب به خود ڏنائين ته، "اُها چوري آهي" 1842ع ۾ هن ٻيو پمفليٽ شايع ڪيو، جنهن ۾ انقلابي رايا ها ۽ اُهو هن جي گرفتاريءَ ۽ هِن تي مقدمي جو باعث بڻيو، پر نيٺ هن کي رها ڪيو ويو، ڇو ته جيوري هُن جا ڳُوڙها مُباحثا نه سمجهي سگهي. پروڌان جو سڀ کان اهم سياسي رسالو 1846ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ هِن پنهنجيءَ انقلابي تعليم جو خاڪو ڏنو.

1843ع کان 1847ع تائين، پروڌان لِيون ۾ رهيو، ۽ پوءِ پئرس ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين، جتي هن انتها پسند تحريڪ ۾ حصو ورتو. هو هڪ اخبار جو ايڊيٽر به

Gul Hayat Institute

ٿيو. هُن جي اها ڪوشش ته وياج سوا هڪ بئنڪ قائم ڪئي وڃي، جا بنا مطلب جي اوڌر ڏي، ناڪامياب ٿي. 1849ع ۾ هن کي سرڪار تي ڄُلهه ۽ اُلر سبب ٽي سال قيدخاني ۾ رکيو ويو. درجي بدرجي پروڌان جا بحث مباحثا ۽ سياسي ٽڙ ٽڙ گهٽبي وئي ۽ هن رڳو سياسي سڌاري جي تاريخ ۽ فيلسوفائي پاسي ڌانهن ڌيان ڏنو ۽ اُن ڪم ۾ جُنبي ويو. ٻيءَ سلطنت جي دؤر ۾ هو پئرس ۾ بنا ڪنهن پڪڙ پڇاڙ جي رهندو هو ۽ هن کي هلاڪ نه ڪيو ويندو هو، پر 1858ع ۾ هن جي نئين ڪتاب تي اعتراض جو طوفان برپا ٿي ويو ۽ گرجا ۽ ٻين ادارن هن تي ايتري ته هُلان ڪئي جو هُن کي بروسيلز ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ڪيو ويو. 1859ع ۾ هن کي معافي ملي ۽ 1860ع ۾ هو پئرس موٽي آيو ۽ 16 جنوري 1885ع تي گذاري ويو. هن فرينچ ٻولي ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا. پروڌان جي اڪثر ڪتابن جا نالا فرينچ ۾ ڏنل آهن ۽ ان ڪري هتي نه لکيا ويا آهن. پروڌان کي پڙهي، صائب جو شعر ياد ايندو آهي:

هر لوحِ مزاري زفرا مشکدهُ خاک
دَستيست برون آ مده بِهرِ طلبِ تو

(ترجمو: هر مزار جي تختي جا خاڪ جي ويسر – گهر مان ٻاهر ٿي ڏيکارجي، اُها چڻ تنهنجي لاءِ هٿ ڏگهيري ٿي.)

پشڪن

پشڪن جو نالو اليگزاندر سَرگيوچ پوشڪن هيو، جنهن جي عمرَ 37 سال هئي. هو 6 جون 1799ع تي ماسڪو ۾ پيدا ٿيو ۽ 10 فيبروري 1837ع ۾ پيٽرسبرگ ۾ گذاري ويو. هن جي عمر ته ٿوري هئي پر هن جي زندگي ڀرپور گذري، جنهن ۾ ڪيئي تجربا، واقعا، هنگاما ۽ تصادم آيا هيا ۽ پنهنجي مختصر عمر ۾ چڻ هن وڏو سفر ڪيو هو. مان جڏهن لينن گراڊ ويو هوس ته پشڪن ميوزم ۾ به ويو هوس، جتي اهي شيون رکيل هيون، جن کي پوشڪن پنهنجي زندگيءَ ۾ استعمال ڪندو هو ۽ زماني جي تباهيءَ کان اهي بچي ويون هيون. مون اتي تاثراتي نوٽ بوڪ ۾ سنڌيءَ ۾ اهو لکيو هو ته، ”مون کان پوءِ متان ڪائي سنڌي شاعره اچي جيڪي اهي لفظ پڙهي سگهي.“ پوءِ اتي هڪ سنڌي شاعره سچ پچ به هندستان مان وئي هئي، پر هن اُهي تاثرات پڙهيا هيا يا نه سو مون هن کان ڪنهن سبب ڪري نه پڇيو. جيتري قدر مون کي ياد آهي ته ميوزم ۾ نه رڳو اهي ڪتاب هيا جي پشڪن پڙهيا هيا، پر اتي هن جي زال جون ۽ ٻيون تصويرون هيون ۽ ان کان سواءِ هن جي ڪتب ايندڙ ڪيئي شيون رکيون ويون هيون.

هن جي زال جي باري ۾ بيوفائي جا ڪيئي افواهه هوندا هيا ۽ آخر هن جي صبر جو پيمانو ڇلڪي پيو ۽ آٽيسز نالي هڪ فرانسيسي جوان سان هو رقابت جي جوش ۾ دوبدو وڙهيو هيو ۽ انهيءَ جي گوليءَ جو نشانو بڻيو هو، جنهن سبب هو گذاري ويو، جي

هُن کي اها گولي نہ لڳي ها تڏهن بہ هن جون ٻيون رقابتون ايتريون هيون جي هن جي موت لاءِ ڪافي هيون. غالب جو شعر آهي:

کیا پوچھیے ہے وجود،عدم اہل – شوق کا
خود اپني آگ کے خس و خاشاک ہوگئیے.

(جي پنهنجي شوق ۾ ٻُڏ هوندا آهن، انهن جي وجود ۽ عدم جي باري ۾ ڇا ٿا پڇو؟ خود پنهنجي باهہ جا ڪک پن ٿي ويا آهن.)

پشڪن روس جو عظيم ترين شاعر هو، مون هن جو سارو ترجمو آمريڪي ايڊيشن ۾ پڙهيو آهي، پر ان مان ڪجهہ نظم مون کي چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ نہ آيا آهن، ڇو تہ عظيم شاعريءَ جو ترجمو ٻي ٻوليءَ ۾ ناممڪن آهي. هر لفظ کي روح ٿئي ٿو، جو صديون پراڻو ٿيندو آهي ۽ جنهن کي ديس واسي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي سمجهي سگهندا آهن ۽ اُهي بہ ڪنهن وقت تانگهي ۾ ٿاٻوڙا هڻندا آهن ۽ ان جي وسعت جو اندازو گهڻيءَ دير کان پوءِ لڳائيندا آهن.

پشڪن ڪيئي لافاني نظم لکيا، جن کي روسي ايئن عقيدت سان ڏسندا آهن جيئن اسان شاهہ لطيف جي شاعريءَ کي ڏسندا آهيون. سرڪاري ايجنٽ ۽ مخبر هن جي هر لفظ تي تنقيد ڪندا هيا ۽ هن کي لوڙيندا هيا. 5 فيبروري 1830ع تي هن هڪ اخبار ’لوترا تورنايا گزيتا‘ (ادبي اخبار) ڪڍي جا اڄا تائين شايع ٿي رهي آهي ۽ ان جي ترتيب ۽ تياريءَ ۾ پشڪن ڪافي محنت ڪئي. هو جنڊ جي ٻن پڙن ۾ هوندو هو. هڪ تہ سرڪار هن جي مخالفت ڪندي هئي ۽ ٻيو اهي جيڪي هن جي ذهانت کان پچرندا هيا، پر ان هوندي بہ هن 8 سال محنت ڪري سوا 5 هزار سٽون لکي، هڪ منظوم ناول ’ايوگينيءِ اِنيگن‘ مڪمل ڪري ان جي اشاعت ڪرائي. ان کان پوءِ هن ٻيو ڪتاب ’ايوان بيلڪن‘ جون ڪهاڻيون لکيون ۽ اخبار لاءِ تنقيدي مضمون موڪليندو رهيو. هن ڪيئي مختصر نظم بہ لکيا.

پنهنجي پختي عمر جا 2 سال 1829 - 1830ع) هن اضطراب ۾ گذاريا. جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ پشڪن جا بهترين نظم هن جي شادي کان ڏيڍ سال اڳ ڇپجي چڪا هيا. هن 18 فيبروري 1831ع تي نتاليا سان شادي ڪئي، جنهن جي دکدائڪ نتيجي جو حال مٿي بيان ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ هن پنهنجي شادي شده زندگي جا پهريان 6 سال پنهنجي تاريخي ذخيري، نثر ۽ افساني جي منطقي ترتيب جي ڳولا ۾ گذاريا. ’ٽامي جو شهسوار‘ (اهو پيٽراعظم جو بت آهي جو لينن گراڊ ۾ ڪتل آهي ۽ مون پاڻ ڏٺو هو تہ ان جا ترا آسمان ڏي ڪهچيل هيا ۽ مون کي ائين لڳي رهيو هو تہ اهو شهسوار مٿي اهڙي ڪائي حقيقت ڏسي رهيو آهي جا هُن جا همعصر نہ پئي ڏسي سگهيا ۽ هن جي چهري تي ساڳي ڪيفيت هئي جا چاليهن سالن کان مون پنهنجي منهن تي آرسيءَ ۾ ڏٺي آهي) هن جو هڪ طويل نظم آهي جو روس جي شاهي خاندان جي عظمت ڏيکارڻ جي نيت سان لکيو ويو هيو، پر درٻارين ان جا ٽڪر ڪَٽي ڇڏيا ۽ انهيءَ

Gul Hayat Institute

جا اهم حصا شايع نہ ٿي سگهيا. مون هن جو ناول ’ڪپتان جي ڌيءُ‘ بہ پڙهيو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪسان باغي هيرو آهي. پشڪن جي نظمن ۾ اُداسي، بيزاري ۽ وردي پوش محفلن کان جان ڇڏائڻ جي هڪ گهري لهر آهي ۽ غالب وانگر هن کي ’انديشا هائے دور و دراز‘ ۽ موت جا ڏنڊلا پاڇا نظر اچن ٿا، پر هو انهن کان گهرائي ڪونہ ٿو. ننڍي هوندي جون ٻڌل ڪهاڻيون هن هڪ دلڪش عوامي لهجي ۾ نظم ڪيون آهن، جا ڳالهہ اڳتي هلي روس ۾ هڪ رسم ٿي وئي آهي. پشڪن نيم تاريخي ۽ نيم افسانوي مضمون بہ لکيا. مون کي ياد آهي تہ مون ڪٿي پڙهيو هو تہ ”پشڪن ڪنهن بہ روسي زار کان وڏو آهي.“

هن جون 3 ڪهاڻيون ’دوبروز وسڪي‘، ’ڪپتان جي ڌيءُ‘ ۽ ’اِيٽ جي راڻي‘ (حڪم ڪي بيگم) مشهور ڪهاڻيون آهن.

مون ساري زندگي تاس جهڙي فضول راند تي وقت ضايع نہ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مون اها ڪهاڻي اردو ترجمي ۾ پڙهي هئي، پر ’حڪم‘ جي معنيٰ مان پنهنجي اندازي سان اِيٽ ڪئي آهي. ادبي بورڊ جي ڇپايل سنڌي - اردو ۽ اردو - سنڌي ڊڪشنري ۾ ڪانہ ڏنل آهي.

هن کان 40 سال پوءِ دوستو وسڪيءَ پنهنجي تقرير ۾ پشڪن کي ايترو اوچو ڏيکاريو، جو شاهي محل جا مُنارا بہ هن جي قد کي پهچي ڪونہ پئي سگهيا. تمام دنيا جي اديبن هن جي عظمت کي تسليم ڪيو آهي ۽ هن کي اها جاءِ ملي آهي جا فردوسي کي فارسي ۾، شيڪسپيئر کي انگريزيءَ ۾ ۽ گوئٽي کي جرمنيءَ ۾ ملي آهي.

جارج سنتيانا

1863ع ۾ ڄائو هو ۽ هن جي انتقال جي تاريخ معلوم ٿي نہ سگهي آهي. هن ڪيترائي فلسفي، مذهب ۽ آرٽ تي ڪتاب لکيا. هو چوندو هو تہ: ”بهشت اهو ئي آهي، هر ڳالهہ ۾ امن پسندي“ ۽ وڌيڪ چوندو هو، ”جيترو اسان دنيا جي باري ۾ سوچون ٿا اوترو افلاطون ڏانهن واپس موٽون ٿا اسان کي ٻي فلسفي جي ضرورت نہ آهي. اسان کي نقط جرئت گهرجي تہ انهيءَ قديم ترين ۽ بهترين فلسفي تي هلي سگهون. بهشت ان ۾ آهي“ هن لکيو آهي، تہ ”انسان هر شيءِ سان صلح سانت سان رهي.“

مان ڀانيان ٿو تہ سنتيانا صحيح هو. اڪثر صوفياءِ ڪرام، افلاطون ۽ ارسطوءَ کان متاثر رهيا آهن. خاص ڪري مسلم فلسفي جهڙوڪ: يعقوب ڪندي، حڪيم يحيٰ بن ابي منصور، عباس بن سعيد جوهري، ابو الطيّب سند بن علي، بنو موسيٰ بن شاڪر، محمد بن موسيٰ خوارزمي، ابو نصر فارابي، محمد بن زڪريا رازي، ابن مسڪويہ، ابن هثيم، اخوان الصفا، ابو ريحان البيروني، امام غزالي، ابو البرڪات بغدادي، حڪيم عمر خيام، ابن رشد، امام رازي وغيره، مغلن ۽ تاتارين جي دؤر جا فلسفي، دؤر عثماني جا

فلسفي، حڪمائي متاخرين (پويان فلسفي) ڪيئي هندستاني حڪما خاص ڪري سواءِ مجدد الف ثاني، شاهه ولي الله ۽ شاعرِ مشرق علامه اقبال جي، جنهن حافظ لاءِ 'گوسفند بچه' لکيو هو ۽ جو فلاطونيت ۽ نو فلاطونيت جو مخالف هو.

جان لاڪ

1632ع ۾ سمرسيٽ شائر انگلنڊ ۾ پيدا ٿيو هو ۽ 1704ع ۾ گذاري ويو. هن جا فلسفي تي 5 مشهور ڪتاب لکيل آهن. لاڪ پنهنجي پوين ڏينهن ۾ جڏهن هن تان سياسي سورج لهي چڪو هو، محسوس ڪيو ته هن جو جسم هڪ جهوپڙيءَ وانگر ڊهي رهيو آهي. هن پنهنجي دوستن کي گهرايو ۽ انهن کي دلجاءِ ڏني، چاڪاڻ جو هو انهيءَ سمجهه ڏانهن وڃي رهيو هو، جيڪا هر اختلاف ۽ شڪ کان پري هئي ۽ اَزَل، اٽڪ هئي.

جيني

جين ڌرم جو پوئلڳ. جين ڌرم هندو مت جي هڪ ڌرم وَرڌ مت آهي. جين مت اهنسا کي قطعي ۽ ري شرط ضرورت سمجهي ٿي، هر جيوَ جو بچاءُ چاهي ٿي ۽ تمام گهڻو جتن ۽ اڳ ويچار ڪري ٿي ته جيئن ڪنهن به جيوَ کي اتفاقي چوٽ، ايذاءُ يا هاڃو نه رَسي. ايتري حد تائين جو اهو جتن جيتن جٽين لاءِ به اَوس ٿي سمجهي.

هن جو باني مهاوير 599ق.م کان 527ق.م تائين هيو. هو مهاتما ٻڌ کان اڳ پيدا ٿيو هيوءِ عمر ۾ هن کان وڏو هو. هو بِهار ۾ پيدا ٿيو هو، ويشاليءَ جي پرسان، جا دهلي ۽ ڪلڪتي جي وچ ۾ آهي. جڏهن هو 30 ورهين جو هو ته هن دنيا جي هر وندر ۽ يوڳ ولاس پلي ڇڏيو ۽ پنهنجو سارو پئسو ورهائي ڇڏيائين. پنهنجا وار پَٽي، ٻي گهر ٻڌجي جيوَن گهارڻ لڳو. ڪجهه وقت ڌرماتمائن سان رهي هن پنهنجي سرير تي ڏيان ڏيڻ ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجو گيڙو رتو لباس ٽِٽي ڪري، وچ ڀارت ۾ اگهاڙو ڦرندو رهيو. ڳوناٺا ٻار هِن جي ڪُڙين هيٺان ٻاهيون جلائي رکندا هيا ۽ ڪَنن ۾ ڪوڪا ٺُڪبيندا هيا پر هو ڪيس پنهنجي ڌيان مان ڪڍي نه سگهندا هيا. هُن کي ڪُتا چڪ پائيندا هيا جڏهن ڳوٺن ۾ گهڙندو هيو. هن جي مکيه سکيا اهنسا هئي، جنهن جو مقصد اُهو هيو ته ڪنهن به جيوَ کي ڏک نه ڏنو وڃي ۽ انهيءَ مَت گانڌي ۽ جرمنيءَ جي انسان دوست ڊاڪٽر البرٽ شوائٽزر (جو آفريڪا جي جهنگن ۾ ڪوڙهين جو حضرت عيسيٰ وانگر علاج ڪندو هو ۽ هنن لاءِ اسپتال ٺاهي هيائين) کي ڏاڍو متاثر ڪيو. مهاوير پاڻ ٻُهاريءَ سان رستا صاف ڪندو هو ۽ ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکندو هو ته ڪوئي جيت ماريو نه وڃي. هو جڏهن پاڻي يا ٻي ڪا پائيٽ واري شيءِ پيئندو هو ته برتڻ مٿان ڪپڙو رکي پيئندو هيو، جيئن ڪوئي ساهوارو پيٽ اندر وڃي مري نه وڃي ۽ پنهنجي ڪاڏي جي ٽانوَ کي

Gul Hayat Institute

تمام غور سان ڏسندو هو ته ان تي ڪوئي ڪيڙو يا جيت جٽيو ته ڪونهي يا ڪاڏي ڪي ڪا ٿُلي ته نه لڳي وئي آهي ۽ ڪو ان تي چارو ته نه جمي ويو آهي، جيئن هو ڪنهن ساهواري کي ڇهاڙي نه وجهي. 40 سالن جي عمر ۾ هن کي نرواڻ مليو ۽ هن کي ڪيول چيو ويندو هو. هن جا پوئلڳ جيني سڏيا ويندا هيا. هن 30 سال وڏيڪ اهنسا جي سکيا ڏني ۽ تمام ڪٺن تپسيا جو پرچار ڪيو، جا هن لاءِ ٻُڌي پراپت ڪرڻ لاءِ نهايت ضروري آهي. 72 ورهين جي عمر ۾ هو جاتي واٽي ٻک ڪاتي مَري ويو. هن جي ڪهاڻي لکندڙن هن جون سڀ ڳالهيون ايندڙ نسلن لاءِ لکي ورتيون، پر اها لکت هن جي موت کان 1000 سال پوءِ شروع ٿي.

پهرين صدي ق.م ۾ جين مت جا ٻه حصا ٿي ويا. هڪڙا شِوِ تمبر هيا، جن جي معنيٰ آهي، اڇا ڪپڙا پائيندڙ ۽ ٻيا ڏگمبر هيا، جن جي معنيٰ آهي، آڪاسَ کي پهريل. ٻنهي جو جهيڙو ان تي هوندو هيو ته هڪ جينيءَ کي ڪهڙا ڪپڙا پائڻ کپن. پهريان اڇا ڪپڙا پائيندا هيا ۽ پويان ڪپڙا نه پائيندا هيا ۽ اگهاڙي گهمڻ ۾ هن جڳ جو پورو تياڳ سمجهندا هيا. پهريان زالن کي پنهنجي مٺ ۾ شامل ٿيڻ ڏيندا هيا ۽ ٻي فرقي جا انهن کي پاڻ کان پري رکندا هيا، جو ته انهن جي نظر ۾ اهي اڌرم ۽ پاپ جو ڪارڻ هيون ۽ انهن لاءِ فقط اها واهه هئي ته هو پنهنجي نرواڻ پائڻ لاءِ ٻيهر مرد ٿي پيدا ٿين.

دنيا ۾ 20 لک جين آهن، جن مان اڪثر بامبي ۾ آهن. مان جڏهن بمبئيءَ ويو هوس ته نند جويريءَ ڪيئي ڀيرا انهن جا مندر ڏيکارڻ چاهيا هيا پر مونکي فرصت نه ملي سگهي هئي. پنهنجي اوائلي زندگيءَ ۾ مهاتما گانڌي ٻه جين مت کان متاثر هيو.

چي گيو ويرا (1928ع کان 1967ع تائين)

هو لاطيني آمريڪا جو انقلابي هيو. 1950ع جي آخر ڌاري فدل ڪاسترو جو ڪيوبا ۾ انقلاب آندو، اُن ۾ هن جو اهم ڪردار هيو. هو پوءِ ڪاسترو جي حڪومت ۾ وزير هو. چي گيو ويرا اهڙو انقلاب ٻين لاطيني آمريڪا جي قومن ۾ به آڻڻ چاهيو. هو 14 جون 1928ع تي آرجينٽينا ۾ ڄايو هو. بيونس ايئر.بيس جي طبي يونيورسٽيءَ ۾ ڊگري ورتي، هن دور دراز سفر ڪيو ۽ بوليويا، ايڪئيڊار، ڪاسٽريڪا، پاناما، پيرو ۽ گئوٽمالا ۾ ڪابي ڌر جي تحريڪن سان رابطو قائم ڪيو. ميڪسيڪو ۾ هو ڪيوبا جي انقلابي اڳواڻ فدل ڪاسترو سان مليو، جنهن سان شريڪ ٿيو، ۽ جنهن جي فوج کي هن گوريلا جنگ جي تربيت ڏني. هو ڪاسترو جو خاص صلاحڪار ٿي پيو. جڏهن 1959ع ۾ ڪاسترو اقتدار ۾ آيو، تڏهن هن چي گيويرا کي ڪيوبا جي شهريت ڏني ۽ پوءِ هن جي چيڙ 'چي' (يعني 'اڙي تون') هن تي نالو پئجي ويو. ڪاسترو جي حڪومت ۾ هو پهريائين 1959ع کان وٺي 1961ع تائين، ڪيوبا جي نئشنل بئنڪ جو پريزيڊنٽ هو. ان کان پوءِ هن کي وزير صنعت مقرر ڪيائون. هو ئي زمين جي ورهاست ۽ ڪارخانن جي قوميائڻ جو ڪارڻ هيو. هو اشتراڪيت ۾ رچي ريتو تيل هو ۽ ان ڪري هن

ڪاسترو کي آماده ڪيو ته هو ڪيوبا جو ڪميونسٽ قومن سان ڳانڍاپو ڪري. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪاسترو اعلان ڪيو ته چي گيويرا ڪيوبا ڇڏي ويو آهي ۽ 1965ع ۾ هو ٻئي ڪنهن هنڌ اشتراڪي ڪاروايون ڪري رهيو آهي. (مون ڪنهن رسالي ۾ پڙهيو هو ته هو ڪانگو ويو هو، پر اتي انقلاب آڻڻ ۾ ناڪامياب ٿيو هو.) چي گيويرا جي متعلق ٻي گهڻي خبر پئجي نه سگهي جيستائين هن کي گوريلا گروهه جي سربراهي ڪندي بوليويا ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ 9 آڪٽوبر 1967ع تي موت جي سزا ڏني وئي. هن جي موت هن کي شهادت جو رتبو ڏنو آهي. خاص ڪري ڪيترين ئي قومن جي ڪاهيءَ ذر جي شاگردن ۾ هن جي موقف جي ناڪاميءَ، لاطيني آمريڪا ۽ ڪيوبا جي انقلابي رهنمائيءَ کي وڏو ڌڪ ڏنو. گيويرا جي ڪتابن ۾ اهم ڪتاب 'گيو ويرا جي جنگ 1960' آهي. هن جي زندگيءَ سان حافظ جو شعر ٺهڪي اچي ٿو:

عاقبت منزلِ ما واديءَ خاموشان است
حاليا غلغلہ در گنبدِ افلاک انداز

(ترجمو: نيٺ ته اسان جي منزل خاموشين جي هڪ وادي آهي، پر هاڻي ته آسمانن جي گنبذ ۾ غلغلو وجهي ڇڏ.)

حافظ شيرازي (1320ع کان 1389ع تائين)

فارسيءَ جو غزل گو شاعر هيو. نالو شمس الدين محمّد هيس. شيراز ۾ پيدا ٿيو. اوائلي عمر ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيائين ۽ دين سان ٻيا تعلق رکندڙ علم پرايائين. انهيءَ دؤر ۾ عربي زبان ۽ ادب سان چڱي واقفيت پيدا ڪيائين. تعليم کان فارغ ٿي معلمي جو پيشو اختيار ڪيائين. هو هڪ مدرسي ۾ تفسير قرآن جو معلم هيو. حافظ کي غزل گوئي ۾ بيحد ڪمال حاصل هيو. آخر ۾ هن پنهنجا غزل ديوان جي صورت ۾ مرتب ڪيا ۽ انهن ۾ ڪجهه قصيدا ۽ ٿنيا نظم به اضافو ڪري 1379ع ۾ ديوان پورو ڪيائين. انهيءَ ديوان سان حافظ شيراز کان ٻاهر به مشهور ٿيو. هرمز جي واليءَ توران شاهه ڏاڍي کليءَ دل سان حافظ جي قدرداني ڪئي. ڏکڻ جي مظفري خاندان جي حڪمران محمود شاهه اول جي دؤر ۾ حافظ کي بادشاهه جي وزيرِ عدالت ٻاران بغداد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني وئي، جا هن قبول نه ڪئي.

حافظ جون شاعرائيون سرگرميون شاهه شجاع جي دؤر ۾ پنهنجي عروج تي هيون. شاهه شجاع 1394ع ۾ وفات ڪئي. حافظ گهڻا قصيدا ان جي مدح سرائي ۾ لکيا. آخري عمر ۾ حافظ ٻيهر مظفري خاندان جي هڪ مربي منصور سان ملي ويو، جنهن تيمور جي وڃڻ کان پوءِ پارس تي قبضو ڪيو هو. حافظ کي پنهنجي وطن شيراز سان ايڏي دلي محبت هئي جو اڄ به سڀ کي متاثر ڪندڙ آهي. ان ڪري هن کي شيراز کان ٻاهر وڃڻ نه چاهيو.

Gul Hayat Institute

حافظ ايران ۾ غزل گو شاعرن ۾ نهايت اعليٰ مقام رکندو هو. هو عشق جي واردات بيان ڪرڻ ۾ ڏاڍو محتاط هيو ۽ عريانيءَ کان پرهيز ڪندو هيو. شراب جي سرور، نشاط ۽ طرب جي نغمه سرائي ۾ مشرق ۾ هن جو ڪوئي مثال نٿو ملي. انهيءَ ڪري هن کي دنيا جي عظيم ترين شاعرن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، جنهن جي ثابتي هن جي ديوان جي شرحن مان به ملي ٿي، جي ڪافي تعداد ۾ موجود آهن. حافظ کي پراڻي زماني ۾ پراسرار مقبوليت ملي ۽ ماڻهو هن جي ڪلام مان فال ڪيندا هيا ۽ پنهنجي رهنمائي حاصل ڪندا هيا ۽ هن کي 'لسان الغيب' جي لقب سان ياد ڪندا هيا.

هن جي ڪلام ۾ عجيب رواني آهي، جنهن جو فيض احمد فيض جي شاعريءَ تي ڏاڍو اثر آهي. هونءَ ته هن جو اثر گوئٽي جهڙي جرمنيءَ جي عظيم شاعر تي به هيو، جنهن جرمن زبان ۾ غزل لکيا ها، جا مغربي ادب ۾ هڪ بلڪل نئين ڳالهه هئي ۽ هن جي ڪتاب جو نالو ئي ادبي ديوان هو. حافظ شريعت جي سخت گيريءَ جي دؤر ۾ لکيو هو:

فاش مي گويم و از گفتهٔ خود دلشادم
بندهٔ عشقم و ازهر دو جهان آزادم

(مان کليو ڳالهائي رهيو آهيان ۽ جيڪي چوان ٿو انهيءَ تي خوش آهيان؛ مان عشق جو بندو آهيان ۽ ٻنهي جهانن کان آزاد آهيان.)

جمال ابڙي مون کي ٻڌايو ته جڏهن خمينيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ايراني نوجوان نه رڳو خيام جي قبر تي بوٽ سان پير رکي فوٽو ڪڍرائي رهيا ها پر حافظ جي قبر تي به ائين ڪري رهيا ها، تڏهن هن مزار کان ڪجهه پري پنهنجو جوتو لاهي رکيو ۽ دعا جا هٿ کنيا ته ٻن ٽن ايراني نوجوانن کانئس پڇيو، تون مسلمان آهين يا سُني آهين. خمينيءَ جي دؤر ۾ ٿوري ڪٽ سٽ سان فردوسيءَ جو شاهنامو ته ٻيهر ڇاپيو ويو آهي، پر خبر نه آهي ديوانِ حافظ ٻيهر ڇاپيو ويو آهي يا نه؟

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر تارا چند

ڊاڪٽر تارا چند جي ڪتاب 'هندي تمدن تي اسلامي اثر' جو ترجمو محمد مسعود احمد پهرين ڊسمبر 1964ع تي اردوءَ ۾ ڪيو هو. هن جي درخواست تي ڊاڪٽر تاراچند 4 جون 1964ع تي هُن کي پنهنجون زندگيءَ جون حالتون انگريزي ۾ لکي موڪليون، جن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو.

"ڊاڪٽر تارا چند 1888ع ۾ سيالڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. هن جو پيءُ ڊپٽي انسپيڪٽر آف اسڪولز هيو. موصوف گجرات (پاڪستان) جي هڪ اسڪول ۾ پنهنجي تعليم شروع ڪئي. اُن کان پوءِ هن ماڊل اسڪول لاهور ۾ داخلا ورتي، سينٽ اِسٽيفن

ڪاليج دهليءَ ۾ انٽر پاس ڪئي. اُن ڪان پوءِ ميرٺ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. 1911ع ۾ اونگ ڪرسچئن ڪاليج جي شاگرد جي حيثيت ۾ بي.اي جو امتحان پاس ڪيائين. 1913ع ۾ ساڳيءَ يونيورسٽي ۾ تاريخ ۾ ايم.اي ڪيائين. ساڳي سال الهه آباد جي ڪائسٿ پاٺ شالا ۾ تاريخ جي پروفيسري قبول ڪيائين. 1918ع ۾ انهيءَ ڪاليج جو پرنسپال رهيو، جنهن عهدي تي هو 1945ع تائين رهيو. 1922ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ انگلنڊ مان ڊاڪٽر آف فلاسافي جي ڊگري هٿ ڪيائين. ان ڪان پوءِ الهه آباد يونيورسٽيءَ ۾ سياست جي حيثيت ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. 1946ع ۾ الهه آباد يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو ۽ مارچ 1948ع تائين انهيءَ عهدي تي رهيو. ان ڪان پوءِ مولانا ابوالڪلام آزاد جي هيٺان تعليم کاتي جو سيڪريٽري ٿيو. پوءِ هن تعليم جي مشير جو عهدو قبول ڪيو ۽ ڊسمبر 1951ع تائين انهي عهدي تي فائز رهيو. 1951ع ۾ ڀارت طرفان ايران جو سفير ٿيو ۽ ڊسمبر 1951ع کان سيپٽمبر 1956ع تائين انهيءَ عهدي تي مامور رهيو. 1958ع ۾ ڀارت جي صدر طرفان راجيه سڀا تي ميمبر ڪري ڪنيو ويو ۽ اُنهيءَ سال ڀارت جي حڪومت هُن کي آزاديءَ جي تحريڪ جي تاريخ لکڻ لاءِ چيو. اُن وقت هو اِنهيءَ تاريخ ۾ مصروف هو ۽ هن ڀارت جي فلسفي، ثقافت وغيره تي اٺ ڪتاب لکيا ها."

اُن ڪان پوءِ هُن 'هندستان جي آزاديءَ جي تاريخ' تي 4 جلد لکيا ها، جي مون برڪت علي آزاد ڪان ورتا ها ۽ پڙهيا ها. برڪت علي آزاد اُهو مرد مجاهد آهي جو جوانيءَ ڪان وٺي پنجهتر ورهين جي عمر تائين ادب جي خدمت ڪندو آيو آهي. هو اٽ ڪائيو، هَڏ-پڳل ۽ ڏوڪڙائون شخص آهي ۽ سکر ۾ سارو ڏينهن ڪتاب گهر گهر وڪڻندو رهندو آهي. اُن مان هن جي اُدر پورنا ۽ پيٽ قوت تہ ٿي ويندو آهي، پر تڏهن بہ هو لوڙ ۽ گهرج جي گهاٽي ۾ پيڙبو رهندو آهي، ڇو تہ هو جيڪي بہ ڪتاب وڪري لاءِ گهرائيندو آهي، اُنهن مان ٿيون حصو تہ پنهنجي پڙهڻ لاءِ سانڍي رکندو آهي. مون ورلي ڪوئي اهڙو شخص ڏٺو، جنهن کي ڪتابن سان ايڏي لنوَ لڳل هجي ۽ علم جو ايڏو گهڻو گهڻگهرو هجي. ها، ساڳي شهر ۾ هڪ ٻيو شخص مولائي شيدائي بہ هو، جنهن تي مان ۽ رشيد ڀٽي پنهنجيءَ جوانيءَ ۾ گهوريا ويندا هياسين. هو اُن وقت ريلوي سروس مان رٽاير ڪري چڪو هو، ۽ ڪتابن جي ڍير تي ائين ويٺو هوندو هو، جيئن توت جي وڻ تي پَٽ ڪينئون ويٺو هوندو آهي. هُن لڳاتار جاکوڙ ڪري 'تاريخ سنڌ' لکي. مان جڏهن هُن کي ياد ڪندو آهيان تہ رَهي مُعيريءَ جو هڪ فارسي شعر ياد ايندو آهي:

رفتيم و پاي برسَر دنيا گذاشتيم
کار جهان بہ آهل جهان وا گذاشيتم

(جڏهن وياسين تہ دنيا کي مٿان اورانگهي وياسين؛
جهان ۾ رهندڙن تي جهان جو ڪم ظاهر ڪري وياسين.)

ڊاڪٽر تارا چند جيتوڻيڪ دنيوي طرح تہ ڏاڍو وڏو ماڻهو هو، پر هن جي باري ۾ پڙهي اَلاجي ڇو مون کي مولائي شيدائيءَ ۽ برڪت علي آزاد ياد ايندا آهن، ڪيئن چئجي، اهي ڊاڪٽر تارا چند کان بہ وڏا ماڻهو هجن!

ڊارون (1809ع کان 1882ع تائين)

انگريز فطرت پسند (Naturalist) سائنسدان هيو. هن جي تعليم ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۾ ٿي ۽ هن طبعي دنيا جي تاريخي ارتقا جو نظريو ڏنو. هن همعصر علم حيات ۽ زمين جي ڪاشت جي طريقن کي عام ڪيو ۽ اُن تحقيقي مواد سان ان ۾ ڪافي واڌ ڪئي، جو هن دنيا جو 1831ع کان 1836ع تائين سفر ڪري هٿ ڪيو هو ۽ فطرت جي لازمي ارتقا جي نتيجي تي رسيو هو. هن جو مشهور ڪتاب (The Origin of species by means of natural selection) 1859ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ هن پنهنجو 'ارتقا جو نظريو' ڏنو. 1868ع ۾ ڊارون گهرو جانورن ۽ ٻوٽن جي اصل نسل (Origin) جي هٽراڏو چناءُ (Artificial Selection) ذريعي سمجهائيءَ ڏني ۽ ان تي The Variation of animals & plants under domestication نالي ڪتاب لکيو. هڪ ٻئي ڪتاب بہ لکيائين. The Descent of Man & selection & relation to sex جو 1873ع ۾ ڇپيو. هن انسان جي جانور مان ارتقا جي سائنسي وضاحت ڪئي. مون ڪٿي پڙهيو هو تہ جي هو پنهنجي ڪتاب جو نالو Descent of Man نہ رکي ها ۽ Ascent of Man رکي ها تہ نہ دنيا ۾ ايترو وڳوڙ پيدا ٿئي ها ۽ نہ هن جي حياتياتي نظرئي کي مارڪس جي اشتراڪي نظرئي سان ملايو وڃي ها. هن جي ڇپايل ڪتابن حياتيات جي ايرنڌڙ سائنس ۾ ڪافي واڌارو ڪيو ۽ تصوريت، دينيات، مابعدالطبعيات وغيره کي ڪافي ڌڪ ڏنو، مارڪس ۽ اينجلس چوائيءَ، جدليات ۽ ماديت جي اوسر ڪئي. جا ڳالهہ منهنجي نظر ۾ صحيح نہ آهي.

Gul Hayat Institute

ڊيڪارٽ

فرانسيسي فلسفي جو 1596ع ۾ ڄائو ۽ 1650ع ۾ گذاري ويو. هن جا فلسفي تي ڪيئي ڪتاب لکيل آهن. هن جي جڳ مشهور چوٽي آهي، 'I think therefore I am' (مان سوچيان ٿو، انهيءَ ڪري مان آهيان.) "منهنجو اِهو شڪ تہ مان آهيان يا ناهيان ئي ثابت ڪري ٿو تہ مان هڪ شڪي ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ موجود آهيان."

ڊيڪارٽ کي نمونيا ٿي پئي هئي. هو مشهور فلاسفر هو، انهيءَ ڪري راڻيءَ هن ڏي هڪ جرمن ڊاڪٽر موڪليو، پر ڊيڪارٽ هن تي اعتبار نہ ڪيو. جڏهن ڊاڪٽر ڇيو

ته، هن مان رت جي سيرَ ڪڍي وڃي. ته هن جواب ڏنو. ”توکي فرينچ رت جي هڪ ڦڙي ڪڍڻ جي به اجازت نه آهي.“ پر آخر ۾ هن کيس اجازت ڏني. جيتوڻيڪ تمام گهٽي دير تي وئي هئي. جڏهن هو اکيون ٻوٽي رهيو هو تڏهن هن ڊاڪٽر کان پڇيو ته، ”ڪهڙو وقت ٿيو آهي.“ ڊاڪٽر جواب ڏنو، ”صبح جا چار ٿيا آهن.“ ڊيڪارٽ اٿڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيائين، ”هي اٿڻ جو وقت آهي، مون لاءِ راتي ترسي وڃڻي هوندي. ان کان پوءِ هُن سُس پس ۾ چيو: هي روح جي وڃڻ جو وقت آهي. مان ته هڪ زنده روح آهيان. سچ جي تلاش ۾ آهيان.“ ان کان پوءِ هو مري ويو ۽ وڃي سچ جي روبرو ٿيو.

ڊيلي ورڪر

برطانوي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اخبار جيڪا انگلنڊ مان نڪرندي هئي.

ڊيموڪرٽس (Democritius) (430 ق.م کان 370 ق.م)

هو پهريون يوناني هو جو اينسائيڪلوپيڊيا وارو ذهن رکندڙ ماڻهو هو. لينن هن کي قديم زماني ۾ ماديت جو سمجهائيندڙ ۽ ٽيڪا ڪار چيو هو. هو ’ذريات‘ جو بنياد رکندڙ هو ۽ هُن جو انهيءَ ڳالهه ۾ اعتبار هو ته به قديم ترين شروعاتون آهن، هڪ اٽا (Atoms) ۽ ٻيو پولار (Vacuum). هو چوندو هو ته اٽا مادي جا منفرد جزا آهن، ڦيرگهير کان مٿانهان آهن، ابدي آهن ۽ هڪ مسلسل تحرڪ ۽ نظام ۾ آهن. هنن کي ٻيون خاصيتون نه آهن جهڙوڪ: آواز، رنگ، ذائقو وغيره ۽ مشروط طور تي موجود آهن، نه پنهنجي ليکي. اٽن ڪنو تي جسم (Bodies) پئي ٺاهيا آهن ۽ انهن جي تحليل هر جسم جو خاتمو آندو آهي. هن موجب اڻ ڳڻيا ميڙاڪا هڪ ازلي خلا ۾ ابد ۾ تحرڪ ۾ هيا ۽ لاتعداد دنيائون قدرتي طور پيدا ٿي رهيون هيون ۽ ضم ٿي رهيون هيون. ڊيموڪرٽس لاءِ ڪارڻتا (Causality) ۽ اڻ سرندي (Necesity) هڪ ڳالهه هيون ۽ هن ڪنهن شيءِ جي حادثي طور پيدا ٿيڻ کان انڪار ٿي ڪيو. هن جا سياسي خيال پراچين لوڪ شاهيءَ وارا هيا.

Gul Hayat Institute

ڊيوٽشر (Deutshar)

ٽراٽسڪيءَ جو پوئلڳ هيو ۽ هن ٽراٽسڪيءَ جي زندگيءَ تي ٽي جلد لکيا آهن ۽ اسٽالن جي زندگيءَ تي به هڪ ڪتاب لکيو اٿائين. ان کان سواءِ ڪجهه ٻيا ڪتاب به سندس تصنيفن ۾ شامل آهن. هو 1967ع ۾ گذاري ويو.

راڌا ڪرشنا، سروَ پلي (1888ع کان 1975ع تائين)

”غريبي انسان جي آتما لاءِ چڱي آهي.“ راڌا ڪرشنا چيو هو: ”پر جيڪڏهن اِها

رضاڪارانه (Voluntry) اختيار ڪئي وڃي.“ هو پارٽ جو 1962ع کان 1967ع تائين صدر رهيو. 1931ع ۾ هن کي سر جو خطاب ڏنو ويو. هو 5 سيپٽمبر 1888ع تي هڪ تيليگو برهمڻ جي گهراڻي ۾ پارت ۾ ڄايو، جيڪي ڏاڍا غريب هيا. هن کي جرمنيءَ مان آيل پرچارڪ پادري اسڪول ۾ موڪليو ويو، اُتي هن جي استادن هندو ڌرم تي جا تنقيد ڪئي، اُن هن کي اُتساهيو ته هو پنهنجي ڌرم جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪري ۽ ان جو بچاءُ ڪري سگهي. هو 1909ع کان 1917ع تائين مدراس پريزيڊنسي ڪاليج ۾ فلسفي جو استاد رهيو. جڏهن رابندرانات ٽئگور کيُ 1913ع ۾ ادب لاءِ نوبل پرائيز مليو ته هن ’ٽئگور جو فلسفو‘ جي نالي سان ڪتاب لکيو، جنهن ڪري کيس ڏاڍي شهرت ملي. 1921ع کان 1931ع تائين هن ڪلڪتي يونيورسٽيءَ ۾ فلاسافي پڙهائي ۽ ٻن جلدن ۾ پنهنجو ڪتاب ’هندستاني فلسفو‘ لکيو. هن 1931ع کان وٺي آڪسفورڊ ۾ 3 سال پڙهايو هو. هو آل انڊيا اسيمبليءَ جو ميمبر هيو، جنهن هندستان جو پهريون آئين ٺاهيو ۽ انڊيا جي وفد جو يونيسڪو لاءِ سربراهه هيو. نه رڳو هن کي روس ۾ سفير مقرر ڪيو ويو. جتي هن اسٽالن کي انجيل جا ڪجهه ٽڪرا ٻڌايا، جن ۾ اهو به هو ته، ”انسان کي جيڪڏهن سڄي دنيا ملي وڃي ۽ هو پنهنجو روح وڃائي ويهي ته هن کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟“ اسٽالن جو دينيات جو شاگرد ٿي رهيو هو، ان اهو جملو اڳي ئي ٻڌو هو. راڌا ڪرشنا جو هندستاني سياست جي باري ۾ مشهور قول هو، ”بدترين گناهگار کي به هڪ مستقبل آهي، جيئن هڪ وڏي ۾ وڏي سَنت کي ماضي آهي!“ ٻين ڪتابن ۾ هن جا مکيه ڪتاب ’ڀڳوت گيتا‘ ۽ ’اُپنشدن‘ تي ٽيڪا ٽپڻي هيا. هن جي ننڍي آتم ڪهاڻيءَ جو نالو آهي. ’منهنجي سچ لاءِ ڳولا‘ (My search for turth) آهي.

رام ڪرشن (1834ع کان 1886ع تائين)

جديد زماني جو تانترڪ * گرو سري رام ڪرشنا، هندستان ۾ جيڪي وڏي ۾ وڏا ڌرمي سکيا ڏيندڙ ٿيا آهن، انهن مان هيو. هن جا خيال آمريڪا ۾ 1893ع ۾ پهچي چڪا هيا، جڏهن هن جو شاگرد سوامي وويڪانند شڪاگو ۾ مذهبن جي پارليامينٽ ۾ ڳالهايو هو.

رام ڪرشن چيو هو، ”ڪنهن مون کي ڪرستان تي هڪ ڪتاب ڏنو. مان هن کي چيو ته پڙهي ٻڌاءِ. اُن ۾ فقط گناهه جو ذڪر هيو. ندورو جيڪو واري واري سان چئي ته مان پابند آهيان، مان پابند آهيان. اُهو انت پنهنجي پابنديءَ ۾ ڪامياب ٿيندو. جيڪو ڏينهن رات چوي مان گناهگار آهيان، مان گناهگار آهيان اهو سچ پچ گناهگار ٿي

* تانترا: لفظ انهيءَ شڪتيءَ جي پوڃا لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، جنهن سموري سنسار کي پيدا ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

پوندو، پر هڪ انسان آزاد آهي، جي هو هميشه اهو سوچي ٿو ته مان هڪ آزاد روح آهيان. مان ڪيئن پابند ٿو ٿي سگهان، پوءِ توڙي مان دنيا ۾ رهان يا جهنگ ۾ رهان. مون کي خدا پيدا ڪيو آهي، جو بادشاهن جو بادشاهه آهي. اهو مونکي پابند رکي ڪيئن ٿو سگهي؟ جيڪڏهن نانگ ڪنهن کي چڪ پائي ته ماڻهو هن جي زهر مان ان ڪان آجو ٿي سگهي ٿو جي هو شدت سان محسوس ڪري ته هن ۾ زهر ڪونه آهي"

رقص - درويشان

اُهو رقص جو درويش، روميءَ جي مزار تي ڪندا آهن، جا تُرڪي جي شهر قونيا ۾ آهي. اهو رقص مون 1976ع ۾ ڏٺو هو جڏهن مان قونيا ويو هوس. اسلام ۾ زالون رقص نه ڪنديون آهن ڇاڪاڻ ته انهن تي پابندي آهي ۽ اسلام ۾ رقص فقط مرد لاءِ آهي. عرب دنيا ۾ اجان تائين رقاصائون رقصِ شڪم (Belly dance) مهارت سان ڪنديون آهن. هندستان ۽ پاڪستان ۾ اهو فن اڳ طوائفن تائين محدود هو، پر هاڻي ته شريف زاديون نه رڳو ڪٿ ڪلي، ڪٿڪ، مني پهري،پارت نٽيم وغيره ڪري رهيون آهن پر راڪ اِن رول به ڪري رهيون آهن. رقص - درويشان صوفي طبقي جا ماڻهو ڪندا آهن. گذريل ستن صدين ڪان اِهو ڪيو ٿو وڃي ۽ قلندر تي ڌمال واري رقص وانگر هوندو آهي، جنهن جو مقصد خدا جي حمد و ثنا هوندي آهي ۽ پنهنجي خوديءَ کي مات ڪرڻ هوندو آهي.

رودڪي (1941ع وفات)

ايران جو مشهور شاعر. ايران ۾ هن کي 'استادِ شاعران' ۽ 'مُقدم - شعراءِ ادب' چوندا آهن. رودڪي اٺن ورهين جي عمر ۾ قرآن جي قرئت جو فن سکيو ۽ شعر گوئيءَ ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. موسيقيءَ سبب هن جي شهرت پري پري تائين پهتي. ڪن چيو آهي ته رودڪي 13 لک شعر ۽ 6 مثنويون لکيون، جنهن جي ڪائي خاص ثابتي ناهي. اهي شعر هن جي ديوان ڪان الڳ هيا. هن سنسڪرت مان ڪليلا ۽ دمنا جو ترجمو ڪيو، جو سنڌي ادبي بورڊ سنڌيءَ ۾ ڇپائي ڇڪي آهي.

رودڪي کي قصيده گوئيءَ ۾ ممتاز درجو حاصل هيو ۽ قصيدي ۾ سبڪ خراساني جي ايجاد به هن ڪئي. هن ڪان پوءِ ايندڙ شاعر هن کي قصيدي جو استاد تسليم ڪن ٿا. هن فارسيءَ ۾ رندانا شاعريءَ جي ايجاد به ڪئي. مون ڪٿي پڙهيو هو ته "وقت جي حاڪم هن جون اکيون ڪيرائيون ڇو ته هو ڪنهن فرقي ۾ شامل هو، جنهن تي ڪفر جي فتوا ڏني وئي هئي."

Gul Hayat Institute

روزيني (Rossine Giochina) (1792ع کان 1868ع تائين)

اطالوي موسيقار هيو ۽ ٿيئٽر جي هڪ موسيقار جو پٽ هيو. هن جي شهرت 1813ع ۾ ٿي، جڏهن هن پنهنجون ٻه اوپيرائون اسٽيج تي آنديون. هن ڪل چاليهه اوپيرائون اسٽيج تي آنديون، جيڪي سڄي يورپ ۾ مشهور ٿي ويون. بيماري ۽ مايوسيءَ هن کي 1838ع ۾ ذري گهٽ گوشه نشيني اختيار ڪرائي، جنهن کان پوءِ هن ڪجهه مجلس خاني لاءِ موسيقي لکائي. هن ڪجهه ٻيون تخليقات به ڪيون.

روسو (1712ع کان 1778ع تائين)

فرينچ فلاسفر ۽ پنهنجي دؤر جو وڏو اديب ۽ مفڪر هو. 1750ع ۾ هُن هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هو انهيءَ نتيجي تي پهتو ته فطري انسان، هڪ شريف وحشي آهي، پنهنجي مهذب جوڙ ميل کان چڱو آهي ۽ دليل ڏيندي هن چيو ته علم جي ترقي ۽ ڦهلاءُ انسان ذات جي فطرت ۾ ڪا اصلاح نه آندي آهي، پر ان کي وڌيڪ بگيڙيو آهي، ننڍ وڏائي، ڪاهلي ۽ عيش و عشرت وڌائي آٿئين.

1761 ۾ هڪ ناول به هن لکيو، جنهن ۾ هن پنهنجي دؤر جي اخلاقيات ۽ خيالات کي جوش ڀرئي سنيهه جي تاجي پيٽي ۾ اُڻيو آهي. 1762ع ۾ هن هڪڙو تعليم تي ڪتاب ايمل نالي سان لکيو، جنهن جو ترجمو محمد ابراهيم جوئي 'ايملي' نالي ڪيو آهي، جنهن ۾ هن اها ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هڪڙي ٻار جون فطري نيڪيءَ واريون جبلتون ترقي يافته ٿي سگهن ٿيون ۽ اهي هرويرو سماج نه ٿيون بگاڙن. 1762ع ۾ روسو 'سماجي معاهدو' ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن سياسي طور انساني فطرت ۾ پنهنجو اعتبار ڏيکاريو ۽ ان ۾ آئيني بادشاهت کان گهٽو اڳتي ويو، جنهن جي مانٽيسڪيو (Montesquieu) ساراهه ڪئي هئي ۽ جمهوريت جي ساراهه ڪيائين، جنهن ۾ عام راءِ ۽ مشترڪه مفاد جي ڳالهه ڪيائين. هن جي آتم ڪهاڻي 'اعتراف'، 'تي مڪالما' ۽ هن جا ڪجهه ٻيا ڪتاب هن جي موت کان پوءِ شايع ٿيا، جيڪي ڏيکارن ٿا ته هن کي ايذا رساني جو خبط هيو. اهي ڪتاب هونءَ ادب جا شاهڪار آهن ۽ پنهنجي يادگيرين ۽ اندر جي اظهار جا بي مثال نمونا پڻ آهن. روشن راءِ (Enlightenment) واري دؤر ۾ ٻين اهم شخصيتن جي برعڪس روسو جذبي ولولي ۽ وجدان کي عقل کان وڌيڪ اهميت ڏني ۽ هو رومانيت پسنديءَ جي تحريڪ جو پيشرو هيو. تازيءَ تاريخ ثابت ڪيو اهي ته رڳو عقل تي هلڻ وارا، 'منڊي ماڪوڙي کوهه ۾، ڪيچي پٽي اُپ' جو مثال ثابت ٿيا آهن. انهن جن هر مذهب کي رد ڪري دهريت کي مذهب بڻايو. اُنهيءَ اندي کوهه ۾ ڪريا آهن، جتان ڪو ڪين رسو اُڇلي ڪڍڻ وارو به ڪونه آهي.

Gul Hayat Institute

رونوا (Peirre Auguste Renior)(1841ع کان 1919ع تائين)

فرينچ تاثريت پسند (French Impressonist) مصور هيو. هن پنهنجي زندگي هڪ مصور جي حيثيت ۾ هڪ چيني برتڻن جي ڪارخاني ۾ شروع ڪئي ۽ روشني توڙي تازن رنگن جو تجربو حاصل ڪري آخرڪار پنهنجي فني حيثيت مڃائي.

موني (Monet) وانگر هو هڪ تصوريت پسند حلقي جو مرڪز هيو. 1870ع ۾ هن ڪاميابي حاصل ڪئي، پر ان وقت هن کي احساس ٿيو ته هن جي فن کي تصوريت پسندي اڳتي نه وٺي ويندي. 1881 - 1882ع ۾ هو اٽلي ويو ۽ اتان جي فني شهپارن هن کي ڪافي متاثر ڪيو. هن جا چِٽ وڌيڪ عظيم ۽ تڪلفي ٿيندا ويا ۽ هو ڪلاسيڪي ديو مالا کي پنهنجي مصوريءَ جو موضوع بنائڻ لڳو. 1890ع ۾ هن کي سَنڌن جو سور ٿي پيو ۽ 1912ع ۾ هو ويل چيئر تائين محدود ٿي ويو پر پوءِ به هو پنهنجي فن جي تڪميل ڪندو رهيو، پنهنجي حياتيءَ جي خاتمي تائين. پوين سالن ۾ سنگتراشي به شروع ڪيائين. سيني تصوريت پسندن مان رونوا سان وڌيڪ محبت ڪئي وڃي ٿي ۽ هن جا موضوع پسند ڪيا وڃن ٿا. خوبصورت ٻار، گل، حسين پس منظر ۽ سڀ کان وڌيڪ پياريون عورتون، جي يڪدم دل ۾ ڪُپي وڃن ٿيون، ۽ هن کي انهن مان جا مسرت حاصل ٿي آهي، هو ان جو ڪلم ڪلا اظهار ڪرڻ جي اعليٰ ڏات رکي ٿو. مون کي رونوا جي هڪ تصوير ياد اچي رهي آهي، 'ننڍيون پياريون فرانسيسي ڇوڪريون، اُنهن جي خوبصورت ماءُ ۽ وڏو ۽ ڇوڪس پيارو ڪُتو جو گاديلي جو ڪم ڏئي رهيو آهي- مادام شارپانتئي ۽ هن جا ٻار' هن جي هڪ ٻي تصوير ڪلاڊ (Claude) ياد اچي رهي آهي. ان ۾ ڪلاڊ، روشنيءَ جي نقاب ۾ پنهنجي ٻاراڻي شوُنق ۾ دنيا ۽ مافيها کان بي خبر آهي.

اهي تصويرون آهن جن کي پائيندگي آهي. اسٽالن واري ترقي پسند حقيقت نگاري جا هن غالباً 1929ع يا 1932ع ۾ همٿائي، ڪنُ چِنُ ۽ ڪچرو آهي، ۽ اُن کي خود روس ۾ نه ٿا ليکن. جي حقيقت ترقي پسند هجن ها ته 1939ع ۾ جرمنيءَ ۾ نازي ازم ۽ اٽليءَ ۾ فاشزم ڇانئجي نه وڃي ها ۽ دنيا کي صديون پٺتي ڌڪي نه ڇڏي ها. حقيقت نگاري قبول ڪري سگهجي ٿي باقي لفظ ترقي پسند مڪار ۽ فريبي ڪميونسٽ ڪم آڻيندا ها جو ته هو دنيا کي ويساهڻ چاهيندا ها ته هنن جا مُلڪ ترقي ڪري رهيا آهن، جا ڳالهه هاڻي واڪي ٿي چڪي آهي ۽ ڪميونسٽ مُلڪ وڃي ڪڏ جي تري ۾ ڪريا آهن. ڪجهه ملڪن ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش پئجي چڪي آهي ۽ باقي ڪجهه ۾ اڄ نه سڀاڻ پئجي ويندي. دراصل حسن، حق ۽ نيڪيءَ ۽ خدا جي تلاش ئي بامعنيٰ آهي، ٻي هر ڳالهه بکواس آهي.

Gul Hayat Institute

ريفل (Raphael) (1483ع کان 1520ع تائين)

اطالوي مصور ۽ معمار هو ۽ نئين جاڳرتا (Renaissance) واري دؤر جو نهايت اهم مصور هيو. هو جڻ وقت کان اڳ پيدا ٿيل هيو. 1504 کان 1508ع تائين ليونارڊو ۽ مائيڪل اينجيلو جي اثر هيٺ تصويرون ڪديائين. هن جون نهايت مشهور تصويرون 'Virigin and the child' (ڪنواري مريم ۽ هن جو ٻار) تي آهن؛ 1505ع ۾ پوپ جوليس II هن کي روم گهرايو جتي هن باقي زندگي گذاري. هن يڪدم هڪ شاهڪار ڪم هٿ ۾ کنيو ۽ وئٽيڪن جي ڪيترن ئي ڪمرن ۾ تازي پلستر جي چٽسالي (Frescos) جو ڪم ڪيو. هن جا ڪيترائي ساٿي به هن سان گڏ ڪم ڪندا هيا. هن جي ڪم جي اهميت گهڻو ڪري هن جي شخصي تصويرن مان ظاهر آهي، جنهن ۾ هو ليونارڊو جي پائي جو مصور نظر اچي ٿو. هو معمار جي حيثيت ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو ۽ 1514ع ۾ سينٽ پيٽرس چرچ ناهيائين. هو 38 ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو پر هن پنهنجي دؤر ۽ ايندڙ دؤر جي مصورن کي متاثر ڪيو.

ريمبرانٽ (Rembrandt) (1606ع کان1669ع تائين)

ڊچ مصور تيزاب جي ذريعي نقش و نگار ٺاهيندڙ (Etcher) ۽ نقشي نويس (Draughtsman) هيو. هو پنهنجي ملڪ جو وڏي ۾ وڏو مصور هو ۽ هن جو جنم هالينڊ جي ليڊن شهر ۾ ٿيو، جتي هن 1632ع تائين ڪم ڪيو. ان کان پوءِ هو ائمسٽرڊئم ۾ اچي مستقل طور رهيو. اتي هن هڪ آسودي خاندان مال سسڪيا ٻالي چوڪريءَ سان شادي ڪئي؛ جنهن کي هن پنهنجي 1634ع وارن تصويرن ۾ امر ڪري ڇڏيو. 1640ع کان پوءِ هن جي مصوري ۾ مذهبي رنگ آيو ۽ وڌيڪ دروں بيني ۽ جستجو پيدا ٿي. 1642ع ۾ هن جي زال مري وئي. ساڳي سال هن پنهنجي شاندار تصوير 'رات جو پهرو' ڪڍي، جنهن روايتي ڊچ شبيهه سازي ۾ وينل ماڻهن کي هڪ ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو. هن جي تخليق وڌندي رهي ۽ وڌيڪ گهرائي سان هن جي احساس ۽ آزاديءَ جي ڪاريگري جي ساک ٿي ۽ پنهنجي منتها تي ڏهن پهتي، جڏهن هن پنهنجون تصويرون ڪڍيون. جيتري هن جي فن ۾ گهرائي آهي اوتري وسعت به آهي.

ريمبرانٽ گهڻو ڪري هر موضوع تي تصوير ڪڍي آهي. هو پنهنجي دؤر جو وڏي ۾ وڏو استاد هيو هن کان ڪيترن ئي سکيا ورتي ۽ هن جي موت کان پوءِ هن جو ٻالو جاتل سڃاتل هو پر مصوريءَ جي رومانوي دؤر ۾ هن کي هر دؤر جو اعليٰ فنڪار ۽ استاد سمجهيو ويندو هو. مون هن جا خوبصورت رنگ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ جهڻ لاءِ وس ڪيو آهي جو نه منهنجي خيال ۾ لفظ رنگ چٽي سگهندا آهن. مون اهو ڪيتريءَ ڪاميابيءَ سان ڪيو آهي، ان جو فيصلو ڪرڻ وارو مان نه آهيان.

سينٽ آگسٽين (354 ق.م کان 430 ب.ا.م تائين)

ڪرستان فقيهه ۽ فيلسوف. هو اولهه جي چرچ جو وڏي ۾ وڏو پادري هو ۽ اتر آفريڪا جي ويجهو هڪ ننڍي شهر ۾ ڄائو هو. هن جي ماءُ هڪ عقيدتمند ڪئٿولڪ هئي، جنهن کي پنهنجي پٽ جي روحاني بهبوديءَ جو وڏو اونو هيو، پر هن جو پيءُ هڪ دهريو هو. جيتوڻيڪ هو مذهب ڏانهن بي پرواهه هوندو هو پر ڪيس پٽ جي تعليم ۾ دلچسپي هئي ۽ پنهنجي غريبيءَ جي باوجود سينٽ آگسٽين کي ويجهي شهر ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ موڪليو، پتو نه آهي ته آگسٽين ڪيتري تعليم پرائي پر ڪافي پئسي نه هئڻ ڪري هن کي 16 ورهين جي عمر ۾ واپس گهر ورڻو پيو. ڪجهه وقت کان پوءِ هن جي هڪ دوست هن جي مالي امداد ڪئي ۽ هن ڪارٿيج (Carthage) * ۾ پنهنجي تعليم مڪمل ڪئي. اتي هن سِسرو (Cicero)** ۽ ورجل *** جو مطالعو ڪيو ۽ جڏهن 20 ورهين جي عمر جو هو ته پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو ۽ علمِ فصاحت جو استاد مقرر ٿيو. جڏهن هو ڪارٿيج ۾ هيو ته هن هڪ سُريت به رکي هئي، جنهن مان ڪيس پٽ ڄايو هو. هن هڪ فرقي جي تبليغ ڪئي هئي، جنهن ڪائنات ۾ دُئي جو نظريو (Dualist Concept) پيش ڏنو، جنهن موجب زندگي روشني ۽ اونده جي قوتن جي وچ ۾ ٽڪراءُ هئي. انهيءَ دور ۾ آگسٽين جي اوسر تي هن جي ماءُ کي ڏک ٿيو، جنهن چاهيو پئي ته هن جو پٽ ڪرستان ٿئي. انهيءَ ساڳي دور ۾ هن جو پيءُ گذاري ويو، پر مرڻ وقت هن کي عيسائيت ۾ اعتبار آيو هو. آگسٽين ڪجهه وقت ٽئگسٽي (Tagaste)**** (آفريڪا جو شهر) ۽ ڪارٿيج ۾ پڙهايو، پر آفريڪا جي اسڪولن ۾ تنظيم نه هئي، سو 383 ب.م ۾ هو اٽليءَ هليو ويو. هو پهريائين روم ويو ۽ اتان مِلان Milan (اٽليءَ جو شهر) ويو، جتي هن جي ماءُ اچي ساڻس گڏي ۽ اتي هو سينٽ ائمبروس (Saint Ambrose) ***** جي اثر هيٺ آيو، جو شهر جو سڀ کان وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ فصيح ترين بشپ هيو. 388ق.م ۾ هن کي دين تي آندو ويو، ۽ هن جو بپتسمو ٻئي سال جي اِيسٽر ۾ ڪيو ويو. هاڻي آگسٽين هڪ ڪرستان بڻجي پيو ۽ سندس ماءُ جي آس پوري ٿي. پئي ٽئگسٽي واپس اچي رهيا هيا ته رستي تي سندس

---

* ڪارٿيج: جديد تيونس جو هڪ قديم قوم ۽ شهر جنهن جو بنياد 814 يا 813 ق.م ۾ رکيو ويو هو. جنهن کي روم 146 بعد از مسيح ۾ ڊاٺو ۽ 44 بعد از مسيح ۾ ٺاهيو ۽ ان جا کنڊر اڄان موجود آهن.

** سِسرو: (ب.م 43 - 10) روم جو مقرر، فلاسفر ۽ مدبر، لاطيني نثر جو برک ڄاتو ۽ يوناني مغربي تهذيب کي ثقافتي قدر ڏنا هيائين.

*** ورجل: عظيم لاطيني شعر (19 ب.م کان 70 ب.م تائين) آئينڊ هن جو سڀ کان مشهور ۽ طويل نظم آهي.

**** ٽئگسٽي: قديم يونان جو هڪ شهر.

***** سينٽ ائمبروس (333 ب.م کان 397 ب.م تائين): ملان جو ڪرستان بشاپ (Bishop) هن جو ڪافي سياسي اثر هو.

Gul Hayat Institute

والده بيمار ٿي پئي ۽ مري وئي ۽ آگسٽين اڪيلو موٽي آيو. نيٺ هن ڪجهه وقت ٽئگسٽي ۾ فقه جو مطالعو ڪيو ۽ تنهن کان پوءِ هو 391ق.م ۾ هپو نالي هڪ شهر ۾ 40 ميل پري پادري مقرر ڪيو ويو. 395 ب.م ۾ هن کي بشپ بڻايو ويو ۽ هپو ۾ موت تائين رهيو.

سينٽ آگسٽين تمام گهڻو لکيو هو ۽ ان کان سواءِ هن ڪيئي وعظ ڪيا ۽ انجيل جي تفسير لکي. هن جي ڪليات ۾ هن جا خط، هن جا فيلسوفاڻا ۽ فصيح مضمون ۽ بحثن مباحثن تي رسالا هيا، جي هن هر قسم جي ڪفر جي خلاف لکيا ها ۽ چرچ سان واسطو رکندڙ هيا. ڪجهه عقيدي جون تحريرن ۽ تعليمات ۽ انتظام تي لکيل هيا. انهن مان ڪيئي تحريرون نهايت ٽيڪنيڪي آهن، پر ٻيون عام ماڻهوءَ جي پڙهڻ لاءِ آهن. انهن مان ٻه ڪتاب ته تمام عظيم آهن، جن مان هڪ 'ڪنفيشن (باس)' جا آگسٽن جي روحاني سوانح حيات هئي ۽ ٻيو ڪتاب 'خدا جو شهر' (City of God) جنهن ۾ تاريخ تي نهايت مفصل تبصرو ڪيل آهي.

(مون کي اهي ٻئي ڪتاب ڪرسچن مشنرين وٽان مليا ها، جي مون پڙهيا آهن).

آگسٽين روم جو آخري وڏو ليکڪ آهي ۽ وچولي دؤر جو پهريون عظيم ليکڪ آهي. هو جڻ ٻن دنيائن جي وچ ۾ بيٺل آهي. هن جي ادب ۽ قديم فلسفي جو مطالعو سِسرو (Cicero) ۽ پلوٽينس (Plotinous) * جي نو فلاطونيت تي ٻڌل آهي، پر يسوع جو نالو ننڍي هوندي کان هن جي رڳ رڳ ۾ سمايل هو ۽ آخر ۾ هن ساري ذهانت چرچ لاءِ ڪتب آندي ۽ هن ايتري محنت ڪئي، جو ڪنهن به پادري نه ڪئي ۽ مغرب جي عيسائيت تي هن جي امر ڇاپ آهي. هن جا فقه تي سڀ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. ڪنفيشن کي ادب جي تاريخ ۾ هڪ تمام وڏي ڪلاسڪ جي جاءِ آهي، جيتوڻيڪ ڪتاب سڌي ٻولي ۾ ديانتداري سان لکيل آهي ۽ هر انسان جي دل ۾ پيهي وڃڻ لاءِ لکيو ويو آهي.

سينٽ بيو (Sainte Be-uve) (1804ع کان 1869ع تائين)

Gul Hayat Institute

فرينچ ادبي تاريخ نويس ۽ نقاد ۽ ايڊيٽر پائلٽ هيو. هن کي انگريزي ياد ڪيو ويندو آهي ته هن اديبن ۽ انهن جي ڪتابن تي ائين لکيو هو جڻ هو سچ پچ زنده پئي لڳا ۽ انهن کي پنهنجيءَ دانشوريءَ جي ۽ تاريخي پس منظر ۾ تفصيل سان پرکيو. هن ڪافي ڪتاب لکيا هيا. هن رومانوي تحريڪ کي ڏاهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ حقيقت پسنديءَ جو نظريو ڪيپائينبدي مجيو هو. گون ڪور پائر ** هن جا ساٿي هيا ۽ اها ڳالهه ادب کي رومانيت کان حقيقت پسنديءَ دور وٺي وئي.

پنهنجي دؤر ۾ هو هڪ تمام وڏو نقاد تسليم ڪيو ويندو هو.

---

* پلوٽينس: (205 ب.م بعد از مسيح کان 270بعد از مسيح تائين): فيلسوف ۽ معلم. مصر ۾ ڄايو هو. 244 بعد از مسيح ۾ روم ۾ لڏي ويو، جتي آخر تائين رهيو.

** ايڊمنڊ گون ڪور (1822ع کان 1896ع تائين) ۽ جوليس دي گون ڪور (1830ع کان 1870ع تائين.) ٻئي فرينچ ناول نگار ۽ تاريخ نويس ها.

سينٽ پيٽرسبرگ

هن کي پهريائين پيٽروگراڊ چوندا هيا ۽ تنهن کان پوءِ هن تي لينن گراڊ جو نالو رکيو ويو جو سوويٽ يونين جي اتر-اولهہ ۾ آهي. 1728ع کان وٺي 1732ع تائين عرصي کان سواءِ لينن گراد، روس جي گادي رهي هئي ۽ 1917ع ۾ لينن جو صدر مقام (Head quarter) رهي. ان جي وچ مان نيوا ندي وهندي آهي، جنهن ۾ مان لانچ ۾ پنهنجي گائيڊ لينا سان چڙهي ڦن لينڊ جي ڪاري ۾ ويهارو ميل پري ويو هوس، جتي پيٽراعظم جو محل آهي، جو ائين ئي نيڪ ڪري بيهاريو ويو آهي، جيئن ڀي جنگ عظيم جي تباهيءَ کان اڳ ۾ هيو. جنگ جي دوران گادي ماسڪو ڦيرائي وئي هئي. ٿوري وقت لاءِ اڳ ۾ بہ ماسڪو روس جي گادي هئي، جيئن لينن جي زندگي ۾ ڏنو ويو آهي. اتي ئي پيٽراعظم جو بت گهوڙي تي سوار آهي، جنهن جا نرا پراسرار نموني ۾ آسمان ڏانهن کجيل آهن. مون کي اهو بت ڏسي هيبت وٺي وئي هئي ۽ نيٺ منهنجا خدشا صحيح ثابت ٿيا.

سينٽ فرانسز آف اسيسي (1181ع کان 1226ع تائين)

آسيسي اٽليءَ جو هڪ تاريخي شهر آهي ۽ مسيحيت جو مرڪز آهي. اهو سباسيو پهاڙ تي ساموندي سطح کان 1300 فوٽ مٿي اڏيل آهي. وچولي دؤر ۾ سينٽ فرانسز اتي 1182ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1226ع ۾ گذاري ويو.هو سنياسين جي فرانسيزڪي فرقي جو باني هو، جو انجيل جي طوز طريقي تي زندگي گذارڻ لڳو، جنهن جي تبليغ ۽ مثال جي تعداد ماڻهن جي غريبيءَ کي گلزار بڻائي ڇڏيو. هو آسيسي ۾ هڪ تاجر جي گهر ۾ پيدا ٿيو هيو. الهڙپڻي ۾ هو کِل مک، ڇيل ڇبيلو، بي ڪائيو ۽ بي پرواهہ هيو ۽ مڙسيءَ ۽ سورهيہ پڻي جو ڪوڏيو هو، پر هڪ سال جي قيد ۽ پنهنجي شهر جي بکارين ۽ ڪوڙهين جي شڪستہ حاليءَ، ڪم بختيءَ ۽ خواريءَ، هن کي ٽُبي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ من ۾ ڏکي انسان ذات لاءِ دردوندي پيدا ڪئي.

1206ع ۾ هو پنهنجو گهر ڇڏي لوڪ تياڳي (تارڪ الدنيا) ٿيو. هن ڪوڙهين جي پرگهور لاءِ پاڻ ارپي ڇڏيو ۽ اسيسي ۽ ان جي آس پاس ڪليسائون ۽ ڪرسٽ منڊليون ٺهرائڻ شروع ڪيون. 24 فبروريءَ 1209ع تي هن ڪنهن کي انجيل مانِ ميٿيو ڏهون (Matthew x) پڙهندي ٻڌو ۽ پڪو پرڻ ڪيو تہ هن کي باقي حياتي اڻ هوند ۽ اپديش ۾ ڪاٽڻي آهي. هن جي ڪڍ ڪيئي شش آيا. 1210ع ۾ جڏهن فرانسز کي يارنهن ساٿي هيا، تڏهن هُن هڪ نئين فرقي لاءِ هڪ رَهت نامو ٺاهيو ۽ پنهنجن ساٿين سان گڏ پوپ جي مڪياريءَ لاءِ روم آيو. هرڪو اهو ٻڌي اچنبي ۾ پئجي ويو تہ پوپ انوسنٽ هائو ڪئي ۽ فرانسز کي موڪل ڏني تہ هو پلي پڇتاوَ لاءِ منادي ڏئي ۽ ماڻهن کي منائي. پهريون تہ فرقي جا 'ياٿر' اٽليءَ ۾ رهيا. 1212ع ۾ اسيسي جي هڪ

Gul Hayat Institute

ننڍيءَ نينگريءَ گهر ڏيائيءَ، جنهن کي پوءِ هن کي سينٽ ڪلير ۾ سنت مالها ۾ آڻيو پيو، ان ڳالهه تي هوڏ ڪئي ته هن کي پنهنجو پوٺلڳ بڻايو وڃي ۽ سينٽ فرانسز هن کي پهرين گرجا ۾ ڪپايو، جنهن جي هن مرمت ڪرائي هئي.

جڏهن هن وٽ سنياسي وڌيا، تڏهن هن ڪين آلپس ڪان پري ۽ سمنڊ پار موڪليو. ان ڪان پوءِ هن لاءِ ڪائي سنسٿا ضروري تي پئي ۽ 1217ع هن ان جا پرڳڻا ٺاهيا. فرانسز اهو نه چاهيو ته هڪ سنياسي ٻي تي ڪائي اختياري رکي؛ جن کي به پرڳڻا سپرد ڪيا ويا ها، انهن کي 'ڀائرن جا ٿهليا' سڏيو ويو. 1223ع ۾ پوپ آنوريس ٣ ان فرقي کي رسمي طور پڪو ڪيو. 13صديءَ ۾ اهي سنياسي چاڪاڻ جو نوان ها، انهن جي اقرارِ ايمان کي هڪ اصلوڪائي هئي، جنهن کي 13 صديءَ سان خاص لاڳاپو هيو. ان دؤر ۾ گرجا ساڌارڻ ماڻهوءَ تي هٿ ڦيرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ به منافقيءَ وارين تحريڪون ڪيئي رنگروٽ ڀرتي ڪري رهيون هيون جن ۾ گرجا جي هاڃي هئي. انهن تحريڪن ائين پئي سمجهيو ته مادي دنيا بڇڙائي ۽ ڪُبُڌ سان ڀريل هئي. يسوع جي پيڙا ۽ موت هڪ وهم هو ۽ رومن چرچ جي روحاني رياست ۽ ان جا درجا جڙتو ۽ ڪوڙا هيا. اها ڳالهه گهڻو ڪري ڪٿر (Cathars) ڪندا هيا. فرانسز انهن کي رد ڏنو ۽ چيو ته دنيا خدا جي دنيا هئي ۽ بنيادي طرح چڱي هئي. هن کي يسوع جي انساني روپ لاءِ ڏاڍي عقيدت هئي. فرانسز پنهنجي فرقي کي چرچ سان وفادار ۽ چٽي وان ڪيو. ان ڳالهه ڪيترن عوام کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو جي انجيل کي اکر به اکر مڃيندا ها، ۽ غريبيءَ ۾ گذران ڪرڻ چاهيندا ها ۽ جيڪي پادرين خلاف برادرين ۾ شامل تي ويا. ان طرح ٻاهرتو ۽ سنساري ماڻهو پڇتاوَ ۽ ڪنگال پڻي جي حياتي فرقي ۾ گذاري سگهيا ۽ گهر-گهرستيءَ جي به، جي ٽي وَچن پاڙي سگهيا يعني ولهائيءَ، سِسيلَ سَتَ ۽ مَجتا جو پالن ڪري سگهيا ته انهن کي به فرقي ۾ جڳهه ملي وئي. فرانسز، جيڪي بنيادي اصول پنهنجن پوٺلڳن کي ٻُڌايا، اُهي ها: دنيا ۾ جيڪي به هن جا ساٿي ڪم ڪري رهيا هئا، انهن جي واهر ۽ سهائتا ڪرڻ، انجيل جي تبليغ ڪرڻ، اگهي، لڱي ۽ سُڪالي جي ڳڻتي ڪرڻ ۽ سار سنڀال لهڻ، انجيل جي حرف بحرف پيروي ڪرڻ، هر شيءِ يسوع لاءِ ترڪ ڪرڻ، پوءِ اهو ڏن وارن کي ڏن پيٽ ڪرڻو هجي يا ودوانن کي پنهنجي وديا. انهن کي نه رڳو هميائي نه رکڻي هئي پر نائي کي هٿ به نه لائڻو هو. جي انهن کي پنهنجي پورهئي لاءِ ڪاڏو پيتو، ڪپڙو لٽو نه ٿي ملي سگهي ته اُنهن کي پنهنجي لوڙ لاءِ ۽ گهرج آهر ڀيک لاءِ هٿ ٽنگڻ گهرجي.

اِنهيءَ فرقي جي مقبوليت جو سبب فرانسز جي شخصيت، هن جو وچڙندڙ اُتساهه، کِل مُک پُڻو ۽ سنيهه ۽ سڀ کان وڌيڪ هن جي جياپي جا لڇڻ هيا. جڏهن هن پنهنجي پيءُ ٺان هٿ ڪنيو ۽ خدا جي ڀيلپي ۾ جنبي ويو، تڏهن ماڻهن هن ٽي ويچارا ڪديا ۽ هن کي ٽالهيون لاهي ڇڏيو.

هو اڳڙيارا ڪپڙا پائيندو هو ۽ ڏسڻو وائسڻو به ڪونه هو. پر هن جا خطبا نهايت

سوُلا ۽ سَرل هوندا ها ۽ انهن جو اثرائتي پڻو هن جي ’وساميو ٻران، توڪي ساريو سُپرين‘ جهڙي۔ سچائيءَ ۾ ڀرپور هيو، جا هن جي هر ڪاريہ ۽ ٻول ۾ هئي. هو پنهنجي يسوع جي تصور جي موج مستي، پنهنجي ناچ ۾ ائين ظاهر ڪندو هو جيئن ميران يا چيتنيہ پنهنجي ڪرشن ڀڳتيءَ ۾ ظاهر ڪندا ها. هن جون ڏند ڪٿائون ڏاڍيون اثرائتيون هونديون هيون. هن تپسيا ڪري ۽ تن کي تَسا ڏئي، پنهنجي سرير ۾ گاٺ پيٺ آندي هئي ۽ اُن جي ڪپڙ ڪاڇڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏي هئي. هُن کي مسلمانن سوڌو، پوريءَ انسان ذاتِ لاءِ پيارُ هيو ۽ انسان ذات کان ٻاهر بہ، پوريءَ خلقت کي هو پيار جهڙو سمجهندو هو. پسون هن تي ويساهہ ڪنداً ها ۽ هو انهن سان مهرباني سان هلندو هو. بازار ۾ ڇهہ ڇهہ ڪيڏڙ پکين کي پاڀوهہ سان چوندو هو تہ، ”ڇهہ ڇهہ ڪري منهنجي سنديش ۾ رنڊڪ نہ وجهو، جو تہ مان اُپائڻهار جي واکاڻ ڪرڻ رهيو آهيان.“ هن جي هر ڳالهہ اُلوهيت (ايشورتا) تي ڪُٽندي هئي. هر ڳالهہ هن کي اُن جي سار ڏياريندي هئي، جنهن هي سنسار پيدا ڪيو آهي. پنهنجي جيون جي پڇاڙيءَ مهل، هن هڪ گيت ڳاهيو، جنهن ۾ هن خدا جا گڻ ڳاتا ۽ اُنهيءَ جو ٿورو مڃيو، جنهن هيءَ جوڙ جوڙي هئي. هن جا پوين سال تصوف جي گهري تجربي مان گذريا ها. يسوع جي پيڙا تي لڳاتار ڏيان، هن جي جسم ۾ اُهي ڦٽ پيدا ڪيا ها، جي يسوع کي صليب تي هيا، هن جي هٿن، پيرن ۽ پاسيرين تي ڪتل ڪوڪن جا نشان ها ۽ اها ڳالهہ هن جي موت کان 2 سال اڳ ٿي، جو 3 آڪٽوبر 1226ع تي ٿيو. هن جي مقبري تي هڪ عاليشان گرجا جوڙائي وئي، جنهن تي فلورنطيني مصور گيوٽو، فريسڪو (تازي پلستر تي چٽسالي) ڪديا، جن ۾ هن سنت جي باري ۾ ڪيئي ڏيک ڏيکاريل آهن.

مون سينٽ فرانسز آف اسيسيءَ جي باري ۾ اَيترو تفصيل سان مواد ڏنو آهي ڇاڪاڻ جو منهنجي محبوب اديب، يوناني شاعر ۽ ناول نويس ڪازان زاڪس پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ’گريڪو کي رپورٽ‘ * ۾ چار ماڻهن جا نالا ورتا آهن، جن هن جي زندگيءَ کي نهايت متاثر ڪيو هو ۽ اُهي آهن:

يسوع، سينٽ فرانسز آف اسيسي، ٻُڌ ۽ لينن.

پوين بہ ذڪر ڪيل عظيم انسان ڪنهن خدا ۾ اعتبار نہ ڪندا ها ۽ پهريان بہ نهايت رقت ۽ محبت سان ڪندا ها ۽ انهن مان هن رڳو ٻن تي پنهنجا بہ شهره آفاق ناول لکيا آهن، جن مان هڪ جو تہ نالو ئي سينٽ فرانسز آف اسيسي آهي. لينن ۽ فرانسز جا غريبيءَ جي متعلق بلڪل متضاد نظريا ها. پر هاڻي جڏهن لينن شهہ ڪاڏي آهي تہ ڇا اسان فرانسز کي اپنائي سگهون ٿا؟ عوام سان محبت تہ فرانسز کي بہ ڀٽائيءَ وانگر هئي؟ ڇا فرانسز، ڀٽائي، سچل، ساميءَ جو پيغام ساڳيو آهي؟ اها ڳالهہ هن عبوري دؤر ۾ ناممڪن ٿي لڳي! پر عبوري دؤر ۾ اهي دماغ بہ ٿڙڪي پيا آهن، جي لينن جون

---

* گريڪو: ايل گريڪو، يوناني مصور جو ڪازان زاڪس جو وڏو هو ۽ هن کان ڪجهہ صديون اڳ مري چڪو هو.

ڳالهيون ڪري رهيا آهن. مون کي يقين آهي تہ مسئلا حل ٿيندا ۽ سنڌ قائم دائم رهندي ۽ آخر اسان کي انهيءَ تي ويچارڻو پوندو تہ جيڪي فرانسز چيو آهي، ڪيتريءَ حد تائين هن دؤر ۾ اپنائي سگهجي ٿو. ڇو تہ منهنجي نظر ۾ انسان جي اها ئي آخري راه نجات آهي.

سئفو

يونان جي عشقيہ شاعرن ۾ عظيم ترين شاعره هئي. هوءَ ٻيٽ ليسباس (Lesbas) تي ڄائي هئي. اووڊ چواڻيءَ سئفو جو پيءُ تڏهن مري ويو هو جڏهن هوءَ ڇهن سالن جي هئي. اهو هرڪوئي مڃي ٿو تہ هن شادي ڪئي هئي ۽ هن کي ڌيءَ هئي. هن جا ڪيئي نظم جيڪي اڄ تائين موجود آهن، اتان جي ديسي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي وزن ڪم آندا آهن، جنهن مان هڪ جو نالو ئي هن جي نالي پٺيان آهي ۽ سئفڪ (Sapphic) چيو ويندو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ حرص و هوا ۽ فطرت سان پيار، اسلوب جي سادگي، سٽ تي ڪافي مهارت آهي. هن جو وڏي ۾ وڏو سَٽ سِٽو يوناني ديوي افرو ڊائٽيءَ جي عاشقيءَ جي باري ۾ آهي، جا هُن کي ڪنهن نوجوان ڇوڪري سان هوندي هئي. سئفو دنيا جي ڪيترن ئي اديبن تي پنهنجو اثر ڇڏيو آهي، جن ۾ خاص طور ڪٽلس، اووڊ، سِون برن قابلِ ذڪر آهن.

جيتوڻيڪ هوءَ وڏ - گهراڻي مان هئي، پر هن جي شاعريءَ ۾ اهي پُر تشدد سياسي ٽڪراوَ نہ ٿا ملن جن اُن وقت جي امير ۽ جابر طبقي ۽ عوام ۾ هيا، جيئن ان دؤر جي ٻي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. خاص ڪري الڪيئس جي. بهرصورت سندس مڙس ۽ ياٺرن جي ڪارنامن ڪري هوءَ ڪجهہ وقت جلاوطنيءَ ۾ رهي ۽ ڇهين صدي ق.م ۾ اٽليءَ تائين شهر بدر تي پڪندي وتي. هوءَ تيستائين زنده رهي، جيستائين هن کي احساس ٿيو تہ پيري اچي وئي آهي ۽ 565ق.م ۾ مري وئي.

1900صديءَ تائين سئفو جي شاعريءَ جي باري ۾ معلومات نقط اُنهن حوالن مان ملي ٿي جي قديم مصنفن ڏنا آهن، پر ان کان پوءِ ڪيترن ئي هٿ تان ڪيئي ٽڪرا ورتا ويا آهن. اهي نظم ٽن قسمن جا آهن:

(1) اهي نظم جن جو هن جي ذات سان واسطو آهي.

(2) اهي نظم جيڪي گهٽ داخلي آهن ۽ جي لوڪ گيتن وانگر لڳن ٿا.

(3) ووام جا گيت.

انهن ٽُڪرن مان زياده تر انهيءَ مڪتب يا مجلس خاني سان واسطو رکن ٿا، جتي هو ليسباس جي وڏ-گهراڻن ڇوڪرين کي موسيقيءَ، راڳ ۽ شائستا ۽ وضعدار زندگيءَ جي تربيت ڏيندي هئي. انهن ڇوڪرين مان ڪجهہ سان هن جي دوستيءَ جا عشقيہ نظم منسوب ڪيل آهن. انهن جي اظهار ۾ ايتري شدت هئي، جيتري هن جي شادي تي مايوسيءَ ۾ هئي. شاديءَ جا گيت، سئفو جي شاگرديائين لاءِ لکيا ويا ها، يا تہ انهن جي

Gul Hayat Institute

شادين تي سنڌ جدائيءَ ۾ لکيا ويا ها، جڏهن اُهي سنڌو کي ڇڏي ويون هيون. ڪيئي گيت اهڙا ها جن ۾ زالون مردن تي نئوليون ڪن ٿيون ۽ انهن ۾ لوڪ گيتن جي سڳنڌ هئي.

پراچين دؤر ۾ سنڌو جي ذات کي سجاتو ۽ مڃيو ويو. هن جي جيڪا به ٿوري گهڻي شاعري فنا جي گهات کان بچي وئي آهي ڪنهن روحاني قوت سان تجلا ڏئي رهي آهي. روشن جا نقط به تي گيت سنڌي ۾ بچي ويا آهن مثلاً

هن دنيا جي ويراني ۾ منزل ملندي يا نه. يا 'او ساقيا' وغيره.

ته اُنهن ۾ اها امرجوتي ٻري رهي آهي، جنهن کي ذات چٽبو آهي. پلا ٻيڪس فقير جي به هڪ سٽ ٿي ته امر آهي.

'ساجن سائين سير ڪرڻ لئه آيو تي انسان'

۽ اُها پوري 'ارمغان – حامد' تي ڀاري آهي.

سنڌو جا تيز ۽ تندُ ترنگ ۽ ڀاوَ، جذبا ۽ جوش ايترا ته گهرا هيا جو سڌي اظهار کان سواءِ اُهي ٻوليءَ ۾ اچي نه سگهن ها ۽ انهن جي جسماني ڏيکاري - پيڙا ۾ مورڇائپ، سُتجڻ ۽ سُن ٿي وڃڻ، لڇائيندڙ لهر، وجد، بيخودي - اهي سڀ جذباتي تصور جي ڳُهه ڳُتي جي جاءِ والارن تا جو اُتي پيار سان لازمي آهي. هر قسم جو حسن هن ۾ لرزش پيدا ڪندو هو، چاهي اهو انسان ۾ هجي يا فطرت ۾. هڪ ٽنڊڻ جي ڪل تي جا رنگا رنگي آهي، ان کان وٺي، هڪ ٿلاريل ٿولَ، سانجهيءَ جي تاري، هڪ اڪيلي گلابي صوف تائين جو چونڊي کان اُتاهون هجي. مطلب هن کي انسان ذات يا فطرت ۾ هر قسم جو حسن موهيندو هو: هن جي شاعري جي موسيقي غلطيءَ کان بعيد هئي ۽ ان جي بي ساخته رواني هن تي اهو قول صادق ڪري ٿي ته هوءَ شاعريءَ جي 'ڏهين ديوي' هئي. جي مان چوان ته مون اهڙي ديوي ڏٺي آهي، ته ان ڳالهه ۾ وڌاءُ نه آهي.

شاهه ولي الله (1703 کان 1762ع تائين)

Gul Hayat Institute

هن کي عظيم محدث ۽ جيّد عالم مڃيو ويندو آهي. هن جي پيءُ جو نالو شاهه عبدالرحيم هيو ۽ پنهنجو اصل نالو عظيم الدين هيس، پر شاهه ولي الله جي نالي سان مشهوري ماڻيائين. اُبتدائي تعليم گهر ۾ حاصل ڪيائين. سانير کان پوءِ نقشبندي سلسلي سان واڳجي ويو. والد جي وفات تي 17 سالن جي عمر ۾ هن مسند سنڀالي. به ڀيرا حج ڪيائين ۽ حديث جو علم حاصل ڪيائين. 1722ع ۾ دهليءَ واپس آيو ۽ پنهنجي والد جي قائم ڪيل مدرسي رحيمه ۾ درس و تدريس جو ڪم شروع ڪيائين، وري 1732ع ۾ جڏهن حرمين جي سفر کان واپس آيو ته هن اهي حالتون ڏٺيون، جڏهن هر طرف مرهٽا، سک، نادر شاهه جو حملو، هندي مسلم لاءِ ٿهر بڻيل هو. شاهه ولي الله انهن تمام ڪوششن ۾ دلچسپي ورتي جي هندستان ۾ اسلامي حڪومت کي بچائڻ لاءِ

ڪيون ويون. 1737ع ۾ قرآن پاڪ جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. انسائيڪلوپيڊيا آف اسلام ۾ لکيل آهي تہ هن کان پوءِ جيترن بہ علمي ۽ ادبي تحريڪن جنم ورتو، انهن ۾ هن جو وڏو حصو هيو. هن موطا (امام مالڪ) جون بہ شرحون عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ لکيون. فقه ۽ تصوف جو علم بہ حاصل ڪيائين ۽ ڪجهہ تصنيفون تہ خاص طور تصوف تي 'حجة الله بالغه' لکيائين، جنهن ۾ اسلامي شريعت تي بحث ٿيل آهي. هن قرآن پاڪ جي فارسي ترجمي تي جيڪو ديباچو لکيو هو، ان تي وڏو اختلاف ٿي پيو. ماڻهو هن جي جان جي خلاف ٿي پيا، پر هو طبعي طور گذاري ويو ۽ دهليءَ ۾ دفن ڪيو ويو.

مولانا شاهہ عبدالعزيز، مولانا شاهہ عبدالقادر، مولانا رفيع الدين، قاضي ثناءالله پاڻيپتي، شاهہ عبدالغني وغيره هن جي مشهور شاگردن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

جڏهن شاهہ ولي الله ڄايو هو تہ اورنگزيب جي عمر 85 سال هئي ۽ جيتوڻيڪ هُن مرهٽن سان جنگيون ڪيون هيون، پر هن کي ڪاميابي حاصل نہ ٿي هئي. انهيءَ جا ڪيئي سبب هئا. سڀ کان مکيہ ڳالهہ جا اسلامي حڪومت جي زوال جو سبب هئي، سا مغل اميرن ۽ لشڪرين جي ڪمزوري هئي. سپهہ سالارن ۽ سپاهين ۾ آرام طلبي، غداري، فرض نا شناسي ۽ خود غرضيءَ جهڙيون قبيح خصلتون گهر ڪري چڪيون هيون ۽ اخلاقي طرح هو پنهنجن مرهٽن مخالفن کان پٺ تي پيل هئا. مرهٽا هڪ زنده قوم هئا. مغل فوج ۾ غدار ۽ نمڪ حرام گهڻا هئا. 1704ع ۾ اورنگزيب جي هٿان ڏکڻ هندستان جا ڪيئي قلعا نڪري ويا. اڪرام الله رودڪوثر ۾ صفحي 318 تي لکيو آهي تہ "پڇڙ وارا ڏينهن تہ عجب معاملو آهي، اسلامي هندستان جو شيءِ کان وڌيڪ مذهب پرست اقتدار ۾ آهي، هر طرف اهلِ شرع جي ڳالهہ مڃي آهي، پر آهي انساني خوبيون، جن جي ڪري مذهب کي مفيد ليکيو ويندو آهي، گم ٿي ويون آهن ۽ بادشاهہ خود چوي ٿو تہ سچائي، خدا ترسي ۽ امانت داري ڪمياب آهن." ٿوري عرصي ۾ مغليہ حڪومت ڍهي ڍير ٿي پئي.

Gul Hayat Institute

شفائي

حڪيم شرف الدين شفائي، جنهن جو پيءُ اصفهان جو مشهور طبيب هيو. هن طب جي تحصيل پيءُ کان ڪئي ۽ خود بہ نامور طبيب هو ۽ شاهہ عباس جو تہ طبيب خاص هو ۽ هن جي بيحد عزت ڪئي ويندي هئي. شفائي رمضان ١٠٣٧هہ ۾ وفات ڪئي. طب تي هن ڪيئي ڪتاب تاليف ڪيا. هو هڪ قادرالڪلام شاعر بہ هو. شروع ۾ هن ڏوَ تي شاعريءَ ۾ پنهنجي همعصرن خلاف هجو لکي، پر آخر ۾ ان ڳالهہ کان تائب ٿيو. هن جي ڪلياتِ شعر قصيدن، غزلن، قطعن، رباعين ۽ ڪجهہ مثنوين تي مشتمل آهي.

شلر فريڊرڪ (Schiller)

شاعر، جماليات جو فلسفي ۽ جرمن ڊراما نويس. 1759ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1805ع ۾ گذاري ويو. هن پهرين قانون جي تعليم پرائي ۽ جيتوڻيڪ هن جو ارادو چرچ ۾ شامل ٿيڻ جو هو، پر پوءِ هن طب پڙهيو. 1780ع ۾ هن تعليم پوري ڪئي، ۽ هو هڪ ريجمينٽ ۾ سرجن ٿيو. شلر پهريون جرمن ڊراما نويس هو جنهن کي ملڪ کان ٻاهر به مڃتا ملي ۽ هن جي ڊرامن جا 200 ترجما رڳو انگريزيءَ ۾ 1792ع کان 1900ع تائين ٿيا. 19صديءَ جي جرمنيءَ جو نه رڳو هو اعليٰ ڊراما جو عيوضي هو، پر وچولي طبقي جو سڀ کان وڌيڪ مقبول شاعر به هو. اڄ تائين هو جرمن اسڪولن جو پسنديده شاعر آهي. هن جي شهرت لاءِ 3 ڳالهيون هيون. پهريون هن جي ڳالهه جي پرزور تظرئي پرستي (Idealism)، ٻيو هن جي تحرير ۾ ترنم، ٽيون هن جي هر ڪتاب ۾ آزاديءَ جي موجودگي.

هن جيڪي ڊراما لکيا، انهن ۾ پهريون 'ڌورو' The Robbers هيو، جو هن 1781ع ۾ لکيو هو. هن کان پوءِ هن ڪيترائي ڊراما لکيا ۽ جنهن ۾ فرد جا ذاتي جذبا ۽ قوم جي تقدير جي باري ۾ نهايت مؤثر اظهار هيا. هو تاريخ جو پروفيسر هيو ۽ هن ٽيهن سالن واريءَ جنگ جي تاريخ 1791ع کان 1793ع تائين لکي ۽ تاريخ نويس جي حيثيت ۾ مڃتا ماڻي. هن جماليات تي به رسالا لکيا، ۽ ڪانٽ جي فلسفي تي به لکيو، هن جي تحرير جي گوئٽي به حمايت ڪئي هئي. هن جي شاعري تخيل جي باري ۾ وڌيڪ آهي ۽ جذبات جي باري ۾ گهٽ. 1824ع ۾ بيٿوون پنهنجي نائينءَ سمفنيءَ ۾ هن جي ڊراما 'مسرت جو قصيدو' (جو هن 1775ع ۾ لکيو هو) کي پنهنجي موسيقي ۾ آندو هو.

هن پنهنجي دور جي حڪمرانن جو ڏاڍ، اجهلائي، گهڻ خرچي ۽ اوباش پڻو ڏٺو هو: لڪي ڇپي هن ان وقت جا انقلابي ڪتاب پڙهيا ها ۽ انهي تحريڪ کان متاثر ٿيو هيو، جنهن کي 'آنڌي ۽ ڀتوڙ' چوندا ها. هن انساني حقن جا ڪجهه متا پرجهي پروڙي ورتا ها، ۽ هن ۾ روايت ۽ رسم و رواج لاءِ نفرت پيدا ٿي هئي، جا ڪنهن حد تائين روسو مان نڪري ساري مغربي دنيا کي جهنجهوڙي رهي هئي. شلر زندگيءَ جا ڪافي لوڏا لمبا ڏٺا، لڏپلاڻ ڪئي، هن جا ويري وڌي ويا، ۽ هو اُجهي ۽ ٽيڪ جي ڳولا ۾ ڀٽڪندو رهيو. هن جو معاشقو به هن لاءِ دلگداز ثابت ٿيو. ٽيٽ هن 1885ع کان 1887ع تائين هڪ مداح وٽ، هن جي دعوت تي پناهه ورتي، جتي هن پنهنجي سياسي ۽ فلسفيانه خيالات ۽ انهن جي اظهار کي ترتيب ڏني ۽ ٺيڪ ٺاڪ ڪيو. آخر ۾ 1789ع ۾ ويمر ۾ آيو، پر ان وقت گوئٽي اٽليءَ ۾ هو. 1790ع ۾ 'مون هون' يونيورسٽي ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ۽ هن شارلوٽ سان شادي ڪئي. هن اتي رسالا به شايع ڪيا، جن ۾ هن جون ڪيتريون تصنيفون شايع ٿيون. 1788ع ۾ هن جي گوئٽي سان ملاقات ٿي ۽ ٻنهي جي دوستي ٿي وئي ۽ هن جي تعلقن جرمن ادب کي وڏو فائدو

پهچايو. ان کان پوءِ هن جي مالي حالت بہ ڪافي سڌري وئي. 1802ع ۾ روم جي شهنشاهہ هن کي اعزاز ڏنا. هن فلسفي ۽ خاص ڪري جماليات تي بہ ڪتاب لکيا. هن جو امير طبقي مان ڪو خاص سرپرست ڪونہ هو. هن 'ڊان ڪارلوس' ناٽڪ سان شروعات ڪئي، جيڪو پنهنجي دؤر جو هڪ تاريخي يادگار هو. شلر پنهنجا سڀ ڊراما آزاد نظم ۾ لکيا. مون پنهنجا ٽئي اوپيرا پابند نظم ۾ لکيا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو آهي تہ ڊراما ۾ آزاد نظم آزمائي ڏسان. شلر، شيڪسپيئر، رسائين * (Racine) ۽ ڪارلو گوزي * (Carlo Gozzi) جا ترجما بہ ڪيا. شلر جرمنيءَ جي ايندڙ نسل لاءِ هڪ املهہ ذخيرو ڇڏي ويو. اجا مهينو اڳي مون گوئٽي انسٽي ٽيوٽ ۾ شلر تي انگريزيءَ ۾ تازو لکيل هڪ وڏو ڪتاب ڏٺو هو.

شوپنهار

آرٿر شوپنهار جرمنيءَ ۾، 1788ع ۾ ڄائو ۽ 1860ع ۾ مري ويو. هن جا ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن، جن ۾ مشهور ترين "The world as will and idea" (دنيا ارادي ۽ تخيل جي حيثيت ۾) آهي. شوپنهار جي فلسفي جو ڪافي تفصيلي ذڪر مون هن ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

هو پنهنجي ڪمري ۾ زندگي ٽوڙي موت کي ۽ ڪرسٽ کي اوچي پهاڙ جي صورت ۾ ڏسي رهيو هو ۽ هن تي سوچي رهيو هو. هن پنهنجي اوائلي زندگيءَ ۾ ريفل جي مَڊونائن (بيبي مريم جي تصويرن) کي ڊريسڊن (جرمنيءَ جو شهر) جي آرٽ گئلرين ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڇتائي ڏٺو هو. ڪنواريءَ مريم جي جدا جدا چهرن ۾ ڇا لکيل هو، جيئن ريفل جهڙي عظيم مصور اُنهن کي ڏٺو هو؟ آرٽ فقط هڪ ئي ڇوٽڪارو آهي. هن اکٽ، اُٽُـٽـيءَ وهڪ مان آرٽ اُها نج ڪلپنا آهي جا سمٽ ۽ اوڪاش (زمان ۽ مڪان) جي اجهور کان ٻاهر آهي. صبح سان هن جي مڪان جي مالڪيائي در کولي اندر آئي ۽ هن کي چيائين تہ اوهان اڃا تائين وهنتا نہ آهيو. پوءِ هن ڪافيءَ جي ڪيٽلي هن جي پرسان رکي، پر شوپنهار جو من پنهنجي ڪمري کان ڏاڍو دور هو.

آرٽ؟ آرٽ جي ڇا معنيٰ آهي؟ اهو ڪنهن بہ فرد جو پنهنجيءَ شخصيت جو ترڪ آهي، هر ڪاريگر ۽ عملاتيءَ خواهش کان علحدگي، هڪ سا ڪراميٽڪ جو ڪنهن خود غرضيءَ بنا خيال ۽ ان تي مؤدب غور! عام ماڻهو پنهنجو ڌيان ان ڳالهہ ڏانهن ڏئي ٿو، جا هن جي انفرادي ارادي (Will) سان واسطو رکي ٿي، پر هڪ آرٽسٽ پنهنجيءَ جيءَ چاٽڻ کان پير ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ حقيقت کي ائين ڏسڻ چاهي ٿو جيئن اها آهي ۽ پوءِ هن

* رسائين: فرينچ اديب جو الميہ لکندو هو (1639ع کان 1699ع تائين)
* ڪارلو گوزي: (1720ع کان 1806ع تائين) اطالوي ڊراما نويس.

ڪي ائين محسوس ٿئي ٿو ته حقيقت ڪي ڪوئي مقصد نه آهي. اها ته ڪوئي خيال آهي، جيئن سچل سرمست چيو آهي:

'مئن تو ڪوئي خيال هان ملسان نال خيال دي'

هن دنيا جي اُها سمجهاڻي ڏيڻ سگهي آهي، جنهنجا اصطلاح ۽ لفظ هن جي خسيس خواهشن سان واسطو نه ٿا رکن. هن پنهنجي ارادي کي ذهن جي پاڪيزه، بنا ڪنهن رنڊ روڪ جي ڏاهپ هيٺ آندو آهي. هو پاڻ کان مٿي اُبريو آهي ۽ سياڻپ جي ڏيساندر ڏانهن ڏنو اٿائين، اڇا جي پهاڙي مٿان پري، شانتيءَ جي نظر - گهيري ٿائين. زندگي، محنت، موت، پُنر جنم.

'ڊاڪٽر شوپنهار!' مڪان جي مالڪياڻيءَ هن کي سڏيو، پر شوپنهار ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ هو گذاري چڪو هو.

شولوخوف، ميخائيل (1905ع کان 1984ع تائين)

روس جو وڏو ناول نويس. هن جو ڪتاب 'ڊان وهندو رهيو' (Quiet flows the Don)، مون قراة العين حيدر جي ناول 'آگ کا درياه' وانگر ٻه ڀيرا پڙهيو آهي. هڪ ڀيرو ڪاليج واري زماني ۾ پڙهيو هو ۽ ٻيو ڀيرو تڏهن پڙهيو هوم جڏهن مان ۽ رشيد ڀٽي 1970ع ۾ سکر جيل ۾ هوندا هياسين. اهو ڪتاب روسي انقلاب جي پس منظر ۾ لکيل هيو ۽ هن جا ٻيا ڪتاب 'انسان جي تقدير' (The fate of Man) 'نهور زمين وَلي وئي' (The virgin soil up turned) تهي مون کي ايترو ڪونه وڻيا، جيترو پهريون ڪتاب. جيتوڻيڪ اسٽالن جو ادبي نظريو ترقي پسند ادبي نگاري جو 1929ع ۾ وجود ۾ آيو ۽ جنهن جي معنيٰ اِها هئي ته حقيقت هر حال ۾ ترقي پسند آهي، پر ان ڳالهه جي سمجهاڻي ڪانهي ۽ نه ڪوئي ڏٺي سگهيو آهي. جيڪڏهن حقيقت لازمي طرح ترقي پسند آهي ته جرمنيءَ تي نازي تحريڪ ڪيئن ڇانئجي وئي ۽ انسان درندا ڪيئن ٿي پيا، جنهن وقت هٽلر، لينن گراڊ تي حملو ڪيو ته روسين کي ايترو مجبور ڪيائون جو هو آدمخوريءَ تي لهي آيا. پر انهيءَ نظريي جي خاموش اظهار جي باوجود شولوخوف جو هي ڪتاب عظيم آهي ۽ جيتوڻيڪ سوويت يونين جي ٽٽي وڃڻ کان پوءِ هن کي اتي يورپ جي ملڪن ۽ آمريڪا ۾ هاڻي ڪوئي نه پڙهندو، تڏهن به ٽين دنيا جا ملڪ هن مان اتساهه وٺندا رهندا. اهو ڪتاب 1928ع ۽ 1940ع واري عرصي ۾ لکيو ويو هو ۽ سوشلسٽ حقيقت نگاري جو هڪ وڏو ڪلاسڪ سمجهيو ويو هو.

انهيءَ ڪتاب تي 1965ع ۾ شولوخوف کي ادب لاءِ نوبل انعام مليو. هو ماسڪو کان 60 ميلن جي مفاصلي تي رهندو هو ۽ جڏهن مان 1976ع ۾ سوويت يونين جي اديبن جي سيڪريٽري کي چيو هو ته مون کي شولوخوف سان ملائي ته هن پهريائين 'ها' ڪئي هئي، پر پوءِ مجبوري پيش ڪئي هيائين. هن مون کي ٻڌايو هو ته شولوخوف روس

Gul Hayat Institute

جو امير ترين انسان آهي، ڇو جو هن جا ڪتاب ڪروڙن جي حساب سان وڪامندا آهن ۽ هن کي 60% رائلٽي ملندي آهي. بهرصورت تاريخ پاسترناڪ جي سياسي پيش بيني صحيح ثابت ڪئي آهي ۽ شولوخوف جا ڪردار حقيقت پسند نه پر رومانيت پسند ٿا نظر اچن، جن جي ساري قرباني ۽ خونريزي اجائي وئي. تاريخ جي دامن تي ان جا داغ سوين سال رهندا.

شيڪسپيئر، وليم (1564ع کان 1616ع تائين)

مشهور انگريزي ڊراما نويس ۽ شاعر. هن جا سڀ ڪتاب ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن ۽ سمورين زبانن ۾ هن جا ڊراما اسٽيج تي آندا ويا آهن ۽ جيڪي انگريزي اديب ٿيا آهن، انهن ۾ سڀني کان وڌيڪ هن جا حوالا ڏنا ويندا آهن. مان چوندو آهيان ته جي ٻه سئو سال ڪنهن شاعر جون ٻه سئو سٽون پائنده رهي سگهن ته هو عظيم شاعر آهي، جڏهن ته شيڪسپيئر کي ته پنج سئو سال ٿي ويا آهن ۽ هن جون انهن کان به وڌيڪ سٽون زنده جاويد آهن.

هو سٽراٽفورڊ ۾ ڄايو هو ۽ هڪ دستاني ساز جو پٽ هيو. 1582ع ۾ هن اٺتي هئٽ وي سان شادي ڪئي، جنهن مان هن کي 3 ٻار ٿيا. هو 1592ع کان وٺي لنڊن ٿيئٽر ۾ ڪافي سرگرم عمل هيو ۽ هن لارڊ چيمبرلين جي ماڻهن (جن تي 1603ع ۾ بادشاهه جا ماڻهو نالو پيو هو) لاءِ هڪ اداڪار ۽ ڊراما نويس جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو ۽ هو انهن جي ڪمپنيءَ جو مهندار هيو. 1599ع کان وٺي هو گلوب نالي ٿيئٽر ۾ حصيدار هو. ان کان اڳ مهامريءَ ۾ لنڊن جا ٿيئٽر 1592ع کان 1594ع تائين بند تي ويا ها. هن پنهنجا ٻه حڪايت وارا نظم 'ليوڪريسي سان زنابالجبر' ۽ عشقيه نظم 'وينس ۽ ائڊونس'* لکيا. انهيءَ دؤر ۾ 154 سانيٽ به لکيا، جي 1609ع ۾ شايع ٿيا ۽ جن مان ڪي ته هڪ مخفي عورت ۽ هڪ خوبصورت ڇوڪري ڏانهن لکيل هيا. شيڪسپيئر لاءِ چيو ويو آهي ته هو 38 ناٽڪن جو مصنف هيو يا ٻي ڪنهن سان گڏ انهن جو مصنف هيو. 1580ع کان 1594ع تائين شيڪسپيئر مختلف تجربا ڪيا. مزاحيه ۾ 'عشق اجايو ويو'، 'ٻڪ ڇڪ جو سوانگ'، 'ويرونا جو شريف ماڻهو' ۽ 'وات-ڏاريءَ کي هيرائڻ' لکيائين. ان کان پوءِ هن انگريزي تاريخ جي ڳوڙها ڦولها ڪئي ۽ 3 عدد ڪتاب لکيائين، جن ۾ چار سلسلي وار ناٽڪ (Tetralogy)هينري ڇهون (3 حصن ۾)، رچرڊ ٽيون شامل آهن. هن جو رت ڀياڪ 'ٽٽٽس انڊ رونيڪس' هن جا ڀهريان الميه ناٽڪ هيا.

1594ع کان 1599ع تائين شيڪسپيئر مزاحيه ناٽڪ ۽ تاريخ تي ڌيان ڏنو. انهيءَ دؤر جا مزاحيه ناٽڪ، 'وچ-اونهاري جي رات جا سپنا'، 'ونڊسر جون کِل مُنهيون

* ائڊونس: مشرقي، مصر ۽ ڪريٽ جو 7 ق.م ۾ ديوتا هو، جنهن جي باري ۾ ڪيئي ڏند ڪٿائون آهن.
* وينس:- يوناني ديوي، هن کي اڪثرو ٻانٽي به چوندا ها.

وَنيون‘، ’جيئن تنهنجي مرضي‘، ’وينس جو سوداگر‘، ’توريءَ ڳالھ کي ڳالهوڙو ڪرڻ‘ هيا. اُهي ناٽڪ هن جي خاص رومانوي انداز ۾ هيا، پر هن جي تاريخ تي مڪمل دسترس ٻين ٽن ڪتابن ۾ ملي ٿي جي آهن، رچرڊ ٻيو، هينري چوٿون (ٻن حصن ۾) ۽ هينري پنجون، ٻي دؤر ۾ ’بادشاھ جان‘ ۽ هڪ جذباتي الميو ’روميو ۽ جيوليٽ‘ شامل آهن. ٽين دؤر ۾ 1599ع کان 1608ع تائين شيڪسپيئر پنهنجي رومانوي طربيہ ڇڏي ڏني (سوا ٻارنهينءَ رات جي) ۽ الميا لکيا يا ٽٽڪائيندڙ ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ اونداها الميا، يا مسئلي خيز ناٽڪ تخليق ڪيا جي هيا، ’ماپ اُڌو ماپ‘، ’سڀ ڪجھ ٺيڪ آهي‘، ’ٽروئيلس ۽ ڪريسيڊا‘. هن جا وڏي ۾ وڏا چار الميا آهن: ’ڪنگ ليئر‘، ’مئڪبيٿ‘، ’هئمليٽ‘ ۽ ’آٿيلو‘ جيتوڻيڪ هن جا ٻيا ڪجھ رومن ناٽڪ بہ آهن جن ۾ اهڙو ئي زبردست ناٽڪ ’انٿوني ۽ ڪليوپيٽرا‘ آهن جنهن سان ’جيولس سيزر‘ ۽ ’ڪئرولينيس‘ آهن. انهيءَ دؤر ۾ الميو ’اٿينس جو ٽِمون‘ بہ لکيو ويو.

شيڪسپيئر جو آخري دؤر 1608ع کان 1613ع تائين هيو. جنهن ۾ هن نئين قسم جا مزاحيہ موضوع پنهنجي ناٽڪن ۾ شامل ڪيا. ’پيري ڪلز‘، ’سمبلين‘، ’سياري جي ڪهاڻي‘ ۽ ’طوفان‘ هن جي آخري رومانوي ناٽڪن مان مشهور آهن. شيڪسپيئر 1613ع ۾ گوشہ نشيني اختيار ڪئي ۽ فليچر نالي هڪ شخص سان گڏجي هينري اٺون ۽ ’ٻہ معزز رشتيدار‘ لکيو. شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ ڪيتريون ڪهاڻيون ’بنديلو‘ تان ورتل آهن ۽ هن جا تاريخي ڊراما نہ رڳو پلوٽارچ جي رومن اهلِ سياست جي سوانح حيات تان ڪنيل آهن، پر ريفل هولن شيڊ جي انگريزي تاريخ جي متعصب اظهار ’دي ڪرانيڪل‘ تان بہ ڪنيل آهن.

شيڪسپيئر جي بيپناھ شهرت جو سبب هن جا پيچ در پيچ ۽ قابلِ ياد ڪردار، انهن جي تند و تيز رفتار، جنهن ۾ منظر تيزي سان تبديل ٿي ٿيا، هن جا بيمثال استعارا ۽ پرپور ٻوليءَ رس ۽ سڀ کان وڌيڪ هن جو آزاد نظم هيو.

18صديءَ کان شيڪسپيئر کي انگريزي زبان جو وڏي ۾ وڏو ناٽڪ نويس ڪري ليکيو ويو آهي ۽ رومانيت واري دؤر ۾ هن کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو جينيس سمجهيو ويو آهي، ديوتا سروپ، اڪال ۽ سَرو ويُومڪ.

جديد راءِ ۾ هن کي ٿيئٽر جو هڪ نهايت عملي ماڻهو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن کي ٻوليءَ ۽ سياسي اقتدار جي وچ ۾ جو ڳانڍاپو آهي ان جي پوري ڄاڻ هئي. هن ننڍي کنڊ ۾ شيڪسپيئر جي ناٽڪن کي آغا حشر جي ناٽڪن واقف ڪرايو، جن ۾ مختيار بيگم جو بہ ڪاني هٿ هيو. ممڪن آهي تہ ان کان بہ ڪجھ اڳي مرزا قليچ بيگ هن جا ڪجھ ناٽڪ سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا هئا ۽ سنڌ جي پس منظر ۾ اپنايا هيائين. جيتري قدر مونکي ياد آهي تہ ’هئمليٽ‘ جو خوبصورت ترجمو تيرٿ وسنت ڪيو آهي، پر شيڪسپيئر جا پورا ڊراما نہ اردوءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن ۽ نہ سنڌيءَ ۾.

Gul Hayat Institute

شيلي، پرسي بشي(Shelly, Percy Bysshe) (1792ع کان 1822ع تائين)

انگريزي زبان جو عظيم شاعر هو ۽ سياسي، سماجي مفڪر پڻ هو. هن ڪيٰ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان 1811ع ۾ "The necesity of Atheism" (ڪفر جي ضرورت) جي اشاعت تي يونيورسٽيءَ مان نيڪالي ڏني وئي. اهو هڪ اشتهار هو، جو مذهبي اعتقاد جي خلاف آهي ۽ هن جي اوائلي فلسفي جي باري ۾ آهي جو انسان جي، تڪميل ۾ اعتبار ڪري ٿو. 1813ع ۾ هن هڪ طويل نظم جي اشاعت خانگي طور ڪئي، جنهن پنهنجي دؤر جي ادارن کي تهس نهس ڪرڻ پئي چاهيو. هن جي تڙ تڪڙ ۾ هئريٽ سان شادي ٿي هئي، پر ان کان پوءِ هو ميري گاڊون کي ڀڄائي ويو ۽ انهيءَ جي ماتيلي ڀيڻ ڪليئر کي به ڪٺي ويو. 1816ع ۾ هن پنهنجا بيانيہ نظم (Narrative peoms) شايع ڪرايا ۽ شاعر بائرن سان سوئٽزرلينڊ ۾ اونهارو گذاريو ۽ پنهنجو مشهور نظم 'دانشورانہ حسن جو گيت'(Hymn to intellectual beauty) لکيو. سرءُ ۾ هيريٽ سمنڊ ۾ ٻڏي مري وئي ۽ ٿوري وقت کان پوءِ شيليءَ ميريءَ سان شادي ڪئي. 1818ع ۾ هو اٽليءَ ويا، جتي شيليءَ پنهنجون عظيم تخليقون سرجيون ۽ ان ۾ 'پراميٿيوٿس اڻ-ٻڌل' (Prometheus un bound) پنهنجو ترنم وارو ڊراما لکيو، جنهن مان هن جو تخليقي جينيس، انسان ذات سان پيار ۽ عقل سان وابستگي ظاهر آهي. 1819ع ۾ هن The mask of Anarchy (انارڪيءَ جو نقاب) لکيو. هن جا سياسي نظم 'آزاديءَ ڏانهن' (To liberty) ۽ 'نيپلس ڏانهن'(To Naples) ۽ هن جي ترنم وارا شاعريءَ جا حصا ڏيکارن ٿا تہ هن کي ٻولي تي وڏي پهچ هئي، ۽ هن جو تخيل نهايت عظيم هو. ان کان پوءِ هن 1819ع ۾ پنهنجو ٿي ايميو "The Cenci" لکيو جو اخلاقيات ۾ بگاڙ جو ذڪر ڪري ٿو. 1821ع ۾ هن "Adonais" نظم لکيو، جو شاعر ڪيٽس (Keats) جي موت تي مرثيو آهي ۽ جو سونهن جي امرتا جي باري ۾ آهي. 1825ع ۾ هن 'زندگي جي فتح' (The triumph of life) نظم لکيو، جنهن ۾ سمنڊ جو منظر جادو نگاري سان پيش ڪيو ويو آهي. 29 ورهين جي عمر ۾ هو سمنڊ ۾ ٻڏي ويو، جڏهن هن جي هڪ ننڍي ٻيڙي "Ariel" ٽسڪني (Tuscan) جي ڪناري کان ڪجهہ پري طوفان ۾ اونڌي ٿي پئي. هن جا نثر ۾ ڪتاب هيا.

'سڌاري جو فيلسوفانو نُڪتہ نگاهہ' جو 1830ع ۾ لکيو ويو ۽ 'شاعريءَ جي بچاوَ ۾' جو 1821ع ۾ لکيو ويو، جنهن ۾ هن شاعرانيءَ تخيل ۽ جذبي تي بحث ڪيو آهي.

شاعري جي دفاع ۾ هن هڪ هنڌ لکيو آهي تہ؛

"The peotry is the record of the best & happiest moments of the happiest & best minds ... peots are the un-acknowledged legislators of the world"

Gul Hayat Institute

(شاعري سيني کان بهترين ۽ مسرت وارن ذهن جي لمحن جو بهترين ۽ وڌيڪ مسرت وارو يادگار آهي .... شاعر دنيا جا غير تسليم شده قانون ساز آهن.)

شيلي لسانيات جو وڏو ماهر به هيو ۽ هن يوناني، اطالوي، هسپانوي ۽ المانوي ٻولين مان شاعريءَ جو روح پنهنجي ادب ۾ آندو هو. شيلي جي صوتي تاثر تي جيترو عبور هيو اهو ڪنهن کي به ورلي هوندو ۽ هن پنهنجي ترنم ۾ ٻيون به ڳالهيون پيدا ڪيون، جي هيون ڳهاڙيٽي جي جان، تک ۽ رنگ رس.

هن جا تصور هوبهو تصوير ڪشي ڪن ٿا، جيتوڻيڪ هو عام ڳالهين سان واسطيداري رکن ٿا. مثلاً هوائون، سُڪل پن وغيره يا

"an enchanted boat which like sleeping swan doth float
upon the silver waves of thy sweat singing"

(هڪ ساحريءَ هيٺ آيل ڪشتي جا هڪ راج هنس وانگر لڙهي رهي آهي، تنهنجي مذر گيت جي روپهري لهرن تي؛)

ان سان گڏ هن جي آدرش وادي طبيعت هن جي شاعريءَ تي هڪ سماجي ڇاپ ڇڏي ٿي. ڇا نه شعر آهي:

"The desire of the moth for the star
of the night for the morrow
the devotion to some thing a far
from the sphere of our sorrow"

(تنگ جو تاري لاءِ چاهه رات جو ڏينهن لاءِ ڪنهن پرانهين جي پرستش، اسان جي ڏک جي دائري مان.)

اڄڪلهه جيڪي نثري نظم لکن ٿا، انهن کي شيلي پڙهڻ گهرجي ته جيئن هنن کي خبر پئجي سگهي ته ترنم واري شاعري ۾ ڪيترو جادو ٿئي ٿو ۽ نثري شاعري اُن جي دز کي به ڇهي نٿي سگهي.

Gul Hayat Institute

علامه اقبال (9 نومبر 1877ع کان 21 اپريل 1938ع تائين)

جديد اسلامي دنيا جو مفڪر مڃيو ويندو آهي. فارسي ۽ اردو زبانن ٻنهي ۾ شعر چيو اٿائين. هو پاڪستان جي تصور جو خالق هو ۽ فلسفي، وڪيل ۽ استاد هيو. سيالڪوٽ ۾ ڪشميري خاندان ۾ شيخ نور محمد جي گهر پيدا ٿيو. هن جي خاندان 18صديءَ عيسوي ۾ اسلام قبوليو هيو. هن جو ڏاڏو سدائين سيالڪوٽ ۾ رهندو هو ۽ والد بزرگوار جيتوڻيڪ اڻ پڙهيل هو، پر صوفيائي ۽ فلسفيائي مزاج جو ماڻهو هيو، جنهن جي روزگار جو ذريعو هٽ جو هنر هيو ۽ اقبال جي پيدائش کان اول هڪ ڊپٽيءَ وٽ نوڪري ڪئي هيائين. اقبال کي به ڀائر ۽ چار ڀينرون هيون ۽ پاڻ سيني کان ننڍو هو. سيالڪوٽ ۾ ميٽرڪ ڪيائين، ايف اي (انٽر) امتحان اسڪاچ مشن ڪاليج سيالڪوٽ

مان ڪري گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۾ داخل ٿيو، ان کان اڳ ۾ ڪيس وظيفا حاصل ٿيا. انگريزي ۽ عربيءَ ۾ جيڪو مضمون لکيائين، تنهن تي سونا ٻِلا پڻ هن کي مليا. 1899ع ۾ هن فلسفي ۾ ايم.اي ڪئي ۽ پهريون نمبر آيو. مولانا مير حسن جو هن جي تربيت ۾ وڏو هٿ هيو، جو هن جو عربيءَ ۽ فارسيءَ جو استاد هيو. چيو وڃي ٿو تہ ان ڪري اقبال تيستائين 'سر' جو خطاب حڪومت کان قبول نہ ڪيو، جيستائين مولانا کي 'شمس العلماءُ' جو لقب نہ ڏنو ويو. گورنمينٽ ڪاليج ۾ اقبال جو فلسفي جو استاد پروفيسر آرنولڊ هو، جنهن سان اقبال جي چڱي عقيدت هئي. هن سان ايترو گهرو تعلق ٿي ويس جو آرنولڊ جي انگلنڊ وڃڻ کان پوءِ اقبال بہ انگلنڊ هليو ويو. ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ اقبال اورينٽل ڪاليج ۾ عربيءَ ۾ اسڪالر مقرر ڪيو ويو. اسلاميا ڪاليج ۽ گورنمينٽ ڪاليج ۾ انگريزيءَ ۽ فلسفي جو استاد پڻ هيو. 3 جون 1903ع تي گورنمينٽ ڪاليج ۾ فلسفي جو اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ 1905ع ۾ 3 سال موڪل وٺي انگلنڊ هليو ويو. هن جي شاعريءَ جو آغاز داغ دهلويءَ جي زماني ۾ ٿي چڪو هيو. هو داغ دهلويءَ کان اصلاح وٺندو هو. 1895ع ۾ جڏهن اقبال هڪ طرحي غزل پڙهيو. جنهن ۾ هڪ شعر هيو:

'موتي سمجھ کے شان کريمي نے چن لئے
قطرے جو تهے مري عرقِ انفعال کے.'

تہ ٻڌندڙ تڙبي اٿيا. 24 نومبر 1900ع ۾ انجمن حمايت- اسلام جو جلسو ٿيو، جنهن لاءِ اقبال پنهنجو نظم 'نالئہ يتيم' لکيو ۽ اهو ڏاڍو مقبول ٿيو. اهڙي ئي هڪ جلسي ۾ هُن پنهنجو نهايت مشهور نظم 'هماليا' پڙهيو. 1901ع ۾ شيخ عبدالقادر مخزن نالي رسالو شروع ڪيو، جنهن ۾ اهو نظم شايع ٿيو ۽ اقبال جي اردو شاعريءَ جو عوامي آغاز ٿيو. انگلنڊ ۾ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۽ جرمني ۾ ميونخ يونيورسٽيءَ ۾ اعليٰ ڊگريون حاصل ڪيائين. اتي انگلنڊ جي مشهور مشرق جي ڄاڻو نڪلسن، پروفيسر براؤن ۽ سورلي کان علم پرايائين. انهن ڏينهن ۾ هو بئريسٽر ايٽ لا بہ ٿيو ۽ جرمني مان پي.ايڇ.ڊي جي ڊگري بہ ورتائين. ايران ۾ هن جو مابعدالطبعيات تي ڪتاب بہ شايع ٿي چڪو آهي.

اقبال 3 سال يورپ ۾ رهي 1908ع ۾ وطن واپس وريو ۽ وڪالت شروع ڪيائين. ان وقت هن جي قومي نظمن جو آغاز ٿي چڪو ۽ 'بانگِ درا' ۾ جي نظم شامل ڪيا ويا آهن، انهن ۾ 'هماليا'، 'نيا شوالا'، 'ميرا وطن وهي هے' جهڙا قومي نظم شامل ڪيا ويا آهن. هن شڪوه ۽ جواب-شڪوه بہ لکيو ۽ هن جي پيروي ڪندي حيدر بخش جتوئي صرف شڪوه لکيو تہ هن تي ڪفر جا الزام مڙهيا ويا. مان جڏهن پنجون درجو پڙهندو هيس، تڏهن اقبال جا هيٺان ڪتاب پڙهي چڪو هوس.

- بانگِ درا (جو 1924ع ۾ شايع ٿيو)

Gul Hayat Institute

- بالِ جبريل (جو 1935ع ۾ شايع ٿيو)
- ضربِ ڪليم (جو 1936ع ۾ شايع ٿيو)

انهن کان سواءِ مئٽرڪ کان اڳ ۾ مان هن جا سمورا فارسي ڪتاب، 'پيام مشرق'، 'اسرار-خودي'، 'رموز- بي خودي'، 'زبور-عجم'، 'جاويد نامہ'، 'پس چه بايد کرد ا اقوامِ شرق'، 'ارمغانِ حجاز' پڙهي چڪو هوس. منهنجي زال جي مامي شيخ واجد علي مون کي هن جي انگريزي ڪتاب:

"Reconstruction of religious thought in Islam" بہ ڏنو هو.

مون ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي گائيڊ ڪري علامہ اقبال تي Ph.d لاءِ ٿيسز لکڻ چاهي پر ٿورڙي عرصي کان پوءِ گربخشاڻي گذاري ويو ۽ اها ٿيسز شروع ۾ رهجي وئي.

علامہ اقبال لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن فلسفهءِ خوديءَ جو تصور برگسان جي تخليقي ارتقا (Creative evolution) تان ورتو هو ۽ انسان ڪامل جو تصور نٽشي جي Super man تان ورتو هيو، پر اسلامي مؤرخ ان ڳالهہ کان انڪاري آهن ۽ هو چون ٿا تہ Super man جو تصور اقبال، روميءَ تان ورتو هو، جنهن جو هڪ شعر آهي:

دي شيخ با چراغ همي گشت گردِ شهر
کز دامر و دد ملولمر و انسانمر آرزو ست

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ سائنس ۽ فلسفي کي علامہ، اسلام جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو تہ لينن ۽ مارڪس کان بہ ايترو متاثر هيو، جو لينن لاءِ گيت لکيو هيائين:

'اٹهو ميري دنيا کے غريبوں کو جگادو'

۽ مارڪس لاءِ چيائين:

'نيست پيغمبر و ليڪن در بغل دارد ڪتاب'

پر ضياءَ جي دؤر ۾ هن کي جمهوريت جو مخالف ثابت ڪيو ويندو هو ۽ هن لاءِ اهو شعر ثابتي طور ڏنو ويندو هو تہ:

گريز از طرزِ جمهوري، غلامِ پخته ڪاري شو
ڪ از مغزِ دَوسدخر، فڪرِ انساني نمي آيد.

(جمهوري طرز کان بچ ۽ ڪنهن پختہ ڪار جو غلام ٿي، ڇو جو بہ سئو گڏهن جي دماغ مان انسان جو فڪر نٿو اچي.)

اهو شعر جڏهن ڪنهن مونکي پڙهيو هو تہ مون ڪيس مُرڪي جواب ڏنو هو تہ بہ سئو گڏهہ تہ ڇا ۾ لک گڏهہ بہ انسان جو دماغ پيدا نہ ڪري سگهندا، پر وري بہ بہ سئو گڏهہ هڪ گڏهہ کان چڱا آهن.

علامہ اقبال تڏهن گذاري ويو، جڏهن مون اڃان مئٽرڪ جو امتحان نہ ڏنو هو.

Gul Hayat Institute

عمر خيام

ابن الفتح عمر بن ابراهيم خيام فارسيءَ زبان جو هڪڙو عظيم، عالمي شهرت جو مالڪ شاعر ۽ رياضي ۽ هيئيت جو ماهر هو. طغرل جي حڪومت جي دؤر ۾ هو 1039ع ۾ هُن جي ڳوٺ نيشاپور ۾ پيدا ٿيو هو. هن جو پيءُ خيما سبندو هوءِ ان ڪري ئي هن کي خيام سڏيو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي خيمي سبڻ وارو. اهو نالو عمر سان ڳنڍجي ويو، تنهنڪري هو عمر خيام جي نالي سان سڃاتو ويو. عمر خيام جي شعري عظمت جو اعتراف نه فقط مشرق ڪيو آهي، پر مغرب به ڪيو آهي. هن جون فارسي رباعيون دنيا جي گهڻو ڪري هر مهذب زبان ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن. شعر جو ذوق رکڻ وارا عمرخيام جي شاعري مان لطف وٺندا آهن. مونکي مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان اڳ ۾ خيام جون سڀ رباعيون ياد هونديون هيون. شاعريءَ ۾ انهن رباعين جو مقام ايترو بلند آهي ۽ هُن کي شاعر جي حيثيت ۾ اهڙي لازوال شهرت حاصل آهي جو شعرَ ۽ ادب جي محفل ۾ جيڪڏهن عمر خيام جو ذڪر هڪ سائنسدان جي طور ڪيو ويندو آهي، ته ٻڌندڙن کي حيرت وٺي ويندي آهي. جيتوڻيڪ شاعري، جنهن عمرخيام جي موت کان پوءِ هن کي دائمي شهرت ڏني، خود هن جي زندگي ۾ فقط فرصت جي وقت گذارڻ لاءِ هئي ۽ هو رياضي ۽ هيئيت جو ڪامل ماهر هيو ۽ هن کي سلجوقي دؤر جو سڀ کان وڏو سائنسدان مڃيو ويندو آهي.

علم ۽ فن حاصل ڪري عمرخيام ترڪستان هليو ويو، جتي هن وڏيڪ تربيت ورتي ۽ پوءِ بخارا جي خاقان جي دربار ۾ پهتو. بعد ۾ شاهه سلجوقيءَ هن کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو ۽ شاهي رصدگاهه (Observatory) جي تعمير هن جي سپرد ڪئي. عمرخيام کي ابن–سينا جي ويجهڙائي ته نه ملي سگهي، ڇو ته هن جي ڄمڻ کان 2 سال اڳ ابن سينا مري چڪو هيو، پر هن جي شاگردن کان عمرخيام رياضي، هيئيت ۽ فلسفي جا سبق ورتا. ان ڪري هو ابن–سينا جي فلسفي کان ڏاڍو متاثر نظر اچي ٿو ۽ هُن کي پنهنجي تصنيفن ۾ استاد ڪري ڪوٺيو اٿائين.

هن طب جي تعليم به ورتي هئي. هن ڪيئي ڪتاب تصنيف ڪيا، پر جيڪي ماڻهو اقتدار ۾ هيا، اُنهن هن ڏانهن توجهه نه ڏني. ان ڪري خيام جي دل ڪَٽي ٿي پئي ۽ هو سمرقند هليو ويو، جتي هن جو ڪافي قدر ٿيو. اتي هن پنهنجي مشهور تصنيف 'جبر و مقابلہ' لکي. هن الجبرا تي به ڪجهه ڪتاب لکيا. جيئن ته هو طب تي ڪافي دسترس رکندو هو، بادشاهه جي دربار ۾ هن جي سڃاڻ هڪ طبيب جي حيثيت ۾ ٿي. هن ڪيترائي ماڻهو شفاياب ڪيا ۽ ان کان پوءِ هن کي شاهي عهدي تي سرفراز ڪيو ويو.

آخري وقت ۾ ملڪ شاهه سلجوقيءَ اصفهان ۾ هن لاءِ هڪ رصدگاهه تعمير ڪرائي، جنهن ۾ عمر خيام کي هڪ اعليٰ آفيسر جي حيثيت ۾ مقرر ڪيو، جتي هن پنهنجون تخليقاتي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون.

Gul Hayat Institute

مون عمر خيام تي هڪ انگريزي ناول ۾ پڙهيو هو تہ غزالي جي چرچ تي هن جو رصدگاهہ جلايو ويو. ڇٽي نٿو سگهجي تہ اهو ڪيتري قدر درست آهي.

1131ع ۾ هو گذاري ويو ۽ نيشاپور جي قبرستان ۾ دفن آهي.

مان جڏهن ننڍو هوس تہ منهنجي پيءُ وٽ ڪيئي قانون جا اردو ڪتاب ۽ اردوءَ ۽ فارسيءَ جون ڊڪشنريون هونديون هيون، جي هن پنهنجي جهان گرديءَ جي دوران حيدرآباد دکن ۾ خريد ڪيونهيون.

هن وٽ جيڪي شاعريءَ جا ڪتاب هُيا تن مان ٻہ هو ساهہ سان سانديندو هو ۽ اُهي هيا ديوانِ حافظ ۽ رُباعيات عمر خيام. مون کي فرسٽ ايئر تائين اهي ٻئي ڪتاب ياد هوندا ها. ٻنهي جي اردوءَ ۾ معنيٰ ڏنل هئي. انهن ڪتابن مان ديوانِ حافظ اڃان مون وٽ آهي.

مون وٽ جو عمر خيام جو جيڪو نسخو هو، انهيءَ ۾ پهرين رُباعي ٿي گهوماٽي ڏيندڙ هئي:

آمد سحري صداز ميخانئہ ما
کاي رندِ خراباتيءَ ديوانئہ ما
برخيز کہ پُر کنيم پيمانہ زمي
زان پيش که پُر کُنند پيمانئہ ما

(صبح جو ميخاني مان صدا آئي،
تہ اهي منهنجا رندِ خراباتي، اي منهنجا ديوانا
اُٿ تہ مئي سان پيمانو ڀريون،
اِن کان اڳ ۾ جو اسان جي زندگيءَ جو پيمانو ڀري ڇڏين!)

اردوءَ جي شاعر آغا شاعر قزلباش، عمر خيام جو منظوم ترجمو ڪيو هو جو مون پنجين درجي ۾ پڙهيو هو. ڪراچيءَ ۾ هن جو پٽ 'ڪتاب محل' جو مالڪ هو. جڏهن هن مون کي ٻڌايو تہ هو آغا شاعر قزلباش جو پٽ آهي (۽ پيءُ واريءَ دليءَ مان اڃا نہ نڪري سگهيو هو ۽ اتان جا لطيفا ٻڌائي رهيو هو)، تڏهن مون هن کي ٻڌايو تہ مون ننڍي هوندي هن جي پيءُ جو منظوم ترجمو پڙهيو هو تہ اِهو ٻڌي هو حيران ٿي ويو هو.

غالب

بهادر شاهہ ظفر جي زماني ۾ دربار سان ڪجهہ واسطو رکندو هو، جيتوڻيڪ ظفر جو استاد محمد ابراهيم ذوق هيو، جنهن کي غالب سان رقابت هئي. ديوانِ غالب، بيخود دهلويءَ جي ترجمي سان مون تڏهن پڙهيو هو، جڏهن ڇوٿين انگريزي ۾ پڙهندو هوس ۽

Gul Hayat Institute

چوٿين درجي ۾ مون کي غالب سچو ياد ٿي ويو. جيتوڻيڪ ايم-اي پاس ۾ غالب جا چار شعر سمجهي نه سگهنديا آهن، ڇو ته غالب جي پنهنجي ٻولي آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن مهل اسي فيصد فارسي لفظ هوندا آهن ۽ ويهه فيصد اردوءَ جا لفظ هوندا آهن. مثال طور:

ڪاوَ ڪاوَ سخت جانيهائے تنهائي نه پوچهه
صبح ڪرنا شام سے لاتا هے جوئے شير ڪا.

هاڻي ان شعر ۾ پهرين سٽ ۾ صرف 'نه پوچهه' اردو آهي، باقي ٻيا سمورا لفظ فارسي آهن. حالانڪه اهو نهايت سهڻو شعر آهي ۽ هن جو ان روايت ڏانهن اشارو آهي جا فرهاد جي باري ۾ آهي ته هن ڪي ڪوه-بي ستون کي ڪٽي ان مان کير جي ندي وهائڻي هئي جا شيرين جي محل تائين پهچڻي هئي. شيرين ان دؤر جي حاڪم خسرو پرويز جي داشته هئي ۽ فرهاد جي محبوبا هئي، جنهن کي هن حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو. انهيءَ کير جي نهر وهائڻ لاءِ هن کي جبل ٽاڪڻو پوندو هو ۽ غالب چوي ٿو ته، "منهنجي اڪيلائي جي سخت جاني واري ڪوشش مون کان نه پڇ! شام کي صبح ڪرڻ جڻ کير جي ندي کوٽڻ جي برابر آهي."

منهنجي نظر ۾ غالب برصغير ۾ تصور ۽ تمثال جو ماهر هيو. پر هن جي ٻولي برصغير جي ٻولي ناهي، ڇاڪاڻ جو هن جو ٻيءُ ايران مان آيو هيو ۽ غالب خود پارسيءَ ۾ ديوان لکيو آهي. پاڻ لاءِ هڪ هنڌ لکيو اٿائين:

'فارسي بين تابه بيني نقش هائے رنگ رنگ
مجمع اردو چه بيني آن ڪه بے رنگے مَسنت'

(منهنجي فارسي شعر کي پڙهه ته توکي رنگا رنگ نقش نظر اچن، منهنجي اردوءَ جو مجموعو ڇا ٿو پڙهين؟ اهو ته منهنجي هڪ بي رنگ شيءِ آهي.)

دور جديد ۾ غالب کي به شاهه لطيف وانگر ٿوڙي مروڙي هڪ ترقي پسند بڻايو ويو آهي. مان غالب تي لکڻ چاهيان ته مسلسل 400/300 صفحا لکي سگهان ٿو، پر هتي ايتري گنجائش نه آهي. مونکي اڄ ته هن جا ڪيترا فارسي شعر ياد آهن، پر انهيءَ مان هينيان ٻه شعر ڏايو وڻندا آهن:

بيا ڪه قائده آسمان بگردا نيم
قضا به گردشِ طَلِ گران به گردا نيم

(اچ ته آسمان جي قاعدي کي بدلايون ۽ قضا کي اٿين ڦيرايون، جيئن هڪ ڀريل جام کي محفل ۾ ڦيرايو ويندو آهي.)

راه زين ديده وران پُرس ڪه دِر گرم رَوي
جاده چون نبضِ تپان در تَنِ صحرا بيننه

(راهه هنن ڏيده ورن کان پڇ جي پنهنجي پچ ڊوڙ ۾ رستي کي صحرا جي تَن ۾ هڪ ٽپندڙ نبض وانگر ڏسن ٿا)

غالب تي گهڻو ڪري جيڪي به ڪتاب لکيا ويا آهن، سي مون وٽ آهن. پهريون ته هن جي سخت بي قدري ٿيندي هئي ۽ هن جي ديوان جي پڻ مان پساري پڙيون ٻڌندا هئا، پر جڏهن حاليءَ هن تي ڪتاب 'يادگارِ غالب' لکيو ۽ عبدالرحمان بجنوريءَ يورپ مان موٽي غالب جي شعرن جي مغربي مصورن جي تصويرن سان ڀيٽ ڪئي ته غالب جي عظمت جو سڪو ويهاري ڇڏيائين.

بهرصورت جيسين اردو زبان جو تعلق آهي، غالب جي پائي جو شاعر پيدا نه ٿيو آهي، جيتوڻيڪ ميراجيءَ کي مان هند جي هندي آميز ٻوليءَ ڪري وڌيڪ اهميت ڏيندو آهيان.

فارابي (870ع کان 990ع تائين)

ابوالنصر محمد ترڪي نسل جو عظيم مسلمان فلسفي هيو ۽ مغرب جي دنيا ۾، لاطيني شڪل منجهه alpharabius (الفارابيوس) جي نالي سان مشهور آهي. پنهنجي وطن ايران ۽ ترڪستان ۾ علم حاصل ڪيائين ۽ پوءِ قاضي جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. فارابيءَ عربي زبان تڏهن سکي جڏهن بغداد ۾ رهيو. انهيءَ زماني ۾ هن منطق ۽ فلسفي جو مطالعو به ڪيو ۽ يوحنا بن حيلان کان علم پرايائين. خليفي المقتدر جي زماني ۾ دين جا تنگ نظر خيال ڇانيل هيا. فلسفين ۽ آزاد خيال ماڻهن جي خلاف ڪارروايون ٿينديون هيون، اُنهن جي جبر سبب فارابي بغداد ڇڏي شام ويو، اتي حمداني خاندان جي امير سيف الدولا جي دربار ۾، جو حلب جو حڪمران هيو، هن جي ڪافي عزت ڪئي وئي. انهيءَ جي باوجود فارابيءَ انهيءَ امير کان صرف 4 درهم روزانه قبول ڪندي هن جي پاڇي ۾ اعتبار ۽ شرف جي زندگي بسر ڪئي. هڪ ڀيري هو امير سان گڏجي دمشق ويو، جتي هو وفات ڪري ويو.

فارابيءَ کي سڪون، تنهائي ۽ عزلت ۾ ويهي ڪم ڪرڻ جو شوق هوندو هيو. گهڻو ڪري هو باغن ۽ باغيچن ۾ گهمندو وتندو هو ۽ اتي ويهندڙ ماڻهن سان ڳالهين جي ڏي وٺ ڪندي نه گهبرائيندو هيو. هن پنهنجي هڪ نظم ۾ لکيو آهي "آنءَ پنهنجي گهر ۾ اڪيلائيءَ جي گوشي ۾ ويٺو آهيان، ڇو ته مون ڏٺو آهي ته زمانو پنهنجو مُنهن موت ۾ وجهي ويٺو آهي. صحبت مان ڪوئي فائدو نه آهي، جيڪي به ماڻهو وڏن عهدن تي آهن، اهي سڀ غم ۽ اندوهه جا شڪار آهن ۽ هر ڪوئي ڪنهن نه ڪنهن درد ۾ مبتلا آهي." اسان وٽ فارابيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات پوري نه آهي، پر اهو طئي آهي ته هو بغداد، حلب، دمشق ۽ مصر ۾ به رهندو هو ۽ هن هميشه پنهنجو ترڪي لباس ۽ وضع قطع قائم رکي هئي. فارابي اسلامي فيلسوفيءَ جو پهريون فيلسوف هو جو نه

Gul Hayat Institute

صرف مغرب جي علمي دنيا ۾ پر مشرق ۾ به ايترو مشهور ٿيو، جيترو ان جو معنوي شاگرد ابن سينا ۽ ابن رشد ٿيا. علمي فڪر جو سلسلو ته الڪندي کان شروع ٿيو، پر حقيقي علم جو بنياد فارابيءَ وڌو ۽ هو اسلامي فلسفي جي مڪتب جي بنياد رکندڙن مان آهي. فارابي خاص طرح علم منطق جي ذريعي علم فلسفي جو مطالعو ڪيو آهي ۽ ان کان پوءِ مابعدالطبيعات (Metaphysics) تي به غور ڪيو اٿائين.

فارابي، ارسطوءَ جون تصنيفون به عربيءَ ۾ ترجمو ڪيون. هن کي علم طب جو به شوق هيو. هو عربي زبان ۾ مشرقي فلسفي جي مڪتب جو باني ۽ اسلامي فلسفي جو مُوجد آهي. هن افلاطون جو به عميق مطالعو ڪيو هو. هو ڪيترن ئي تصنيفن جو منصف آهي. مون کي ياد ٿو پوي ته علامه اقبال ڪٿي شاعريءَ ۾ فارابيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. جوانيءَ ۾، مان ۽ غلام رباني، علامه آءِ.آءِ. قاضي جي گهر ويا هياسين جتي ٻين ڪيترين ڳالهين سان گڏ، هن فارابيءَ جو ذڪر به ڪيو ٿي ۽ هن کان متاثر نظر آيو ٿي.

فرانسز بيڪن

انگريز مدبّر سلطنت، مضمون نگار ۽ فلاسفر جيڪو 12 جنوري 1561ع ۾ لنڊن ۾ ڄايو هو ۽ 1626ع ۾ گذاري ويو. هو انگلنڊ جو لارڊ چانسلر هو، پر پوءِ هن تي ڪجهه الزام ڌريا ويا ۽ هُن کي پنجن سالن لاءِ جيل ۾ وڌو ويو. هن فلسفي تي ڪيئي ڪتاب لکيا آهن. هن لاءِ اهو به چيو ويو آهي ته شيڪسپيئر جا ڊراما هن لکيا ها، جيتوڻيڪ ان ڳالهه جي پوري ثابتي ناهي.

بيڪن تي هڪ پوري ڪتاب جي ضرورت آهي، جنهن جي هتي گنجائش نه آهي. هن جو مکيه ادبي ڪارنامو هن جا 'Essays' (مضمون) هيا، جن تي هُن ٿوريءَ ٿوريءَ وٿيءَ سان 28 سال ڪم ڪيو، ۽ جي هن 1597ع ۾ شايع ڪيا. اهي هُن سليس، پر مغز، مختصر ۽ مثلن سانَ ڀريلِ عبارت ۾ لکيا ها ۽ انهن کي تجلي دار ۽ تکن استعارن ۽ دانشورانه چٽائيءَ ۽ اوڪائي سان اجاريو هيو. بيڪن چوائيءَ اهي 'چَڙوچر انترڊيان' هيا. حرص هَوس، دوستيءَ، پيار، دولت، مطالعي، عزت، ناموس ۽ انساني زندگيءَ جي ٻين بنيادي ڳالهين تي انهن ۾ ٻڌيل ڳوتيل هدايت آهي، جنهن تي اڄ ڏينهن ٽيڻي آدرش واد ۽ آتي ڪوملتا جو ڪو اثر نه آهي. انهن ۾ هھڙيون چوڻيون آهن: (١) "هر اوچيءَ جڳهه تي پهچ لاءِ ور وڪڙ ڪاٽيندڙ، ڦيري واريءَ ڏاڪڻ جي ضرورت آهي." (٢) "جنهن کي ٻار ۽ زال آهن، تنهن اُهي نصيب کي يرغمال ۾ ڏنا آهن." انهن ٻن مثالن مان ئي هن جي عبارت ۽ ان جي مواد جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن جي ادبي ۽ سياسي ڪارگذارين جي باوجود، بيڪن جي خاص دلچسپي فلاسافي ۽ سائنس سان هئي. "سارو علم منهنجي حدِ اختيار ۾ آهي، منهنجي علائقي ۾ آهي." هو چوندو هو.

هن سموري زندگي تجربا ڪندي گذاري هئي ۽ آخري تجربو پنهنجي موت تي ڪيائين. ان لاءِ هن کي نه سون، نه چاندي، نه ريشم، نه ٻيون شيون مليون، جن جو هو

ساري عمر تمنائي رهيو هو. رڳو هن کي روشني ملي ۽ موت هن ڏانهن ايڏي نِوڙت سان آيو، جو هن جي اک ۾ نقط هڪ ڳوڙهو آندائين.

فيدو (Phado)

افلاطون جا مڪالما فيدو (Phado) تي ختم ٿين ٿا، جنهن ۾ سقراط تي مقدمي جي ڪهاڻي پوري ٿئي ٿي، ۽ سقراط زهر پيئي ٿو. مڪالمو اِيئين پيش نہ ڪيو ويو آهي، جيئن ٽيندو آهي، پر فيدو رپورٽ ڪيو آهي، جو سقراط جي شاگردن مان هيو ۽ سائس قيد ۾ پوئين ڏينهن تي بہ ڪنو هيو. جڏهن هن پنهنجو انت آندو. جي فيدو نقط ڪهاڻيءَ وانگر پڙهيو وڃي، تُڏهن بہ اهو ڪتاب ساري يوناني ادب تي حاوي آهي. اهو فلسفيَءَ افلاطون جي مابعدالطبيعات ۾، نهايت اهم ڪتاب آهي ۽ روح جي ابديت جي ثابتي پيش ڪري ٿو.

ڪارل مارڪس (1818ع کان 1883ع تائين)

سيني سوشلسٽ مفڪرن کان وڌيڪ اهم هو، جنهن مارڪسزم نالي خيالات جو ربط و ضبط ۽ ترڪيب و ترتيب ڪئي. پنهنجي دؤر ۾ هُن کي ڪَنُ نہ ڏنو ويو، پر جي سماجي ۽ اقتصادي نظريا هُن ڏنا، اُهي 1883ع ۾ هن جي موت کان پوءِ نهايت تيزيءَ سان ڦهلجي ويا ۽ بي اِنتها مقبوليت حاصل ڪيائون. 1991ع جي وچ تائين آڌوآڌ انسان ذات ۽ اُهي ملڪ جن ۾ اُها رهندي هئي، مارڪس کان متاثر هيا.

هو 5 مئي 1818ع تي آسودي وچولي طبقي واري يهودي خاندان ۾ جرمنيءَ جي رائين لئنڊ شهر ۾ پيدا ٿيو. هن جا ڏاڏاڻا ۽ ناناڻا، ٻئي يهودي رَبي هُيا، پر هن جو پيءُ جيڻوئيڪ هڪ مثالي روشن دماغيءَ (Enlightenment) جي دؤر جو تعقل پسند (Rationalist) هو، مارڪس کي بپتسمي کي هڪ پراٽيسٽنٽ جي حيثيت ۾ قبول ڪيو هيائين، چو تہ ائين نہ ڪري ها تہ هُن جي نوڪري هلي وڃي ها. سترنهن ورهين جي عمر ۾ مارڪس کي بان يونيورسٽيءَ ۾ قانون جي شعبي ۾ داخلا ملي، پر هو اُن ثقافتي رومانيت جي ماحول کان متاثر ٿيو ۽ ان جو خاص سبب اِهو بہ هيو تہ هن جو جينيءَ سان مڱڻو ٿيو، جنهن جو پيءُ اُتان جي سماج جو هڪ اهم فرد هُيو ۽ جنهن مارڪس جي رومانوي ادب ۽ سينٽ سائمن جي سوشلسٽ تحريڪ ۾ دلچسپي پيدا ڪئي هئي. ٻئي سال مارڪس کي هُن جي پيءُ برلن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي ڏني، جا دانشورانہ طور وڌيڪ سنجيدي هئي، جتي مارڪس چار سال رهيو. برلن ۾ هن رومانيت ڇڏي ڏني ۽ هيگل جي فلسفي کان متاثر ٿيو، جو ٿورو وقت اڳي مري ويو هو. هُن زياده وقت اُنهن نوجوان دانشورن سان گذاريو، جي هيگل جي اثر هيٺ ها ۽ جن جو اڳواڻ برونو باير هيو. اُهي هيگل جي جرمنيءَ جي مذهبي، سياسي ۽ فيلسوفاڻي نظرئي کي موڙ

ڏئي رهيا ها جو ظاهري طرح قدامت پسند لڳي رهيو هو ۽ جنهن جو هڪ ڀاسوتخريبي هُيو. پنهنجيءَ ڊاڪٽريءَ لاءِ ٿيسس (مضمون) پوري ڪرڻ کان پوءِ جنهن ۾ ڊيموڪرٽس ۽ ايپي ڪيورَس جا آئي جي باري ۾ نظريا ها، مارڪس کي يونيورسٽيءَ ۾ اُستاد جي نوڪريءَ جي اميد هئي، پر جڏهن بائر کي ڪُپٽي ويچارن سبب 1842ع ۾ نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو، تڏهن مارڪس اخبار نويسيءَ ڏانهن لاڙو رکيو ۽ 'رهائينش زيٽونگ' اخبار ۾ ليک لکڻ لڳو، جا هڪ ڪاهي ڌر جي آزاد خيال اخبار هئي، جنهن کي رهائين جا صنعتڪار مدد ڪندا هيا. ٿوري وقت ۾ هُو ان جو ايڊيٽر ٿيو، پر اُن تي سرڪار بندش وجهي ڇڏي، ڇو تہ اُن ۾ مارڪس موسل شهر جي انگور جي مالهين جي ڪنگالپڻ ۽ پوٺائيءَ تي، ۽ ڏک ۽ ڏوجهري جي باري ۾ گهڻي ڇنڊڇاڻ ۽ ڇوربور ڪئي. هن جي دوست فريڊرڪ اينجلز پوءِ چيو تہ، "اهو ڪارنامو مارڪس کي سياست مان اقتصادي تعلقات ڏانهن وٺي ويو، جي پوءِ سوشلزم جو بنياد بڻيا." 1843ع جي اونهاري ۾ هن جينيءَ سان شادي ڪئي ۽ هڪ وڏو قلمي نسخو لکيائين، جنهن ۾ هيگل جي اُن دؤر جي جرمن سياست ڪي، واضح طور رد ڪيائين. ڇاڪاڻ جو هو هائي جرمنيءَ ۾ بيروزگار هيو، هو فرانس ڏانهن لڏي ويو. دراصل اٿين ڪرڻ تي هُن کي ان ڳالهہ اُتساهيو تہ هو سوشلزم ۾ پنهنجي شروعاتي دلچسپيءَ کي اُڀتي وڌائي، ۽ هڪ رسالو ڪڍي، جنهن ۾ جرمن نظرئي ۽ فرانس جي ترقي پسند سياست کي ملائي، پيش ڪري. اُن وقت پئرس ۾ ڪيئي سماج وادي متيون هُيون، جي اُتي اُبڙڪا ڪاٽي رهيون هيون ۽ پئرس اُنهن جو مرڪز بڻجي چڪو هو. هُن اُن رسالي ۾ مضمون شايع ڪرايا، پر جڏهن جلاوطن جرمن ڪارڪن سان مليو ۽ جڏهن پئرس جي سياسي ماحول مارڪس تي تيزيءَ سان اثر ڪيو، تڏهن هو پاڻ سان گڏ ايڊيٽر 'آرنولڊ ريوگ' کان الگ ٿي ويو. 'ريوگ' ان وقت لکيو تہ، "هن وقت مارڪس ڏاڍو اونهو ايياس ۽ آڻ لپ ڇهرائيءَ سان پورهيو ڪري رهيو آهي ...... پر هُن پورو ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي، واري سان هر ڳالهہ وچ ۾ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ ڪتابن جي اڪٿ سمنڊ ۾ ٻيهر ٽُٻيون ڏئي ٿو."

1844ع ۾ مارڪس ڪيئي سلسليوار ليک لکي ورتا، جن تي 'اقتصادي ۽ فيلسوفاڻا نسخا' يا 'پئرس وارا نسخا' نالو ڏنائين، جن ۾ هن تطعي طور اشتراڪيت کي اپنايو. ساڳي سال جي سيپٽمبر ۾ هن فريڊرڪ اينجلز سان دوستي رکي، جنهن سان توڙ تائين نڀايائين. اينجلز جو پيءُ مئنچيسٽر جي صنعتي شهر ۾ هڪ ڪپهہ جي وڏيءَ ڪوٺيءَ ۾ ڀائيوار هو. هُن، مارڪس کي سرمائيداري ڪاروبار جي عملائتي ڄاڻ ڏني ۽ هن جي مالي مدد لاءِ هڪ هَڪيو ٽَڪيو ذريعو بہ پيدا ڪيائين. ٻنهي جي مترتا پڇاڙيءَ تائين هلي.

1844ع ۾ مارڪس کي پئرس- نيڪالي ڏني وئي، جنهن کان پوءِ مارڪس ساندهہ ٽي سال بروسيلز ۾ رهيو ۽ جتي هُن اقتصاديات جو مطالعو جاري رکيو، هو اينجلز جي سونهائڻ هيٺ انگلنڊ ويو، جتي لنڊن ۾ هو 'انصاف پسند ليگ' جي اڳواڻ

Gul Hayat Institute

سان مليو، جا جرمن ڪاسبين جو اڌ-ڳجهو ٽولو هُئي. بروسيلز ۾ مارڪس لڪپڙهه لاءِ ڪاميٽين جو تاڃي پيٽو ٺاهيو، جيئن هو جرمن، فرينچ ۽ انگريز ڪميونسٽن ۽ سوشلسٽن کي ڳنو رکي سگهي ۽ هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرائي سگهي ۽ هڪ ٻئي جي ڪاروائين جي باري ۾ سُڌ سماءُ ڏئي — ۽ پنهنجي تحريڪ ۾ نظرياتي اتحاد پيدا ڪري سگهي. 1847ع ۾ 'انصاف پسندن جي ليگ' کي وڌيڪ مضبوط نظرياتي بنيادن جي ضرورت محسوس ٿي. مارڪس ۽ اينجلز ٿي اهڙا اڏول ٿنيا هيا، جن کي جڏهن ليگ ويجهو آئي ته هو پنيرائيءَ ۽ سهائتا لاءِ آتا نظر آيا. لنڊن ۾ ٻه ڪانگريسون ٿيون. اصولي طور مارڪس جا رايا ۽ خيال قبول ڪيا ويا ۽ تنظيم تي نئون نالو 'ڪميونسٽ ليگ' رکيو ويو ۽ مارڪس کي اختياري ڏني وئي ته اُن جي مَتن ۽ سٽاءَ کي لکت ۾ آندو وڃي. ان جو نتيجو 'ڪلاسيڪي ڪميونسٽ مئني فيسٽو' ٿيو ۽ اجان اُن جو مَسوَدو مس ٺاهيو ويو هو ته 1848ع ۾ پئرس ۾ ڦهريون انقلاب آيو. ڦهرين ته لوئي فلپ جي حڪومت ڪان پوءِ نئين آزادي پسند صوبائي حڪومت جي ڪوٺ تي مارڪس اُن شهر ۾ موٽي ويو. پر مارچ 1848ع تائين، انقلاب پرشيا تائين ڀچي چڪو هو ۽ برلن ۾ فريڊرڪ وليم چوٿين کي مجبور ڪيو ويو هو ته هُو چونڊيل پارليامان ۽ پريس کي آزادي ڏئي ۽ نئون آئين تيار ڪرڻ لاءِ اسيمبلي سڏائي؛ ان ڪري مارڪس يڪدم ڪَلون ويو، جو پَرشيا جي حڪومت هيٺ هيو. هُن پنهنجي اخبار نويسي جاري رکي ۽ هڪ نئين اخبار 'رهائنشي زيتنگ' ڪڍيائين، جنهن هن جي ادارت ۾، جرمن پورهيتن ۽ وچولي طبقي جي وڌيڪ ترقي پسند عنصر جي ٻڌيءَ کي اُتساهيو. سَرءُ تائين انقلاب کي فرانس ۽ آسٽريا جي سلطنت ۾ شڪست ملي چڪي هئي.

مارڪس اجان تائين اهڙيءَ ٻڌيءَ تي آڙيو بيٺو هو ۽ رڳو پورهيتن جي اميدوارن کي هَٿي ڏيڻ ڪان نابري واري هيائين. اپريل 1849ع ۾، جرمنيءَ ۾ انقلاب جي ڊينگو ڊيري ٿيڻ ڪان مهينو اڳ، هن پنهنجي حڪمت عمليءَ ۾ ڦيرو آندو ۽ پورهيتن جي الڳ سياسي ڪاروائيءَ جو پاسو ڪنيو. پر ان وقت ڏاڍي دير ٿي وئي هئي. پوءِ مارڪس پئرس موٽيو ۽ هن کي اِن ڳالهه تي ويساهه هو ته پرنڊڙ جبل جو مُنهن ڦاٽڻ وارو آهي ۽ اهڙو ڦاٽ اِن اڳ ڪڏهن به نه ڪاڏو هو، پر اهو ٻه ڪونه ٿيو. جولاءِ 1849ع ۾ هن جي شهر- نيڪاليءَ جو ٻيو حڪم جاري ٿيو ۽ آگسٽ ۾ مارڪس ساموندي رستي انگلنڊ روانو ٿيو ۽ وري هن جون جلاوطنيءَ جون سڪ ڦٽل، ننڊ اُڪريل ۽ اوجاڳيل راتيون شروع ٿي ويون. اُتي هن کي پيڙيندڙ پيهندڙ وِلهائيءَ ۽ اڻ-هوند ۾ گهارڻو پيو. هڪ ته مون وانگر مارڪس خرچ پکي جو ليکو چوکو رکي نه سگهندڙ هو، ٻيو ته هن جي آمدني به ڏاڍي گهٽ هئي. انگلنڊ ۾ پهچڻ ڪان ٿورو وقت پوءِ مارڪس کي چوٿون ٻار ڄايو. ٻه ٻيا ٻار به هن جي ڪٽنب ۾ وَڌيا، پر ترت ئي هن جا ٽي ٻار لاڏاڻو ڪري ويا. هن جون ٽي ڌيئرَ ساماڻيون ۽ هُن جو هڪ ري نڪاحيءَ مان پيدا ٿيل پٽ به بلوغت تي رَسيو، پر هو ڪنهن جو پٽ هو، اها ڳالهه اينجلز جي موت تائين ڳجهي رکي وئي.

Gul Hayat Institute

1886ع ۾ مارڪس، اينجلز کي لکيو، ”منهنجي زال بيمار آهي، ويچاري جيني بيمار آهي .... مان ڊاڪٽر گهرائي نه ٿو سگهان، ڇو ته مون کي علاج لاءِ پيسا نه آهن. ائين ڏهن ڏينهن کان مان پنهنجي خاندان کي روٽي ۽ پٽاٽا کارايا آهن.“

1856ع ۾ هن کي ڪجهه ملڪيت ورثي ۾ ملي ۽ هن گهر ڦيرايو جو ڪافي موڪرو هو؛ پر جنهن ڳالهه کي هن منهن مانَ لاءِ ضروري سمجهو، اُن هن جون مالي مشڪلاتون نئين سِر پيدا ڪيون. 1864ع ۾ ئي جڏهن هن جي ماءُ گذاري وئي، تڏهن اُن جي ورثي مان ۽ هڪ ڪامريڊ جي وفات کان پوءِ هن جي وصيت مان، هُن کي ايترو مليو جو هو بي فڪري زندگي گذاري سگهيو ٿي؛ پر جيئن مارڪس جون مالي پريشانيون هٽيون، هن جي صحت خراب ٿي پئي ۽ هن کي مٿي کان پيرن تائين ڦرڙيون نڪري آيون. انهن مونجهارن هوندي به، مارڪس کي هڪ حُبائتي گهري حياتي هئي. هو ٻارن سانُ راند روند ڪيڏندو هو ۽ سندس هر هفتو سير سَواد (پڪنڪ) ۾ ڪٽندو هو ۽ ٻچاڙي جو سڀ گڏجي شيڪسپيئر کي ڳائيندا ها يا اُن مان برزبان ٽڪرا ٻڌائيندا ها.

لنڊن اچي، مارڪس وَري ڪميونسٽ ليگ ۾ شامل ٿيو هو، ۽ وري صحافتي سرگرمين ۾ حصو ورتو هُئائين، پر اقتصاديات جي مطالعي هن کي ان نتيجي تي پهچايو هيو ته، ”هڪ نئين انقلاب جي، هڪ نئين بحران ۾ ئي امڪان ٿي ٿي سگهيو.“ ان کان پوءِ ڏهاڪو سال ٿُرت ۽ اثرائتي سياست کان گوشائتو ٿي ويو ۽ ’سرمائيداريءَ نظام جا مجموعي طور محرڪ قاعدا‘ ڳوليندو رهيو. ان وقت هُن جو ڪمائيءَ جو ڪٿتائتو ۽ سڌو سنئون ذريعو (اينجلز جي اِرسال کان سوا) اهي پيسا ها جي هن کي صحافت مان ملندا ها، جا سهيوڳي سياست جي باري ۾ هئي؛ هُو ’نيويارڪ ڊيلي ٽريبون‘ ۾ لکندو هو جا آمريڪا جي هڪ انتها پسند اخبار هئي ۽ جنهن جي سيني اخبارن کان گهٽي اِشاعت هئي. هن جا ڪيئي ليک آمريڪا جي گهرو لڙائيءَ تي هوندا ها. مارڪس کي (اينجلز هُن سان سُهمت نه هو) ترقي پذير اُتر ۾ وڏيڪ اُميد هئي، جو مجسم خودمختيار حڪومت جو بهترين طريقو هو ۽ هُن سمجهيو ٿي ته آخر ۾ اُهو کٽندو.

نيٺ مارڪس پنهنجيءَ صحافت کي پنهنجي مکيه ڪم ۾ روڪ ۽ مونجهارو سمجهيو جو اقتصاديات جي مطالعي مان نڪتل نتيجي جي مَسودي جي تياري هئي. هُن ڪيئي قلمي نسخا لکيا، جي هن جي وفات کان پوءِ ڇپيا ۽ مارڪس ’ڪئپيٽل‘ جو فقط پهريون حصو مڪمل ڪري سگهيو. انهيءَ ڪم لاءِ، هن دعويٰ ڪئي ته ”هُن پنهنجي صحت، خوشي ۽ خاندان قربان ڪيو هو.“ ان جو هڪ سبب ته اِهو هيو ته هو لنڊن ۾ پهرين انٽرنيشنل ۾ ڦاٿل هو جا لنڊن ۾ 1864ع ۾ ٺاهي وئي هئي. اٺ سال مارڪس اُن ڪائونسل جي برک ۽ مٿاهين شخصيت هو ۽ ڪنڊ جي ساريءَ چرپر ۽ هَلچل تي بيان بازيءَ جا مَسودا ٺاهيندو هو، مثلاً، هن پولن جي آزاديءَ لاءِ هلچل کي هٿي ڏني (روسي بربريت خلاف)، آئرلينڊ جي هوم رول واريءَ تحريڪ کي همٿايو، ۽ سماج واد جي تڪراري ڳالهين جهڙوڪ پورهئي جي وقت ۾ ڪميءَ ۽ زمين جي ڪٺي مالڪيءَ تي

Gul Hayat Institute

ليڪ لکيا. فرسٽ انٽرنيشنل واري دؤر ۾ جي سڀ اهم سياسي واقعا ٿيا، سي هُيا فرانڪو-پرشين جنگ ۽ ان جي نتيجي طور ٿيندڙ 'پيرس ڪميون' جنهن جي تنظيم شهر جي انتها پسندن ۽ محنت ڪشن ڪئي هئي. ڪميون جي خونريزيءَ سان دٻجڻ کان پوءِ مارڪس (جنرل ڪائونسل جي پاران) هڪ لنبو پمفليٽ 'فرانس ۾ خانه جنگيءَ' جي عنوان سان لکيو، جنهن ۾ ڪُلم ڪُلا باغين جي حمايت ڪئي وئي. پر انٽرنيشنل ۾ مارڪس جي پوئلڳن ۽ بڪونن جي پوئلڳن جي صفن ۾ ڏارن ۽ ڦيٽارن، اُن کي ڇيتيون ڇيهون ڪري وڌو، اُن جي جنرل ڪائونسل جي بنڪ جڏهن نيويارڪ ڦيرائي وئي، تڏهن اها ختم ٿي وئي.

پويون ڏهاڪو، مارڪس جي زندگي سوکهي ۽ هٽيڪي هئي. اينجلز مئنچيسٽر جي ڪپهه جي ڌنڌي ۾ پنهنجي پتي وڪڻي ڇڏي ۽ ان مان هن پنهنجي سنگيءَ لاءِ سکي ستابي زندگي هُن کي توشو ڪري ڏني. پر مارڪس ۾ پورهئي ۽ اُدم لاءِ سگهه 1873ع ۾ دل جي دؤري کان پوءِ گهٽجي وئي. ان کان پوءِ ڪيترو وقت هُن سفر ۾ گذاريو ۽ چڱ ڀلائيءَ ۽ هٺ سجائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. هو 'ڪيپيٽل' جي ٻين ڇاپن تي ڪم ڪرڻ ۾ لڳي ويو، خاص ڪري اُڀرندڙ جرمن سوشل ڊيموڪريٽ پارٽي جي آوسراڻ کان پوءِ. 1881ع ۾ مارڪس جي زال جي وفات، هُن ۾ جياپي لاءِ اُتساهه ٿڌو ڪري ڇڏيو ۽ ٻه سال پوءِ پاڻ ٻه 14 مارچ 1883ع تي گذاري ويو.

مارڪس کي سمجهڻ ۾ ٻه ڏڪيون پيش اچن ٿيون. پهريون ته اڪثر مفڪرن وانگر هُن پنهنجا اهم خيال هڪ مکيه ۽ وڏي ڪتاب ۾ نه سهيڙيا ۽ سمويا؛ ٻي ڳالهه جا هن جي پُرجهه ۽ پروڙ جي آڌو اچي ٿي، اُها اِها آهي ته هُن پنهنجو ڪم ڪار توڙ تي نه رسايو ۽ پنهنجا اڪثر مَسوَدا نامڪمل ڇڏيا، جي هُن جي وفات کان پوءِ ڇپيا. هُن جي وفات کان پوءِ ڇپيل مکيه لکڻيون آوائلي دؤر جون آهن، خاص ڪري 'اقتصادي ۽ فلسفيانه مَسوَدا' جن مارڪس جي اشتراڪيت کي هڪ فلسفيانه ۽ انسان دوست پهلو ڏنو، جيڪو هن جي پوئين اقتصادي تحريرن مان نه ٿي بکيو. 1932ع ۾ هن جو هڪ ٻيو ڪتاب 'جرمن نظريو' جي عنوان سان، جو هن اينجلز سان گڏجي 1845ع ۾ لکيو هو، ٻه شايع ٿيو، جنهن جي پهرئين حصي ۾ مارڪس جي تاريخ جي مادي تصور جي مڪمل وضاحت ٿيل آهي.

1848ع ۾ هن 'ڪميونسٽ پڌرنامو' لکيو، جا مارڪس جي توريل تڪيل، رَچي راس ٿيل لکت آهي، ۽ جنهن ۾ مارڪس جي خيالن جو وڻندڙ اختصار آهي، جيتوڻيڪ اُن کي پرچار جو هٿيار بڻايو ويو آهي. فرانس جي 1848ع واري انقلاب جي تجزئي ۾ مارڪس جا مختلف طبقن ۽ رياست جي وچ ۾ دريافت ڪيل ناتا، نهايت باريڪ موشگافيءَ جا حامل آهن، خاص ڪري 'Eighteenth Brumaire of Louis Bonaparte' جو، 1852ع ۾ لکيو ويو ۽ ان کان گهٽ درجي جو هڪ ٻيو ڪتاب 'فرانس ۾ طبقاتي جدوجهد' هيو، جو 1850ع ۾ لکيو ويو.

Gul Hayat Institute

ان ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي تہ مارڪس جو عظيم ترين ڪتاب 'ڪئپيٽل' آهي، جنهن جو ّهن رڳو هڪ حصو لکيو، جو 1867ع ۾ ڇپيو هو. ٻيو ۽ ٽيون حصو جن کي اينجلز ترتيب ڏني هئي، 1885ع ۽ 1894ع ۾ ڇپيا ها. هڪ ضخيم نسخو، جنهن جو نالو 'زائد قيمت جو نظريو' (Theory of surplus value) هو، جو چئو تہ ڪئپيٽل جو چوٿون جلد هو، تنهن کي ڪارل ڪائٽسڪيءَ ترتيب ڏني، جو 1902ع ۾ شايع ٿيو. پڙهندڙن جي مارڪس جي ترتيب ۽ سليقي سان تحرير ۾ دلچسپي 1960ع ۽ 1970ع ۾ پيدا ٿي، جڏهن هن جو 800 سؤ صفحن جو ڪتاب 'Outlines'جو 1857-58ع ۾ لکيو ويو هو، شايع ٿيو، جنهن ۾ هن انسان دوستيءَ ۽ اقتصاديات ۽ فلسفي ۾ ڳانڍاپو پيدا ڪيو آهي. اهو ڪتاب ماسڪو ۾ 1941ع ۾ ڇپيو جو مغرب ۾ 1950ع جي وچ ڌاري مهيا ٿي سگهيو. (مون وٽ ماسڪو ۾ ڇپيل 'ڪئپيٽل' جا ٽي جلد آهن، جن کي آنءُ پوري طرح نہ پڙهيو آهي، نہ وري ڪنهن سنڌي ڪميونسٽ پڙهيو آهي. مان تہ ڪميونسٽ ڪونہ هوس، پر برصغير ۾ گهڻا ڪميونسٽ هونڊا، جن اهو ڪتاب پڙهيو هو؟ ممڪن آهي تہ اُن تي متي ماري اجان بہ ڪي محقق 'وهابي ڪميونسٽ' ڪن.)

مارڪس جا 'پئرس ڪميون' تي پوءِ جا خيال هن جي ڪتاب 'فرانس ۾ خانہ جنگي' ۾ ڏنل آهن ۽ جرمن اشتماليت تي تنقيد ۾ بہ آهن، جا هن 1875ع ۾ Critique of gotha programme۾ ڪئي هئي.

مارڪس، تاريخ، اقتصاديات، سياست ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي خيال آرائي ڪئي آهي، جو تہ هن جي مهم ۾ سماج جي مڪمل تاوَيل آهي، ٻيو تہ جنهن وقت هوَ لکي رهيو هو، اُن وقت پورهيت طبقي ۾ نظرياتي ٽڪراءُ پيدا ٿي چڪو هو. مارڪس پنهنجي راهہ کي 'تاريخ جي مادي تاويل' ڪوٺيو. هُو انهيءَ راءِ جو هيو تہ انسان ۽ هن جي فطرت کي سمجهڻ لاءِ پيداواري چرپر جي سمجهہ ضروري هئي. بنيادي ڳالهہ اِها هُئي تہ آجيوڪا جا وسيلا، فطرت تي اثر ڪري ڪيئن حاصل ڪجن ۽ سي بہ ٿوري ۾ ٿورو پورهيو ڪري. 'ڪئپيٽل' ۾ مارڪس مختصر طور پورهئي جي باري ۾ پنهنجو رايو ڏنو تہ اُهو انسان جي خود-تخليق (Self-creation) جو ذريعو آهي. پورهيو هڪ ترتيب آهي، جنهن ۾ انسان ۽ فطرت، ٻئي ڀهرو ونن ٿا ۽ جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي پاڻ ۽ فطرت جي وچ ۾ مادي رِدعمل جي شروعات ڪري، اُن کي ٺيڪ ڪري، باقاعدي هلائي ٿو ۽ ان کي پنهنجي تابع رکي ٿو.... ان طرح ٻاهرينءَ دنيا تي اثرانداز ٿي ۽ اُن کي بدلائي، هو ساڳي وقت پنهنجي سڀاءَ کي بہ ڦيرائي ٿو. هو پنهنجي اُونگهدڙ وِت ۽ سگهہ کي اُوسرائي ٿو ۽ اُن کي هٿ وَسِ رکي، پنهنجي مجتا ڪرائي ٿو. ڪلپنا، ڀاوَ ۽ ويچار، پوءِ اهي ّسياسي هجن يا مذهبي يا فلسفيانہ، جن جي ذريعي اسان عمل کي سمجهايون ٿا، اُنهن کي ثانوي اهميت آهي. تاريخ ڪنهن اتفاق جو نتيجو نہ آهي، نہ وري ان کي وڏن ماڻهن جا عمل صورت ڏين ٿا، ان کان بہ گهٽ فوق الفطرت قوتن جو ان ۾ دخل

Gul Hayat Institute

آهي؛ اها انساني محنت جي تخليق (گهڻو ڪري لاشعوري) آهي ۽ ان جا مشاهدي جهڙا قاعدا قانون آهن.

پنهنجي تاريخي ماديت جي پلي ڪان پلي اختصار ۾ مارڪس چيو، "پنهنجي زندگيءَ جي معاشي پيداوار ۾ انسان مخصوص تعلق قائم ڪن ٿا، جي ضروري به آهن ۽ انهن جي ارادي ڪان ٻي ڪاٿيا ۽ بي پرواهه به آهن. اُهي پيداواري لاڳاپا آهن (يعني ملڪيت جي باري ۾ لاڳاپا) جي هنن جي مادي پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي ڪنهن خاص منزل سان ٺهڪي اچن ٿا. انهن پيداواري لاڳاپن جو تاتپُرج ئي سماج جو اقتصادي ماندائو ٺاهي ٿو ۽ اُهو ئي سچي پيڙهه آهي، جنهن تي ساري قانوني ۽ سياسي آڏاوت آڏي وجي ٿي ۽ جنهن سان سماجي شعور جون مخصوص صورتون ٺهڪي اچن ٿيون. مادي زندگيءَ جي پيداوار جي طريقي تي ئي مدار آهي – اُن جي طرزِ زندگيءَ جو، اُن جي سياسي، سماجي ۽ دانشورانه زندگيءَ جو." ڪنهن مخصوص دؤر جي پيداواري قوتن جي ترقيءَ سان، پيداواري لاڳاپا ۽ انهن مٿان اڏيل عمارت، تاريخي غلطين جا زنجير ٿي پون ٿا، جن کي سماج جي ترقيءَ لاءِ ٽوڙي ڇڏڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ اولهه يورپ ۾ مارڪس پيداوار جا ٽي طريقا لازم ڄاتا: ڪلاسيڪي، جاگيردارانه ۽ سرمائيدارانه. هن کي اُميد ته هئي ۽ هن ان ڳالهه ۾ اعتبار تي ڪيو ته پوئين طريقي ڪان پوءِ ڪميونزم ايندي، جا پهريون پيداوار جو طريقو هئي، جنهن ۾ تضادن جو انت آندو ويندو، يعني اُها سماجي طبقا ختم ڪندي ۽ انسان ذات کي پنهنجي مشترڪ مفاد جو شعور ڏيندي.

. مارڪس جي دلچسپي ان ۾ هئي ته جاگيرداري دؤر، سرمائيداري دؤر ۾ ڪڏهن تو پير پائي. ڪنهن وقت 'ڪئپيٽل' ۾ سيني ڪان وڌيڪ اثرائتا ۽ حيرت جهڙا ٽُڪرا ان ڳالهه کي نِرَٽءِ ڪندا ها، جنهن کي هو پراچين ميڙي چوندي (Primitive accumalution) چوندو هو، جنهن موجب اوائلي جديد زماني جي پورهيتن ڪان مشترڪ زمينون ۽ ٻي قومي ۽ ننڍي پئماني تي مشترڪ ملڪيت کسي وئي هئي. اها هڪ ترڪيب هئي، جنهن هڪ طرف آجيوڪا جي سماجي وسيلن ۽ پيداوار کي سرمائي (Capital) ۾ بدلايو ٿي ۽ ٻي طرف پيداوار ڪندڙن کي اُجرت وٺندڙ مزدورن (Wage labourer) بڻايو ٿي جي پنهنجي روزگار لاءِ ٻين تي دارومدار رکي رهيا ها. ساڳي وقت انهيءَ ترڪيب بورجوازي طبقي کي جنم ڏنو هو. انهيءَ طبقي دؤر جديد ۾ سماجي طور پيداوار جي مکيه طريقن تي پنهنجي هڪ-هٽي قائم ڪئي هئي.

اهڙي طرح پيدا ٿيل سرمائيداري نظام جي پَڙي ۽ پَٽي لاءِ اِها حقيقت هئي ته اُن جي ٻاهرين ڏيک جي باوجود، سرمائي ۽ محنت جي وچ ۾، پئسي جي ڏي-وٺ ۽ ڪمائي هڪ جيتري نه هئي. ائڊم سمٿ ۽ رڪاردو جي ڪلاسيڪي اقتصاديات وانگر، مارڪس ان ڳالهه ۾ اعتبار تي ڪيو ته شين جي مٽاسٽا جو مُلهَه (هنن جي کپ ۽ واپرڻ جي ملهه جي ڀيٽ ۾) جي ڪُٽ اُنهن ۾ ڪيل پورهئي سان ڪَٿي پئي وَئي. پر ان ۾ هڪ مونجهارو هيو. حقيقت اها هئي ته محنت ۽ سرمائي جي مٽاسٽا ۾،

Gul Hayat Institute

مزدور کي متاستا ۾ هن جي پيدا ڪيل شيءِ جي ملھ کان تمام گهڻو گهٽ مُلھ پئي ڏنو ويو. مارڪس انهيءَ عجيب ڳالھ کي زائد قيمت جي نظرئي (Theory of Surplus value) سان سمجهايو. اينجلز ان نظرئي کي مارڪس جي سڀ کان اهم اقتصادي دريافت ڪوٺيو. ڳالھ جو مول مقصد اهو آهي تہ سرمائيداري نظام محنت ڪش جو استحصال ڪري ٿو، جنهن کي پنهنجي پيٽ توت کان گهٽ وڌيڪ محنت ڪرڻي پوي ٿي يعني هن جي کاڌي، ڪپڙي لٽي، اَجهي ۽ هن جي ٻارن ٻچن جي پالنا لاءِ جيڪي گهربل آهي، هو ان کان گهڻو وڌيڪ اُپائي ٿو. ٻيو تہ سرمائيدار زائد قيمت (Surplus value) جي اگهہ کي ان گذران جي لاڳت کان وڌائيندو رهي ٿو ۽ يا تہ پورهئي جا ڪلاڪ وڌائي ٿو يا پورهئي کي زور تِکو ۽ وڌيڪ پيداوار ڪندڙ بڻائي ٿو. پر پوءِ بہ سرمائيدار جو منافعو گهٽبو رهندو، ڇو تہ هن کي چٽا پيٽي مجبور ڪندي تہ انساني پورهئي جي جاءِ تي هو مشين کان ڪم وٺي، جيڪا سستي تہ آهي، پر زائد قيمت (Surplus value) پيدا نہ ٿي ڪري. نتيجي ۾ وڌيڪ استحصال ٿيندو ۽ محنت ڪش جي آمدني، جا هُن جي پيداوار جي قيمت سان ٺهڪي اچي ٿي، گهٽجي ويندي. سرمائيدارن ۾ چٽاپيٽي محنت ڪشن ۾ چٽاپيٽيءَ سان پورَ وچوٽي رهندي جن کي بي روزگار عوام مان سدائين پئو رهندو. آخر ۾ مارڪس چيو تہ، "پيداوار جي ذريعن جي مرڪزيت ۽ محنت لاءِ اشتراڪي نظام، ان حد تي پهچندا جو سرمائيداريءَ جا ڇوڏا لهي ويندا ۽ اُهي ٻئي ڳالهيون گڏ نہ رهي سگهنديون. اِهو نظام ڇِلُ ڇوڏو ٿي ويندو. سرمائيداريءَ جي ذاتي ملڪيت لاءِ ماتمي گهنڊ وڄندو، ڦريندڙ ڦرجي ويندا. (The expropriietors shall be expropriated)

جيئنڌيڪ سرمائيداريءَ پنهنجي اندرين تحرڪ سبب تباھ ٿيڻي هئي، پر تباهي ازخود نہ اچڻي هُئي. ان لاءِ هڪ انقلابي عمل جي ضرورت هئي، جنهن ۾ پرولتاريت موجوده رياست کي اونڌو ڪري، ذاتي ملڪيت ۽ طبقاتي نظام کي ختم ڪندي.

مارڪس جي نظر ۾ هڪ سياسي انقلاب ضروري هو، ڇو تہ رياست، سرمائيداريءَ نظام جي بچاوَ لاءِ هڪ مرڪزي اَدارو هُئي. 'سياسي اقتدار' هن پڌرنامي ۾ لکيو، "فقط هڪ طبقي جو ٻي طبقي کي پيڙڻ لاءِ منظم اقتدار آهي. جديد رياست جا ڪارفرما (Excutive) فقط هڪ ڪاميٽي آهن جا بورجوازيءَ جا معاملا سنڀاري ٿي."

مارڪس، رياست ۽ سماجي ادارن ۽ طبقن جو بڻ بنياد پورهئي جي ورڇ ۾ ڏٺو. هن جو ان ڳالھ ۾ ويساھ هو تہ رياست، سماج جي اجتماعي مفاد جي مخالفت ڪري ٿي، ڇاڪاڻ جو اها اجتماعيت جو هڪ "پرفريب تصور، هڪ ننگٽو روپ پيش ڪري ٿي ۽ طبقاتي ڪشمش کي ڇُپائي ٿي. تاريخ جي هر دؤر ۾ هر پيداوار جي طريقي، ڪلاسيڪيءَ، جاگيردارانہ توڙي سرمائيدارانہ، هڪ خاص قسم جي سياسي تنظيم اُپاري آهي، جنهن متاهين طبقي جي مفاد کي اڳيرو ڪيو آهي. جهجهي پشماني تي صنعت ۽ جديد سرمائيداري جي عالمي چٽاپيٽيءَ ۽ چڙهت، جديد جمهوري آزاد خيال حڪومت

کي جنم ڏنو هو. يونائيٽيڊ اسٽيٽس ان جو همعصر مثال هئي. انهيءَ نظام ۾ بورجوازي پنهنجي طبقاتي مفاد کي وڌائي، زور وٺائي سگهي ٿو. مارڪس جي لکت ايڏانهن ڏِکيو ۽ ڏيکاريو پئي ته مغربي يورپ جي صنعتي ترقي يافته مُلڪن ۾ پرولتاري انقلاب ايندو، جيتوڻيڪ پنهنجي پوئين زندگيءَ ۾ هن اِن ڳالهه جو اِشارو ڏنو هو ته اهو ممڪن آهي ته روس سرمائيداري دؤر تان ورانگهه پائي ٽپي وڃي ۽ پنهنجي روايتي ڪسان-ڪميون جي طريقي وانگر ڪميونزم وجود ۾ آڻي. اهڙو انقلاب جتي به ايندو، پُر تشدد ٿيندو. مارڪس اهو به مڃيو ته انهن ملڪن جي برعڪس يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۽ انگلنڊ ۾ انقلاب اشتراڪيت ڏانهن پُرامن ٿيرڦار ۽ تبديليءَ سان ٿيندو. اهو انقلاب ڪڏهن ايندو، ان جي باري ۾ مارڪس ڪجهه به چيو نه آهي. مارڪس جون ڪيئي ٽيڪا ٽپڻيون آهن ته اهڙو انقلاب ڪَنڊ تي بيٺو آهي ۽ ڇاڻ ڪَڙڪيو، پر هن جون ڪي اقتصادي تحريرون اهڙيون به آهن، جن ۾ هن چيو آهي ته سرمائيداريءَ ۾ اڃان ترقيءَ جو ڪافي امڪان آهي، جيتوڻيڪ مارڪس جو ذهن ان ڳالهه ۾ بلڪل صاف هيو ته پورهيت پنهنجو ڇوٽڪو ۽ نيتارو رڳو پاڻ ئي حاصل ڪري سگهي ٿو. هن کي اهو موقعو نه مليو ته عوام کي مخاطب ٿي چوي ته هڪ انقلابي پارٽي جو مارڪسي عوامي تحريڪ سانَ ڪهڙو ناتو ٿي سگهي ٿو، جو ته اهڙي تحريڪ هن جي موت کان پوءِ ئي وجود ۾ آئي.

جيتوڻيڪ مارڪس ان ڳالهه تي زور ڏنو ته، ”هن مستقبل جي رنڌڻي لاءِ رڌ پچاءَ جا نسخا نه ٿي ڇڏڻ چاهيا، پر پوءِ به هن پنهنجي سوچ جا خاڪا ڇڏيا. ڪميونزم انقلاب کان يڪدم پوءِ ممڪن نه هئي، ڇاڪاڻ جو سرمائيداريءَ کان ڪميونسٽ سماج تائين تبديليءَ جي وچ ۾ هڪ انقلابي ۽ ترتيباتو ڦيرو اچڻو آهي ۽ هڪ طريقي کان ٻي طريقي تائين رسٽو آهي (افغانستان جو انقلاب ته مارڪس جي سوچ جي بنهه منافي هئيَ ۽ روسي پرولتاري سامراج جو ننگو ٿهلاءُ هو.)

هن جو اهو به خيال هو ته انهيءَ عبوري دؤر ۾ پرولتاريت جي آمريت ضروري آهي. ڪميونزم ۾ تبديليءَ لاءِ ٻه ڳالهيون ضروري هيون:

پهريون ته پيداوار جا ذريعا محنت ڪشن جي جماعت وٽ ڪنيءَ طرح هوندا ۽ محنت جي پيداوار فقط هڪ قبضي ڪندڙ طبقو زياده وقت لاءِ سدّيءَ طرح دٻائي نه رکندو. ڇاڪاڻ جو سماج جي طبقن ۾ تقسيم گهٽو ڪري پيداواري ذريعن جي مالڪيءَ يا اڻ مالڪي تي ٽَرڻ ڪئي، اها ڳالهه هڪ غير طبقاتي سماج جو بنياد رکندي. ٻيو ته رياست درجي بدرجي ختم ٿي ويندي، يعني هڪ طبقي جي تسلط کي سياسي ذريعو ڪري ڪتب نه آندو ويندو. سياسي اقتدار، بيوروڪريسي ۽ عدليه جون جايون اليڪشن جي ذريعي فرد ڀريندا، جن کي اُنهن تان هٽائي سگهبو. ڪميونسٽ سماج وڌيڪ اوچيءَ ۽ اُتاهين حالت تي پهچي پنهنجن جهنڊن تي لکندو ’هوڪو پنهنجي لياقت کان وٺي، هر ڪو پنهنجي ضرورت تائين“

ان ۾ شڪ نه آهي ته مارڪس جو سماج جي ويچاڻ ۾ وڏو هٿ رهيو آهي. هن

جو تـخيل اهو نـہ آهي جو ڪجهہ مارڪسوادين ’جدلي ماديت‘ جي نالي سان هڪ مڪمل ضابطہ حيات ۾ سمايو هو. اها ڳالهہ تہ هن جي سوچ جدلياتي هئي جا متضاد ڳالهين جي ٽڪراوَ ۽ انهن جي تڪ تور ۾ ڪُتل هئي، ازخود اشتراڪيت ڪي آزمائشي ۽ اَنت ۾ ڪليل ٿي رکي، پيو تہ مارڪس هڪ سياسي سرگرم ڪارڪن جي حيثيت ۾ ۽ اقتصاديات جي ماهر جي حيثيت ۾ ڏاڍو بيچينيءَ سان ڪَنو رهندو هو. اسٽالن هن جي انقلاب ُجي باري ۾ توقعات جي ستياناس ڪئي، گورباچوف جي پيرسٽروئڪا اُن جو ڪفن سبيو. مارڪس جو خواب پورو ٿي نہ سگهيو. نہ وري هڪ غير طبقاتي سماج وجود ۾ آيو. يوگوسلاويا جي اڳئين وائس پريزيڊنٽ ملوين جلاس چوڻيءَ هڪ ’نئون طبقو‘ وجود ۾ آيو. اهو مئنيجر يا ٽيڪنوڪريٽ طبقو هو، جنهن جو اليا اهرنگ پنهنجي ناول ’The thaw‘ (برف رجي وئي) ۾ ذڪر ڪيو، ڊو ڊنٽسوف پنهنجي ناول ’رڳو روٽي لاءِ‘ ۾ ان جي مذمت ڪئي ۽ سولزي نٽسن پنهنجا چار ناول ۽ گولگ ’بيٽن جو ميڙ‘ جنهن ۾ قيدين جي ڪَني پَڙاءَ جو ذڪر آهي، لِکي روسي ڪميونزم جا ڏاڻا ڪڍي وڌا ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي ڪتاب لکيا ويا. نہ وري رياست مُرجهائي، جيئن مارڪس چيو هو. اُلٽو اُها وڌيڪ مضبوط ٿي وئي، لکين ماڻهو قيد ڪيا ۽ ماريا ويا، ظلم ستم جو نشانو بڻيا ۽ نہ رڳو سياست، فن ۽ ادب تي پابنديون لڳايون ويون، پر سائنس تي بہ بندشون وڌيون ويون. گورباچوف جڏهن اک کولي تڏهن دير ٿي وئي هئي. ڪميونزم جنهن جي قبضي ۾ اڌ دنيا هئي، هڪ تاس جي پتن مان ناهيل گهر وانگر اچي پَٽِ پئي. هر لتاڙيل، ٽٽل نظرئي وانگر اُن جا پوئلڳ اجا بہ آهن جي اُن کي جوڙڻ چاهين ٿا ۽ اهو نہ ٿا سمجهن تہ جوڙ سان آئينو ساڳيءَ حالت ۾ اچي نہ سگهندو آهي. انسان جو عظيم خواب ٽُٽي ٽڪرا ٿي ويو. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ جنهن شخص اهو خواب اُتساهيو هو، هڪ عظيم مفڪر ۽ عظيم انسان هو. انسان جا خواب تہ ٻيا هلندا. اُهي ڪُٺا ٿي نہ آهن ۽ ٻيا نئون نئون روپ وٺندا – حق جا، حُسن جا، نيڪيءَ جا خواب جي اجان پَلئون تي پل آهن.

علامہ اقبال، مارڪس لاءِ چيو هو:

آن ڪليمِ بي تجلي، آن مسيح بي صليب
نيست پيغمبر وليڪن در بغل دارد ڪتاب

(اُهو بنا تجليءَ جي ڪليم ۽ اهو بنا صليب جي مسيح، پيغمبر نہ آهي، پر هُن کي بغل ۾ هڪ ڪتاب آهي.)

علامہ اقبال اهو ڄاڻو ٿي تہ تجليءَ کان سواءِ ڪليم نہ ٿيندو آهي ۽ صليب کان سواءِ مسيح نہ ٿيندو آهي ۽ فقط ڪڇ ۾ ڪتاب کڻڻ سان ڪوئي پيغمبر نہ ٿيندو آهي. پيغمبر نہ سهين، پر مارڪس جي تاريخ تي امر ڇاپ آهي ۽ هن جي ڪري ماڻهوءَ پهريون ڀيرو چڱيءَ طرح ڄاتو تہ ڪنهن بہ سماج کي سمجهڻ لاءِ اُن جي اقتصاديات کي سمجهڻ ضروري آهي ۽ طبقاتي تجزيو، تاريخ ۽ عمرانيات جي ڄاڻ ۾ هَٿي ڏني ٿو. باقي ان نظرئي، انسان جي روپ ۾ جي نظرئي پرست دڙندا پيدا ڪيا، اُهي هاڻي دنيا کان

Gul Hayat Institute

هرگز لکل نہ آهن. ائين ڇو ٿيو؟ ڪٿي غلطي ٿي؟ اِهو خواب ڪرچيون ڪرچيون ٿي ڇو پکڙجي ويو؟ ڇا ان جو جواب سولزي نٽسن وٽ آهي؟ يا ان تي صديون ڪيئي ڪتاب لکيا ويندا؟

کازان زاکس نکوس (1883ع کان 1957ع تائين)

هو يوناني شاعرُ ۽ ناول نويس هيو. مان پانيان ٿو تہ دنيا جي ناول نگارن مان انهيءَ جو اثر مون تي سڀ کان گهڻو ٿيو آهي ۽ مون گهڻي ڀاڱي هنَ جا سمورا ڪتاب پڙهيا آهن. هو ڪِريٽ ۾ ڄايو هو ۽ ان جي آزاديءَ جي باري ۾ بار بار لکيو اٿائين، جيئن مون سنڌ جي باري ۾ لکيو آهي. هن جا ڪتاب ڏاڍيون ڳوڙهيون ڳالهيون ۽ مسلسل ترقي پذير دانشوريءَ جو اثر ڏيکارين ٿيون (هن ۾ برگسان، نٽشي، لينن ۽ ٻُڌ اچي وڃن ٿا.) هن پنهنجي تخليقات کي هڪ مابعدالطبيعاتي ڪارنامو سمجهيو هو. هن جو عجيب و غريب رزميہ نظم 'اوڊيسي' جنهن جو نالو هن هومر جي ڪتاب تان ورتو آهي. هڪ دليريءَ ۽ ڪفر واريءَ آزاديءَ جو اظهار ڪري ٿو. بهرحال هو پنهنجي ناولن ۾ 'عظيم زوربا'، 'ڪرست جي آخري خواهش' ۽ آتم ڪهاڻيءَ 'گريڪو کي رپورٽ' سبب سڀ کان وڌيڪ مشهور آهي ۽ انهن ۾ هن پنهنجون اخلاقي ۽ مابعدالطبيعاتي مصروفيتون هڪ نهايت سهڻي ادبي انداز ۾ پيش ڪيون آهن. ڪازان زاکس هڪ تمام وڏو يوناني اديب ۽ شاعر هو ۽ اڪثر نقاد اهو تسليم ڪري چڪا آهن تہ هو ويهين صديءَ جي ٽن چئن عظيم ترين اديبن مان هڪ هو. هو 18 فيبروري 1883ع تي ڪِريٽ ۾ ڄائو هو. هو منهنجو روحاني پاءُ هو ۽ مون ڪٿي لکيو آهي تہ اسان جي ادب ۾ فرق نہ پوي ها جي هُو سنڌ ۾ ڄمي ها ۽ يا مان ڪريٽ ۾ ڄمان ها. جڏهن مان يونيسڪو ڪانفرنس ۾ استنبول وڃي رهيو هوس ۽ جهاز سائپرس مٿان اڏامي رهيو هو، جو ڪازان زاکس جي ادبي تخليق جو مرڪز هو تہ هڪ پيرو تہ دل ۾ آيو تہ جهاز مان جيڪر ڪنهن پئراشوٽ ۾ سائپرس تي لهان، ڇو تہ اهو بہ منهنجو ائين ئي وطن آهي، جيئن سنڌ آهي.

ائينس جي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم مڪمل ڪري هو پئرس ويو، جتي هينري برگسان جي Elan vital جي فلسفي کان متاثر ٿيو، جنهن کي علامہ اقبال خوديءَ چيو آهي؛ اهو فلسفو جنهن کي نٽشي جي انساني ارادي جي عظيم قوت واري تخيل تقويت پهچائي، ان کان پوءِ هِن جي خيالن تي ڇانيو رهيو. هن محسوس ڪيو تہ زندگي ائين گذارجي جو جسم کي روح ۾ تبديل ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ هن پنهنجا ڪيئي تارخ هار چونديا. ٻُڌ، لينن، ڊانٽي، پولي سِس، مسيح، جي هن کي يَوَ ساگر مان پار اُڪارن. هن کي اهاپڪ نہ هئي تہ هن جو مقصد جڳ کان هڪ يوگيءَ وانگر پاسيرو ٿي وڃڻ سان پورو ٿي ٿيو يا سياسي عمل سان. هن ٻئي طريقا آزمايا ۽ ان ڳالهہ هن ۾ تجربي جي غير معمولي گوناگوني ۽ رنگارنگي پيدا ڪئي. يونان جي طوفاني سياسي فضا هُن کي عملي

Gul Hayat Institute

زندگيءَ ۾ پنهنجي تجربي جي اظهار جا ڪيئي موقعا ڏنا. 1945ع ۾ ڪيترن ئي عهدن کان پوءِ، هن کي يونان جو پورٽ فوليو کان سواءِ منسٽر مقرر ڪيو ويو. هُن سوويت يونين، اسپين، فرانس، چين، جپان، ويانا، برلن، انگلنڊ جا سفر بہ ڪيا ۽ اتي ڪافي وقت رهيو. اهو سڄو تجربو هن جي آرٽ لاءِ خام مواد هو. هن ڪيئي ڪتاب لکيا. شاعريءَ ۾ 'آڊيسي' ناولن ۾ 'مسيح جي پوئين آزمائش'، 'عظيم زوربا' ۽ ٻيا ڪيترائي ناول ۽ سفرناما ۽ آتم ڪهاڻيون. مون هن جا سڀ ڪتاب پڙهيا آهن. 1953ع ۾ هن جا ڪتاب ڪيترن ٻولين ۾ ترجمو ٿيا ۽ هو نوبل پرائيز جو اميدوار ٿيو، پر هن جي يونان سان اجنبيت وڌندي رهي. 1930ع ۾ هن جي هموطنن هن تي مقدمي هلائڻ جو ڏڙڪو ڏنو. 1953ع ۾ چرچ هن کي جلاوطن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن فقط چيو، ”اي خدا مان تنهنجي عدالت ۾ اپيل ڪيان ٿو.“ هو 26 آڪٽوبر 1957ع تي جرمنيءَ ۾ مري ويو.

ڪافڪا (1883ع کان 1924ع تائين)

آسٽرو - جرمن ناول نويس ۽ ڪهاڻيڪار جو پراگ جي هڪ سرمائيدار يهوديءَ جو پٽ هيو. ڪجهہ وقت ادب ۽ طب جو مطالعو ڪري، هن قانون ڏانهن رخ رکيو، جنهن هن جي خانگي زندگيءَ ۾ ڪافي واندو وقت ڇڏيو، جنهن ۾ هو ادب تخليق ڪري سگهيو، (قانون تہ منهنجو بہ پيشو هو، پر مون کي واندو وقت ڪونہ هو ۽ راتين جون راتيون جاڳي، مون ادب جو پيڇو ڪيو.) هن پراگ جي جامعہ ۾ قانون ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪئي، پر ان کان پوءِ هو هڪ نيم سرڪاري انشوئرنس ڪمپنيءَ ۾ ڪلرڪ ٿيو. پوئين ڏينهن هن کي اهڙي پورهئي مان گذارو هڪ نہ سهڻ جهڙو بوجهہ لڳو ۽ هو ان مان جند ڇڏائي، برلن جي ڀرواڙيءَ ۾ رهڻ لڳو ۽ ساهتيہ جي رچنا ۾ جنبي ويو. 1914ع ۾ هن جو مڱڻو ٿيو، پر اهو ٽوڙي ڇڏيائين ڇو جو هو شاديءَ کي منهن ڏئي نہ ٿي سگهيو. هن جا ناڪامياب معاشقا، هن جا پنهنجي پيءُ سان تعلقات، جنهن پاڻ کي ٿاهيو هو ۽ جنهن کي پنهنجي پٽ جي ادبي تخليق جي پرواهہ نہ هئي، هن جي متزلزل نہ ٿيندڙ دانشورانہ ديانتداري، هن کي هڪ نفسياتي مريض بڻائي ڀاهي وڌو. هن کي سلهہ بہ ٿي پئي هئي. هو ڪجهہ وقت سئنيٽوريم (صحت گاهہ) ۾ بہ هئو. 1918ع ۾ جنگ جي خاتمي کان پوءِ ڏڪار ۽ بک هئي، جنهن هن جي حالت ويتر خراب ڪري ڇڏي ۽ هو 1924ع ۾ مري ويو. جيتوڻيڪ هو زيڪ (Czech) هو، ڪافڪا پنهنجا ڪتاب جرمن ٻوليءَ ۾ لکيا آهن، انهن مان ست هن جي زندگيءَ ۾ شايع ٿيا. 'مقدمو' هن جي موت کان پوءِ 1925ع ۾، 'ڪوٽ' 1926ع ۾، 'آمريڪا' 1927ع ۾ ۽ 'چين جي لنبي ديوار' 1927ع ۾ شايع ٿيو.

هن جا ڪتاب خانگي ڏند ڪٿا جي دنيا تخليق ڪن ٿا، جنهن جو منطق خواب

جهڙو آهي ۽ واقعا گنڀيرتا سان لکيا ويا آهن ۽ جن ۾ مزاح ٻول ٻلاڙو، ڪِل جهڙو ۽ ’تڙ ريڊيو، سِسي ٻاڪري‘ وانگر آهي. هن 1919ع ۾ ’پيءُ ڏانهن خط‘ ڇپايا، جن ۾ پنهنجي پيءُ جي تسلط کان آزادي جي اجائي ڪوشش ڏيکاريل آهي ۽ انهيءَ ۾ هن گناهه جي موضوع ۽ خود تشڪيڪ جو محاصرو ڏيکاريو آهي. هن جي تحرير ۾ هڪ بنيادي مابعدالطبيعاتي خوف آهي، بي يقيني آهي ۽ علحدگي آهي. زندگي هن جي اهم ڪردار ڪي نقط برائي جي وچ ۾ چوندجي وٺي ڏٺي ٿي ۽ پنهنجي لاءِ واجبي سبب ۽ حيثيت ڳُهر ڪري ٿي ۽ معنيٰ لاءِ هڪ اڪڻ تلاش ڪي اپاري ٿي، جنهن لاءِ پڙهندڙ ڪي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. هن جي ڪهاڻي ’فتويٰ‘ (1912ع ۾) ۾ هڪڙو پٽ پنهنجي موت جي سزا ڪاٽي ٿو، سزا جا هن جي پيءُ هن کي ڏني آهي ۽ اها ڪهاڻي سماجڪ سوپ جي ڪيتري نه ڀانيدي آهي ۽ پان پان تي ڪري ۽ اُن جي شروعاتي ٿي سنسني سان آهي. 1915ع ۾ هُن ’ڪايا پلٽ‘ (The metamorphosis) ڪهاڻي (ٽن حصن ۾) لکي، جنهن کي بي پناهه منطق آهي ۽ جنهن جو اثر هيرو جي پوري خاندان تي پوي ٿو، جيڪو هڪ انوکيءَ ڪايا پلٽ ڪري هڪ ڏاڍو وڏو جيت بڻجي وڃي ٿو. ان ۾ ڪافڪا هن جو ۽ هن جي خاندان جو ردعمل ڏيکاري ٿو. پهرين هو ڏهڪايل آهي، پوءِ پلو آهي، بُرو آهي، ڪاوڙيل آهي، ڏڪاريندڙ آهي ۽ انت ۾ بي پرواهه آهي. اها هڪ ڳري گهر ۾ پوت پريت جي واسي جهڙي تمثيل آهيٰ، دهڪائيندڙ درشٽانت آهي.

ڪافڪا جا 3 ناول، جيڪي سڀ اڌ ۾ رهجي ويا، هن جي موت بعد شايع ٿيا، جنهن ۾ سڀ کان اهم ’مقدمو‘ آهي جو 1925ع ۾ ڇپيو. ان ۾ هيرو جي گرفتاري ۽ هُن تي ڪارروائي، جنهن جي سمجهاڻي ڏني نٿي سگهجي. ڪنهن غئبيءَ اختياريءَ جي تصوير پيش ڪري ٿي ۽ هڪ فرد جي وجود جي تصور کان انڪار جي هڪ اڳو پيچو نه ڳڻيندڙ ڪوشش آهي. 1926ع ۾ ’ڪوٽ‘ (The castle) ناول ڇپيو، جيڪو پنهنجي وجود جي وڏيڪ تلاش لاءِ عذر آهي ۽ ڪنهن فرضيءَ اعليٰ اختياري جي اسرار ۾ پيهڻ جي اَمٽ ڪوچ آهي، جو ذري گهٽ اَپهچ آهي ۽ افسرشاهيءَ جي مشين جي مونجهاري ۾ ڦاٿل ۽ گنڊ گوڙ آهي. ’ڪوٽ‘ ۾ انهيءَ دنيا جي اُپٽار آهي، جتي هڪ جٽُو، هر جاءِ حاضر، جهانسي باز ۽ گمنام توتن خلاف جدوجهد ڪري ٿو، جي هن جي هر قدم کي طئي ڪن ٿيون ۽ اُن جي مخالفت به ڪن ٿيون.

ڪاليداس (400ع)

سنسڪرت جو شاعر ۽ ڊراما نويس. چندر گپت II ڪمار گپت I جي دؤر ۾ شهرت حاصل ڪيائين. (375ع کان 450ع تائين) هندستان جي درباري تهذيب ۾

Gul Hayat Institute

چوٿيءَ تي هيو. هن جا ڪل ڇهه ڪتاب آهن، جنهن مان پهريون ڪتاب ’ميگهه دت‘ (اهو بادل جيڪو پيغام رسائي) آهي، جنهن ۾ هندستان جو فطري منظر نهايت ترنم سان چٽيو ويو آهي ۽ سنسڪرت جي ساهتيه جا ٻه وڏا رزميه نظم ’ڪمارا جو جم‘، جو شو ۽ پاروتيءَ جو پيار ۽ انهن جي پٽ يُڌ جي ديوتا ڪمارا جي باري ۾ آهي. ٻيو ’رگهو ونش‘ جو رگهو ڪُل جي باري ۾ آهي ۽ جنهن جو اتساهه هن کي رامائڻ مان مليو. ڪاليداس جي ناٽڪن ۾ مالا وڪا ۽ اگني مترا دربار جي پيار جي طور طريقن جي باري ۾ طربيه نظم آهن. وڪرم اُروشي ۾ پراڻي پيار جي ڪهاڻي پُرو راواس ۽ اُروشي جي باري ۾ آهي. هن جو شاهڪار جنهن کي گوئٽي به ساراهيو آهي، سو شڪنتلا آهي، جنهن ۾ دشينت نالي هڪ راجا پٽ جي اثرِ هيٺ پنهنجي زال کي وساري ٿو ڇڏي ۽ آخر ۾ هن کي پنهنجي منڊي ڏسي سڃاڻي ٿو. مون پنهنجي نثر ۽ نظم ۾ بار بار ڪاليداس جو ذڪر ڪيو آهي. منهنجيءَ نظر ۾ هن ننڍي کنڊ جا ٽي وڏي ۾ وڏا شاعر ڪاليداس، ڀٽائي ۽ ٽئگور هيا.

ڪانٽ

اِمينيوئل ڪانٽ جرمنيءَ ۾ 1724ع ۾ جنم ورتو ۽ 1804ع ۾ وفات ڪري ويو. هن جا فلسفي تي ڇهه اهم ڪتاب آهن، جن ۾ اهم ترين The critique of pure reason (عقلِ محض تي تنقيد) آهي. هن جي مشهور چوڻي آهي: ”اعليٰ ترين شيءِ جا انسان حاصل ڪري سگهي ٿو، اِها امن آهي، هڪ سَرهو روح آهي ۽ پنهنجي ذات سان هڪ اندرئين مٺ محبت ۽ ناهه آهي، جيڪو ڪوئي به غصو ڦِٽائي نه ٿو سگهي.“

ڪانٽ کي فرينچ انقلاب ۾ ڀروسو هيو ته اُهو امن جو دؤر آڻيندو. هو نيپولين جي دؤر تي ڳاڙهي ٻاک ڪان اڳتي ڏسي نه سگهيو، پر شايد هُن ان کان اڳتي ٻي ڏينهن ڏانهن ڏٺو هو. جڏهن هر حڪومت کي هڪ آئين هوندو ۽ جنگ جو شهرين جي عوامي راءِ کان سواءِ اعلان نه ڪيو ويندو ۽ هن کي اميد هئي ته دنيا ۾ امن تڏهن ايندو جڏهن حاڪم ۽ آمر، جيڪي پاڻ کي حڪومت جا والي سمجهن ٿا، هڪ ماضيءَ جي ڳالهه ٿي ويندا ۽ جڏهن هر ماڻهو کي جائز عزت ملندي ۽ هو ڪنهن ڳالهه جو ذريعو نه پر پنهنجي جاءِ تي مقصد سمجهيو ويندو ۽ جڏهن قومن کي اها سمجهه ايندي ته اِهو انسان جي عظمت جي خلاف آهي ته هن کي ڪنهن به ڳالهه لاءِ هٿيار ڪري اُستعمال ڪيو وڃي. ڪانٽ پنهنجي فلسفي جي تلاش ڪندي ڪوشش ته خدا کي حاصل ڪرڻ جي ڪئي هئي، پر هن کي انسان ملي ويا. ڪاش! منهنجو دوست يوسف شاهين، جنهن تازو ’فاتحين جي دنيا‘ جهڙو هڪ سٺو ڪتاب لکيو آهي، ڪانٽ جي فلسفي جو مطالعو ڪري ها!

Gul Hayat Institute

ڪرِٽو (Crito)

سقراط تي ڪاروائيءَ کان پوءِ موت جي سزا جي باري ۾ افلاطون جي لکيل مڪالمي جو هڪ ڪردار هيو. چوٿين صديءَ قبل از مسيح ۾ ڪرِٽو وارو منظر ايٿنس جي قيدخاني ۾ آهي، سقراط جي موت کان 2 ڏينهن اڳ.

سقراط تي ڪاروائيءَ، ڪرِٽو کي، جو سقراط جو پراڻو دوست هيو، چرڪائي وڌو ۽ هو صبح جو قيدخاني ۾ آيو، جيئن هو سقراط جي فرار لاءِ پوئين ڪوشش ڪري. هن جي خيال ۾ سقراط کي اولاد پيدا ڪرڻ ٿي نه گهربي هئي، جيڪڏهن هن کي موت جو ايترو انتظار هيو؛ ۽ نه وري هن کي ائين پنهنجي گهٽگهرن لاءِ خواريءَ جو سبب ٿيڻو هو، جيئن هو ضرور ٿئي ها، جي هو پنهنجي موت کان فرار حاصل نه ڪري ها، جو ته ماڻهو ائين چون ها ته هُن جا دوست هن کي بچائي نه سگهيا ۽ هن جي قيدخاني جي داروغي کي رشوت ڏئي هن جي فرار جو انتظام نه ڪري سگهيا ۽ ڪو به ان ڳالهه ۾ اعتبار نه ڪري ها ته هُن پنهنجو انت پاڻ آڻڻ ٿي چاهيو. سقراط ڪرِٽو کي چيو ته هن کي برائي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ نه گهرجي ۽ اها ڳالهه هڪ فرد سان به ايترو لاڳو هئي، جيئن ڪنهن ملڪ سان. هن وڌيڪ چيو ته جي هو ڀڄي ويندو ته هن جي پاڄ برائيءَ اڳيان ڪنڌ جهڪاءَ جيئن سمجهي ويندي ۽ جيڪڏهن هو انهيءَ بي انصافيءَ خلاف پنهنجي خفگي يا چڙ ڏيکاريندو، جا هن سان ڪئي وئي آهي ته هو اهڙي قانون جي پاڙ پٽي سگهندو يا گهٽ ۾ گهٽ، هن کي ايتريءَ حد تائين بچڙو ڪري سگهندو، جيترو به ڪري سگهي ٿو؛ پر جي هو ڀڄي ويو ته هو اها ڳالهه ثابت ڪندو ته هن تي جي الزام هنيا ويا هيا، سچا هيا. جيتوڻيڪ هو بي ڏوهي هيو. هن وڌيڪ چيو ته هن کي اها ڳالهه ڪرڻ گهرجي جا صحيح هجي ۽ ان لاءِ پنهنجي دوستن جي نيڪ ناميءَ جو ۽ ٻارن جي تعليم جو خيال نه ڪرڻ گهرجي. ڪرِٽو، افلاطون جو ننڍي ۾ ننڍو مڪالمو آهي، پر هڪ شاهڪار آهي، ٻهرين سين کان وٺي، جنهن ۾ ڪرِٽو خاموشيءَ سان انتظار ڪري رهيو آهي سقراط جي پرسان، جو ننڊ ۾ آهي ۽ هن جا لفظ ٻڌي هو سوچي رهيو آهي ته ڪهڙو جواب ڏئي! انهيءَ حصي جو مقصد اهو آهي ته اهي ماڻهو جيڪي چئي رهيا آهن ته سقراط هڪ چڱو شهري نه آهي، اُنهن کي ڏيکاريو وڃي ته ايٿنس جي سڀني شهرين مان هُو ئي فقط هڪ آهي جو قانون جي عزت برقرار رکڻ لاءِ موت قبولي رهيو آهي. بهرصورت هن تاريخ جي باب جي ۽ گفتگوءَ جي حقيقت پڪ سان چئي نه ٿي سگهجي. باقي پوئين گفتگو مهاڳ ۾ ڏني وئي آهي.

ڪيرڪي گارڊ (Soren Kierkegaard) (1813ع - 1855ع)

ڊينمارڪ جو اهل – معرفت، مفڪر ۽ وجوديت جي فلسفي جو پيشرو هيو. هن وجود جو تصور ائين ڏنو جڻ اهو محدود ۽ لامحدود، عارضي ۽ دوامي جي وچ ۾ آميزش

Gul Hayat Institute

هئي. هو ڪوپن هيگن ۾ 5 مئي 1814ع تي ڄايو هو. هو پيءُ ماءُ جو ستون ۽ آخرين ٻار هو. هن جي پيءُ ڪافي چڱي چوکي مُوڙي ڇڏي هُئي. ۽ اِن لاءِ هُو سندس ٿورائتو هيو. هن کي پيءُ مذهبي زندگيءَ جي تربيت، منطقي گفتگوءَ ۾ مهارت، ۽ غم ۽ اندوهه لاءِ رغبت ڏني هئي جا هن جي روُمَ روُمَ ۾ رمي رهي هئي. ڪيرڪي گارڊ جا يونيورسٽيءَ ۾ اوائلي سال پُر واقعات نہ ها. 1938ع ۾ هن جي پيءُ جي وفات هن جي زندگيءَ جو هڪ قطعي واقعو هئي. هن جو اُچاترو، بي ترتيب ۽ بي مقصد مطالعو پورو ٿيو ۽ ٻہ سال پوءِ هن ققه ۾ يونيورسٽيءَ جو امتحان پاس ڪيو. هن جي مشهور مقالي، 'هِجوَ جي باري ۾ ويچارَ' هنِ کي ايم. اي جي ڊگري ڏياري ۽ اُهو مقالو 1841ع ۾ شايع ٿيو.

مارچ 1841ع کان 1842ع تائين هن برلن ۾ قيام ڪيو، جتي هُن فلاسافر شيلنگ جا ليڪچر ٻُڌا ۽ اُن وقت حاضرين ۾ بڪونن، لُدوِگ فيور باخ ۽ فريڊرڪ اينجلس بہ موجود هيا، پر ڪيرڪي گارڊ شيلنگ جي تعليم مان ڪجهہ بہ نہ پرايو. 1843ع کان هن جي وفات تائين ڪيرڪي گارڊ جي زندگي هن جي ڪتابن ۾ ئي ملي سگهي ٿي. 1843ع ۾ هن 'پڇتاءَ، يَوَ ۽ ڪنبٽيءَ' تي، ڪتاب ڇپايو، ۽ اُن سان گڏوگڏ هن 9 مذهبي تقريرون ٽن حصن ۾ ڇپايون. 1944ع ۾ هن جون 9 تقريرون ٻيون بہ ڇپيون. 1843ع ۾ هن جون ٽي ٻيون تقريرون ڇپيون. 1845ع ۾ ڪيرڪي گارڊ جو فلسفي تي عظيم ترين ڪتاب، ٻين ڪتابن وانگر مصنف جو نالو ڇُپائي Con-cluding unscientific post script (غير سائنسي قلم تازو پورو ڪجي ٿو) ڇپيو. اُن ڪتاب جي اِشاعت سان ان جي مصنف جو راز کُلي پيو. ڪيرڪي گارڊ سوچيو تہ سچو ڪرستان ڪيئن ٿيان. هڪ بي مثال مهارت سان ڪيرڪي گارڊ زندگيءَ جا ٻہ الڳ الڳ ويچارَ ۽ اُپاوَ، زندگيءَ جي مختلف طور طريقن ۾، جن ليکي ڏيکاريا ۽ اُنهن کي ڪافي تسلسل ڏنو. اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ مسيحي طِرز زندگي جماليات مان ٻاهر نڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿي، ۽ اُن جو راز اخلاقيات ۾ آهي، جو ئي آخري طرح مسيحيت جو رستو آهي. چيو ويو آهي تہ هن جي ادب ۾ يقين، حق، الهام ۽ عقل جي پوري پوري ۽ درست معنيٰ آهي. انِ ۾ هيگل تي بہ واضح تنقيد آهي تہ فيسلوفائي تصُوريت (idealism) تي بہ. هن جا ٻيا ڪتاب بہ 1846ع، 1848ع ۽ 1852ع ۾ ڇپيا جن ۾ پنهنجي دؤر جي مسيحيت تي ڪڙي تنقيد هئي. 1852ع واري ڪتاب ۾ وعظ نہ هيا ۽ اُهو مسيحيت جا سڀ قسم وائڪا ڪري ٿو.

بهرصورت هن جو مذهبي جهاد جاري رهيو. سيپٽمبر 1855ع ۾ هن سمجهيو تہ هن پنهنجو دؤر پورو ڪيو هو؛ هو آڪٽوبر ۾ بيمار ٿي پيو ۽ 11 نومبر 1955ع تي گذاري ويو.

مون انگريزيءَ ۾ تصوف جو ڪوبہ ڪتاب نہ پڙهيو آهي، جنهن ۾ ڪرڪي گارڊ

Gul Hayat Institute

جو ذڪر نمايان طرح نہ ڪيو ويو آهي. هُن ابسين، مائڪل ڊي يونامُنو، انٽن چيخوف*، نڪولائي برڊييف(Nikolai Berdyev) ۽ ٻين ڪيترن تي اثر ڇڏيو آهي.

ٻنهي مهاڀاري لڙاين جي وچ ۾، جرمني ۽ فرانس ۾ وجوديت (Existentialism) جو فلسفو اُڀريو ۽ ان جي ٻن طرفدارن مارٽن هيڊگر (Martin Heidegger) ** ۽ ڪارل جيسپرس (Karl, Jaspers) *** ٻنهي تي هن جو اثر نمايان آهي. جن تي هن جو اثر نہ هو، مثال سارتري ۽ ٻيا ڪيئي اديب انهن ڪان پوءِ اڳتي آيا ۽ وجوديت جي فلسفي تي حاوي ٿي ويا ۽ وجوديت جي ادبي تحريڪ تي هن ٻين فلاسافر جو اثر نہ آهي.

ڪرسٽافر اشروود (Christopher Isherwood) (1904ع کان 1986ع تائين)

برطانوي ناول نگار ۽ ڊراما نويس، هن جو ڪتاب "Mr. Norris changes trains" (مسٽر نارس ريلون بدلائي رهيو آهي)، جيڪو نازي ازم جي باري ۾ هيو، جيڪو مون تڏهن پڙهيو هو، جڏهن منهنجي عمر 23، 24 سال هئي ۽ مون تي ڏاڍو اثر ڪيو هيائين، ڇاڪاڻ جو ان ۾ نہ رڳو هڪ ظالم سماج ۾ هڪ دانشور ڪردار جي دلڪش عڪاسي ڪئي وئي هئي، پر ان ۾ هن جلاوطن جي زندگي جا خاڪا پيش ڪيا ها، جيڪي ويمر (جرمن ريپبلڪ) ۾ تباهہ ٿي رهيا هيا، جنهن وقت هٽلر جي نازي ازم اڀري رهي هئي. هن جو ڪتاب Good bye to Berlin (برلن کي الوداع) ڏاڍو مشهور آهي، جو 1939ع ۾ ڇپيو هو ۽ اهو بہ نازي جرمني جي باري ۾ آهي. ان کان اڳ هن 1938ع ۾ پنهنجي دوست آڊن سان چين جو سفر ڪيو هو، جنهن جو ذڪر هن جي ڪتاب Journey to War (ميدان جنگ ڏانهن) ۾ ڪيل آهي.

هو بعد ۾ آمريڪا هليو ويو هو ۽ 1946ع ۾ آمريڪي شهري بڻيو هو. اُتي هن تي جديد دنيا جو جادو ڦُٽي چڪو هو ۽ هو ويدانت ۾ پاسيرو ٿي ويو هو. هو هالي ووڊ، ڪئلي فورنيا ۾ سوامي پريو آنند جي حلقي ۾ آيو هو ۽ هن سان ڀڳوت گيتا جي ترجمي ۾ تعاون ڪيو هيائين جا 1944ع ۾ ڇپي. 1964ع ۽ 1965ع ۾ اشرووڊ ڪئلي فورنيا يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هيو. هن انهيءَ کان پوءِ بہ 1976ع تائين پنج ٻيا ڪتاب بہ لکيا. هو سانتا مونيڪا ڪئلي فورنيا ۾ 4 جنوري 1986ع تي مري ويو.

* اِبسين (هينرڪ): (1828ع کان 1906ع تائين) جديد ڊراما جو باني. ڏاکڻي ناروي ۾ ڄائو هو.
مائڪل ڊي يونامُنو: (1864ع کان 1936ع تائين). هسپانوي فلسفي. ويهين صديءَ جو وڏو منفرد مفڪر.
انٽن چيخوف: (1904ع کان 1960ع تائين). روسي ڊراما نگار ۽ ڪهاڻي نويس.
** مارٽن هيڊگر: (1889ع کان1976ع تائين). فلسفي ۽ خاص ڪري وجوديت جي فلسفي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ.
*** ڪارل جيسپرس: (1883ع کان 1976ع تائين). با اثر جرمنيءَ جو وجودي فيلسوف.

Gul Hayat Institute

گاڊون - وليم (1756ع کان 1836ع تائين)

انگريز سياسي مفڪر ۽ عالم هيو. هو انسان جي خيالي (Utopian) هڪجهڙائي جو قائل هو، جنهن کي مارڪسوادي 'پيٽي بورجوا هڪجهڙائي' ڪوٺيندا آهن. هو باقائدي تعقل پسند 1780ع ۾ ٿيو. هن سماجي ماحول ۽ اخلاق کي اوليت ڏني. هن حق - ملڪيت جي ترديد جي به حمايت ڪئي ۽ ساڳي وقت سياسي اختيار جي خاتمي جي به. هن جو آدرش اهو سماج هيو، جنهن ۾ پيداوار جا باني بنهه آزاد هجن، جن کي ننڍين پنچائتن ۾ منظم ڪيو وڃي. مارڪسوادي چوندا آهن ته هن کي اهو اشتراڪي اصول ته، "هر ڪنهن کي پنهنجي گهرج آهر ڏنو وڃي" پسند هيو پر اينجلس هن کي سماج دشمن ڪوٺيو هو، ڇو ته گاڊون نراج واد جي نظرئي جي پنيرائي ڪئي.

گوا

1961ع تائين هندستان جي اولاهين ساحل تي هڪ پورچگيز ڪالوني هئي، جا پوءِ هندستان آزاد ڪرائي. 1971ع ۾ اتي 8 لک 60 هزار ماڻهو رهندا هيا، پر ٻن هزارن کان سواءِ سڀئي هندو هيا. هينئر ته ان جي آدمشماري ان کان گهٽي تي وئي آهي. اقتصادي طرح شروع کان گوا جو دارومدار هندستان تي رهيو آهي. ڪانگريس پورچيگيزن کي گوا مان عدم تشدد ذريعي ۽ اقتصادي ناڪابندي سان ڪڍيو هو.

گوئٽي (1759 کان- 1832ع تائين)

جرمن شاعر، ناول نويس، ڊراما نگار ۽ نطرت جو فلسفي هيو. هن جي شاعري ۾ عشقيه، رزميه ۽ غزليه شاعري آهي ۽ هن جي ڪليات ۾ شاعريءَ کان سواءِ ڊراما، ناول، ڪهاڻيون ۽ سرگذشتون آهن. هن جي ادبي شهرت 1771ع کان 1773ع تائين ڄمي وئي، جڏهن هن شيڪسپيئر وانگر هڪ ناٽڪ لکيو، جنهن ۾ هڪ مردانگيءَ وارو خوددار هيرو هيو. جنهن کي پنهنجي دؤر سڄيل، تڪل ٿُتل ۽ ڏيئي وٺي بيئل ڪري وڌو هو. ان کان پوءِ هن پنهنجو مشهور ڪتاب 'ڳيرو وردر جو ڏک ڏنج' 1774ع (The sorrows of young verther) ۾ لکيو، جو نهايت ڪامياب ويو. ان ۾ هڪ ٻاهرئين ماڻهوءَ جي ڪردار نگاري ڪئي وئي، جنهن جي لاءِ دنيا ۾ ڪائي جڳهه ڪانه هئي. هن 1875ع ۾ ويمر * ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ڦهريون پيرو اٽليءَ ۾ 1886ع کان 1888ع تائين رهيو. گوئٽي پاڻ ۾ وڌو استحڪام ۽ اعتدال پيدا ڪيو ۽ هن جي عشقيه شاعري ۾ پونوچ سمنڊ جي ڪشادگي، قدر شناسي ۽

* ويمر: جرمنيءَ جو اهو شهر جتي گوئٽي پوريل آهي.

ڪلاسيڪي قدر آهن جا هن 1788ع کان 1790ع تائين ڪئي. پوءِ هن شعر ۾ ناٽڪ لکيا، جن جي هيرو جي داخليت ۽ حساسيت هن جي شاعرانِي اظهار ۾ ملي ٿي. 1790ع ۾ سندس جرمن شاعر شلر* سان دوستي ٿي، جنهن هن جي شاعريءَ کي اُتساهيو ۽ هن هڪ نئون ناول بہ مڪمل ڪيو. جنهن ۾ انسان جي ذاتي ترقيءَ جي امڪانن جو سماجي ذميداريءَ سان واسطو ڏيکاريل آهي. هن جي ناول 'دردناڪ جراحت پذيري' ۾ ڏيکاريل آهي تہ ڪئن عشق جي عُنصري قوت ازدواجي زندگيءَ جي ترتيب کي ڊانوان ڊول ڪري ٿي ۽ جا خود قربانيءَ ۽ ترڪ سان بہ وس نہ ٿي اچي. گوئٽي جو شاهڪار ڊراما 'فائوسٽ' ٻن حصن ۾ آهي، جنهن جي تخليق ۾ هو 1770ع کان 1831ع تائين مصروف رهيو. هن ۾ هن جي زندگيءَ ۾ سُپن - درسن جي آؤسراڻ آهي، جا طربيہ بہ آهي ۽ الميہ بہ ۽ ان ۾ رِقت انگيزي، حاضر جوابي ۽ طنز بہ آهي. ان ۾ هيرو جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ تجربي لاءِ مسلسل ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ هن جي علم لاءِ اُڃ ۽ برائيءَ جي قوتن لاءِ للڪار بہ آهي، جي ڀَڪيون ٿي هن جي تباهيءَ جو باعِث ٿين ٿيون. اهي سڀ ڳالهيون الاهي رضا ۾ آهن ۽ عشق جي قوت ۾ بہ اضافو ڪري ان کي آخري نجات ڏانهن بہ نين ٿيون.

گوئٽي جيتوڻيڪ هڪ اديب ۽ شاعر جي حيثيت ۾ سڃاتو ويندو آهي، پر هو مصوري بہ ڪري سگهندو هو ۽ هڪڙو ڪامياب ٿيٽر ڊائريڪٽر بہ هو. هن جو آرٽ ۽ سائنس، ٻنهي جو علم نهايت گهرو ۽ وسيع هو. ڪنهن ڪنهن مهل هن کي آخري آفاقي انسان چيو ويندو آهي.

علامہ اقبال تي هن جو ڏاڍو اثر هُيو، جنهن بانگِ درا ۾ هڪ نظم ۾ لکيو هو:

گلشنِ ويمر مين تيرا همنوا خوابيده هے

مون کي گوئٽي تي سوچي غالب جو شعر ياد ايندو آهي:

سب کهان کچھ لاله و گل ۾ نمايان هوگئين
خاڪ ۾ کيا صورتين هونگي کہ پنهان هوگئين

Gul Hayat Institute

گئريبالڊي (Garibalidi)

هو اطالوي شاعر ليوپارڊيءَ جو همعصر هو. هو اطالوي سپاهي، محب وطن ۽ انقلابي هوا ۽ هُن اٽليءَ جي اتحاد ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. هو نائيس (Nice) ۾ 1807ع ۾ ڄائو هو جا فرانس جي حد اندر هئي، پر اها 1815ع ۾ اطالوي حڪومت کي ڏني وئي هئي. هو ٻهريون وڪر جي ٻيڙين تي خلاصي هوندو هو، جي يونوچ سمنڊ کان ڪاري سمنڊ تائين هاڪاريون ويندڙيون هيون. جوانيءَ ۾ پنهنجي جهاز جو ڪماني هيو. 1833ع ۾ هن جي مئزنيءَ سان ملاقات ٿي، جنهن جي انقلابي قوميت هن جي

تصور کي اڳيئي گرمايو هو. پوءِ گئريبالڊيءَ، مئزنيءَ جي تحريڪ 'نوجوان اٽليءَ' ۾ شريڪ ٿيو، جنهن جو مقصد اٽليءَ تي ٻاهرين حڪومت کي ختم ڪرڻ ۽ اٽليءَ کي متحد ڪرڻ هو. گئريبالڊيءَ آرماڙ ۾ شامل ٿيو، جيئن ان ۾ بغاوت ڦهلائي سگهي. 1834ع ۾ هن جي سازش پڪڙجي پئي ۽ هن کي هن جي غير حاضريءَ ۾ موت جي سزا ڏني وئي. هن ڪيئي سال جلاوطنيءَ ۾ ڏکڻ آمريڪا ۾ گذاريا، ۽ 1830ع کان 1841ع تائين هو رئوگرانديءَ * جي باغي حڪومت سان گڏجي برازيل جي سلطنت خلاف وڙهيو. 1842ع ۾ پنهنجيءَ زال انيتا سان گڏ مانٽي وڊيو، اُرگئاءِ ** ويو جتي هو ٻي خانہ جنگيءَ ۾ وچڙي ويو. هن هڪ اطالوي فوج جو بنياد وڌو ۽ ڪيئي جنگيون ڪيون ۽ رومانوي جوڪا ڪنيا ۽ پنهنجي سورهيائيءَ سبب مشهور ٿيو. 1848ع ۾ هو اٽليءَ موٽي آيو، جو اُتي انقلابن جو سال هيو. اُتي هو آسٽريا خلاف مِلان جي جمهوريت لاءِ جنگ ۾ وڙهيو. ٻي سال هن تازو فرانس جي خلاف ناهيل رومن جمهوريت جي دفاع کي ترتيب ڏني. اُتي جڏهن هن جي هار ٿي تہ آسٽريا، فرانس، اسپين ۽ نيا پاليٽن ڦوتون هن جي ڪڍ پئجي ويون. ان کان پوءِ هن جي زال انيتا مري وئي ۽ هن کي پڪڙي جلاوطن ڪيو ويو. 1850ع ۾ هو نيويارڪ ويو، جتي هن موم بتين جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪيو ۽ اُتان پوءِ ڏکڻ آمريڪا ۽ چين سوداگريءَ جي بحري جهاز ۾ ويو. 1854ع ۾ هن کي گهر موٽڻ ڏنو ويو، جڏهن هو پنهنجي جواني جلاوطنيءَ ۾ گذاري چڪو هو. تڏهن هن جو مئزنيءَ ۽ جمهوريت پسندن سان جهيڙو ٿي پيو. هن پائيڊمانٽ *** (Piedmont) جي بادشاهہ امئينوئل سان ناهہ ڪيو، بشرطيڪ هن اٽليءَ جي الڳ الڳ هنڌن کي متحد ڪرڻ لاءِ تحريڪ هلائي. اهڙي طرح ڪوششون ڪندي، نيٺ جڏهن پائيڊمانٽ، آسٽريا ۽ فرانس خلاف جنگ ڇيڙي، تہ گئريبالڊيءَ هڪ فوجي حصي جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو. جنگ تڏهن ختم ٿي جڏهن هن اٽليءَ جو شهر لومبارڊي اٽليءَ ۾ شامل ڪيو، پر ڪجهہ حصا اڃان آسٽريا سان رهيا. لومبارڊي، ڪيور **** (Cavour) سان رستو چُني چڏيو. سيپٽمبر 1859ع ۾ هو فلارنس ويو، جتان هن روم تي ڪاهہ ڪئي، جيئن پوپ جي دنيوي اقتدار کي ڌڪ ڏئي.

1860ع ۾ گئري بالڊي ڪيوَر فرانس کي نائيس (Nice) ڏئي ڇڏي جو گئريبالڊيءَ جو اباڻو شهر هو. ان تي ڪاوڙجي هن فقط هڪ هزار 'ڳاڙهي ورديءَ' واري فوج وٺي سِسليءَ تي ڪاهي آيو، جتي اڳيئي فرانس جي خلاف بغاوت ٿي چڪي هئي. هڪ عجب جهڙيءَ مُهم کان پوءِ، گئريبالڊيءَ، سِسليءَ کي متحد ڪيو (فرانس جي

---

* رئوگرانڊي: برازيل جي ڏاکڻي رياست جنهن جي ايراضي 108952 ميل آهي.

** مانٽي وڊيو اُرگئاءِ: ڏکڻ آمريڪا جو هڪ اوچو ۽ تمام وڏو چراگاهہ. مانٽي وڊيو اُروگئاءِ جي گادي آهي.

*** پائيڊ مانٽ: اٽلي جو ٻيو وڏي ۾ وڏو شهر جتان اٽليءَ کي متحد ڪرڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي وئي.

**** ڪيور: اٽليءَ جو مدبر جو 1810ع کان 1861ع تائين هيو.

قبضي ۾ ۽ سسليون ۽ نيپلس هئي) ۽ اُن کي پنهنجيءَ شخصيءَ آمريت هيٺ آندو. هو پوءِ مهاديپ تي ڪاهي آيو ۽ نيپلس فتح ڪيائين. نيٺ هن تي ايترو دٻاءُ پيو جو هن پنهجي سِسلين جي آمريت وڪٽر امئنيوئل* (Victor Emmanuel) کي ڏني ۽ نيپلس به ڇڏي ڏنائين. هن جي اتحاد لاءِ ايتري ڪوشش ڏسي، نئين اطالوي حڪومت گئريبالڊيءَ کي وينس ۽ روم تي ڪاهڻ لاءِ همٿايو. 1862ع ۾ هن آسٽريا ۾ آلپس پهاڙ جي انهيءَ ايراضيءَ تي حملو ڪيو، جنهن جي اٽلي دعويٰ ڪري رهي هئي. ان کان پوءِ هن سِسليءَ کان روم ڏانهن ڀيو ڪوچ ڪيو؛ پر اطالوي حڪومت سفارتي سببن جي ڪري ڇرڪي وئي ۽ فوج سان ڇڪرِيءَ ۾ گئريبالڊي ڦٽجي پيو. 1886ع ۾ هن ٻيهر پاڻ مرادو آچيل سپاهين سان آسٽريا تي حملو ڪري ڪجهه ڌرتيءَ ٽڪرو اٽليءَ لاءِ حاصل ڪري پاڻ ملهايو. ٻي سال وري حڪومت هن کي روم تي قبضي ڪرڻ لاءِ همٿايو، پر پوءِ هن سان دغا ڪئي ۽ فرانس کي چيڪ ڇڏيائون تہ هُن کي شڪست ڏني. هن جي پوئين فوجي مهم اها هئي تہ فرانس جي فوج سان گڏجي 1875ع ۾ پرشيا تي حملو ڪيو. اتي هن پنهنجو نالو ڪيو ۽ فرينچ قومي اسيمبليءَ تي چونڊيو ويو. جيتوڻيڪ هو اُن ۾ ڪڏهن بہ نہ وينو. هو ڪجهه وقت اطالوي پارليامينٽ ۾ رهيو ۽ هميشہ لاءِ عوامي زندگي کان ڪناره ڪشي ڪيائين ۽ حڪومت جي وظيفي تي گذارو ڪرڻ لڳو. پنهنجن پوين سالن ۾ هُن پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي. 2 جون 1882ع تي هو گذاري ويو. ٿلهي ليکي ڏسجي تہ هو سائين جي.ايم.سيد وانگر آخر تائين وڙهندو رهيو، جيتوڻيڪ جي.ايم.سيد اهنسا وادي آهي ۽ گئريبالڊي دنيا جي عظيم ترين گوريلا جنرلن مان آهي. صحيح يا غلط، جي.ايم.سيد جي جنگ اڃان جاري آهي. هن جي هر ڦرتيءَ گهرتي ۾ ڪاٿي ڳالهہ مُندي‌ءَ ۾ هيري جي ٽِڪ وانگر ڏيکاري ڏئي ٿي. هو گئريبالڊي کان عمر ۾ وڏو آهي ۽ اڃان تائين ساهي نہ پٽي اٿائين ۽ نہ ڪنهن وظيفي تي گذر ڪيو اٿائين. گئريبالڊيءَ وڏو محب وطن هيو ۽ اڌ اٽلي پنهنجي بادشاهہ لاءِ فتح ڪئي هيائين، پر هن کي بين الاقوامي لاڙا بہ هيا ۽ متحده يورپ ۾ اعتبار ڪندو هو ۽ هن پنهنجي توت هڪ بين الاقوامي اُخوت لاءِ صرف ڪئي هئي. هو ڪو شاطر ماڻهو نہ هو ۽ هن کي هڪ آدرش واديءَ ۽ ديانتدار سياست دان جي حيثيت ۾ سڃاتو ويندو هو. پنهنجي دؤر ۾ هو يورپ جو سيني کان وڌيڪ ڄاتل سڃاتل ماڻهو هو. 1861ع ۾ جڏهن متحده اٽلي وجود ۾ آئي تڏهن هُن انتها پسند ڪابي در جو ساٿ ڏنو ۽ هن جو ان اٽليءَ جي باري ۾ جادو ٽٽي چڪو هو، جا هن پاڻ هٿن سان ٺاهي هئي. هن جي پنهنجي بيٰ صبريءَ، جا هن پارلياماني نظام لاءِ ڏيکاري، هُن کي آمريت جي طرف وني وئي ۽ عمر جي آخر ۾ هن پاڻ کي سوشلسٽ ڪوٺيو. هو چرچ جي خلاف هو، جا پوپ جي طاقت کي بچائڻ لاءِ متحده اٽليءَ جي مخالف هئي.

* وڪٽر امئنيوئل ٻيو: (1820ع کان 1878ع تائين) - ساردينيا جو بادشاهہ 1849ع ۾ ۽ اٽليءَ جو 1861ع ۾.

Gul Hayat Institute

لزسٽ Liszt Franz Ferenc (1811ع کان 1886ع تائين)

هنگريءَ جو ڪمپوز ۽ پيانو هلائيندڙ هيو. هن کي پيانو جي باري ۾ Phenomenal powers هيا. جن موسيقيءَ جي دنيا ۾ ترتلو مچائي ڇڏيو.

لينن (1870ع کان 1824ع تائين)

ولادمير اِلچ اليانوف هن جي ٻن نالن مان هڪ هيو. هو روس جو ڪميونسٽ اڳواڻ هو، جنهن جو جنم 22 اپريل 1870ع تي سِمبرسڪ (هاڻي اُليانووسڪ) ۾ ٿيو هو، جو هڪ وولگا نديءَ تي صوبائي شهر هو. ٻيو فرضي نالو اين. لينن، هن پوءِ پاڻ تي رکيو ۽ انهيءَ نالي هيٺ ئي هُن جي شهرت ٿِي. 'اين' لفظ نڪولائيءَ لاءِ مخفف سمجهيو ويو. لينن جو پيءُ جيڪو پبلڪ اسڪولن جو ڊائريڪٽر هيو، تنهن کي پنهنجي وفاداريءَ سان خدمت سبب ڪافي عرصي لاءِ زار خطاب ڏنو هيو. لينن جي ماءُ هڪ طبيب جي ڌيءَ هئي، ڪافي پڙهيل هئي ۽ چڱي موسيقار هئي. لينن هڪ وچولي گهراڻي جي خوشحال ننڍپڻ گذاري ۽ خاص ڪري پنهنجي ڀاءُ الينگزانڊر سان ڏاڍي محبت هئي جو هن کان 3 سال وڏو هيو. 1879ع ۾ هو پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ شروعات کان وٺي هڪ تمام سنو شاگرد تسليم ڪيو ويو.

1886ع ۾ هن جو پيءُ مري ويو پر هُن جي خاندان ِکي پينشن ملندي رهي ۽ هن کي ڪجهه ذاتي ملڪيت مان به اُپت ٿي. ٻي سال 13 مارچ تي اليگزانڊر کي سينٽ پيٽرسبرگ ۾(جنهن تي پوءِ لينن گراڊ نالو پيو هو) گرفتار ڪيو ويو، ڇاڪاڻ جو هو هڪ انقلابي گروهه ۾ شريڪ هو، جنهن زار اليگزانڊر 3 جي قتل جي سازش ڪئي هئي. هن جي ڀاءُ جي موت هن جي خيالن تي گهرو اثر ڇڏيو پر اهڙي ڪا گواهي نه آهي ته هو ڀاءُ جي پلئه لاءِ انقلابي بڻيو. (جڏهن مان لينن گراڊ ويو هوس تڏهن مونکي زار جو اهو قيد خانو ڏيکاريو ويو هو، جتي نه صرف لينن جو ڀاءُ نظربند هيو پر ساڳي قيد خاني ۾ ٻيا به ڪيترائي ماڻهو قيد رکيا ويا هيا مثلاً مشهور ناول نويس دوستو وسڪي وغيره. دوستو وسڪيءَ کي به موت جي سزا ڏني وئي هئي ۽ جڏهن هن سان گڏ سازش ۾ شامل ٻين ڇهن ڏوهارن ِکي فائرنگ اسڪواڊ جي سامهون آندو ويو هو، تڏهن پهريون اُنهن ڇهن ڏوهارين کي گوليون هڻي ماريو ويو ۽ پوءِ دوستو وسڪيءَ کي گولي فائر ڪرڻ کان اڳ اکين تي پٽي ٻڌي ۽ اها ٿوري وقت بعد کولي، ڪيس ٻڌايو ويو هو ته زار هُن کي معافي ڏني آهي. انهيءَ واقعي دوستو وسڪيءَ تي ايترو گهرو اثر ڪيو جو هن جي ساري زندگي بدلجي وئي ۽ اُن کان پوءِ هن جيڪي ڪجهه لکيو ان ۾ مسيحيت کي انسان ذات جي نجات سمجهيو.)

لينن پنهنجي تعليم سِمبرسڪ جي سيڪنڊري اسڪول ۾ برک اعزاز سان پوري ڪئي ۽ 1887ع جي آخر ۾ ڪازان يونيورسٽيءَ ۾ قانون پڙهڻ لاءِ داخلا ورتائين. 17

ڊسمبر تي هن کي يونيورسٽي بدر ڪيو ويو ۽ ڪازان جي هڪڙي ننڍي ڳوٺ ۾ جلاوطن ڪيو ويو، جتي هن جي خاندان کي ٿوري گھڻي ملڪيت هئي. اتي هو پنهنجي مائٽن ۽ دوستن سان رهندو هو، جيتوڻيڪ هن تي پوليس جي نظرداري رهندي هئي. 1888ع ۾ هن کي ڪازان واپسيءَ جي اجازت ملي پر هن کي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا کان انڪار ڪيو ويو. 1889ع ۾ هن کي وولگا ڪناري تي سمارا شهر منتقل ڪيو ويو، جتي هن قانون سکيو ۽ روس کان سواءِ ٻاهرين ٻولين جي ڄاڻ به حاصل ڪئي (خاص طور جرمن ٻولي، جيئن هو ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينجلس جا ڪتاب پڙهي سگهي) هن روسي اقتصاديات تي به مهارت حاصل ڪئي. آخر ۾ هن کي انگريزي، فرانسي، الماني، اطالوي، پولش ۽ سُويڊش تي ڪافي گرفت اچي وئي. 1891ع ۾ هن قانون جو امتحان پاس ڪيو ۽ سمارا موٽي آيو ۽ وڪالت شروع ڪيائين، جيتوڻيڪ گڏوگڏ هو مارڪس جو مطالعو ڪندو رهيو. 1893ع جي آخر ۾ هو سينٽ پيٽرسبرگ لڏي ويو ۽ هڪ پيشه ور انقلابيءَ جي حياتي اختيار ڪيائين. هن پيپلز پارٽي (نارودِ نڪي) جي سخت مخالفت ڪئي، جنهن ان ڳالهه تي اصرار پئي ڪيو ته روس جي اقتصاديات زرعي رهندي. لينن چيو ٿي ته روس ۾ تمام تيزيءَ سان صنعتون قائم ڪيون وڃن، ڇو ته اهي انقلابي ذهنيت واري پرولتاريت پيدا ڪنديون، جيئن يورپ جي ڪجهه ٻين صنعتي مُلڪن ۾ ٿي هئي ۽ اُها ڪميونسٽ انقلاب لاءِ رستو کولي ڇڏيندي

انهيءَ دؤر ۾ لينن پاڻ کي بحث مباحثي جو ماهر ۽ مارڪسزم جي عقيدي جو پڪو پابند ثابت ڪيو. 1895ع جي بهار ۾ هو بيمار ٿي پيو ۽ هن کي نمونيا ذري گهٽ نهوڙي نيو هو. انهيءَ ڪري 1895ع جي اپريل ۾ هُن چار مهينا سئٽزرلئنڊ، پئرس ۽ برلن ۾ گذاريا، جتي هُن روسي انقلابين سان رابطو پيدا ڪيو، خاص ڪري پليخانوف ۽ ان جي پوئلڳن سان. جڏهن هو پيٽرسبرگ موٽيو تڏهن هن هڪ زير زمين انقلابي گروهه منظم ڪيو، جنهن جو نالو هيو 'محنت ڪش طبقي جي آزاديءَ جو اتحاد' ۽ پاڻ کي مارڪسي پرچار ۾ مصروف رکيائين. هن کي پنهنجي ڪم ۾ ناديزدا ڪُرپسڪايا مدد ڪئي، جنهن سان پوءِ هن شادي ڪئي. (مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو ته لينن ۽ هن جي زال شاديءَ رات روس ۾ زرعي اقتصاديات تي گڏجي 70 صفحا لکيا ها ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن هو ڪنهن نديءَ ۾ ڪشتي راني ڪري رهيا ها ته لينن پنهنجي زال کي چيو ته، "سويڊن جي اديب نَٽ هئمسن جو ناول 'ٻک' ڪهڙو نه چڱو آهي!" جنهن تي هن جي زال ڪيس چيو هو ته، "نَٽ هئمسن ته ڪيئي ناول لکيا آهن پر توکي صرف 'ٻک' ڇو پسند آهي؟" ان تي لينن ڪيس سختيءَ سان جواب ڏنو هو ته، "انهن سڀني ناولن مان توکي فقط 'ٻک' ڇو ناپسند آهي؟")

ڊسمبر 1895ع ۾ هن کي انقلابي سرگرميءَ سبب گرفتار ڪيو ويو. هو اٽڪل چوڏنهن مهينا جيل ۾ رهيو، جنهن دوران هن تمام گهڻو مطالعو ڪيو ۽ پنهنجي مشهور ڪتاب""The development of Capitalism" جي لاءِ تياري ڪئي. انهيءَ وقت

۾ هن پارٽيءَ جي پروگرام جو منشور به ناهيو. فيبروري 1897ع تي لينن کي وچ سائيبريا ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو، جتي هن جو مطالعوجاري رهيو ۽ هو پنهنجي ڪتاب تي ڪم ڪندو رهيو. مئي 1898ع ۾ هن سان ڪُروپسڪايا به اچي شامل ٿي، جنهن کي آگسٽ 1896ع تي گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ سندن شادي ٿي.

انهيءَ جلاوطنيءَ ۾ لينن کي ڪتاب، رسالا، اشتهار ۽ اخبارون ملنديون رهيون ۽ هن پنهنجي خاندان، دوستن ۽ انقلابي ساٿين سان تمام گهڻي خط و ڪتابت ڪئي. اهو دؤر هيو، جڏهن هن پاڻ تي فرضي نالو اين- لينن رکيو. 1890ع ۾ لينن جو سرمائيداريءَ جي ترقيءَ تي ڪتاب شايع ٿيو، جنهن تي هن جو فرضي نالو ولادمير لينن ڏنو ويو. 11 فبروري 1900ع تي هن جي جلاوطنيءَ جو مُدو پورو ٿيو ۽ لينن، سائيبريا مان سينٽ پيٽرسبرگ روانو ٿيو. هتي هن روس کان ٻاهر لاءِ پاسپورٽ هٿ ڪيو ۽ 17 جولاءِ 1900ع تي جرمني ويو، جتي هن ميونخ شهر ۾ قيام ڪيو. اتي هن پنهنجو پاسپورٽ ڦٽي ڪري ڇڏيو ۽ هڪ فرضي نالي هيٺ رهندو رهيو ۽ ان کان پوءِ بلغاريه جو پاسپورٽ ورتائين. ميونخ ۾ لينن، پليخانوف جي ٽولي سان گڏجي 'اسڪرا' اخبار ڪڍي ۽ هڪ تبصرو/تنقيد "Dawn" (پرهه) جي نالي سان شايع ڪيو. روسيءَ ٻوليءَ ۾ اسڪرا جي معنيٰ چڻنگ آهي ۽ لينن جو خيال هو ته اها چڻنگ ڪڏهن ڀمڀٽ ٿيندي. ان کي روس ۾ اسمگل ڪيو ويو، جتي زير زمين ڇاپي خانن ۾ ٻيهر ڇاپي هيٺ آئي ۽ اها هڪ اهم انقلابي اخبار سمجهي وئي. 1901ع جي بهار ۾ لينن جي جلاوطني پوري ٿي ۽ ڪُروپسڪايا به ميونخ ۾ اچي لينن سان ملي ۽ اسڪرا جي ادارتي بورڊ جي سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. 1901 - 1902ع واري سياري ۾ لينن به پمفليٽ What is to be done (ڇا ڪيو وڃي؟) جي عنوان سان لکيا، جن ۾ هن مارڪسيت جي با ضابطگيءَ سان پابنديءَ تي زور ڏنو ۽ سخت ۽ ڪَرڙي انتظام جي ضرورت ڏيکاري، جنهن ۾ ڪنهن به تحمل جي گنجائش ڪونه هئي ۽ انقلابي نظرئي کي پرولتاريت جي آمريت تائين ڪيئن به پهچائڻو هو. پهرينءَ اپريل 1902ع تي هو لنڊن ويو جتي مئي 1903ع تائين ترسيو ۽ ان کان پوءِ جنيوا ۾ قيام ڪيائين. 30 جولاءِ 1903ع تي روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ورڪرس پارٽي جي ٻي ڪانگريس بروسيلز ۾ ٿي، پر ڪجهه ميٽنگن کان پوءِ هو وري لنڊن آيو. ڇاڪاڻ ته هن کي بيلجيم جي پوليس تنگ ڪري رهي هئي. اُتي هن جي پارٽيءَ ۾ ڦوٽ پئي ۽ اها ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وئي. هڪڙا بالشيوڪ هيا، جنهن جي معنيٰ گهڻائي آهي ۽ ٻيا مين شيوڪ هيا جنهن جي معنيٰ ٿورائي آهي.

بهر صورت اِسڪرا لينن جي هٿ ۾ نه رهي، جا هڪ مينشيوڪ اخبار بڻجي وئي. جنوري 1905ع ۾ لينن جي نئين اخبار 'فارورڊ' (اڳتي قدم) جو پرچو شايع ٿيو. (مون جو رسالو 1946 جي آخر ۽ 27 جي شروعات ۾ ايڊٽ ڪيو هو، اُن جو نالو به ساڳيو هيو.)

آڪٽوبر 1905ع ۾ روسي پڌرنامي جي شايع ٿيڻ کان پوءِ (جنهن ۾ سياسي آزاديءَ جو تحفظ ڏنو ويو هو.) لينن روس موٽي آيو ۽ سينٽ پيٽرس برگ ۾ هڪ فرضي نالي هيٺ قيام ڪيائين. اُتي هن بالشيوڪ اخبار ’نئين زندگي‘ جي نالي سان شايع ڪئي. اپريل 1906ع ۾ لينن اسٽاڪ هوم، سويڊن ۾ چوٿين پارٽي ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ تشدد تي هڪ انقلابي ذريعو قائم ڪرڻ تي زور ڏنو پر اڪثريت هن سان شامل راءِ نہ ٿي. هو پوءِ سينٽ پيٽرس برگ موٽي آيو ۽ نائين مئي 1906ع تي عوام جي اڳيان پيش ٿيو ۽ پنهنجي فرضي نالي ڪاربوف هيٺ هڪ عوامي گڏجاڻيءَ کي خطاب ڪيائين. 1906ع جي آخر ۾ هن سينٽ پيٽرس برگ ڇڏي ۽ فِنِ لئنڊ ۾ اچي رهيو، جتي هن کي گرفتاريءَ جو ڀَوَ گهٽ هيو، ان وقت هن ڊيوما (قانون ساز اسيمبلي) سان پنهنجو روِيو ڦيرايو، جنهن جي لاءِ هن ڀرپائين بالشيوڪن کي بائيڪاٽ ڪرڻ تي آماده ڪيو هو. هن ڪين چيو تہ 2 جون جي اليڪشن ۾ حصو وٺن، جيئن هو پنهنجي پروپيگنڊا بہ ڪري سگهن ۽ گڙٻڙ بہ ڦهلائي سگهن. 1907ع جي بهار ۾ هن لنڊن ۾ پنجين پارٽي ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي. جتي بالشيوڪ پروگرام قبول ڪيو ويو ۽ هن کي مرڪزي ڪاميٽيءَ تي ڪنيو ويو. ساڳي سال جي آخر ۾ هن اِسٽرٽگارٽ ۾ بي بين الاقوامي ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي، جتي هن پاڻ کي اقليت ۾ پاتو. اُن کان پوءِ هو فن لئنڊ موٽي آيو، پر ڏٺائين تہ هن تي چوڪسي ٿي رهي هئي، ان ڪري هو 1907ع ۾ جنيوا هليو ويو ۽ اتي فيبروري 1908ع ۾ نئين اخبار ’پرولتاري‘ ڪڍيائين. هو هڪ نئين ڪتاب "Materialism and Empirio Criticism" تي ڪم ڪري رهيو هو، جو 1909ع ۾ شايع ٿيو. ان کان اڳ ۾ هو برٽش ميوزم لنڊن ۾ ڪجهہ مطالعي لاءِ ويو. ڊسمبر 1908ع ۾ لينن، پئرس ويو. انهيءَ ساري عرصي ۾ هُن کي پنهنجي خانداني ملڪيت مان ڪجهہ پئسا ملندا رهيا ۽ هن جي ماءُ بہ هن کي ڪجهہ رقم موڪليندي هئي. 1910ع جي بهار ۾ هن ڪوپن هيگن ۾ هڪ بين الاقوامي سوشلسٽ ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي، جتي هن جي پروگرام تي مينشيوڪن ڏاڍي جُلهہ ڪئي. 1911ع جي اونهاري ۾ پيرس جي ويجهو لينن انقلابين جو هڪ اسڪول ٺاهيو ۽ ساڳي وقت هڪ بالشيوڪ روزاني اخبار سينٽ پيٽرسبرگ مان ڪڍي، جا 1912ع ۾ ’پروڊا‘ (جا هاڻي بند ٿي چڪي آهي) جي نالي شايع ڪئي. روس جي ويجهو ٿيڻ لاءِ لينن جولاءِ 1912ع ۾ ڪراڪوف هليو آيو. 7 آگسٽ 1914ع تي جڏهن پهرين مهاڀارائي لڙائي شروع ٿي چڪي هئي، هن کي آسٽريا جي پوليس روسي جاسوس سمجهي گرفتار ڪيو. هو 11 ڏينهن جيل ۾ هيو ۽ ان کان پوءِ هُن جي دوستن وچ ۾ پوڻ ڪري هن کي سئٽزرلينڊ اُماڻيو ويو، جتي هو برن نالي شهر ۾ ترسيو. اُتي پهرين نومبر 1914ع تي هُن هڪ پڌرنامو شايع ڪيو، جنهن ۾ جنگ ڪندڙ ملڪن ڏانهن سوشلسٽن جي روش کي ننديو ويو ۽ محنت ڪشن کي اپيل ڪئي وئي تہ هو سامراجي جنگ کي خانہ جنگيءَ ۾ بدلائين. ساڳي دستاويز ۾ هن ٽين انٽرنيشنل (پوري دنيا ۾ ڦهليل ڪميونسٽن

Gul Hayat Institute

جي تنظيم جا پهرين پن تنظيمن کان پوءِ وجود ۾ آئي هئي) جو بنياد رکيو. 1916ع ۾ هو زيورچ ويو (مون سولزي نتسن جي ڪتاب "Lenin in Zurich" جو مطالعو ڪيو آهي، جنهن ۾ لينن جي زندگي جا نهايت دلچسپ واقعا ڏنل آهن) ساڳي سال جي آخر ۾ هن پنهنجو نئون ڪتاب "Emperialism, the higher stage of Capitalism" (سامراج، سرمائيداري جو اوچو درجو) لکيو. مارچ 1917ع ۾ روسي انقلاب کان پوءِ هن پنهنجي وطن موٽڻ جي پي انتها ڪوشش ڪئي. جڏهن هن کي اهو احساس ٿيو تہ هو فرانس ۽ انگلنڊ مان سفر نہ ڪري سگهندو تہ هن پنهنجي Swiss (سئز) دوستن جي مدد سان جرمنيءَ مان سفر ڪيو، هن سئٽزرلينڊ 9 اپريل 1917ع تي ڇڏيو ۽ پيٽروگراڊ ۾ 16 اپريل تي پهتو (مون هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هو تہ جڏهن لينن جرمنيءَ مان نديءَ تي ڇانيل برف مٿان وڃي رهيو هو تہ اوچتو برف ٽٽي پئي ۽ هن جي هڪ جنگهہ پاڻيءَ ۾ هلي وئي. ڪيس زبان تي فقط اِهي لفظ آيا "ڪهڙو نہ واهيات موت آهي") ٻي ڏينهن تي هن پارٽي ڪانفرنس ۾ پنهنجي ٻاويهہ ٿيسز پڙهي، جنهن ۾ هن گهر ڪئي تہ بورجوا انقلاب کي سوشلسٽ انقلاب ۾ بدلايو وڃي ۽ نعرو ڏنو وڃي تہ اسان کي صوبائي حڪومت ۾ ڪوبہ اعتبار ناهي. ان وقت هن کي بالشيوڪ پارٽي جي سرگرم رهنمائي سپرد ڪئي وئي. 16/17 جولاءِ جي ناڪامياب بغاوت کان پوءِ، جڏهن سرڪار هن جي ڳولا ڪئي تہ لينن روپوش ٿي ويو؛ پهريون هو پيٽروگراڊ ۾ (جا جاءِ مون ڏٺي هئي. اُن ۾ اهي رسالا ۽ اخبارون جي لينن اُتي پڙهندو هو، هن جو ڪُوڙو پاسپورٽ، هن جا دوستن سان گڏ فوٽوگراف وغيره بہ رکيل هيا. تعجب جي ڳالهہ آهي تہ انهن فوٽن ۾ ٽراٽسڪيءَ جو فوٽو ڪونہ هو.)

ان کان پوءِ لينن، فنلينڊ جي سرحد تي ڪنهن جهوپڙيءَ ۾ ڇُپيل رهيو ۽ پوءِ هيلسنڪيءَ فنلينڊ ۾. آگسٽ ۾ هن جو ڪتاب 'بالشيوڪ ۽ انقلاب' ڇپيو، جنهن ۾ هن ڏيکاريو تہ انقلابين جي رياست ڏانهن ڪهڙي رَوَش هجڻ گهرجي. سيپٽمبر ۾ هو روس جي سرحد جي ويجهو اچي رهيو. 16 آڪٽوبر تي هن پنهنجن پوئلڳن کي اقتدار تي يڪدم قبضو ڪرڻ لاءِ چيو. ڇٽن ڏينهن کان پوءِ هو پيٽروگراڊ ۾ ڇمڙا پوش ڪري آيو. هن جي ڏاڙهي ڪوڙيل هئي ۽ هن ڳاڙهي وِگ پاتي هئي. 23 آڪٽوبر تي لينن جو پيش ڪيل ٺهراءُ تہ اقتدار تي يڪدم قبضو ڪيو وڃي، پارٽيءَ جي مرڪزيءَ ڪاميٽيءَ بحال ڪيو ۽ 6 نومبر تي هو سمالني ۾ فوجي انقلابي ڪاميٽي جي صدر مڪان تي آيو ۽ يڪدم بغاوت لاءِ فوج کي اياريائين. 7 نومبر تي هن پڌرنامو شايع ڪيو، جنهن ۾ صوبائي حڪومت جي ڊهي پوڻ جو اعلان ڪيو ۽ نومبر 8 تي سوويٽن جي ٻيءَ ڪانگريس ۾ بالشيوڪ انقلابي کي هڪ قانوني حيثيت ڏني ۽ امن ۽ زمين جي باري ۾ لينن جا فرمان جاري ڪِيا ويا. نومبر 9 تي لينن پهرين بالشيوڪ سرڪار ٺاهي ۽ جنهن ۾ ڪابہ ٻي سوشلسٽ انقلابين کي پورٽ فوليو ڏنا ويا ۽ جنهن کان پوءِ هو عوامي ڪميسارن جي سوويٽ جو پهريون چيئرمين چونڊيو ويو. فيبروري 1918ع جي هنگامي

دؤر ۾ جڏهن مرڪزي قوتن روس ۽ جرمن فوج ۾ جنگ بنديءَ کي ننديو ۽ جرمن فوج ٻيهر روس تي حملو ڪيو، لينن پنهنجي اتحادين کان مدد وٺڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ پراوڊا ۾ 22 فيبروري 1918ع تي اهڙو مضمون لکيائين. ان وقت حڪومت ماسڪو منتقل ڪئي وئي. 18 فيبروري تي لينن جي چوڻ تي مرڪزي ڪاميٽيءَ ٺهراءُ پاس ڪيو تہ جرمنيءَ سان ٺاهہ لاءِ ڳالهيون ڪيون وڃن. اهي ڳالهيون بريسٽ – لِٽو وِسڪ ٺاهہ تي ختم ٿيون، جو 3 مارچ 1918ع تي ڪيو ويو. آگسٽ 30 تي لينن تي هڪ عورت فينيا ڪپلان، جا هڪ سوشلسٽ انقلابي پارٽيءَ جي تشدد پرست گروهہ جي ميمبر هئي، حملو ڪيو. جيتوڻيڪ لينن کي گهرا زخم رسيا، هن جلد ئي وري پنهنجون سياسي ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون. 6 مارچ 1919ع تي هن ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي پهرين ڪانگريس ماسڪو ۾ سڏائي. مارچ 1921ع ۾ ڏهين پارٽي ڪانگريس ۾ هن سرڪار جي اقتصادي راڄنيتيءَ ۾ ڦيرگهير جي سفارش ڪئي ۽ نيپ (نئين اقتصادي پاليسي) وجود ۾ آئي. تنهن کان پوءِ ماسڪو سوويٽ کي خطاب ڪندي لينن چيو، ”1921ع جي بهار ۾ پتو پئجي ويندو تہ اسان پيداوار ۽ تقسيم جو سوشلسٽ بنياد ايتريءَ تيزي سان قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون يا نہ يا ڪجهہ سرمائيداريءَ جي باري ۾ معمولي جهڪاءُ ضروري آهي.“ 26 مئي 1922ع تي لينن تي اڌ رنگ جو پهريون حملو ٿيو، پر آڪٽوبر ۾ هو چاق چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ وري پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو. نومبر 20 تي ماسڪو سوويٽ جي ڀرپور ميٽنگ ۾ هن پنهنجي آخري تقرير ڪئي، جنهن جا پويان لفظ اهي هيا تہ، ”روس جي نئين اقتصادي پاليسيءَ (نيپ) مان سوشلسٽ روس اڀرندو.“ 16 ڊسمبر 1922ع تي هن تي اڌ رنگ جو ٻيو حملو ٿيو، جنهن ۾ سندس ڏڙ جو ساڄو پاسو سُڪي پيو. 9 مارچ 1923ع تي هن تي اڌ رنگ جو ٽيون حملو ٿيو، جنهن ۾ سندس زبان بيهجي وئي. مئي جي وچ ڌاري هن جي صحت ٿوري گهڻي سڌري ۽ هن کي پنهنجي ڪمري مان ڪرملين نيو ويو. آڪٽوبر ڌاري هو وري گهمي سگهيو، پر ڳالهائڻ کان معذور رهيو. 21 جنوري 1924ع تي لينن تي فالج جو آخري حملو ٿيو، جنهن ۾ هو فوت ٿي ويو. 27 جنوري 1924ع تي هن جي لاش کي سُرهاڻيون مکي، (Embalm) ڪري حفاظت سان شيشي جي قبر ۾ ريڊ اسڪوائر جي هڪ وڏي مقبري ۾ رکيو ويو، جتي هو اڄان تائين آهي. مون اها شيشي جي قبر ڏسي، دنيا کي عبرت جي نگاهہ سان ڏٺو هيو. مقبري جي ٻاهران روز ڪيترن ماڻهن جي قطار لڳندي هئي ۽ ڪيئي ڪلاڪ بيهڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جو وارو ايندو هو. اڄڪلهہ يو.ايس.ايس.آر جي ٽٽڻ کان پوءِ سُس پُس ٿي رهي آهي تہ لينن جي لاش کي اتان هٽايو وڃي. لينن هڪ زماني ساز شخصيت هو. اٽڪ لڳن هن جي وڏي خوبي هئي. جي اسٽالن هن جي وصيت تي قبضو نہ ڪري ها (ڏسو اسٽالن) تہ ممڪن آهي تہ يو.ايس.ايس. آر جي تقدير ٻي هجي ها. ڪميونزم جي جڙ هر مذهب ۾ آهي، پر لامذهبيت اُن مان خدا جو خوف ڪڍي ڇڏيو ۽ اقتدار ۾ آيل انسان خونخوار درندا ٿي

پيا ۽ انسان جو هي خوبصورت خواب اڻين ئي تالان والان ٿي ويون. ٽين دنيا جا بکيا ڏکيا ماڻهو اڃان ڪنهن اهڙي فلسفي ۽ سياسي نظريي لاءِ سرگردان آهن، جو ڪين سياسي ۽ اقتصادي بي انصافيءَ کان بچائي سگهي. دنيا Unipolar ٿي وئي آهي. ممڪن آهي ته آمريڪا سائوٿ ايشيا ۾ چڱو ڪردار ادا ڪري، جيتوڻيڪ اُن مان اقتصادي ڀلائيءَ جي اُميد اجائي آهي. پر جڏهن چين ۽ رُوس، ٻئي آمريڪا جي پيرن ۾ ڪِريا آهن، تڏهن اسان ۾ جا ڪميونزم آمريڪا لاءِ سخت نفرت پيدا ڪئي هئي، سا بي مَعنيٰ ٿي لڳي.

لينن جي ياد اچي ٿي ته غالب جو شعر دل تي تري اچي ٿو:

سب کهان کچهه لاله و گل مين نمايان هوگئين

خاک ۾ کيا صورتين هونگين ک پنهان هوگئين

جيتوڻيڪ لينن جي صورت اڃان خاڪ ۾ پنهان نه ٿي آهي، پر لڳي ائين ٿو ته پنهان ٿيڻ واري آهي.

ليونارڊو ڊاونچي

هي پنهنجي دؤر جو بهترين مصور هو ۽ هن کان اڳ ۾ ڪنهن به مصور ايتري اثرائتي نموني زنده انسان پيش نه ڪيا هوندا. هن جي نهايت سوڀاياوان ۽ زيبائتي تصوير دراصل 'سنجاب جي پشم واري عورت' آهي. جيتوڻيڪ موناليزا کي ڪي ماڻهو هن جي بهترين تصوير سمجهندا آهن. هن پهريون نقش 1485ع ۾ چٽيو، جو مِلان (Milan) شهر جي حاڪم جي سُريت جو هيو. هو ٻڏي مئو هيو، جڏهن هن پاڻيءَ ۾ چنڊ جي پاڇي کي نشي جي حالت ۾ پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. بهرصورت هو مغرب ۾ ايترو ئي گهڻ صلاحيت وارو انسان هو، جيترو هندستان ۾ امير خسرو. هو نه رڳو مصور هو، پر انجنيئر، انگ وديا (Anatomy) جو باني، رياضي دان، موسيقار، نطرت پرست ۽ فيلسوف، معمار ۽ صنم تراش ۽ هوائي جهاز جو پهريون تصور ڏيندڙ وغيره هيو. مون نه رڳو هن تي لکيل ناول 'مونا ليزا' پڙهيو آهي، پر هن جون ڊائريون پڙهي حيرت ۾ اچي ويو آهيان ته هن سموري زندگي ڪيتري نه محنت ڪئي هئي. ليونارڊو جنهن جي عمر 80 ورهين کان به مٿي هئي، ساري زندگي ڪنوارو رهيو. هو ونچيءَ جي ٽسڪن شهر ۾ پيدا ٿيو هو، ۽ هڪ فلارين نوٽريءَ جي هارياڻيءَ جو ري نڪاحو اولاد هيو. 1467ع ۾ هن کي ڪنهن مصور وٽ سيکڙاٽ ڪري رکيو ويو هو. 1472ع ۾ ليونارڊو پنهنجي سکيا پوري ڪئي ۽ فلارنس جي مصورن جي انجمن ۾ شامل ٿيو، جيتوڻيڪ هو پنهنجي استاد سان پنج سال ٻيا به ڪم ڪندو رهيو ۽ هن کي فلارنس جي ڪارخاني ۾ وڏي ذميواري سونپي وئي. ليونارڊو جي فني زندگيءَ جا پهريان ڏهه سال مصوريءَ ۾ گذريا ۽ اڌوريءَ تصوير 'مڱڻيءَ جي پوڄا' تي ختم ٿيا. 1973ع ۾ اها ڳالهه واضح ٿي وئي ته ليونارڊو فطرت جي مشاهدي تي نروپرو ۽ سختيءَ سان ڀاڙيو ٿي. ان سان گڏوگڏ هن

Gul Hayat Institute

فني هيئت لاءِ جاميٽريءَ (اقليدس) جي اُصولن جي ڳولا ڪئي. اهي بہ انتها پسند ڳالهيون هڪ تہ ذري پر تفصيل جي لاءِ هڪ تکي اک ۽ اقليدس (جاميٽريءَ) ۽ رياضيات جي نسبت جو ذريعو ، آخر تائين هن جي آرٽ ۽ فڪر جون خاصيتون رهيون.

1483ع ۾ ليوناردو، فلارينس ڇڏي مِلان ويو ۽ ويهہ سال نہ موٽيو. اُتي هن ڪلاسيڪي ادب ۽ افلاطون جي فلسفي جو ڳوڙهو مطالعو ۽ شاعريءَ ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي. مِلان جي دربار ۾ اهڙيون ڳاهوڪيون آرائشون ڪونہ هيون جهڙيون هن آنديون. اُتان جو ڊيوڪ، جو هڪ جنگجو انسان هُيو، ان کي اهڙي هن جهڙي ڀهون مکي ملازم جي ضرورت هئي. ليوناردو، ڊيوڪ کي لکيو تہ هو ايجاد ڪندڙ، انجنيئر، جنگ لاءِ مشينون ٺاهيندر ۽ توبون پلٽيندڙ آهي ۽ ڊيوڪ جي پيءُ جو مجسمو ٺاهي سگهي ٿو، رڳو خط جي پڇاڙيءَ ۾ هن لکيو تہ مصوري هن جو پيشو آهي. ڇڳو جو غالب وانگر نہ لکيائين:

سَو پُشت سے ہے پیشہ آبا سپہ گري،
کچھ شاعري ذریعۂ عزت نہیں مجھے ،

مِلان ۾ آرٽسٽ جا گهڻ ڪُنڊا ڪم هيا.

هن ڊيوڪ جي لاڏلن جا چِٽر ڪڍيا، دربار جون مجلسون ۽ شادمانا، ٺاهہ ٺوهہ ڪري سينگاريا ۽ وڏين ديولين جي آڏاوت ۽ بناوت تي مشورا ڏنا. 1499ع ۾ مِلان کي فرينچ قوم فتح ڪيو ۽ ليوناردو ويهہ سال ڀٽڪندو رهيو. 1500ع ۾ هو مانٽوا ۽ پوءِ وينس ويو ۽ اُن کان ٻہ سال پوءِ هُن سيزربورگيا جي دربار ۾ قلعي بنديءَ جي ماهر جي حيثيت ۾ نوڪري ڪئي، جيڪو هڪ بي رحم آزمائو هو ۽ جنهن ميڪياوليءَ جي تصور کي گرمايو هو. اِن دؤر ۾ هن مونا ليزا جي تصوير تي ڪم ڪيو ۽ وَلر جي اُڏاريءَ تي رسالو لکيو. 1507ع کان 1513ع تائين هن فرينچ سرڪار جي نوڪري ڪئي. هن جون مصروفيتون گوناگون هيون. علم نباتات، علم طبقات الارض (ڀُون وِديا= Geology) ۽ ماحوليات جي مطالعي ۾ مصروف رهيو. هو لڪي ڇپي علم بدن (انگ وديا) ۾ بہ دلچسپي وٺندو هو ۽ چوريءَ مُردا قبرن مان ڪڍي، اُنهن جي ڪاٽ ڪُوٽ ڪندو هو. 1513ع ۾ وڏيءَ جمار ۾ هو وَيٽيڪَن ۾ پوپ لوئي ڏهين وٽ سينٽ پيٽر جي نئين ديول ٺاهڻ لاءِ ويو هو. جڏهن مائيڪل اينجلو، سسٽين چيٽپل ٺاهي چڪو هو ۽ ريفل پوپ جي ڪوٺيءَ تي مصوري ڪري رهيو هو. ان وقت هن جي آرٽ ۾ دلچسپي گهٽجي وئي هئي. هو هڪ حيرت انگيز اُڏند کٽولي ٺاهي رهيو هو. هن جي من ۾ هن سنسار جي انت جا چِٽا خيال اڇي رهيا هئا ۽ ڀيانڪ خواب ڏسي رهيو هو، جنهن جو اظهار هن پنهنجيءَ لکت ۽ خاڪن ۾ ڪيو آهي.

شايد 1915ع ۾ ليوناردو، فرانسز ١ جي دعوت تي ويو، هتي پراڻي استاد سان آرٽ ۽ سائنس تي بحث مباحثا ٿيا. جي بادشاهہ کي پسند آيا ۽ ڪجهہ تعمير سازيءَ

ڏانهن بہ ڏيان ڏنائين. هو 2 مئي 1519ع تي گذاري ويو.

مون کي ٻن مائهن جي زندگيءَ حيرت ۾ وڌو آهي. ليوناردو ڊاونچيءَ جي ۽ امير خسروءَ جي. امير خسرو نہ فقط عظيم شاعر هو، جنهن جي فارسيءَ شاعريءَ کي ايران بہ تسليم ڪيو آهي، پر شمشير زن ۽ سپاهي بہ هيو. هو لوڪ ادب جو وڏو ماهر هو ۽ نہ رڳو انهن ڪهہ مُڪرنين جو باني هو، جي ادبي اهميت واريون ڳجهارتون هُيون ۽ هندستاني ٻوليءَ جي پيڙهہ رکي اٿائون، پر اردو شاعريءَ جو بہ پهريون شاعر هو. هن جهڙيون سٽون بہ لکيون آهن.

سکهي پيا کو جو مين نہ ديکهون تو کيسے کاٹون اندهيري رَتيان

زماني جي حادثن هن جون اهڙيون سِٽون توريون بچايون آهن، پر ان جو مَٽ ساري اردو ادب ۾ نہ آهي. هو موسيقيءَ جو وڏو ماهر ۽ خيال جو تخليق ڪندڙ هو. ستار جهڙو ساز هن جي ايجاد آهي.

ڪي ڪي دؤر ڪيترن ئي زماني ساز شخصيتن جا دؤر ٿيندا آهن. ليوناردو جي دؤر ۾ نہ رڳو مائڪل اينجلو ۽ ريفل جهڙا مصور پيدا ٿيا، پر ميڪاوليءَ جهڙو سياست جو ماهر بہ پيدا ٿيو، جيئن ٽالسٽاءِ جي دؤر ۾ چيخوف، دوستو وسڪي، گوگول، گورڪي (جيتوڻيڪ هو ڪافي ننڍو هو) ۽ شاعر اليگزاندر بلاڪ ۽ يسينين وغيره پيدا ٿيا.

پهريون رينيسانس جو دؤر هو، ٻيو دؤر روسي انقلاب کان اڳ وارو دؤر هو. اهو نہ وساريو وڃي تہ اوس پينسڪي جهڙو فلسفي ۽ گرجيف جهڙو صوفي بہ انهيءَ دؤر ۾ پيدا ٿيو ۽ راس پيوٽين جهڙي حيرت انگيز شخصيت بہ ان دؤر جي پيدائش هئي.

مارڪس آريليس (Marcus, Aurelius)

روم جو شهنشاهہ هيو، جنهن 121ع کان 180ع تائين روم جي سلطنت تي راڄ ڪيو. ’انترڏيان‘ (سوچ) هن جو مشهور ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن جون چوٽيون آهن، جن جو رڳو انگريزيءَ ۾ ئي پنج، ڇهہ اديب ترجمو ڪري چڪا آهن. بنيادي طرح مارڪس آريليس هڪ وڏو فيلسوف هيو ۽ هن جو شمار افلاطون ۽ ارسطو جهڙن فيلسوفن جي قطار ۾ ٿئي ٿو. هن جا ڪيترائي همعصر پنهنجي سوچ تي ٺٺولون هڻندا هيا، جڏهن هن جي وڃڻ جو وقت آيو تہ هن فقط اهو چيو، ”مان هڪ نهني فيلسوف، ڪڏهن بہ اهو هَوس نہ رکيو آهي تہ ٻي ڪنهن کي ڏک رَسايان.“ هو نہ رڳو شهنشاهہ هيو، پر هڪ عظيم ترين رومن هيو. مان ڀانيان ٿو تہ هن جهڙو ڏاهو حاڪم، دنيا جي تاريخ ۾ نہ ٿيو آهي.

Gul Hayat Institute

مالرو آندري (1901ع کان 1976ع تائين)

فرينچ ناول نويس، آرٽ تي تنقيد نگار، سرڪاري آفيسر ۽ فرانس جي سياسي ثقافتي زندگيءَ جو اهم ڪردار. هن جا ناول ويهين صديءَ جي سڀ کان وڏي ڊرامائي واقعي 1937ع ۾ اسپين جي خانہ جنگيءَ ۽ 1932ع ۾ چين ۾ اشتراڪي غوغاءَ ۾ جو امڪاني مواد هو، اُن جو فائدو ورتن ٿا. ڪيترين ڳالهين ۾ هن سارتري کان اول وجوديت جي فلسفي جو ذڪر ڪيو آهي. ڇاڪاڻ جو هُن جا ڪردار شعوري طرح چونديل عمل سان پنهنجي وجود کي معنيٰ بخشن ٿا. هن آرٽ تي بہ هڪ وڏو ڪتاب لکيو آهي، جو پڙهي هن جي عظمت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

”رڳو آرٽ،“ مالرو چيو آهي: ”انساني زندگي کي اُها پائنداگي بخشي سگهي ٿو، جنهن کان اُن کي محروم رکيو ويو آهي.“

مالرو پئرس ۾ ڄائو هو ۽ هن جا والدين وڻج واپار ڪندا ها. هو مشرقي زبانن جي ڪنهن اسڪول ۾ داخل ٿيو هو. هن علم الانسان، علمِ آثار قديم ۽ تاريخ ۾ زياده دلچسپي ورتي هئي. 1924ع ۾ هو انڊو - چائنا هڪ آثار - قديمہ جي گشت تي پنهنجيءَ زال ڪليرا سان گڏجي ويو هو. اُتي هن کي فرينچ اختياريءَ وارن مان ڪجهہ سياسي مشڪلاتون پيش آيون ۽ 1925ع ۾ چين هليو ويو. اُتي هن جي انقلابي پارٽين ۾ دلچسپي پيدا ٿي ۽ هو هڪ سال اشتراڪيت جو رفيق-ڪار رهيو. جيتوڻيڪ انقلابين هن کي پنهنجي انفراديت پسنديءَ ۽ انهيءَ نظرئي تي اصرار تہ ”آرٽ مادي آسودگيءَ کان وڌيڪ مستحسن آهي.“ سبب پوريءَ طرح قبوليو نہ هو (ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها جي چيني ۽ روسي مالرو جي انهيءَ اصرار کي مڃن ها!)

1927ع تائين مالرو ڪئنٽن ۽ شنگهائيءَ ۾ انقلابي حلقن کي پروپئگنڊا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ جڏهن چانگ ڪائي شيڪ، اشتراڪيت کان جدا ٿي ويو، مالرو اُهو مناسب سمجهيو تہ هو يورپ موٽي وڃي. هن پنهنجا ناول لکڻ کان اڳ هڪ ڀرپور زندگي گذارڻ تي چاهي ۽ پنهنجي عملي زندگي سان سپردگيءَ وجودي مفڪرن کان اڳ زندگيءَ جو اصول ٺهرائي هئي (ون-يونٽ واري دؤر ۾ آنءَ بہ پنهنجي شاعريءَ کان اڳ سُپردگي اپنائي هئي)

مالرو کي بين الاقوامي شهرت پنهنجي ناول "The man's fate" جي اشاعت کان پوءِ ملي جو 1933ع ۾ ڇپيو. اُن ناول جو موضوع اهو آهي تہ ڪجهہ چيني انقلابي ۽ يورپي جانباز گڏجي هڪ نئون چين ناهين ٿا، جنهن مان گهڻا دغا جي ڪري ناڪامياب ٿين ٿا، پر ڇهن ستن ڪردارن مان هر هڪ تخريب جي قوتن سان مُنڊو اٽڪائي ٿو، قوتون جن کي مالرو تقدير ڪوٺي ٿو. اهي پيار ڪن ٿا، سازش ڪن ٿا، قتل ڪن ٿا ۽ مقدر وانگر اظهار ڪن ٿا ۽ ڪلم ڪلا ڳالهائين ٿا- زندگيءَ جي اهميت تي، آرٽ

تي، عورت تي ۽ موت تي. اهي ماڻهو، جن عمل کي زندگي سپرد ڪئي آهي، ساڳي وقت جذباتي خود نِگر بہ آهن. ناول جي پهرين سِين، جنهن ۾ هن جي سازش پڪڙي وئي آهي ۽ هن کي موت جي سزا ڏني وئي آهي، ڏيکاري ٿي تہ اُهي انسان جي اڪيلي پڻي ڪان اڳتي وڌي چڪا آهن ۽ پنهنجي ڀاڳپي ڳولي چڪا آهن. اها سِين چڻ دوستو وسڪيءَ جي ياد ڏياري ٿي. هن ٻيا بہ ناول شايع ڪرايا. 1933ع کان پوءِ بہ پنهنجي شهرت تي لڳي، مات ڪري نہ ويٺو، پر هو پنهنجن سياسي اعتقاد لاءِ وڙهندو رهيو ۽ فني شهپارا ڏسڻ لاءِ دور دراز سفر ڪيائين. 38-1936ع ۾ هن اسپين جي جنگ ۾ حصو ورتو ۽ نہ رڳو طياري باز هو، پر پروپئگنڊا جو ڪم بہ هن کي ڏنو هيائون. اشتراڪين جي بي ترسي ۽ جمهوريت پسندن جو نراجواد ڏسي، هن پنهنجن خيالن تي نظرثاني ڪئي.

ٻي جنگ عظيم ۾ مالرو پهرين تہ فرينچ فوج جي ٽئنڪ-ڪور (tank-core) ۾ وڙهيو، تنهن کان پوءِ زيرِ زمين مزاحمتين سان گڏجي وڙهيو، جن جو هو هيرو ٿي ويو؛ ان کان پوءِ هو باقاعده فوج ۾ ڪرنل جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيو. 1945ع ۾ هن ۽ ڊيگال جي دوستي ٿي وئي ۽ هو گڏجي فرانس جي عظمت لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا. 1958ع ۾ جڏهن ڊيگال اقتدار ۾ آيو تہ هن کي ڪلچر منسٽر ڪري ڪنيائين. 1945ع ۾ هِن پنهنجو آرٽ تي عاليشان ڪتاب The voices of silence ڇپايو. ڪنهن مخصوص حالت ۾ مون هينيون هائيڪو لکيو هو، جو 'ٻَن چڻ پڇاڻان' ۾ شايع ٿي چڪو آهي:

ساڳي فاشي چال
آنءُ تہ آندري مالرو
تون ناهين ڊيگال!

هن وقت مان ان هائيڪوءَ جي وضاحت ڪرڻ مناسب نہ ٿو سمجهان.

مالرو آرٽ کي پنهنجي دؤر جي آفاقي حقيقت سمجهي، اُن جو آدرياءُ ڪيو. 1967ع ۾ هن پنهنجي سوانح حيات ڇپائي، جا مون نہ پڙهي آهي. ڪنهن چيو تہ اها ڪنهن بہ ناول وانگر پرڪشش آهي، ان ۾ ڊرامائي واقعا آهن ۽ ماحول جي ڇُٽي اُپار آهي ۽ دنيا جي عظيم شخصيتن، نهروءَ ۽ مائوزي تنگ سان گفتگو آهي. هن ڊيگال سان گفتگوءَ بہ رڪارڊ ڪئي آهي. نهرو هن جو ذڪر "Discovery of India" ۾ ڪيو آهي. هو پئرس ۾ 1976ع ۾ مري ويو. ڪيڏي نہ پربور زندگي هئي انهن انسان جي؟ مون کي ڪڏهن انهن تي رشڪ ايندو آهي. جڏهن آندري مالرو، وڪٽر هيوگو پڙهندو هو تہ مان لطف الله بدوي پڙهندو هوس. اها ٻي ڳالهہ تہ مون فرانس جا اڪثر اديب پڙهيا آهن، پر آندري مالرو کي اِها خبر بہ نہ هئي تہ سنڌ نالي ڪا ننڍي ڪنڌ ۾ جاءِ بہ آهي!

Gul Hayat Institute

مائيڪل اينجلو (1475ع کان 1564ع تائين)

اطالوي سنگتراش، مصور، معمار، نقاش ۽ شاعر هو. يورپ ۾ ريني سانس (احيا) جي دؤر جي وڏي ۾ وڏي شخصيت هو. هن فلارنس ۾ تربيت حاصل ڪئي هئي. 1446ع ۾ هو روم ويو ۽ اتي 1499ع ۾ پنهنجو شاهڪار Pieta سينٽ پيٽر تي مڪمل ڪيائين. 1501ع ۾ فلارنس موٽي آيو، جتي هُن دائود (David) جو تمام وڏو مجسمو ٺاهيو ۽ پنهنجي ڪمال جي چوٽيءَ تي پهتو. اهو مجسمو فلارنس ۾ وڏي فخر سان ڏٺو ويندو آهي. 1505ع ۾ هو وري روم موٽي آيو، جتي پوپ جيولس II هن کي ٻه وڏا ڪم سپرد ڪيا. هڪ هو موسيٰ جو مجسمو پنهنجي هٿ سان ٺاهي ۽ ٻيو هن کي سسٽين چئپل (Sistine Chapel) کي ڇتيڪين ۾ سينگارڻ جو ڪم سپرد ڪيو ويو. اهو هن جو عظيم ترين ڪارنامو هيو ۽ سندس مافوق الانسان عظمت جو مظاهرو پڻ هيو، جنهن مائيڪل اينجلو کي پنهنجي دؤر جي مشهور ترين مصورِ جي حيثيت ڏياري. ڪجهه وقت فلارنس ۾ 1516ع کان 1534ع تائين رهي وري روم موٽي آيو ۽ اتي 'پوئين فتويٰ' (The last judgment) سسٽين چئپل جي ديوار تي ڪڍيائين. اهو ڪم هن جي ڇتين ۽ تازي پلستر تي چٽسالي‍ءَ کان بلڪل مختلف هيو ۽ ان ۾ تمام دهشت انگيز قوت واريون جهجيون صورتون هيون.

انهيءَ دؤر ۾ هن معمار جي حيثيت سان به ڪافي ڪم ڪيو ۽ هن جي وڏي ۾ وڏي حاصلات سينٽ پيٽر جي چرچ جي ٻيهر تعمير آهي ۽ ان جي وڏي گنبذ جي خوبصورت رٿا آهي. هن کي پنهنجا همعصر تمام حيرت ۽ هيبت سان ڏسندا هيا. ليوناردو ۽ ريفل (Raphel) سان ملي هن آرٽسٽ جي جينيس جي حيثيت ۾ مڃتا ڪرائي.

هن جي شاعري جا ڀريون 1663ع ۾ ڇپي، مائيڪل اينجلو جي شخصيت، هن جي ايمان، آرٽ، پيار جي ٻاري ۾ تياس جي عڪاسي ڪري ٿي. هُن جا همعصر، مائيڪل اينجلو کي نه رڳو پنهنجي پر هر دؤر جو عظيم ترين مصور سمجهندا ها، هن جي تخليق کي انساني نه رحماني عطا سمجهندا ها. اڄ چئن صدين کان پوءِ، اسان جي مائيڪل اينجلو جي مصوريءَ، سنگتراشيءَ، فنِ تعمير ۽ شاعريءَ ۾ اعليٰ بصارت جي شناس اڳي کان به وڌي وئي آهي ۽ مائيڪل اينجلو اصل جينيس جو مثال ٿي پيو آهي. پنهنجي زندگي آرٽ لاءِ وقف ڪرڻ وارو، تن تنها، سارو وقت پنهنجي لگن ۾، ڪڏهن به مطمئن نه ٿيندڙ ۽ ڪڏهن به شڪست نه قبوليندڙ. هن جي زندگيءَ تي ناول پڙهي ۽ هن جي فن تي ڪتاب ڏسي، مان ڪڏهن سوچيندو آهيان، "مون ڪيڏي عمر اجائي وڃائي آهي. انسان جو حسن ڪيترو ناپائيدار آهي! ڪيتري نه پائيداري آهي فن جي حسن ڪي!"

مجدد الف ثاني (26 جون 1564ع کان 10 ڊسمبر 1664ع تائين)

شيخ عبدالاحد وٽ سرحد ۾ ضلعي سرهند ۾ هُن جنم ورتو. هُن جو نالو الاحمد ۽ لقب بدرالدين مشهور ٿيو. حفظ قرآن کان پوءِ ابتدائي تعليم پيءُ کان ورتائين. ان کان پوءِ سيالڪوٽ ۾ مولانا ڪشميريءَ کان معقولات تي ڪتاب پڙهيائين. حديث ۾ هن جو استاد مولانا يعقوب ڪشميري هيو. 17 ورهين جي عمر ۾ ظاهري علم کان فارغ ٿي درس ۽ تدريس جي سلسلي ۾ ماڻهن کي نوازيندو رهيو. هو جلال الدين محمد اڪبر جي دينِ – الاهي واري دؤر ۾ پيدا ٿيو هو. علماءَ، اڪبر کي مهدي صاحبِ زمان چوندا ها ۽ هن کي امام مجتهد ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هيائون. اڪبر سيني مذهبن جي مختلف عقيدن جو مجموعو هو. هن پنر جنم، تِلڪ (تشقہ) سج جي پوڄا، ڳانءِ جي پوڄا وغيره کي پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪيو. هندو ڏڻ به ههو وڏي ٺاٺ سان ملهائيندو هو. پارسين جي آتش پرستي، عيسائن جي تثليث ۽ سنک وڄائڻ به دينِ اڪبريءَ ۾ شامل ڪيو هئائين. جڏهن هو اڪبر آباد ۾ هيو، تڏهن اڪبر جي نَوَن رتن ۾ ابوالفضل ۽ فيضي (جي سنڌي هيا)، سان مجدد الف ثانيءَ اوچتو مليو. هن جا ٻنهي سان ڪجهه اختلاف ٿيا، پر اهي ٻئي ڀائر ڪافي ميڄيا ويندا ها ۽ مجدد الف ثاني، ابوالفضل جو اهلِ علم جي حيثيت ۾ ڪافي قدر ڪيو ۽ ڪيئي ڀيرا هن جي مجلس ۾ شريڪ ٿيو. هڪ ڀيري حضرت مجدد، فيضي جي گهر ويو. جتي ڏٺائين ته سواءِ نقطن جي قرآن مجيد جي تفسير لکي رهيو هو. ان ڳالهه کان به ڏاڍو متاثر ٿيو. هن کي ڏاج ۾ ڪافي مال ۽ دولت مليا ها، جن مان هُن هڪ حويلي ۽ مسجد ٺهرائي هئي. هن چشتيه سلسلي جي بيعت ڪئي هئي، جنهن هن کي خلافت جو خرقو به ڏنو هو. سهروردي ۽ قادريہ طريقا به هن پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيا، پر اڃان ڪيس پورو اطمينان نہ ٿيو. اطمينان ڪيس خواجا باقي باالله جي بيعت ۾ ميسر ٿيو، جو دهليءَ ۾ رهندو هيو.

ان کان پوءِ هن کي وري تصوف جي ڪشش ٿي ۽ هن وري حضرت خواجا جي بيعت ڪئي، چون ٿا تہ خواجا صاحب جي مدد سان هن ڪيئي منزلون طئي ڪيون، مثلاً حيرت جو مقام، فناءِ حقيقيءَ جو مقام، شرح صدر ۽ حق اليقين جو مقام ٿوري عرصي ۾ طئي ڪيائين. تعليم بعد مرشد کان اجازت وٺي هو سرحد واپس آيو. ان کان پوءِ هو لاهور ويو تہ هن جو مرشد انتقال ڪري ويو ۽ هو دهليءَ موٽي آيو. حضرت باقي الله جي وفات کان ٻہ سال پوءِ شهنشاهہ اڪبر بہ وفات ڪئي ۽ جهانگير تختِ تي ويٺو، جنهن ڪيس دربار ۾ مدعو ڪيو ۽ هڪ سال کان پوءِ گواليار جي قلعي ۾ قيد ڪيو. تزڪِ جهانگيريءَ ۾ لکيل آهي تہ جنهن مان اڪرام الله پنهنجي ڪتاب رود- ڪوثر ۾ لکيو آهي تہ جهانگير هن کي گواليار جي قلعي ۾ قيد رکيو. قيد مان رهائيءَ کان پوءِ هو وري جهانگير جي ويجهو آيو ۽ چار سال بادشاهہ جي لشڪر ۾ رشد ۽ هدايت جو سلسلو

جاري رکيائين. هن جي عمر ڪافي ٿي چڪي هئي ۽ رحلت قريب هئي، ان ڪري بادشاهہ کيس اجازت ڏني تہ سرهند وڃي ۽ اتي خلوت ۾ رهي. غالباً هو استعفيٰ ڏئي هليو ويو ۽ هن تي دم جو سخت حملو ٿيو، پر وري طبيعت بحال ٿي ويس.

هڪ ڏينهن هو هندي جو هيٺيون مصرعو:

آج ملاوانؔ کنت سون، سکهي سب جگ ديوان وار

(اڄ گڏجاڻيءَ جو ڏينهن آهي. اي سکي! مان خوشيءَ ۾ سڄي دنيا کي نثار ڪري ڇڏيان)

پڙهي رهيو هو ۽ ٿوري عرصي بعد مري ويو، جڏهن هن جي عمر 63 سال هئي.

اسلامي تاريخ ۾ حضرت مجدد الف ثانيءَ جو نالو فهرست جي چوٽيءَ تي لکيل آهي ۽ ٻيا ڪيترائي اسلامي مفڪر (علامہ اقبال سميت) هن کان متاثر ٿيا آهن.

مسرت پسندي (Hedonist)

مسرت پسندي اُهو اخلاقيات جو نظريو آهي، جيڪو چوي ٿو تہ چڱي ڳالهہ اها آهي جا انسان کي خوشي پهچائي ۽ ڏک ۽ برائي کان نجات ڏياري. مسرت پسنديءَ جا نظريا قديم زماني کان وٺي ڏنا ويا آهن، جن ۾ ايپيڪيورس جا نظريا وڌيڪ اهم آهن ۽ ان کان سواءِ جان مل ۽ بينٿم جو افاديت پسندي (آپ يوگتاواد) وارو نظريو، سڀ ايپيڪيورس جي ئي نظرئي جو نتيجو آهن. اهو نظريو تہ سک ئي آخري چڱائي آهي، انساني اخلاق ڏانهن هڪ ڪُڏنگو ۽ رواجي رويو هو.

موديلياني (Modigiliani) (1884ع کان 1920ع تائين)

اطالوي مصور، سنگ تراش ۽ نقشہ ڪش هيو. 1906ع ۾ هو پيرس ۾ ڪم ڪندو هيو، پر ان کان اڳ اٽليءَ ۾ نئين جاڳرتا واري ڪلا (Renaissance Art) ۾ پنهنجي طرز ميڃائي چڪو هيو ۽ هن کي گهڻو ڪري بوٽي سيلي * جو روحاني وارث سمجهيو ويندو آهي. ڪجهہ تصويرون ڇڏي باقي هن جون ڪجهہ شبيهون (Portraits) آهن، جن مان هڪ ترتم واري ٿوت جو احساس ٿئي ٿو. هن جي سنگ تراشيءَ ۾ آفريڪا جي نقابن جو تاثر ملي ٿو . هن جون نفساني ننگيون مورتيون (Sensual Nudes) جي پنهنجي ڪلم ڪلا عريانيءَ ۽ عشقبازيءَ لاءِ مشهور آهن.

موزارٽ (Mozart) (1756ع کان 1791ع تائين)

آسٽريا جو ڪمپوزر هيو، جنهن جي موسيقي ٻي ڪنهن بہ انسان جي موسيقيءَ

* بوٽي سيلي: جاڳرتا واري دؤر جو عظيم آرٽسٽ (1445ع کان 1510ع تائين)

Gul Hayat Institute

ڪان وڏيڪ ڀائي ويندي آهي. هو هڪ پيشور وايولين نواز ۽ ڪمپوزر (راڳ ناهيندڙ) جو پٽ هو. موسيقيءَ جي تاريخ ۾ حيرت ۾ وجهندڙ اسرار هيو. هن جي تربيت هن جي پيءُ ليوپولڊ ڪئي ۽ هو 5 ورهين جي عمر ۾ هڪ ماهر راڳ ناهيندڙ ۽ ڳائيندڙ وڄائيندڙ (Performer) هيو ۽ 15 ورهين جي عمر ۾ هن موسيقيءَ جا 100 شاهڪار تخليق ڪيا هيا. هن ڪيئي سنگيت - دؤرا ڪيا، جن جي سلسلي ۾ فرانس، جرمنيءَ، اٽليءَ ۽ انگلنڊ ۾ ويو، ۽ اتي پنهنجي دؤر جي عظيم موسيقارن سان هن جون ملاقاتون ٿيون. 1771ع ۾ هو پيءُ سان گڏ سالزبرگ جي آرچ بشپ وٽ گهر ڪري ويٺو، پر پوءِ سفر ڪندو رهيو ۽ نهايت اهم فرمائشون قبول ڪيائين. ان ڪان پوءِ هُن جي آرچ بشپ سان نااتفاقي ٿي پئي، ۽ 1781ع ۾ ويانا ۾ هڪ ڇڙواڳ ڪمپوزر، پيانسٽ ۽ استاد ٿيو. هو موسيقار جي حيثيت ۾ تہ نهايت ڪامياب هيو پر تڏهن بہ هن کي پويان ڪجهہ مهينا، پنهنجي زال ۽ ٻن پٽن جي پرورش لاءِ پئسي جي ضرورت پئي. انهيءَ دؤر ۾ موزارٽ بيمار ٿي پيو ۽ گذاري ويو. ڪا بہ تاريخي ثابتي ڪانہ آهي تہ هن کي زهر ڏني وئي هئي. گذريل سال 1991ع ۾ هن جي ٻي صدي ملهائي وئي، جنهن جو تفصيلي ذڪر هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪيو ويو آهي. هن جي موسيقيءَ ۾ عجيب و غريب ۽ غير رواجي ٽيڪنيڪي مهارت آهي ۽ انساني حالت جي اونهي ڄاڻ آهي.

مولانا روميءِ جلال الدين (1207ع کان 1272ع تائين):

فارسيءَ جو عظيم صوفي شاعر هيو. هو بلخ ۾ پيدا ٿيو، جتي هن جو پيءُ بهاءالدين مشهور عالم هيو. هن جي علاءالدين محمد خوارزم شاهہ سان نہ ٻڻي ۽ ان ڪري هو وطن ڇڏي هليو ويو. مولانا رومي ان وقت ننڍي عمر جو هيو. نيشاپور جي شهر ۾ مشهور صوفي شاعر فريدالدين عطار (منطق الطيور جي مصنف) سان هن جي ملاقات ٿي تہ انهيءَ، روميءَ کي هنج ۾ کڻي دعائون ڪيون. هن جي پيءُ هن کي ترڪيءَ جي شهر قونيا ۾ آندو ۽ هو اتي رهي پيو. روم ۾ رهڻ ڪري مولانا رومي جي نالي سان مشهور ٿيو هو. مولانا رومي جو زمانو نهايت اُٿل پُٿل وارو هيو، پر اُهي حالتون هن جي ذهني ارتقا ۾ اَٽڪ ثابت نہ ٿيون. علم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ هن پنهنجو ڌيان روحانيت ڏانهن ڏنو. پهريون برُهان الدين ترمذي جو شاگرد هيو، پر پوءِ صوفي درويش شمس تبريزيءَ سان هن جي عقيدت ۽ والهانہ عشق ٿي پيو. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن شمس تبريز، قونيا مان هليو ويو تہ روميءَ هن جي فراق ۾ غزل لکيا، جي 'ديوان شمس تبريز' جي نالي سان مشهور ٿيا. 1245ع ۾ شمس تبريز جي وفات تي سندس ياد ۾ مولانا روميءَ هڪ نئون صوفيانہ درويشيءَ جو سلسلو قائم ڪيو، جنهن کي تصوف جي اصطلاح ۾ 'سماع' چوندا آهن.

مولانا روميءَ جي شاعري تصوف سان پرپور آهي، مگر جا شيءِ مولانا جي عالمگير شهرت جو باعث بڻي ۽ هن جو لازوال شاهڪار آهي، اها هن جي مثنوي آهي،

Gul Hayat Institute

جنهن جي باري ۾ هي شعر مشهور آهي:

’مثنويءُ مولويءُ معنوي
هست قرآن در زبان پهلوي‘

انهيءَ مثنويءَ ۾ مولانا روميءَ تصوف جا مسئلا ڪهاڻين ۽ نصيحتن آميز تمثيلن جي ذريعي حل ڪيا آهن. پاڻ به قونيا ۾ وفات ڪيائين ۽ هن جي درگاهه شمس تبريز جي درگاهه کان فرلانگ کن پري آهي. مان ٻنهي بزرگن جي درگاهن تان ٿي آيو آهيان ۽ خاص طور روميءَ جي درگاهه تي ڪيل رقص-درويشان مون کان نه وسريو آهي.

مهاتما گانڌي (موهن داس ڪرمچند)

1869ع ۾ ڄائو. 1948ع ۾ هندوشدت پسند تحريڪ جي حاميءَ ۽ ساورڪر جي دوست گوڊسي جي گوليءَ سان ماريو ويو ، جنهن وقت هن ورهاڱي کانپوءِ هندو-مسلم رتو ڇاڻ کي بند ڪرائڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي. ”خدا ڪڏهن به بي اختيار نه آهي. هن جو قانون بي بدل آهي. اسان هُن کي ڄاڻون نه ٿا. نه اسان کي ڪنهن به وقت هن جي مرضي معلوم آهي، تنهنڪري هن جي اسان لاءِ حدون مقرر ڪيون آهن سي اسان تسليم ڪيون ٿا ۽ جي اُپاءَ اسان جي وس ۾ آهن، سي ڪيون ٿا.“ (گانڌيءَ جي ڏاهپ ۾ ٿامس ڪيرنان اهو حوالو گانڌيءَ سان منسوب ڪيو آهي.)

هندستان جيڪي به جديد انسان پيدا ڪيا، انهن ۾ گانڌيءَ هڪ بااثر شخصيت هو. هن روايتي هندو مت ۾ ٽالسٽاءِ جا خيال آندا ۽ ان کي اهنسا جي تحريڪ ۾ تبديل ڪيو ۽ هندستان جي آزادي حاصل ڪئي. هن آمريڪا جي نيگرو ليڊر ڊاڪٽر مارٽن ليوٿر ڪنگ (جنهن کي گانڌيءَ وانگر گوليءَ هڻي ماريو ويو هئي ۽ جو امن جو نوبل انعام کٽندڙ هو) کي ڏاڍو اُتساهيو. پنهنجي آتم ڪهاڻي ’منهنجا سچ سان تجربا‘ ۾ گانڌيءَ لکيو آهي، ”ٽالسٽاءِ جي ڪتاب، ’خدا جي شهنشاهيت اوهان جي اندر ۾ آهي‘ مون تي زبردست اثر ڪيو. هن مون تي پائنده تاثر ڇڏيو. هن ڪتاب جي آزاد خياليءَ، گهري اخلاق پرستيءَ ۽ سچائيءَ انهن ٻين سڀني ڪتابن کي ڇڙهه ڏئي ڇڏي، جي مون ڏکڻ آفريڪا ۾ پڙهيا هيا. مون هن جو ڪتاب ’اڳتي ڇا ڪجي‘ ۽ ’انجيل جو اختصار‘ ۽ ٻيا ڪتاب پڙهيا، جن مون تي نهايت گهرو اثر ڪيو ۽ مون کي هڪ آفاقي محبت جا اڪٿ امڪان نظر آيا“ هو ڪجهه وقت ’ٽالسٽاءِ جي ٻنيءَ‘ جي نالي سان جاءِ ٺاهي ويٺو ۽ هن اتي تمام سادگيءَ سان زندگي گذاري ۽ ٻارن کي به انهيءَ ٻنيءَ تي تعليم ڏنائين.

1915ع ۾ مهاتما گانڌي، هندستان موٽي آيو ۽ شاعر رابندرناٿ ٽئگور هن جي مهاتما جي نالي سان آجيان ڪئي ۽ ان کان پوءِ هن تي اهو خطاب پئجي ويو. گانڌي 2 آڪٽوبر 1869ع ۾ پور بندر ۾ پيدا ٿيو ۽ هو ستن ٻارن ۾ ننڍي ۾ ننڍو هو. 13 ورهين جي عمر ۾ هن جي شادي ٿي ۽ هو ساري زندگيءَ انهيءَ تي شرمنده رهيو ته هو پنهنجي

Gul Hayat Institute

نندي ڪنوار سان ڪيئي هليو. ٽن سالن کان پوءِ هن جو پيءُ مري ويو، جڏهن هو پنهنجي زال سان گڏ ستل هيو ۽ اهو ڏوهہ جو احساس تہ هن پنهنجي فرض جي بجا آوري نہ ڪئي، هن ۾ ساري زندگي رهيو. هو پوءِ پنهنجي زال ڪستور بائيءَ جا زيور وڪڻي انگلنڊ ويو ۽ اتي بئريسٽر جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽ 21 ورهين جي عمر ۾ هندستان موٽي آيو، جتي هن جي وڪالت نہ هلي سگهي ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪنهن واپاري فرم جو قانوني مشير بڻجي ويو ۽ اتي اٽڪل 20 سال پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهيو. اُتي هڪ جج هن کي حڪم ڏنو تہ پنهنجو پٽڪو لاهي رکي ۽ هڪ انگريز ريلوي جي فرسٽ ڪلاس گاڏي ۾ گهڙي آيو، جنهن ۾ گانڌي سفر ڪري رهيو هو ۽ هن کي چيائين تہ اسان ريلوي جي فرسٽ ڪلاس ۾ ڪنهن ڪاري چمڙيءَ واري کي سفر ڪرڻ نہ ڏينداسين ۽ هن کي زوريءَ گاڏي مان لاٿو ويو. اهڙا تلخ تجربا پرائي، گانڌيءَ اهنسا جي تحريڪ سياسي هٿيار ڪري ڪم آندي. 1909ع ۾ گانڌيءَ "Confession of faith" (يقين جو اعتراف) ڪتاب لکيو، جنهن ۾ چيائين تہ جرمنيءَ ۽ انگلنڊ ٻئي موت جي دربار ۾ حاضر هيا. مغربي تهذيب جي ماديت پرستيءَ ۽ فوج ڪشي، ريلوي، ٽيليگراف ۽ ٽيليفون جو نظام سڀ هن جي نظر ۾ منفي ڳالهيون هيون. علاج لاءِ ٽيڪنالاجي بہ گانڌيءَ جي نظر ۾ منفي هئي ۽ هو اسپتالن کي بہ چڱيءَ نظر سان نہ ڏسندو هو. 1915ع ۾ هو هندستان واپس وريو، جڏهن 40 کان مٿي تي چڪو هو ۽ اُتي آزادي جي تحريڪ شروع ڪيائين. هو انڊين نيشنل ڪانگريس جو ڪيئي ڀيرا ليڊر ٿيو ۽ عدم تعاون واري تحريڪ ۾، جڏهن هو جج جي اڳيان گرفتاريءَ بعد آندو ويو تہ هن چيو تہ، "هو هڪ هاري ۽ ڪوري هو ۽ هڪ هاريءَ جي زندگي انسان ذات لاءِ بهترين هئي" هن هارين جي لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو.

1932ع ۾ هن عوامي تحريڪ هلائي تہ ٽيڪس نہ ڏنو وڃي؛ ان ڪري هن کي بغاوت جي مقدمي ۾ گرفتار ڪري آندو ويو. هن ڏوهہ باسيو ۽ ڪيس سزا ڏني وئي، پر بيماري سبب ڪيس ڇڏيو ويو. تنهن کان پوءِ هن لوڻ جي باري ۾ تحريڪ هلائي ۽ هو سمنڊ تائين پيرين پيادل ويو ۽ گورنمينٽ جي لوڻ تي هڪ هٽي ختم ڪرائڻ لاءِ نعرو بلند ڪيائين. هن ڀيري اختياريءَ وارن هن جي تحريڪ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو رڳو جيل ڀري سگهيا ۽ آخر موٽ ڪاڏائون.

هڪ ٻئي مسئلي تي گانڌيءَ پنهنجو مؤقف قيدخاني مان ڳنيو، ڇو تہ هن تيستائين مرڻ ورت (fasting un to death) رکيو، جيستائين گورنمينٽ هريجن جي باري ۾ ووٽ ڏيڻ جو قانون نہ ڦيرايو. گانڌيءَ سيني ڪانفرنسن ۾ 15 آگسٽ 1947ع تائين هڪ اهم شخصيت جو ڪردار ادا ڪيو. ورهاڱي هن کي ڪافي مايوس ڪيو ۽ جڏهن هندو- مسلم فساد ٿيا ۽ لکين ماڻهو ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ پڄڻ لڳا ۽ ڪيئي مَرڻ لڳا تہ گانڌي اهنسا جو پيغام ڏنو ۽ امن بحال ڪرڻ لاءِ ورت رکيا، پر 30 جنوري 1948ع تي گوڊسي هن کي گولي هٽي ماري وڌو. هن پنهنجي قاتل لاءِ معافيءَ

Gul Hayat Institute

جو اشارو ڪيو.

ڪارل مارڪس چيو آهي تہ ”فلاسافيءَ جو ڪم فقط دنيا کي سمجهڻ نہ آهي، پر ان کي بدلائڻ بہ آهي.“ ان حساب سان مهاتما گانڌيءَ جو فلسفو رد ڪد ڪان مٿي هو، ڇاڪاڻ جو هن دنيا ڪافي بدلائي وڌي، پر پنهنجي مخصوص طريقي سان. يو.ايس.ايس.آر جي ٽٽي وڃڻ ۽ ڪميونزم جي ناڪاميابيءَ ۽ ذلت کان پوءِ، گانڌي ازم هڪ مُتبادل فلسفي طور غور طلب آهي. گانڌيءَ جي نظر ۾ صحيح ذريعا ئي صحيح مقصد حاصل ڪري سگهن ٿا. مان ڀانيان ٿو تہ ان ۾ هو بلڪل صحيح هو.

مون کي سوپي ٻڌايو هو تہ بحث ڪندي گانڌيءَ ڪنهن ڪميونسٽ رهنما کان پڇيو هو تہ، ”توکي زمين گهڻي آهي؟“ ”پنج سؤ ايڪڙ.“ هُن جواب ڏنو هو. ”ڀهرين اُها تہ هارين ۾ ورهاءِ.“ گانڌيءَ ڪيس چيو هو، ”مون وٽ ڏس تہ ڇا آهي. هڪ کير لاءِ ٻڪري، هڪ گلاس، هڪ ڌوتي، هڪ لٺ ۽ هڪ ڪاٺ جي چاکڙي! مان توکان بهتر ڪميونسٽ آهيان.“ اهڙين ڳالهين جي ڪري هُن تي مهاتما جو نالو پيو هو ۽ مان ڀانيان ٿو تہ اِن نالي ۾ وڏائي ڪونہ هو.

مينڊالسٽام آسپ (1891ع کان 1838ع تائين)

روسي شاعر ۽ ادبي نقاد هو. ائڪميسٽ تحريڪ جو مهندار ٿي اڀريو ۽ روسي شاعري ۾ نواڻ پيدا ڪيائين ۽ اُن کي پنهنجا ڳُوڙها استعارا ڏنائين؛ هن شاعري ۾ منطقي تعلقات کي گهٽ اهميت ڏني. هن بين الاقوامي ثقافت مان ڪافي حوالا ڏنا. هو انقلاب کان پوءِ ادبي دنيا سان ٺاهہ ڪري نہ سگهيو ۽ 1928ع کان پوءِ پنهنجي شاعريءَ جو ڪوبہ ڪتاب شايع نہ ڪرايائين. 1934ع ۾ هن کي اسٽالن جي خلاف ڪنهن تحرير سبب گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ٽي سال جلاوطن ڪيو ويو. هن وري شعر لکڻ شروع ڪيو جو پنهنجي زال ناديزدا کي ياد ڪرائي ڇڏيائين ۽ جو هن جي موت بعد 20 سالن کان پوءِ روس کان ٻاهر شايع ٿيو. مينڊالسٽام کي ٻيهر 1938ع ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ هو قيدخاني ۾ مري ويو. هن جي زال ناديزدا هن جي زندگي ۽ شاعري ٻاهر ڇپائي. 1970ع ۾ اها منظر عام تي "Hope against hope" ۽ "Hope abandoned" جي نالي سان آئي. اهي ٻئي ڪتاب پڙهي منهنجي لوںءَ لوںءَ لرزي اُٿي ۽ مونکي يقين ٿي ويو هو تہ سوويت يونين ۾ ادب ۽ آرٽ جي آزادي ٻنهہ نهوڙي ٿي وڃي ۽ اهڙو اظهار مون پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيترو وقت اڳ ڪيو آهي. منهنجيءَ نظر ۾ پشڪن ۽ پاسترناڪ کان پوءِ روسي شاعريءَ ۾ مينڊالسٽام وڏي ۾ وڏو جينيس هو. هو شاعره ائنا اخمتووا جو دوست هو ۽ لينن گراڊ ۾ رهائش دوران هن سان ملندو ۽ ادبي ڪچهريون ڪندو هو. جي مون وانگر فيض احمد فيض، مينڊالسٽام جي شاعريءَ جو مطالعو ڪري ها تہ، ’ہم جو تاریک راہوں میں مارے گئے‘ واري سٽ اُنهن

شاعرن سان بہ لاڳو ڪري ها، جي سرخ پرچم جي ديس ۾ انڪري ماراپا ويا ها جو هو حڪومت جا ڍنڍورچي نہ ها. پر چا ڪجي، فيض پاڻ تہ حڪومت جو ڍنڍورچي نہ هو، پر هن جا پڙهندڙ اڪثر ملٽريءَ جا آفيسر ۽ سي.ايس.پي زياده ها. هو عوام جي باري ۾ تہ لکندو هو، پرعوام جي لاءِ شاعر نہ هو.

مينڊالسٽام، بريس پاسترناڪ جو دوست هو ۽ انهن ٿنهي شاعرن، اسٽالن جي دؤر وارو راڄ – هٽ، انڌير، ڌوڙ ۽ انڌڌنڌ اکيبن سان ڏٺو جو هنن جي شاعريءَ مان ائين ٽپڪي ٿو جيئن ذبح ٿيل تتر جي نڙي مان رَتُ وهندو آهي. مينڊالسٽام روانگيءَ واري چانوٽيءَ ۾ مري ويو هو، جتي هن کي گرفتاريءَ کان ڪيترو وقت پوءِ ترسايو ويو هو.

جيتوڻيڪ هن جي شاعريءَ ۾ هن زندگيءَ جا ڏک ڏاڪڙا ۽ پنهنجي دؤر جو ڏهڪاءُ، هيبت ۽ هول آهي، پر هن جي شاعري رڳو ان خوف جو پرتوو نہ آهي ۽ ان ۾ غير فاني خوشيءَ جو اظهار بہ آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن کي زندگيءَ هڪ جشن وانگر لڳي ٿي. هو هر سٺي روسي شاعر وانگر ان ڳالهہ ۾ اعتبار ڪندو هو تہ انسان کي شاعريءَ جي ايتري ضرورت آهي جيتري روٽيءَ جي.

نٽشي

1843ع ۾ پرشيا ۾ پيدا ٿيو ۽ 1900ع ۾ وفات ڪيائين. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ 'ائين چيو زردشت' (Thus spake Zardashtra) مشهور آهن. هو ناستڪ هيو ۽ هن جو عيسائيت ۾ اعتبار نہ هو ۽ چوندو هو تہ عيسائيت،غلاميءَ لاءِ اٽڪل بازي آهي. هن ئي انسان ڪامل (Super man) جو تصور ڏنو هو، جنهن علامہ اقبال کي اُتساهيو هيو. تاريخ ثابت ڪيو تہ نٽشي جو Superman جرمنيءَ ۾ هٽلر جي روپ ۾ آيو. علامہ اقبال جو انسانِ ڪاملِ هڪ روحانيت پرست هو ۽ خود علامہ چوائيءَ اُن جو تخيل روميءَ مان ورتو ويو هو، جنهن چيو آهي:

دي شيخ با چراغ همي گشت گردِ شهر
کزِ دام ودَد ملولم و انسانم آرزوست

(ڪلهہ رات شيخ چراغ کڻي شهر جي چوڌاري ڦري رهيو هو؛ ۽ چئي رهيو هو تہ پَسون پَسي ملول ٿي پيو آهيان ۽ مون کي انسان جي آرزو آهي)

پر نہ علامہ اقبال جي دؤر ۾ ۽ نہ اُن کان پوءِ اڄان تائين، اهڙو انسان پيدا ٿي سگهيو آهي. ان جي پڪ آهي تہ علامہ جي دؤر کان وٺي اڄ تائين ڪوئي مسلمان انهيءَ معيار تي نہ پهتو آهي.

نٽشي خدا سان بغاوت ڪئي هئي ۽ خدا هن تي ديوانگي مسلط ڪئي. هو ڏهہ سال پاڳل خاني ۾ رهيو. هن جي موت کان پوءِ هن جي ڪاغذن ۾ هڪ لفظ لکيل مليو: 'The Crucified' (صليب تي چاڙهيل)

Gul Hayat Institute

والٽ وِٽمَن (1819ع کان 1892ع تائين)

آمريڪا جو شاعر، صحافي ۽ مضمون نگار هو. هن تي ايمرسن جو ماورايت ۽ فوقِ عقليت جو تمام گهڻو اثر هيو. هن 1855ع کان 1856ع تائين پنهنجي شاعريءَ جو مشهور ڪتاب 'گاهه جا پتا' (Leaves of Grass) ڇپايو، جنهن ۾ هن جو مشهور نظم 'پنهنجي پاڻ جو گيت(Song of myself)'ڇڙواتو'، 'بروڪن جو پتڻ' ۽ 'اُن پينگهي مان جو سدائين جهولي رهيو آهي' شامل هيا. هن انهن جون وسيع اشاعتون ڪديون. آمريڪا جي خانه جنگيءَ ۾ هن نرس جو رضاڪارانه ڪم ڪيو ۽ پنهنجو ٻيو نظمن جو شاهڪار 'نغاري تي ٺڙڪا' (Drum taps) 1865ع ۾ لکيو، پر پوءِ اُن کي 'Leaves of grass' ۾ شامل ڪري ڇڏيو. وِٽمَن آزاد نظم جو بنياد رکيو ۽ شاعريءَ ۾ آمريڪا جو مخصوص آواز شامل ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ هن يو.ايس. اي جي جمهوري قوت کي ساراهيو ۽ جنسي آزادگي ۽ موت تي ڪيئي زوردار نظم لکيا. هو شاعرانه ٻوليءَ ۾ آمريڪا جي مزاج، ڀاران ڳالهائيندڙ هو.

هو31 مئي 1819ع ۾ منٽنگٽن، لانگ آئلئنڊ، نيويارڪ جي پرسان پيدا ٿيو. وِٽمَن جو خاندان، انگلنڊ مان سترهين صديءَ ۾ لڏي آيو هو ۽ هنٽنگٽن ۾ ڪنيڪٽ ويجهو ڄمي ويٺو ها، شاعر جي ڏاڏي کي وڏيون زمينون ۽ غلام هيا، پر هن جيِ ڀيءُ کي ويسٽ هِلس جي ويجهو ٿوري زمين ورثي ۾ آئي، جتي هن هڪ گهر ٺهرايو، جنهن کي سانديو ويو آهي ۽ ان تي 'والٽ وٽمن جي جنم ڀونءِ' نالو ڏنو ويو آهي.

شاعر جي ماءُ هڪ ڊچ پوکي ڪندڙ جي ڌيءَ هئي، پر هن جا والدين ساموندي ماڻهو هيا. ساري زندگي وِٽمن جو لانگ آئلنڊ ۽ خاص ڪري اُن جي ساحلن ۽ سمنڊ جي منظرن سان گهرو لڳاءُ رهيو. هن جو رڪو ۽ بيزار پيءُ، ٿامس پين جو دوست ۽ آدرش وادي فرانسز رائيٽ ۽ رابرٽ اووَن جو مداح هيو، جن هن جي ذهني آوُسر ۽ دانشورانه آزاديءَ تي گهرو اثر وڌو. جڏهن هن جي عمر چار سال هئي تڏهن هن جو پيءُ ماءُ بروڪن لڏي آيا ها. اتي هن پبلڪ اسڪول ۾ ڇهه سال باقاعدي تعليم ورتي. اُن کان پوءِ ڪنهن معالج وٽ ٿورو وقت ملازمت ڪئي ۽ ڪنهن قانوني فرم ۾ نوڪري ڪئي ۽ نيٺ هڪ پريس ۾ ڪنهن پرنٽر وٽ سيکڙاٽ ٿيو. 15 ورهين جي عمر ۾ هو هڪ لنبو تڙنگو مڙس ٿي ويو ۽ ساماڻل ماڻهوءَ جي هاني، چال چلن، چَسُ چشڪو ۽ لاءِ ساءُ پرايائين.

هو لانگ آئلنڊ تي بحث مباحثي جي سوسائٽين ۾ حصو وٺندو هو (پڙهندڙن جي معلومات لاءِ ٻڌايو ٿو وڃي تہ مان بہ ننڍي هوندي کان وٺي اهڙين سوسائٽين ۾ ڀهرو وٺندو هوس. رام جيٺملاڻي، جو هندستان ۾ ڪنهن وقت پرائيم منسٽر وي.پي. سنگهہ، جي جنتا دل جو شايد اڄان تائين وائيس پريزيڊنٽ آهي، اُهو بہ انهن بحثن ۾ حصو وٺندو هو. مان لا ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ٻي سال ۾ ڊبيٽنگ سوسائٽي جو

سيڪريٽري چونڊيو ويو هوس، جتي مون المشرقيءَ کي دعوت ڏئي تقرير ڪرائي هئي، جنهن جو ذڪر مان پنهنجي دوست جمال ابڙي جي سوانح حيات ۾ ڪري رهيو آهيان).
سورهن کان اڪويهن سالن جي عمر تائين هن نيويارڪ ۾ پرنٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو، ۽ ٿوري وقت لاءِ ديهاتي اسڪولن ۾ تعليم ڏني. ڪنهن هفتي وار اخبار لاءِ ڪم ڪيو ۽ اخبارن ۾ ڪيئي مضمون لکيا. 1841ع ۾ هو نيويارڪ هليو آيو، جتي نه رڳو 'نئين دنيا' جي عاليشان آفس ۾ ڪم ڪيائين، پر ڊيموڪريٽڪ (جمهوري) اميدوارن لاءِ به مهم شروع ڪيائين. 1842ع ۾ هو هڪ جيٽاليءَ ۽ چست چالاڪ روزاني اخبار 'ارورا' جو ايڊيٽر ٿيو. هن جون ڪهاڻيون ۽ نظم، جي هن جي ڪتاب 'Leaves of grass' جي پيٽ ۾ ڪجهه نه آهن، شايع ٿيا. اُن کان پوءِ 'ايگل' جو ايڊيٽر ٿيو ۽ هن 'ڊيموڪريٽڪ رِويو' ۾ اخلاقي ۽ جذباتي مضمون شايع ڪرايا. وِٽمئن غلاميءَ جي خلاف به لکيو ۽ ان ڪري هن کي 'ايگل' جي ادارت تان هٽ ڏوڻا پيا. ان کان پوءِ ٿوري عرصي ۾ وِٽمئن کي Crescent (هلال) جي ادارت سپرد ڪئي وئي. هن اُها قبول ڪئي ۽ پنهنجي ڀاءُ سان گڏ ٽرين ۾ ٽپال گاڏين ۽ آگبوٽن ۾ سفر ڪري، هو نيو آرلينس پهتو، پر اتي هُن جو ڀاءُ زياده تر عرصو بيمار رهيو، هن کي ڏاڪٽو علائقو پاڻيءَ نه پيو، جيتوڻيڪ اڌ صديءَ لاءِ نيو آرلينس ۾ جي نهايت رنگين ۽ رومانوي زندگيءَ تي تبصرا ٿيندا رهيا. ان ڪري وِٽمئن مسيسپيءَ موٽي آيو ۽ گهر پهچي اتي وٽمئن آزاد ڌرتيءَ جي تحريڪ هلائڻ ۾ گهڙي به دير نه وڌي. هن جي اخبار جي هڪ اشاعت 'بروڪلن جي آزاد انسان' جي 9 سيپٽمبر 1848ع تي نڪتي. ٻي ڏينهن هن جو ڇاپ خانو جلايو ويو ۽ هو نومبر واري اليڪشن کان اڳ اخبار نه ڪڍي سگهيو، جنهن ڪري نيويارڪ اسٽيٽ ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ هارايو، جيتوڻيڪ ان کان پوءِ به هن هڪ سال اخبار کي اينگهايو، پر 'ٻنيون ٻارا جلائيندڙ' ۽ 'پراڻا موذي ۽ خسيس ماٺهو' 1849ع ۾ انت هن جي ناڪامي آوِس ۽ آئٽر ٻڌائي سگهيا.

هوِ نيويارڪ ۽ بروڪلن جي اخبارن ۾ ڪجهه نه ڪجهه لکندو رهيو، پر في الحال ته هن جي ثقافتي زندگي ختم ٿي وئي. هن کي ٻين اخبارن جي ادارت ملي سگهي ها جي هو سمجهوتو ڪري ها، پر هو ڪجهه اصولن جي ڪري ائين ڪري نه سگهيو. ڪيئي سال هو جدا جدا ڌنڌا ڪري، پنهنجو گذارو ڪندو رهيو. 1885ع ۾ هن پنهنجي عظيم شاعري جي ڪتاب 'Leaves of grass' (گاهه جا پتا) جي اشاعت شروع ڪئي، جا آمريڪا جي شاعريءَ ۾ پهرين عظيم اشاعت ثابت ٿي، ان ۾ ڪل 95 صفحا ها، جن ۾ ڪُل ٻارنهن نظم ۽ هڪ عنوان کان سواءِ نهايت طويل مقدمو هيو، جنهن جو پوءِ "پنهنجي باري ۾ گيت" جو عنوان رکيائون.

پهرين صفحي تي هن جو نالو نه پر تصوير ڏني وئي، جنهن ۾ هن جي قميص کي اڌ ٻانهون، پورهيت جي پتلون ۽ هڪ ڳوري هئٽ پئي هئي جا ٽِنڊ تي ائين جُهڪيل هئي، جيئن بدمعاش جُهڪائيندا ها. پهرين نظم ۾ هن پنهنجي باري ۾ لکيو، "والٽ وِٽمئن،

هڪ آمريڪي، چيڙهالو، هڪ ڪائنات...."

ان ڪتاب جو پيش لفظ، جو ننڍي ٽائيپ ۾ هو ۽ ان ۾ ڪيترائي ڪُوڙها ۽ ڪُتيل جملا هيا، هن جا همعصر نہ ويچائي سگهيا ۽ هن جي پڙهندڙن لاءِ جڻ تہ دبي ۾ نڪريون هُيا، پر اڄ ڪلهہ هن جي باري ۾ ادبي نظريو سڌو سنئون آهي. ڪيئي ورهيہ، محبِ وطن آمريڪي اخبار نويس، اديب ۽ مقرر ڏيهي ساهت لاءِ ٻاڏائي رهيا ها. هڪ قومي ادب لاءِ جو آمريڪا جي آڪيچار وَسيلن (جي هڪ ننڍي عمر واري قوم جي نون اُپايل ۽ پاليل ماڻهن جي هٿ وَس هيا) سان ٺهڪي اچي ۽ اُن لاءِ موافق ثابت ٿئي. "هتي آهن اهُ -گهڙيا، ڪَرٻرِيا، ڪُهرا ماڻهو، ڇُرڙ ٻُرڙ ڏاڙهيون ۽ وشال ڌرتي ۾ تڪو، رانوڙ سياءُ ۽ الغرضائي ۽ بي پروائي، جا دل کي پياري ٿي لڳي." وِٽمئن پنهنجي ديباچي ۾ چيو. هن جو ادبي پروگرام سماجي، اخلاقي ۽ سياسي هيو. جڏهن ون- يونٽ خلاف تحريڪ هلي رهي هئي تہ هڪ آمريڪي صحافي مون کي چيو هو، "تون اسان جي وٽ مٿن وانگر آهين." ان تي مون هن کي چيو هيو، "پر مان صحافي تہ تمام ٿورو وقت رهيو آهيان." (مان اڳتي قدم رسالو فقط ٽن مهينن لاءِ ڪڍيو هو.) ان تي اُن آمريڪي صحافي مون کي چيو هو، "پر صحافي تُنهنجي مخالفت تہ ڏاڍي تا ڪن ۽ پوءِ بہ توکي چُپ ڪرائي نہ سگهيا آهن. اها مشابهت ئي ڪافي آهي تہ تون تنگ دل، تنگ نظر ۽ آمرانہ قوتن خلاف سينو سپُر ڪري بيٺو آهين ۽ جمهوريت جو اٿر ۾ اَمُر ساٿي آهين."

'پنهنجي باري ۾ گيت' ۾ هن ڪجهہ اضافا ڪيا. اهو نظم هن پنهنجي باري ۾ گهڻ لکيو هو ۽ ماڻهوءَ جي 'پنهنجي پاڻ' جي باري ۾ وڌيڪ لکيو هو. ان جو موضوع آهي زندگيءَ جي معنيٰ، پنهنجي خوديءَ جي اُلوهيت، جسم ۽ روح جو ربط ضبط ۽ لازم ملزومي، زندگيءَ جي نموني، دستور ۽ ترتيب جي ارتقا، ماڻهوءَ جي تقدس، ۽ روح جون مسلسل تبديليون ۽ برابري واريون ترقيون، جم، موت ۽ وري جم جي سفر ۾. اهي ساڳيا ئي موضوع هڪ ٻئي خوبصورت نظم 'ننڍاڪڙا' ۾ بہ هيا. هڪ تمثيلي تخيل، هن سنسار ۾ سڀ ننڍاڪڙا ماڻهو، ساري ڌرتيءَ تي هٿ ۾ هٿ ڏئي، وهڪ ۾ وڃي رهيا آهن. اُهي رات (قبر) ۾ هڪ جهڙا ٿي وڃن ٿا ۽ انهن ۾ ننڊ (موت) وري ٻيهر سگهہ پيدا ڪري ٿي ۽ تراوت ۽ اُستري ڏئي ٿي. روح کي ڪجهہ وقت لاءِ ڪَنڌ مروڙ ڪري يا پاڻيري يا ڪِني رَت، سان ڪاري يا بگاڙي نہ ٿو سگهجي. پنهنجي مقرر وقت اهو پنهنجيءَ جاءِ تي پهچي وڃي ٿو. چند اديبن مان ايمرسن، جو ان وقت پنهنجيءَ شهرت جي چوٽيءَ تي هو، 'گاهہ جا پتا' جي عظمت کي سمجهي سگهيو ۽ هن کي اهڙو خط لکيائين.

1858ع ۾ وِٽمئن وري بي روزگار ٿي ويو ۽ پنهنجي ڪتاب جي نئين اِشاعت ۾ جُنبي ويو ۽ اُن ۾ ڪيئي نوان نظم شامل ڪيائين. 1860-64ع واري خانہ جنگيءَ کان پوءِ وِٽمئن، واشنگٽن ۾ هڪ سرڪاري ڪلرڪ هو، پر محڪمي جي سيڪريٽري هن جي ڪتاب جو مسوَدو ڏسي هن کي ڊسمس ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هن کي اٽارني جنرل جي آفس ۾ نوڪري ملي، جتي هو 1873ع تائين رهيو، جيستائين هن کي اڌ رنگ

Gul Hayat Institute

ٿي پيو. هن جي سرڪاري دوستن هن جي ڪتاب جو چاهه ۽ اُتساهه سان بچاءُ ڪيو. هن جي ڪتابَ جي چوٿين اشاعت 1867ع ۾ ٿي ۽ 1871ع ۾ پنجين اشاعت ٿي. ان هن جي انگلنڊ ۾ شهرت ڏاڍي وڌائي ۽ اُتان جا شاعر ۽ اديب هن جي باقي زندگيءَ لاءِ هن جا مداح ٿي پيا. پر پنهنجي مُلڪ ۾ به ڪجهه اديب ۽ نيويارڪ ۽ فلاڊيلفيا ۾ ڪاروباري دولتمند هن جا مداح ها، جن هن جي بيماريءَ ۾ هن جي مالي مدد ڪئي. 1873ع ۾ هن جي ماءُ گذاري وئي؛ ماءُ سان هن جي غير معمولي محبت هئي. هُو انهن شامتن مان چڱيءَ طرح چڱو ڀلو نه ٿيو، پر هن جي آزار ۾ هڪ دوست هن جي دلنوازي ڪئي، جنهن هُن جي گفتگو مان نڪتا لکي ورتا. 1876ع ۾ مسز آئنيءَ گلڪرائيٽ، جا هڪ بيوه هئي، انگلنڊ مان هن وٽ آئي. هن جو وٽمئن سان هن جي شاعري معرفت عشق ٿي ويو هو. آئنيءَ جي وِٽمئن جا ڪتاب ڇپايا ها سي انگلنڊ ۾ ته ڏاڍا هليا، پر آمريڪا ۾ تمام گهٽ هليا، پر وِٽمئن جي صحت سڌري پئي ۽ هو ڦُڙو ٿي پيو ۽ ٻهراڙيءَ جا ڏاڍا چڪر ڏنائين. هن آئنيءَ کي اڳيئي شاديءَ لاءِ معذرت پيش ڪئي هئي. آگهائيءَ ۾ ڪنهن سان اکيون گهڻو اڙائڻ نيڪ نه آهن، جيتوڻيڪ اکيون اروڪ ٿين ٿيون ۽ انهن تي ڪيتري به روڪ چو نه ڪجي؛ اُهي اٿين اڙجي وڃن ٿيون جيئن پکي اوچتو ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي ويندو آهي. هو ڪوڙڪي ته نه ڏسندو آهي پر لکيو هن جا پير اوڏانهن ڇڪي ويندو آهي. عشق جهڙو ڪو علاج نه آهي؛ هن جي صحت ايتري ته سڌري جو 1879ع ۾ هو اولهه ۾ ڊينيوَر تائين ويو ۽ ٻي سال ڪئناڊا جو سفر ڪيائين. 1883ع ۾ ڪئناڊا هن جي جيوني ڇپائي. وٽمئن جي صحت ۾ ايترو ته سڌارو آيو، جو 1881ع ۾ هُن پنهنجا سڀ نظم ڪَنا ڪري، ڪُليات جي صورت ۾، باسٽن ۾ ڇپايا. پر هن جي شعرن تي ايترا ته نحاشيءَ جا الزام لڳايا ويا، جو اشاعت گهر کي هن سان ڪوئي نيصلو ڪري، ڪتابن جي ڦانڊٽي ۽ ورڇ روڪڻي پئي. پوءِ 1883ع ۾ اهو ڪتاب فلاڊيلفيا ۾ ٻيهر ڇپايو ويو. هن جي آتم ڪهاڻي ۽ جنگ ۾ گذاريل سال به ڇاپي هيٺ آندا ويا. باسٽن جي طباع جا اشاعت ڪان نابري واري هئي، ان ويتر ان لاءِ ذوق شوق وڌائي ڇڏيو ۽ اهو ايترو ڪاميو جو ان معاوضي مان هُن هڪ ننڍو گهر ورتو، جتي هو 1882ع ۾ پنهنجي وفات تائين رهيو. ساري دنيا جي اخبارن هن جي موت جون خبرون ڇاپيون ۽ هن کي عالمي سطح تي ميڃتا ملي. اها هئي آمريڪا جي عظيم ترين شاعر جي زندگي، ان جا لوڏا لما، لاهيون چاڙهيون، جهيڙا جهڳڙا، ۽ پوئين سوڀ ۽ برصوابي، جنهن جو مطالعو منهنجو زندگيءَ ۾ ويساهه پيدا ڪندو رهندو آهي. آخر ڏات کي امرتا مُلهه ڏيڻ سوا ته نه ٿي ملي!

والٽيئر

فرانس ۾ 1696ع ۾ ڄايو ۽ 1787ع ۾ گذاري ويو. هن جا به ڪيترائي ڪتاب آهن. جنهن مان Candide جو ترجمو ڪيو ويو آهي. والٽيئر هڪ دهريو هو ۽ هن جي

Gul Hayat Institute

باري ۾ مشهور آهي تہ جڏهن هو مري رهيو هو تہ هڪ پادري هن وٽ هن جا گناهہ باسائڻ لاءِ آيو تہ والٽيئر هن کان پنهنجي مرڻينگ حالت ۾ پڇيو تہ، ”توکي ڪنهن موڪليو آهي؟“ جنهن تي هن جواب ڏنو تہ، ”موسيو والٽيئر! مون کي خود خدا موڪليو آهي.“ ان تي والٽيئر هن کي چيو، ”پيارا سائين! توکي انهيءَ ڳالهہ جي ڪائي سَند ڏني وئي آهي؟“

وڪٽر هيوگو (1802ع کان 1885ع تائين)

فرينچ شاعر، ناول نويس ۽ ڊراما نگار هو. وسعت ۽ لياقت ۾ هو 19صديءَ جو وڏي ۾ وڏو فرينچ شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ وڏي رواني ۽ متناسب گوناگوني آهي، جنهن ۾ هن ’ڇند جو روپ‘(Alexandrine form) کي [جو 17 ۽ 18صديءَ ۾ رائج هو] رد ڪري ڇڏيو. 1840ع کان اڳ ۾ هن جي شاعري ترنم واري هئي ۽ ان کان پوءِ هن جي مجموعي ۾ زياده طور فيلسوفانا نظم آهن، پر انهن جي وچ ۾ بہ نهايت لطيف نظم بہ ملن ٿا.

هيوگو پنهنجي شاعريءَ جا 5-4 ڪتاب لکيا. 1827ع ۾ هن ’ڪراميل‘ ڊرامو لکيو ۽ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ٿيٽر، انساني زندگيءَ جون بئي ڳالهيون پيش ڪري، ڪِل جهڙيون ۽ اُتم ۽ اُتاهيون، سچيون پچيون ۽ آدرشي. مون هن جا بہ ناول پڙهيا آهن، هڪڙو ’ناٽري ڊئم جو ڪُٻو‘ ۽ ٻيو ’لي مزري‘(Lesmiserable) جيڪي 1831ع ۽ 1862ع ۾ لکيا هيائين ۽ اهي وڏي اُتساهہ سان لکيا ويا آهن ۽ سماجي ۽ سياسي مسئلن ۾ هن جي دلچسپيءَ جو اظهار ڪن ٿا. ’ڪارنيلي‘ (Corneille) ۽ ’رسائين‘ (Rascine) کان پوءِ هن فرينچ ٿيٽَر ۾ رومانوي روايت قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. فرينچ شاعر آندري ييد کان ڪنهن انگريز دوست پڇيو هو تہ هُن ڪنهن کي فرانس جو وڏو شاعر ٿي سمجهيو تہ هن جواب ڏنو هو تہ، ’وڪٽر هيوگو کي.‘ مشهور فرينچ نقاد آندري مارو هن جي دلچسپ سوانح لکي آهي، ان ۾ هن ڏيکاريو آهي تہ عورتن تي هن جي وس ۽ پهچنديءَ مان ظاهر آهي تہ خوبصورت ’جوليٽ دروئيٽ‘ (Juliette Drouet) هن جي ٻي وفائين جي باوجود هن سان پڇاڙي تائين وفادار رهي.

Gul Hayat Institute

وليم بلنڪ

انگريز شاعر، مصور ۽ اُڪر جو ماهر هيو. 1757ع ۾ ڄايو ۽ 1827ع ۾ گذاري ويو. هو نہ رڳو مفلس هوندو هو، پر هن ۾ زماني سازي بہ ڪانہ هوندي هئي. ان جي باوجود هن هڪ پُر مَسرت زندگي گذاري. هو هڪ دڪاندر جو پٽ هيو، پنهنجي تعليم پنهنجي سِر ڪئي هيائين، پر ننڍي هوندي ئي هن پنهنجي ذات مجرائي ورتي هئي ۽ هن کي اُڪرڪندڙ (Engraver) جي حيثيت ۾ شاگردي حاصل ٿي هئي. هن جي بهترين

اُڪر ٿن ڪتاب تي مشتمل آهي، ڊانٽي جو 'الاهي طربيه' (Divine comedy) ۽ بليڪ جو 'مرقد' ۽ ٽيون ڪتاب 'جاب جو ڪتاب' * (The book of job).

بليڪ کي پنهنجي دؤر جي تعقل پسندي ۽ ماده پرستيءَ کان نفرت هئي. هن جيڪي به ڏنو ۽ جن جون تصويرون ڪڍيون، اهي اهڙا انسان هيا، جي برائيءَ ۾ ورتل ها، پر پاڻ ۾ ڪنهن ازلي روحانيت جي تلاش ڪري رهيا هيا. هُن خدائي حقيقت کي پنهنجي دريءَ مان ليئو پائيندي ڏيکاريو ۽ فرشتا باغ ۾ پنهنجي ويجهو ويٺل ڏيکاريا ۽ انهن کي وڻن جي چانوَ ۾ ڪنو ڪيائين ۽ پنن گلن تي ويٺل ڏيکاريائين.

بليڪ جي شاعريءَ کي به هڪ عجيب و غريب ادبي تاريخ آهي. هن پنهنجي شعر جي ڪتاب جي هر ڪاپي پاڻ ناهي ۽ هن جا نظم ٽائيپ نه ڪيا ويا هيا، پر ٽامي جي تاُلهين ۾ اُڪريا ويا هئا ۽ هن جي صفحن تي Water colour (آبي رنگي) سان مثال ڪڍيا ويا ها، پر هن جي اُڪر ۽ هن جي نظمن ۾ بليڪ جي آرٽ جو مقصد خاص ڪري اخلاقي هيو. انسانن کي پنهنجي روح جي سچي آزادي ڏيکاري، هُن ڪين روايتن جي زنجيرن مان آزاد ڪرائڻ تي چاهيو. ڪيس سماج جو ۽ سياست جو به سهٽو تصور هيو، مثلاً هن چيو هو:

"هڪ ظالم نه رڳو پاڻ سڀ کان وڌيڪ بيمار آهي، پر ڪيترن ئي بيمارين کي پيدا ڪري سگهي ٿو."

هن جي تصوف جي انداز ۽ علامت، موضوع ۽ تصور ۾ انقلابي لاڙي، تسليم ٿيل اخلاق سان بي صبري ڏيکاريءَ ۽ بنهه نئون آرٽ، جنهن ٻاهرين حقيقت ڏانهن نه پر اندرينءَ حقيقت ڏانهن ڌيان ڀئي ڏنو، پيش ڪيو. انهن سڀني ڳالهين ملي هن جي دؤر ۾ اهو تاثر ڏنو ته هن جو دماغ صحيح نه آهي.

هن جي پوئين ڪتاب 'پيغمبرانه صحيفا' ۾ ترنم وارو تصوف اهڙيءَ رازداريءَ واري ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي، جو اَجان تائين هن جا نظم پڙهي ماڻهو حيران ٿيو وڃي، جيتوڻيڪ هن تي ڪيئي صديون تبصرا لکيا ويا آهن. بليڪ دنيا جي ادب ۾ ان ڪري به اهميت رکي ٿو، جو ته هن کي هڪ تاريخي حيثيت هئي، هن عقل پسنديءَ جي دؤر ۾ وجدان تي زور ڏنو ۽ سائنسي شبي پرستي وقت تصور کي اهميت ڏني. هن جي بغاوت جي وڌيڪ اهميت ان ڪري آهي ته هو تمام عظيم شاعر هو ۽ هڪ ئي تخيل ۾ نهايت گهرو ۽ پيچيدو جذبو سمائي سگهندو هو ۽ انهيءَ جذبي کي هڪ ڊرامائي انداز ۾ هڪ خوبصورت متحرڪ توازن سان پيش ڪري سگهندو هو. هو آزاد نظم جو وڏو ماهر هو.

وليم جيمس

آمريڪا ۾ 1842ع ۾ جنم ورتائين ۽ 1910ع ۾ گذاري ويو. هو 'مداخلت' جي فلسفي جو قائل هيو. هن يورپ جو سفر ڪيو، پر تڪليف هن جي دل کي ڪمزور ڪري

* جاب جو ڪتاب؛ اهو ڪتاب پراڻي عهدنامي جو حصو آهي. جاب (حضرت ايوب) اهو شخص هو جنهن جون خدا آزمائشون وٺندو هو ته هو هر تڪليف صبر سان سهي ويندو هو.

Gul Hayat Institute

وڏو. جڏهن هو بحري جهاز ذريعي آمريڪا موٽي رهيو هو ته هن جي زندگيءَ جو سفر ختم ٿي رهيو هو. هن پويان لفظ جيڪي چيا: ” ڪهڙو نه چڱو آهي گهر موٽي وڃڻ.“ وليم جيمس جا ڪتاب 1948ع ۾ مون کي محترم خالد اسحاق ڏنا ها. جڏهن مان هن جو پائيوار هوس.

ونسينٽ وان گوگ(Vincent von gogh) (1853ع کان 1890ع تائين)

ڊچ مصور ۽ نقاش. وان گوگ، سيزان* (Cezanne) ۽ پال گوگين** اهي ٽئي چٽا تاثريت*** واري دؤر کان پوءِ جا وڏي ۾ وڏا مصور آهن. هي پنهنجي زندگيءَ ۾ فقط هڪ تصوير وڪڻي سگهيو ۽ مفلسي، شراب نوشي ۽ ديوانگيءَ سان هڪ طويل جنگ ڪيائين. تازو هن جي هڪ تصوير 43 ملين ڊالرن ۾ جاپان ۾ وڪامي آهي، جنهن جو عنوان هيو ’سورج مکي‘(Sun flower). جيتوڻيڪ هن جي فني زندگي صرف 10 سال هئي، پر هن 800 تصويرن جو انبار تخليق ڪيو.

هن جون اوائلي تخليقون هارين جي زندگيءَ جي باري ۾ آهن. اُهي رنگ ۽ مزاج ۾ ميرانجهڙا ۽ جِهڪا آهن. 1886ع ۾ هو پئرس لڏي ويو ۽ هن تي تاثريت ۽ جاپاني ڪاٺ تي اُڪر جو ڏاڍو اثر ٿيو ۽ هن جي موضوعن ۾ وسعت آئي، جنهن ۾ پس منظر هيا، انساني صورتون ۽ ساڪن زندگيون هيون. تاثريت پسند، فطرت ۽ ان جي اظهار ۾ فقط رنگ کي اهميت ڏيندا هيا، پر وان گوگ ان کي رمزيت**** ۽ پُر معنيٰ مقصد لاءِ ڪم آندو ۽ تمام زوردار برش جي جهٽڪن سان خوبصورت مصوري ڪئي.

1888ع ۾ هو آرليس (Arles : يونوچ سمنڊ***** تي هڪ شهر) ۾ اچي رهيو، پر هميشه هُن کي ديوانگيءَ جا دورا پوڻ لڳا ۽ هو سوداءَ هيٺ رهيو. انهيءَ ساڳي جاءِ تي پال گوگين به اچي هن سان گڏيو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ آخرڪار

---

* سيزان: پال سيزان، سچو نالو ، (1839ع کان 1906ع) فرينچ مصور - گوگين ۽ وان گوگ سان گڏ آرٽ تاثريت کان پوءِ اهم شخصيت، جنهن 20 صديءَ جي مصوريءَ کي متاثر ڪيو.

** پال گوگين: مغربي مصور جنهن يونوچ سمنڊ جي ڏاکڻ ٻيٽن جون ڪيئي تصويرون مارڪيز ٻيٽ تي ٺاهيون هيون. هو پيدا ته پئرس ۾ ٿيو هو، پر اُتان جي اونداهي آسمان ۽ پراڻي شهر جي سوڙهين گهٽين مان ايترو ته تنگ ٿي پيو جو يونوچ سمنڊ جي ڏاکڻ ٻيٽن ۾ رهڻ لاءِ هليو ويو.

*** تاثريت (Impressionism): مصوريءَ جي تحريڪ جنهن جي فرانس ۾ 1960ع ۾ شروعات ٿي.

**** رمزيت (Symbolism): مصوريءَ ۽ ادب جي تحريڪ جا فرانس ۾ 1880ع ۽ 1890ع ۾ ڦلي ڦولي، ۽ جنهن جو ان ڳالهه ۾ اعتبار هو ته آرٽ جو مقصد فقط نروار ڪرڻ نه آهي، پر اشارو ڪري ڳالهه دل ۾ وجهڻ به آهي ۽ ان لاءِ علامتون استعمال ڪرڻيون آهن، جيئن شين جي صورت ۽ ڏيک پٺيان آتيت آتمڪ اصليت جو انيو ٿي سگهي.

***** يونوچ سمنڊ: بحرِ اوقيانوس

اهو واقعو ٿيو، جنهن ۾ وان گوگ پنهنجو ڪن ڪپي ڇڏيو. هن زندگيءَ جي پوئين ڏينهن ۾ 70 تصويرون ڪڍيون ۽ پوءِ پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪيائين.

هن جي موت کان پوءِ هُن جي شهرت گهٽي وڌي وئي ۽ هن جي ڪم جي جذباتي گهرائيءَ جو ويهين صديءَ جي آرٽ تي فاوزم* کان وٺي اظهاريت تائين گهرو اثر رهيو. وان گوگ جو ڀاءُ ٿيو (Theo) جو تصويرن جي خريد فروخت ڪندو هو، هن جي هميشه مدد ڪندو هو ۽ هنن جي وچ ۾ خط و ڪتابت وان گوگ جي زندگيءَ جي باري ۾ اهم معلومات مهيا ڪري ٿي. مون هن جي بُرش جي جهٽڪن ۾ ائين زندگي ڊوڙندي ڏٺي آهي جيئن مون پنهنجن مصرعن ۾ ڏٺي آهي. آخري دؤر ۾ هن کي مرگهي ٿي پئي. مٿي اگهاڙو، تتي سج هيٺان، سورج مکيءَ جي کيت ۾ ڪئنواس رکي، اُن وقت تصويرون ڪڍندو هو، جنهن وقت هن جو دماغ تپي ويندو هو ۽ هن ۾ خون جي گردش تيز ٿي ويندي هئي. ساڳي طرح منهنجي شاعريءَ کي به آرهڙ جي مند سازگار ايندي آهي ۽ شاعري مون تي مينهن وانگر اوڙڪون ڪري وسندي آهي. هن جنون جي ڪيفيت ۾ خودڪشي ڪئي.

ونگنر (Wagner) (1813کان 1883ع تائين)

جرمنيءَ جو مشهور رچيندڙ (ڪمپوزر) هيو، هن جو جوانيءَ ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامن سان ۽ بيدُون سان عقيدت جو اظهار، هن جي اوپيرا ۾ ٿيو، جڏهن هن پهرينً آپيرا ’نڪاح‘ 1933ع ۾ مڪمل ڪئي. هن جو مانُ سنگيت جي استاد (Chorus master) ۽ ڪنڊڪٽر (Conductor) جي حيثيت ۾ جرمن آپيرا - گهرن ۾ نهايت وڏي ويو ۽ هن جي ٽيڪنيڪي صلاحيت ۾ به اضافو ٿيو، جيئن هن جي ٽين آپيرا رينزيءَ (Rienzi) مان محسوس ٿئي ٿو، جا 1840ع ۾ لکي وئي هئي. ان آپيرا کي اسٽيج تي آڻڻ کان پئرس ۾ انڪار ڪيو ويو هو. جيئن ئي اها ڊريسڊن** (Dresden) ۾ 1843ع ۾ اسٽيج تي آندي وئي، اها ڏاڍي مقبول ٿي. ’اُڏامندڙ ڊچ‘ (The flying Dutchman) جو هن جو شاهڪار هيو ۽ 1843ع ۾ اسٽيج تي آندو ويو هو، ان کي

---

* فاوزم: (هن لفظ جو سنڌيءَ، اردوءَ يا فارسيءَ ۾ ترجمو ڪونه آهي.) مصوريءَ جو اهو نمونو هئي، جنهن نهايت چٽن ۽ ڀڙڪي وارن، غير فطري رنگن کي مصوريءَ جو بنياد بڻايو ويو هو. لفظ ’فاو‘ جي فرينچ ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي وحشي جانور. تحريڪ ٿورو وقت هلي (1905 کان 1906ع) تائين مشهور مصور مٽئسي نج رنگ جي سونهن جو ڳولهائو هوندو هو. ادب ۾ ڪٿي به اهڙي تحريڪ نه اُڀري آهي، جنهن ۾ شاعر رڳو نجُ لفظ جي سونهن جو ڳولائو رهيو هجي ۽ معنيٰ کي ڪا به اهميت نه ڏني هجائين.

نوٽ: دراصل ڪمپوزر، ڪورس ماسٽر ۽ ڪنڊڪٽر مغربي موسيقيءَ جا لفظ آهن ۽ اهڙن لفظن جو صحيح ترجمو ڪنهن به مشرقي زبان ۾ نه آهي ۽ ان ڪري اُنهن جو انگريزي اُچار اپنايو ويو.

** ڊريسڊن: اوڀر جرمنيءَ ۾ برلن کان 110 ميل پري شهر، جو واپار ۽ ثقافت جو مرڪز آهي.

(يتري مقبوليت حاصل نہ ٿي. هن پوءِ ڪيترين آپيرائون لکيون، جن جي باري ۾ هن ڪيئي مضمون لکيا، جن ۾ پنهنجون ٿيوريون واضح ڪيائين. انهن ٿيورين جو واضح اظهار هن جي چئن سنگيت ناٽڪن ۾ ٿيو، جي 1853ع کان 1874ع تائين The ring of Nibelung جي نالي سان تيار ڪيا. اهي چارئي سلسليوار آپيرا 1876ع ۾ ڪيا ويا. هن کي بئوريا جي بادشاهہ لُڊوگ II جي سرپرستي حاصل هُئي ۽ هن جي زندگي جي طرز ايتري گهڻ خرچي ۽ لُٽائو هئي، جيتري هن جي موسيقي ۾ وڊيڪائي ۽ آجهلائي هئي. هن ٻيون بہ ڪيتريون آپيرائون ۽ طربيہ لکيا، جن جي تفصيل جي ضرورت ناهي. هتي فقط اهو ڄاڻائي سگهجي ٿو تہ هن پاڻ کي يورپ ۾ چوٽيءَ جو موسيقار ثابت ڪيو ۽ موسيقيءَ تي پنهنجي امر ڇاپ ڇڏي. جيتري قدر مون کي ياد آهي تہ مون ڪٿي پڙهيو هو تہ وئگنر نازي جرمنيءَ ۾ بہ ڪافي مقبول هيو.

هني بال (247 ق.ا.م کان 182 ق.ا.م تائين)

روم جي خلاف ٻي پيونڪ جنگ ۾ (218ق.ا.م کان 201ق.ا.م تائين) ڪارٿيج جي لشڪر جو مُنهدار هو. ڪي مؤرخ تہ هُن کي قديم زماني جو وڏي ۾ وڏو سپهہ سالار سمجهندا آهن. هُن جي جنگ تي بہ هني بال جي جنگ جو نالو پئجي ويو آهي.

هني بال ڪارٿيج جي هڪ جنرل ۽ سلطنت جي مُدبر جو پٽ هو. اها ڏند ڪٿا تہ هُن جي پيءَ هن کي قربانگاهہ تي قسم کڻايو هو تہ هُو روم کي تلف تاراج ڪندو، صحيح ٿي سگهي ٿي. ڪارٿيج جي رهواسين، روم کان جنگ هارائي هئي ۽ اُن ۾ روم هن جا ڪجهہ ملڪ فتح ڪيا ها. 221ق.ا.م ۾ هُو، پيءُ جي موت کان پوءِ، ڪارٿيج جي فوج جو سپهہ سالار ٿيو. روم، ڪارٿيج سان ڪافي زور آوريون ڪيون هيون، سو هني بال، ڪارٿيج جي سينيٽ کان اجازت وٺي، روم سان مُهاڏو اٽڪايو. جنگ روم پاڻ ڇيڙي. جنگ جا ڪارڻ ۽ ان کان پوءِ جي تاريخي وچوڙ قديم زماني جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ آهي ۽ ان ڪري هتي نہ ٿي ڏجي. 218ق.ا.م ۾ هُو، اسپين مان روم ڏانهن وڌيو تہ هن کي فوج ۾ اٽڪل چاليهہ هزار ماڻهو هُيا. هني بال لاءِ چيو ويو آهي تہ هن کي پنهنجي هر فوجيءَ جو نالو ياد هو (جيئن پُٽي کي پنهنجي هر سياسي ڪارڪن جو نالو ياد هوندو هو.) هن اُتر واري اطالوي لشڪر جا مضبوط هنڌ هَٽ ڪري، گال قوم (فرينچ قوم جا وڏا) کي نياپا، سنيها موڪليا تہ هُن سان شامل ٿين. اُن کان هن روم جي فوج جي مکيہ ڀاڱي کي مُنهن ڏنو. جڏهن جنگ جي باري ۾ هن جو اڳ-ويچار نيڪ نہ نڪتو ۽ روم جي فيڊريشن جي قوت کي پوريءَ طرح ڪٽي نہ سگهيو، تڏهن هن ڪاوڙ ۾ اچي، اِٽليءَ جا ڪيترا شهر تباهہ ڪيا. 216 ق.ا.م ۾ هني بال، رومي فوج کي گهيراءُ ڪري تهس نهس ڪري ڇڏيو ۽ روم جا پنجاهہ هزار فوجي

Gul Hayat Institute

ماريا ويا. نتيجي ۾ ڏکڻ ۾ روم جا ساٺي روم جو ساٿ ڇڏي ويا. باقي وچ ۽ اُتر اٽلي اڃان مُنهن ڏئي بيٺا. پوءِ هن مئسيڊان جي فلپ سان ايڪو ڪيو، پر ڏهن سالن ۾ ڪجهه به نه وريو ۽ رومن سينيٽ فلپ سان ناهه ڪري ڇڏيو. ڪارٿيج جي سينيٽ به لڄ شرم لاهي، هن جي مدد کان لنوايو. آهستي آهستي هني بال جي مهم گهٽجڻ لڳي. اڃان بيون ڪجهه جنگيون ٿيون، پر نيٺ ڪارٿيج جي سينيٽ هني بال کي وطن گهرائي ورتو ۽ ٻي سال-جنگ ۾ روم جي فتح ٿي. ان کان پوءِ به هُو ايشيا ۾ فوج کڻي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، پر هُن سان خاص سِباڻ نه ڏنو ويو ۽ هو آخر ايشيا مائنر ڏانهن ڀڄي ويو. روم وارن هُن جي پيش پوڻ لاءِ تقاضا ڪئي، پر هن 182ق.ا.م ۾ آتم هَتيا ڪئي.

هني بال جي جنگ جي اهميت ٽروجن جنگ جيتري آهي يا يونان – ايران جي جنگين يا آمريڪيءَ خانه جنگيءَ جيتري آهي ۽ ادب ۾ زنده جاويد آهي. رومن قوم، جنهن کي هني بال جو نالو ٻُڌي ئي ٿڙڪڻي وِٺي ويندي هئي، تنهن هن جي ڪيبائيندي ساراهه به ڪئي ۽ هن تي دغا ۽ ظلم جا الزام به هنيا، جن جي تاريخ ۾ ڪا ثابتي نه آهي. هني بال جي جنگي حڪمت عملي چڱي هئي، پر هن روم جي طاقت جو صحيح اندازو نه لڳايو ۽ اُنهن جي(روم جي ماڻهن جي) هڪ ٻئي کي ڇهنڊڙ هم – اتفاقيءَ کي نه سمجهي سگهيو.

هن جا سپاهي، جيتوڻيڪ اُجوريدار نه هئا، پر پوءِ به هن سان آرپيل ۽ هن جا هڏڏوکي هيا ۽ هن لاءِ وفاداريءَ ۽ جان نثاريءَ سان وڙهيا. هني بال، حڪمت عمليءَ جو وڏو ماهر هو. هو پنهنجن مخالف جنرلن جي نفسيات مان واقف هو، ۽ انهن کي ڏاهپ سان چونڊي، وڏي فن ۽ هنر سان جنگ ۾ وڌائيندو هو. هني بال، سڪندر اعظم جي جنگين جو غور سان مطالعو ڪيو هو ۽ اُن کان به اڳتي ويو هو ۽ چڱيءَ طرح ڄاڻائين ٿي ته دشمن جي فوج ۾ ڏڦيڙ ۽ ڦيٽارو ڪيئن وجهجي.

Gul Hayat Institute

هومر

قديم يوناني ادب جي اهم ترين شخصيت هو. هو 800 ق.م ۾ اولهه ترڪي جي پرسان آيونيا (Ionia) جو رهاڪو هيو. روايتون ڇون ٿيون ته هو انڌو هو ۽ بادشاهن جي درٻارن ۾ هڪ چارڻ وانگر پنهنجو رزميه نظم 'آڊيسي' (Odyssey) ڳائيندو هيائين. هن جا ڳاٽل اصل لفظ هينئر ڇپيل لفظن سان ڪيترا ملندڙ آهن، اهو چئي نٿو سگهجي، پر اصل ڳالهه واضح آهي ته 'آڊيسي' يا هومر جو ٻيو ڪلام جو اِليڊ (Iliad) جي نالي سان مشهور آهي، سو زباني ياد هيو. جيئن اسان وٽ يَتّ چارڻ زباني بيت ۽ دوها ياد رکندا آهن. هن جي مسدس (ڇَه-پَدو) ۾ ڪيئي جملا، سِٽون، صفتي حرف ۽ فقرا ساڳيا ڪم آندا ويا آهن، پر هن جا نظم پنهنجي طوالت جي باوجود متاثر ڪندڙ آهن. اليڊ ۾

ايڪليز ۽ اگميمنان ۾ دشمني جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ٽراءِ ۾ لڳل 10 سالن واري جنگ بيان ٿيل آهي ۽ ان جنگ جي ڀرپور منظرڪشي سان گڏوگڏ نزاڪت واريون گهرو زندگيءَ جون تصويرون به آهن. اهڙي طرح آڊيسيءَ ۾ آڊيسس جي ايٿيڪا (يونان جو شهر) ڏانهن موٽ ۽ هن جو پنهنجي زال جي آشنائن کان انتقام وٺڻ جو تذڪرو آهي. ان جي پس منظر ۾ يوناني سورهين جي واپسي ڏيکاريل آهي ۽ آڊيسَس جي زندگيءَ جا ٻيا پهلو به ڏيکاريل آهن ۽ هن جي باري ۾ تمام سادي ۽ اوچي انداز سان چيل آهن، جن ۾ آڊيسَس جي رولڻ ۽ ڪيل مسافري جون يادگيريون به آهن. سيئي محقق ان ڳالهه تي متفق نه آهن ته اهي سيئي شعر هڪ ماڻهوءَ جا آهن، پر انهن جي بي انتها خوبي کان ڪو به انڪاري ناهي. مغربي دنيا جي شاعري ۾ هنن کي تمام اوچو مقام آهي. روم جي اطالوي شاعر ورجل جي ڪلاسيڪي ڪتاب 'اينيڊ' تي هومر جي ڪلام جو اثر آهي.

نظم 'آڊيسي' ڪازان زاڪس به پنهنجي پيغام ۽ حياتيءَ جي نظرئي کي پيش ڪرڻ لاءِ لکيو آهي، جيئن مون "ڪَپر تو ڪُن ڪري" ۾ شاهه وارا سمورا سُر پنهنجي نقطهِ نگاهه کان لکيا آهن ۽ انهن کي هڪ ڊرامائي انداز ڏنو آهي.

هيگل

فريڊرڪ هيگل 1770ع ۾ ڄائو ۽ 1831ع ۾ گذاري ويو. هن فلسفي تي ڪيئي ڪتاب لکيا آهن. ڪارل مارڪس جو فلسفو دراصل هيگل جي جدليات جو ترقي پسند منطقي نتيجو چيو ويو آهي، پر تاريخ اها ڳالهه غلط ثابت ڪئي آهي. هيگل کان جڏهن ڪنهن پڇيو ته پنهنجو نظريو ٻڌاءِ ته هن ان جو جواب ڏهه ڪتاب لکي ڏنو، پر جڏهن هڪ قديم پيغمبر کان ساڳيو سوال پڇيو هيائون ته هن جواب ڏنو هو ته:

"Thou shall't love they neighbour as thy self"

(توهان پنهنجي پاڙيسري سان پيار ائين ڪندؤ جيئن پاڻ سان ڪري رهيا آهيون).

مان ڪتاب جي طوالت جي خوف کان فلاسفرن تي نوٽ نهايت مختصر لکي رهيو آهيان، چو ته جي هڪ پيرو انهن جي فلسفي ۾ وچڙي ويس ته ڪتاب ڏهه پندرنهن جلد ٿيندو ۽ ممڪن آهي ته زندگي ايتري مهلت به نه ڏي ۽ اُن ساري فلسفي جي ڪتاب ۾ ضرورت به نه آهي.

هيمنگوي، ارنيسٽ ملر (1898ع کان 1961ع تائين)

آمريڪا جو عظيم ناول نگار ۽ افسانا نويس. 1921ع ۾ هن ڪجهه وقت پئرس ۾ قيام ڪيو، جتي هن 1925ع ۾ 'اسان جي دؤر ۾' جي نالي سان ڪهاڻيون لکيون، جي هن جي ننڍپڻ جي باري ۾ هيون ۽ 1926ع ۾ پنهنجو هڪ مشهور ناول 'سج اُڀرندو به آهي' لکيو، جو جلاوطن نسل لاءِ هيو، جيڪو بدحواس ٿي چڪو هو. هن جي

شهرت ۾ وڏو اضافو تڏهن ٿيو، جڏهن هن 1929ع ۾ پنهنجو ناول ’اسلحي کي الوداع‘ لکيو، جيڪو اسپين جي خانہ جنگيءَ جي باري ۾ هيو ۽ نهايت اتساهيندڙ هيو. هن جي ڪهاڻين جو مجموعو ’عورت کان سواءِ مرد‘ 1927ع ۾ شايع ٿيو ۽ ’کٽندڙ ڪجهہ بہ نٿا کٽن‘ 1933ع ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ هن ڪجهہ ٻيا ڪتاب لکيا، جن ۾ ’ڏاند سان ويڙهہ‘ ۽ ’وڏي شڪار‘ جهڙوڪ: چيتو، شينهن، گينڊو، دريائي گهوڙي ۽ جهنگلي مينهن جي باري ۾ غير افسانوي تحريرون شامل هيون. هن مشهور ترين ناول ’گهنڊ ڪنهن لاءِ وڄي ٿو‘ (For whom the bell talks) 1940ع ۾ لکيو. (انهيءَ ناول تي فلم بہ ٺهي هئي ۽ جڏهن مان شاگرد هيم، تڏهن ڏٺي هيم ۽ ان ۾ گئري ڪُوپر ۽ گريس ڪيلي مکيہ ڪردار هيا). 1952ع ۾ هن ننڍو ناول ’پوڙهو ۽ سمنڊ‘ لکيو جا هڪ تمثيل هئي ۽ انهيءَ تي هن کي ادب لاءِ 1954ع ۾ نوبل انعام مليو. هو ڪيئي سال بيمار ۽ خاموش رهيو، آخر 1961ع ۾ خودڪشي ڪيائين.

هن پنهنجو هر ادبي ڪارنامو هڪ مخصوص، درست ۽ ٺيڪ ٺاڪ ٻوليءَ ۾ لکيو ۽ پنهنجو اسلوب جنهن ديسيءَ ٻوليءَ ۾ لکيو اُن ۾ مترنم خاڪا اُڀرن ٿا ۽ هن جو نثر ڇرَ وانگر آهي. اهو ان ڳالهہ جو اشارو ڏئي ٿو تہ هن ۾ نهايت گهرا جذبا سمايل آهن.

هيمنگوي کي زندگيءَ جو پنهنجو دستورِ عمل هو. اُن ۾ ڪجهہ اُصول هيا جي عزتِ نفسي، جرات ۽ سَهپ هيا. هن دنيا جي ڇڪتاڻ ۽ پيڙا واري وايو منڊل ۾ جو ماڻهوءَ کي سمجهوتو ڪرڻو پوي ٿو، ان جي پٽ ڪوهہ ۽ ويڙهہ ۾ هُو هارائي، تڏهن بہ هن کي دٻاءُ کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ گهرجي يا (Grace under pressure) ڏيکارڻ گهرجي. ’پوڙهي ۽ سمنڊ‘ جي مکيہ ڳالهہ آهي. ان جو مکيہ ڪردار جو نهايت مناسب نموني هلي ٿو، جڏهن هو مانگر وڃائي ٿو ڇڏي، هيمنگ وي ان ڪردار کي نهايت چابڪدستيءَ سان چٽيو آهي، ۽ انهيءَ ناول تي هن کي نوبل پرائيز ملي هئي. هن نهايت انفرادي زندگي گذاري هئي، پر ’گهنڊ ڪنهن لاءِ ٿو وڄي‘ ۾ هن سياسي ذميداريءَ ڏيکاري. اهو ڪتاب اُن وقت لکيو ويو هو جڏهن ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ آمريڪا گهرڻ واري هئي.

هيمنگ وي جي ٽيڪنيڪ، هن جي نزديڪي، قرب ۽ آمد ۽ هن جي تخليق ۾ ايڏي دلچسپي هن کي ويهين صديءَ جو نهايت اهم اديب ثابت ڪري ٿي. جيتري قدر مون کي ياد آهي، هن نهايت رومانوي انداز ۾ چار ڀيرا شادي ڪئي هئي. آخر ۾ هن پنهنجي وات ۾ اُها رائيفل رکي، اُن جو گهوڙو دٻائي خودڪشي ڪئي، جنهن سان هو گينڊا ۽ شينهن ماريندو هو. هن جي موت کان پوءِ ڪيئي ڪتاب لکيا ويا آهن، جيئن هن جي پٽ هن جي ڪهاڻي ’بابا هيمنگ وي‘ لکي آهي. هو واقعي عشق کي راند سمجهندو هو، پر اُن کي ائين نہ ڪيڏندو هو، جيئن ڳيرو ڪيڏندا آهن. ’ٽائيم رسالي‘ ۾ هن تي هڪ وڏو مضمون آيو هو جنهن ۾ اُنهن جاين جون تصويرون هيون، جتي هو ڪيوبا ۾ رهندو هو. هُن کي پنهنجا خانگي هوائي جهاز ها، جي هو هلائيندو بہ پاڻ هو.

Gul Hayat Institute

اسان به ته انهن وانگر حساس اديب آهيون، پر اسان مان گهڻن کي موٽرون آهن؟ بمبئي ۾ جڏهن ارجن شاد ۽ موهني اسان وٽ آيا ته هنن کي ٽئڪسيءَ لاءِ 150 روپيا ڪرايو ڏيڻو پيو هو.

هيوم

اسڪاٽليند ۾ 1711ع ۾ ڄائو ۽ 1776ع ۾ وفات ڪيائين. هو چوٽيءَ جي مغربي فيلسوفن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي ۽ هن جا تاريخ، فلسفي، سياست ۽ مذهب تي ڪيئي ڪتاب لکيل آهن"

هيوم جڏهن مري رهيو هو ته هن Charon (چارُون–يوناني موت جو ديوتا) کي التجا ڪئي ته: "صبر ڪر، ڪجهه ٿورو ترس! مون کي ڪجهه سال مهلت ڏي، ڇاڪاڻ جو مان عوام جون اکيون کولڻ چاهيان ٿو؛ جيڪڏهن مان ڪجهه سال وڌيڪ جيئندس ته شايد مان سارا وسوسا جن جي خلاف مان وڙهيو آهيان، ڍهي ڍير ٿيندي ڏِسي سگهان ٿو." چيو ويو آهي ته انهيءَ تي چارُون هن تي غصي ٿي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين، "تون هميشه خواب لهندو رهندين ۽ اها ڳالهه هزارن سالن ۾ نه ٿيندي. تون سمجهين ٿو ته مان توکي ايڏي وڏي مهلت ڏيندم؟ هيٺ ٻيڙي ۾ لهه ته هلون، سست، رولاڪ، سک درسي ماٺهو!" اهو ٻڌي هيوم هميشه لاءِ چپ ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس جو اينڊڙ ڪتاب

تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون

ليکڪا: زرينه بلوچ

ڊيمي سائيز ۾ صفحا 208- خوبصورت ٽائيٽل- قميت-/55 رپيا

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

سنڌي ادب جو مختصر جائزو

(سي- ايس- ايس ۽ پي- سي- ايس جي شاگردن لاءِ)

- مقابلي جيِ امتحان ۾ ويهندڙ اميدوارن لاءِ هڪ انمول ڪتاب، جيڪو بلڪل سليبس جي مطابق لکيو ويو آهي جنهن ۾: سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد، هاڻوڪن توڙي اڳوڻن شاعرن جي ڪلام جو جائزو ۽ ادب جي سيني اهم صنفن جي ارتقائي تاريخ جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو آهي- سليبس ۾ ڄاڻايل 28 ڪتابن پڙهڻ جي بجاءِ (جيڪي تقريباً اڻ لڀ آهن) هڪ ئي ڪارائتو ڪتاب پڙهو. ايم. اي سنڌي جي شاگردن لاءِ پڻ هڪ ڪارآمد ڪتاب آهي.

وِهڻ مون نه وڙاءُ

مصنف: رسول بخش پليجو

هن ڪتاب ۾ مضمون، خطَ، ڪهاڻيون ۽ 100 صفحن جو طويل ادبي ۽ سياسي انٽرويو شامل آهي. پڙهڻ ۽ سانڍڻ جهڙو ڪتاب - صفحا 256 - خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/55 رپيا

ڪتين ڪرَ موڙيا جڏهن (ڀاڱو I)

شيخ اياز جا 1200 بيت 104 صفحن جو مهاڳ. جيڪي ٽن هارٽ اٽيڪ دوران احساسن متعلق آهن ۽ مهاڳ موت جي فلسفي تي لکيل آهي. خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 360- قيمت -/90 رپيا

قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ

جلاوطن، ڪربلا ۽ رڻ ۽ رڃ جو اتهاس جهڙن ڪتابن جي ليکڪا جو نئون ڪتاب. خوبصورت انداز ۾ ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل. صفحا 232- خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/55 رپيا

اوهريا جي عميق ڏي

الطاف شيخ جو نئون سفرنامو. تصويرن سان سينگاريل. دلچسپ ڳالهين سان ڀرپور. خوبصورت ٽائيٽل- صفحا 216- قيمت -/50 رپيا

مٺ مٺ موتين جي

ابراهيم جويي ڪان علاوه 40 ڪان مٿي ليکڪن جون لکڻيون ڏنل آهن.

صفحا 424- خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/85 رپيا

Gul Hayat Institute

چُڪ نامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
ٻه اکر	١٨	يو.ايس.اين.آر	يو.ايس.ايس.آر
٢١	٢٤	ٽارئين	ٽارئين
٣٠	٩	سٽڌا	سيڌا
٣٢	١	ائين	ايئن
٣٢	٣	سئين؟	سيئن
٣٤	١	ماريندي جندڙي	سون ماريندي جندڙي
٤٠	١٧	ڇاتي	ڇاتي
٤٧	١	ڇار	ڇار
٤٧	٢	موت	موت
٥٧	٥ ۽ ١٠	تنهنجا	تنهنجو
٥٧	٧	ٽوپڙيون	ٽوپڙيون
٦٦	٢	سجهي	سمجهي
٨٢	٧	نظريون	نظرون
٨٤	١٣	پو ٻه سپ چارا چون ٿا	پو ٻه سون پارا چون ٿا
٨٤	١٦	پو ٻه سپ چارا چون ٿا	ڪيترا ڪارا چون ٿا
٨٤	١٩	پو ٻه سپ چارا چون ٿا	ڏرس، ته سپ پيارا چون ٿا
٨٨	١	ڳنڌين	ڳنڍين
٩٢	٧	تي	ٿيي
٩٣	٧	ٿير	ٿين
٩٨	٧	پٽ	پٽ
١٠٤	١١	وَرناي	وَرنائي
١١٣	١٦	سون کي ٻه واهر ٻه نه ڪا	سون کي واهر ٻه نه ڪا

Gul Hayat Institute

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
١١٥	٣	تو	تو.
١٢٥	٧	سٽ ڪانپوءِ پڙهي وڃي	رات ۾ ڪيڏي ڪاري آهي!
١٥١	٩	تو	تون
١٧٥	نوٽ: فٽ نوٽ جي پهرين سٽ جي آخر ۾ لفظ "۾" ڪٽيو وڃي.		
١٨٩	١٠	وَهندي	وَهندِيءَ
٢٢٢	٧	تو	تون
٢٣٦	٢	آ	آن
٢٤٠	١٥	ڪڏهن آهه	ڪڏهن
٢٤٠	١٦	چائنٽ	آهه چائنٽ
٢٤٢	١٢	سَپَ	ستيءَ
٢٤٥	١١	Commessar	Commissar
٢٤٦	١٢	Albart	Albert
٢٤٨	١	ائين	آئين
٢٤٨	١٢	ڪوُپ	ڪوُ
٢٥٢	٣	Ethens	Athens
٢٥٣	١٠	۽	۾
٢٥٣	١٦	منيشيوڪ	مينشيوڪ
٢٥٥	٦	جا	ڪي
٢٥٥	٢٩	ڪروشنچوف	ڪروشچوف
٢٦٧	٧	شاعر پُشڪن جو	شاعر پُشڪن (جو
٢٦٨	٢٨	جن	جنهن
٢٦٩	نوٽ: فٽ نوٽ جي ٻيءَ سٽ ۾ ١٨٣٨-١٨٩١ ڪٽيو وڃي.		
٢٧٣	١	خلوت پيش	خلوت ۾ پيش
٢٧٦	١٦	تي هو برلن	تي هو
٢٧٦	١٩	هنئي غيرفاني	هنئي جي غيرفاني
٢٧٨	٩	غزل پرپور.	پرپور غزل
٢٧٩	٢٣	سرو وسمن	سرد و سمن در آ

Gul Hayat Institute

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢٨٠	١	رنج خمار سي	رنج خمار ما
٢٨١	٥	سڌارٿ گوتم جي قوم هئي	گوتم سڌارٿ جي قوم هئي
٢٨١	٢٧	راهل	راهول
٢٨١	٣١	تيشي	تپشي
٢٨٢	١٥	هو ۽	۽ هو
٢٨٦	٣٠	کي	کان
٢٨٧	١٦	سنتا	سنستا
٢٨٧	١٧	۽	۾
٢٩٤	١٨	١٨٣٧ع ۾	١٨٣٧ تي
٢٩٤	٢٨	هيون ۽ کان	هيون ۽ تن کان
٣٠١	٧	تجي حيثيت ۾	جو
٣٠٢	١٤	پئي	پيو
٣٠٤	٢٠	نوٽ: آهي لفظ آخر ۾ ڪٽيو وڃي.	
٣٠٨	١٧	مال	مان
٣١٠	٢٨	حقيقت پسنديءَ دور وٺي وئي	حقيقت پسنديءَ جي دور ۾ وٺي وئي
٣١٢	٩	١٢١٧ع هن	١٢١٧ع ۾ هن
٣١٢	٢١	سسيل	سيل
٣١٢	٢٨	ٿي ملي	ٿو ملي
٣١٨	٢٥	ڪارگر	ڪاريگري
٣١٩	٧	سر	موڙ
٣١٩	١٥	تقدي	تقدير
٣١٩	١٧	ادبي نگاري	حقيقت نگاري
٣٢٢	٢٥	Tuscan	Tuscani
٣٢٣	١٩	تنگ	پتنگ
٣٢٧	١١	سون وٽ جو	سون وٽ
٣٢٨	١٩	مسنت	متنست

Gul Hayat Institute

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٣٢٨	٣١	بيننه	بينند
٣٣١	٢٠	مارڪس ڪي	مارڪس جي
٣٣٧	٣١	متاستا جو	متاستا جي،
٣٣٩	٣١	هوڪو	هرڪو
٣٤٤	١	ميگهم دت	ميگهم دوت
٣٤٩	٢٦	هوا	هو
٣٥٠	٢٦	هن	هو
٣٥١	١٢	ڏني	ڏئي
٣٥٤	٣٢	٢٧	٤٧
٣٥٥	٢٥	پرودا	پراودا
٣٥٨	١	ويون	ويو
٣٥٨	٣٠	١٩٧٣	١٤٧٣
٣٦١	٢٤	اڳ سپردگي	اڳ اهڙي سپردگي
٣٦٢	٢٧	انسان	انسانن
٣٦٥	١١	Hedonist	Hedonism
٣٦٥	٢٥	ننگيون سورتيون	ننگيون سورتيون آهن
٣٧٠	١٥	مشهور آهن	مشهور آهي
٣٧١	١٣	سننگٽن	هننگٽن
٣٧٢	١٥	نيوآرلينس ۾ جي	نيو آرلينس جڏي
٣٧٥	٩	چند	چنڊ
٣٧٥	١٩	Rascine	Racine
٣٧٧	فٽنوٽ ٢ سٽ	آرٽ تاثريت	آرٽ ۾ تاثريت
٣٧٧	فٽنوٽ ٦ سٽ	١٩٦٠	١٨٦٠
٣٧٨	١٦	بيدون	بيدوون
٣٨٢	٧	talks	tolls

نوٽ (١) اينجلز اُچار ڪيئي پيرا آيو آهي ۽ اُن بدران اينگلز پڙهيو وڃي.

نوٽ (٢) مصنف سڀ سال ۽ انگ سنڌيءَ ۾ ڏنا آهن پر آپريٽر انگريزيءَ ۾ ڏنا جنهن لاءِ ادارو معذرت خواه آهي.

Gul Hayat Institute

شيخ اياز

ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (ٻاڳو ٻيو)

نيو فيلڊس

(164)



Gul Hayat Institute

شيخ اياز